www.iqbalkalmati.blogspot.com

# مولانا عبيدالله سنڌي
## ۽ سندس ڪجهه همعصر

تاليف:
**ڊاڪٽر ابوسلمان شاهه جهانپوري**
ڊائريڪٽر: مولانا عبيدالله سنڌي اڪيڊمي ڪراچي سنڌ

سنڌيڪار:
**حافظ ابوالاديب سنڌي**
فاضل شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ





ڪتاب نمبر
286

سڀ حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ

ٽيون ڇاپو: 2011ع
ڪتاب جو نالو: مولانا عبيدالله سنڌي ۽ سندس ڪجهه همعصر
ليکڪ: ڊاڪٽر ابوسليمان شاهه جهانپوري
سنڌيڪار: حافظ ابوالاديب سنڌي
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
قيمت: =/150 رپيا

**"Molana Ubaidullah Sindhi Aen Sandas Kujh Hamasar"**
(History/Critics)
By: Dr. Abu Salman Shah Jahanpuri
Translated by: Hafiz Abul Adeeb Sindhi
Published by: Sindhica Academy,
B-24, National Auto Plaza, Marston Road,
Karachi-74400 Phone:021-32737290
www.sindhica.org
Email:sindhica_academy@yahoo.com

اسٽاڪسٽ
سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 5628368-071،
سنڌيڪا بوڪ شاب، جتوئي منزل حيدر چوڪ حيدرآباد فون: 03013594679 –
سنڌيڪا بوڪ شاپ، روم نمبر1، مهراڻ هوٽل، اسٽيشن روڊ، لاڙڪاڻوفون: 03468960942
العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون: 0212214521 ، 3431115-0300
ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ، سکر- ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي- سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ، تلڪ چاڙهي حيدرآباد- شاهه لطيف بوڪ شاپ، ڀٽ شاهه- عثمانيه لائبريري، چنيهاٽي ڪنڊيارو، قاسميه لائبريري ڪنڊيارو - نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ، رابيل ڪتاب گهر اسٽيشن روڊ، رهبربوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو- رحيم ڪتاب گهر مهراڻ چوڪ بدين- جنيد بوڪ اسٽور ۽ رشيد بوڪ اسٽور نئون چوڪ- ممتاز ڪتاب گهر دادو-حافظ بوڪ اسٽور مسجد روڊ، خيرپور ميرس - سعيد بوڪ اسٽور، گل ڪتاب گهر لڪي در شڪارپور- المهراڻ ڪتاب گهر، زاهد بوڪ ڊپو، سانگهڙ- سيد ماس ميگا اسٽور، جيڪب آباد- سرتاج ۽ گلزار بوڪ اسٽور، ڪنڌڪوٽ- ميمڻ بوڪ اسٽور، شاهي بازار نوشهروفيروز- ڪنول ڪتاب گهر، مورو- حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه- ٿر ڪتاب گهر، عمر ڪوٽ- ديدار بوڪ ڊپو، ٽنڊوالهيار- رفعت بوڪ هائوس، ماتلي- مرچو لال پريمي، بدين- مڪتبه يوسفيه، ميرپورخاص. فون. 3319565-0300، عطار ڪتاب گهر، بدين، جنيد بوڪ اسٽور، دادو، مهراڻ ڪتاب گهر، عمر ڪوٽ، حافظ ڪتاب گهر، ڪپرو، سنڌ ڪتاب گهر، مورو.

لکپڙهه ۽ وي پيءَ ذريعي گهرائڻ لاءِ
سنڌيڪا اڪيڊمي
B_24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ
ڪراچي74400

www.iqbalkalmati.blogspot.com



# فهرست


**پبلشر نوٽ** ...................... 6

**مظلوم مُصلح ۽ انقلابي شخصيت** ...................... 9

**مهاڳ** ...................... 27

**تقريظ** ...................... 32

**پيش لفظ** ...................... 35

**دارالعلوم ديوبند** ...................... 37

دارالعلوم جي قائم ڪرڻ جو مقصد ...................... 39

مدرسن کي قائم ڪرڻ جي همہ گير تحريڪ...................... 42

دارالعلوم ديوبند جا اثر...................... 47

علمي خدمتون...................... 50

علمي ۽ تحقيقي ادارن جو قيام ...................... 52

سياسي خدمتون ...................... 54

ملڪي ۽ غير ملڪي تحريڪون ...................... 54

ادبي ۽ لساني خدمتون...................... 58

**دارالعلوم ديوبند جي قائم ڪرڻ جو اعليٰ مقصد** ...................... 61

قاسمي دور ۽ عهد محمودي تي هڪ سرسري نظر...................... 61

قاسمي دور: ولي اللهي تحريڪ جو نئون دور ...................... 61

دارالعلوم جا بانيڪار ...................... 61

دارالعلوم جي قائم ڪرڻ جو اعليٰ مقصد...................... 62

ديوبندي جماعت ۽ ان جو سلسلو...................... 62

هڪ سوچيل سمجهيل رٿا ...................... 63

حقيقت جو اعتراف...................... 67

تدريس جو وسيع نظام ۽ ان جو مقصد ...................... 69

**دارالعلوم ديوبند جي سياسي سفر جي شروعات** ...................... 70

محمودي دور ...................... 70

عهدِ محموديءَ جو چار خاصيتون...................... 71







جمعيت الانصار جو قيام...................... 72

جمعيت الانصار جا مول متا ...................... 72

برطانوي سرڪار جي ڳڻتي ...................... 74

حضرت شيخ الهند جي عظمت...................... 75

حقاني عمل ۽ ان جو نتيجو ...................... 76

**مولانا سنڌيءَ خلاف اڻاريل الزام ۽ پسمنظر جا واقعا ۽ شخصيتون** ...................... 77

١. مسئلہ تبليغ ...................... 79

٢. هندو مسلم اتحاد ...................... 106

٣.جديد ۽ قديم واري وٿي...................... 111

٤. مولانا محمد علي جوهر جي عزت افزائي ۽ آدرڀاءُ ...................... 114

٥.هڪ ٻيو مسئلو...................... 118

اختلافن جو نتيجو ...................... 122

**مولانا سنڌي جي تڪفير ۽ ديوبند مان نيڪالي جا اصل سبب** ...................... 123

**شمس العلماءَ حافظ محمد احمدمهتمم دارالعلوم ديوبند**

**ڪجهه تاريخي دستاويزن جي آئيني ۾** ...................... 131

سپاسنامو...................... 132

صوبہ يوپي جي گورنر سرجيمس مسٽن جي خدمت ۾ ...................... 132

ديوَ بند جي مولوين طرفان...................... 132

سپاس نامو ۽ يوپي حڪومت جو نوٽ ...................... 138

سپاسنامي ۽ يوپي حڪومت جي نوٽ تي ڪرمنل انٽيليجنس

آفيس جو نوٽ...................... 138

يوپي حڪومت جي سيڪريٽري جو خط حڪومت هند

جي سيڪريٽري ڏانهن محمود الحسن ديوبندي جي باري ۾ ...................... 140

هوم ڊيپارٽمنٽ گورنمينٽ آف انڊيا جي سيڪريٽري ڏانهن

يوپي گورنمينٽ جي سيڪريٽري جي خفيہ خط و ڪتابت...................... 145

مولانا محمود حسن جي باري ۾ سهارنپور جي ڪلڪيٽر جي

خفيہ رپورٽ جيڪا هوم ڊيپارٽمنٽ کي موڪلي ويئي. ...................... 147

سهارنپور جي ڪلڪيٽر جي حڪومت هند لاءِ خفيہ انفارميشن...................... 148

پنجاب جي اندروني سياسي صورتحال...................... 150

**ڪجهه بزرگ شخصيتون ريشمي خطوط سازش ڪيس جي آئيني ۾** ...................... 152

**حضرت مولانا محمودالحسن ۽ مولانا عبيدالله سنڌي** ...................... 152

**مولانا حبيب الرحمان عثماني (نائب مهتمم دارالعلوم ديوبند)** ...................... 156

www.iqbalkalmati.blogspot.com



شمس العلماء مولانا محمد احمد مهتمم دارالعلوم ديوبند) ............ 156
(مولانا شبير احمد عثماني مدرس دارالعلوم ديوبند) ........ 157

ريشمي خطن وارا سازشي (سديشن ڪميٽي 1918ع جي رپورٽ جي روشني ۾) ....... 158
(ريشمي خطن وارا سازشي) ............................................ 159
انهن سيني سازشن جي جوڙجڪ ۽ ناڪامي ............ 163
(ضميمو پهريون) ........................................... 166
غالب نامه ................................................... 166
(ضميمو ٻيون) ................................................ 168
هڪ هٿ گهڙيو داستان سچائين جي سوجهري ۾ ............ 168
ضميمو ٽيون ................................................. 183
ديوبند واري واقعي جي وضاحت ۽ مليل اعزاز جي پيرائتي حقيقت ............ 183
ضميمو چوٿون .............................................. 203
مولانا عبيدالله صاحب جي جمعيت الانصار جي نظامت کان عليحدگي ........ 203
ضميمو پنجون ................................................ 210
سرجيمس مسٽن جي تقرير ..................................... 210
ضميمو ڇهون ................................................. 213
افڪار مسٽن .................................................. 213
ضميمو ستون ................................................. 214
مولانا حبيب الرحمان عثماني وفات 6 ڊسمبر 1929ع ........ 214
ضميمو اٺون .................................................. 217
مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو دارالعلوم ديوبند مان اخراج ........ 217
پس منظر جون ڪجهه حقيقتون ۽ واقعا ........... 217





## پبلشر نوٽ

مولانا عبيدالله سنڌي هڪ عظيم انقلابي عالم ۽ مفڪر جي حثيت ۾ عالمي ميجتا رکي ٿو. خاص ڪري ننڍي کنڊ جا انقلاب ۽ آزادي جا متوالا، ترقي پسند طبقا ۽ انسان دوست حلقا جيڪو احترام ۽ عقيدت مولانا سنڌيءَ سان رکن ٿا سو قابل رشڪ آهي. پر ساڳي وقت قدامت پرستيءَ سرمائيداريت ۽ سامراج جا ڪجهه دلال طبقا، هُن سان جيڪو بغض ۽ دشمني رکن ٿا سا بہ بيحد ڪرياڻي ۽ سخت بدبودار آهي.

مولانا سنڌيءَ سان انهيءَ دشمنيءَ جو آغاز دارالعلوم ديوبند کان ٿيو. جتي هو پنهنجي استاد شيخ الهند مولانا محمودالحسن وٽ پڙهيو. دارالعلوم ديوبند جو بنياد مولانا محمد قاسم نانوتوي رکيو هو ۽ پنهنجو پهريون شاگرد مولانا محمود الحسن کي بڻايائين. هن اداري جو مقصد قرآن حڪيم جي بڌايل انقلابي بنيادن تي هڪ جماعت تيار ڪري ننڍي کنڊ مان سامراجي اقتدار جو خاتمو آڻڻ هو تہ جيئن امام شاهہ ولي الله جي جماعت جي تسلسل ۾ سرمائيداريت مخالف اسلامي اقتدار کي مضبوط تعليمي بنياد فراهم ٿي سگهن. انهيءَ ڪري ان وقت برصغير ۾ رائج فقهي بنيادن تي استوار درس نظامي جي بجاءِ قرآن و حديث جي بنيادن تي استوار ڪورس جي تشڪيل سان ان جو آغاز ڪيو ويو.

بدقسمتيءَ سان وڏين اسلامي ملڪن ۾ نسب پرستيءَ جي داخل ٿيڻ سان اتي اسلامي تحريڪن جي روح جي جيئن پائمالي ٿي آهي، تيئن هتي بہ ساڳي وارتا پيش آئي ۽ مولانا محمد قاسم نانوتويءَ جي وفات ڪانپوءِ ان جو پٽ مولانا محمد احمد ان جو مهتمم بڻيو. جنهن انگريز دوست روين جي ڪري انهن کان شمس العلماءِ جو خطاب بہ حاصل ڪري ورتو. ان صاحب نہ صرف دارالعلوم جي قيام جي مقصدن کان انحراف ڪيو بلڪ اتي انگريز عملدارن کي استقباليہ بہ ڏنا. مولانا عبيدالله سنڌي جي سامراج دشمني پڌري هئي، انهيءَ ڪري مولانا عبيدالله سنڌي کي اتي مؤثر استاد ۽

www.iqbalkalmati.blogspot.com



حضرت شيخ الهند جي دست راست جي طور تي قبول ڪرڻ ممڪن نہ هو. انهيءَ ڪري مولانا سنڌي تي اسلام مخالف نظرين جا الزام هڻي ان لاءِ ديوبند جي ڌرتيءَ کي تپائي ٽامو بڻايو ويو. آخرڪار حضرت شيخ الهند حضرت سنڌيءَ جي خداداد علمي صلاحيتن جو فائدو برصغير جي عالمن ۽ فاضلن کي پهچائڻ جي لاءِ ڪيس نظارة المعارف جي نالي سان ادارو قائم ڪري ڏنو، جتي هُن هندستان جا ذهين عالم ۽ قائد پيدا ڪري ڏيکاريا. جنهن ڏينهن مولانا سنڌي دارالعلوم ڇڏيو ان ڏينهن کان دارالعلوم ديوبند جو ولي اللّهي انقلابي جماعت جي مرڪز هئڻ جو اهومقام کسجي چڪو هو. جيڪو ان جماعت جا ماڻهو بعد ۾ بہ ڪيترن عشرن تائين محسوس ڪندا ۽ پوڄيندا رهيا،تان جو حصرت مولانا حسين احمد مدنيءَ جي فرزند مولانا اسعد مدنيءَ 1990ع جي ڏهاڪي ۾ دارالعلوم ديوبند کي ان قدامت پرست سامراج نواز ٽولي جي قبضي کان خالي ڪرائي،ان جو انتظام ”جماعت شيخ الهند“ جي نمائنده تنظيم جمعيت علماءِ هند کي واپس ڪرايو. پر ان ٽولي پنهنجي اخراج کي دل سان قبول نہ ڪيو ۽ دارالعلوم ديوبند جي مقابلي ۾ ان جي سامهون ئي پنهنجو دارالعلوم جوڙي بيهاريو.

هي ڪتاب حضرت مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ان دور وارن همعصرن جي مهربانين ۽ ڪارستانين کي وائکو ڪري ٿو. اسان کي اميد آهي تہ هي ڪتاب سنڌ جي عالمن ۽ ساڃهہ وندن ديني حلقن کي انهيءَ حقيقت کان آگاهہ ڪندو تہ ديوبند جماعت شاهہ ولي الله جي فڪر ۽ تحريڪ جي تسلسل ۾ ”جماعت شيخ الهند“ ننڍي کنڊ جي جيد عالمن جي تنظيم جمعيت علماءِ هند جي شڪل اختيار هئي ۽ ان جماعت برصغير ۾ اسلامي اقتدار جي قيام لاءِ سرگرم ڪوششون ڪيون ۽ ان جي آزادي لاءِ ريشمي رومال تحريڪ هلائي انگريز اقتدار جي بنيادن کي لوڏي ڇڏيو. ان جي مقابلي ۾ انگريزن نہ صرف مولانا نانوتويءَ جي پٽ کي استعمال ڪيو پر”جماعت ثانويءَ“ کي ان جو ساٿاريءَ بڻائي جماعت شيخ الهند جا ترا ڪڍڻ جون ڪوششون ڪيون. ايستائين جو تحريڪ ريشمي رومال جي راز فاش ٿيڻ کان وٺي انهيءَ تحريڪ ۾ حصو وٺندڙ عالمن ۽ انقلابين جا نالا بہ جماعت ثانويءَ جي سرڪردن انگريزن کي ڏنا، جنهن جي نتيجي ۾ سڄي برصغير ۾ چونڊي چونڊي عالمن کي ڦاسيون ڏنيون ويون يا وري کين مالٽا ۽ انڊيمان جي





جيلن ۾ موڪليو ويو. تحريڪ ريشمي رومال جي نتيجي ۾ جڏهن انگريزن جو هند ۾ اقتدار ڪمزور ٿيو تہ انهن هٿان ويندي ويندي هند جي مسلمان سرمائيدارن، نوابن ”جماعت ثانوي“ جي مولوين ۽ محمد علي جناح جي اشتراڪ سان پنهنجي وفادار فوج کي هي ملڪ پنهنجي ڪالونيءَ جي طور تي امانتو ڪري حوالي ڪيو. جيڪو انهن سڀني ٽولن جي ڳٺ جوڙ سان هينئر بہ سامراج نوازيءَ جو ساڳيو ڪردار ادا ڪندو پيو اچي.

سنڌ جا مولوي تاريخي طور تي خداپرست انسان دوست فڪر جي پوئواريءَ ۾ ”جماعت شيخ الهند“ جو اهم حصو رهيا ۽ انهن حضرت شيخ الهند سان گڏجي ريشمي رومال تحريڪ جي سنڌ، بلوچستان ۽ مڪران ڪمانڊ سنڀالي. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ حضرت مولانا تاج محمد امروٽي جي جماعت جي سرواڻ حضرت حمادالله هاليجوي، حضرت محمد شاهہ امروٽي، حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي ۽ مولانا محمد صادق کڏي واري جماعت جي سرواڻ شيخ الحديث حافظ محمد اسماعيل، جماعت شيخ الهند جي فڪر ۽ انهن جي انقلابي واٽ سان پنهنجي نسبت قائم رکي. مولانا غلام غوث هزاروي پاڪستان ۾ ”جماعت شيخ الهند“ جي آخري وڏي علامت هو. پاڪستان سطح تي ان کانپوءِ هينئر رڳي جماعت ثانويت ئي باقي رهي آهي ۽ سنڌ جا هاڻوڪا مولوي اهو احساس ۽ شعور بہ وڃائي چڪا آهن تہ ”جماعت شيخ الهند“ ۽ ”جماعت ثانوي“ بہ الڳ جماعتون آهن ۽ آهستي آهستي هو هاڻي جماعت ثانويءَ جا پوئلڳي طرف سرندا پيا وڃن.

هي ڪتاب ”جماعت شيخ الهند“ سان ”جماعت ثانوي“ جي ٽڪراءَ ۽ غداري جي هڪ اهم گوشي تي لکيل آهي پر جيڪڏهن جماعت ثانويءَ جي انهن سڀني غدارين کي منظر عام تي آندو وڃي جيڪي تحريڪ ريشمي رومال جي سي آءِ ڊي رپورٽن جي صورت ۾ انڊيا آفيس لائبرري رڪارڊ لنڊن ۾ محفوظ آهن تہ انهيءَ سان حقيقتون اڃان بہ وڌيڪ پڌريون ٿي سامهون اينديون.

**نور احمد ميمڻ**
چيئرمين
سنڌيڪا اڪيڊمي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



## مظلوم مُصلح ۽ انقلابي شخصيت

مختلف قومن، قبيلن ۽ زمين جي جدا جدا خطن ۾ رسول ۽ پيغمبر ته ايندا رهيا آهن جن سختيون ۽ ڏک برداشت ڪري، نهايت ثابت قدمي سان، خدا جي پيغام کي انسانن تائين پهچايو ۽ ماڻهن کي سٺن گڻن سان پئي سنواريو ۽ سينگاريو. مگر هن پوئين امت ۾ ختم نبوت جي ڪري نون پيغمبرن جو اچڻ ته بند ٿي ويو آهي مگر "سنت الله" مطابق مجدد، مصلح، قومن کي جاڳائيندڙ رهبر، قرآن جي پيغام کي جياريندڙ هلاڪت جي نتيجن کان آگاه ڪندڙ مفڪر ۽ قرآن جي فلسفي ۽ فڪر مطابق جهاد، آزادي ۽ استحصالي طبقن کي للڪاريندڙ اڳواڻ ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ پيدا ٿيندا رهيا آهن. جن صاحب عظمت انسانن کي اهڙي سعادت ۽ خوش بختي سان نوازيو ويندو آهي. انهن جي چونڊ "مالڪ الملڪ" پاڻ ڪندو آهي. انهن لاءِ وسيلا مهيا ڪندو آهي ۽ انهن ۾ جذبا، حوصلا ۽ غير معمولي ذهني، فڪري ۽ عملي گڻ وديعت ڪيا ويندا آهن. جنهن سبب اهڙا انسان ڌرتي تي حيرت انگيز ڪارناما سر انجام ڏيندا آهن. اهي شخص لومة لائم (ملامت ڪندڙ جي ملامت) کان خوفزده نه ٿيندا آهن. اهي مخالفن جي طعنن تنڪن، چٽرن ۽ ڪوڙن الزامن کي هڪڙي اڏامندڙ ڪک جي حيثيت به نه ڏيندا آهن. اهي ڪم عقلن جي فتويٰ بازين، مڪارين ۽ بد ڪرداريءَ کي سندن منهن تي ماريندا آهن. هنن کي مقصد سان عشق ۽ لگن هوندي آهي. هو مثبت ڪارنامن لاءِ سڀني کي نظر انداز ڪري اڳتي ۽ هميشه اڳتي وڌندا رهندا آهن. اهي ماڻهو هر وقت متحرڪ رهندا آهن. ڌرتي تي پيغمبري مشن کي پوري ڪرڻ لاءِ تبديلي جي مشن هنن جو هدف هوندو آهي. اهڙا ماڻهو سڌا سنوان، صاف سٿرا، عجز ۽ انڪساري جا مجسما، دنيا ۽ دنيا پرستن کان پري ۽ گهڻو پري گذاريندا آهن. هنن جي





ياري ۽ سنگت غريبن، مسڪينن ۽ نظرياتي دوستن سان هوندي آهي. اهي پنهنجي سنگت ۾ ويهندي پاڻ کي خوش قسمت سمجهندا آهن. دولت پرستن سان ڪنهن وقت به آمنو سامنو ٿيندو اٿن ته هو ان کي بوجهه محسوس ڪندا آهن. سون چانديءَ جون ڏيٿيون ۽ مٽيءَ جون ٺڪريون هنن لاءِ هڪ جهڙي حيثيت رکنديون آهن. اهي ڄائي ڄمندي سليم فطرت جا مالڪ هوندا آهن. انهن تي "حظيرة القدس" جو پاڇو جلوه گر هوندو آهي. اهڙيون مقدس شخصيتون هن امت ۾ پيدا ٿينديون رهيون آهن. انهن تي پيغمبر اسلام ﷺ جو عڪس جمال ۽ جلال ڇانيل هوندو آهي.

قرآن مجيد ۾ اهڙن انسانن کي چئن گروهن ۾ ورهايو ويو آهي:

وَمَنْ يُطِعِ اللَّهَ وَالرَّسُولَ فَأُولَٰئِكَ مَعَ الَّذِينَ أَنْعَمَ اللَّهُ عَلَيْهِمْ مِنَ النَّبِيِّينَ وَالصِّدِّيقِينَ وَالشُّهَدَاءِ وَالصَّالِحِينَ وَحَسُنَ أُولَٰئِكَ رَفِيقًا ﴿النساء: ٦٩﴾

ترجمو: ۽ جيڪي الله ۽ رسول جي تابعداري ڪندا سي انهن سان گڏ ٿيندا جن تي الله نعمت ڪئي آهي، (جيڪي) نبي، صديق، شهيد ۽ صالح (آهن) ۽ اهي چڱا رفيق آهن.

نبين ۽ صديقن جو دؤر گذري چڪو باقي پويان به گروه هن امت ۾ ڪثرت سان پيدا ٿيا ۽ اهي ئي هن ڌرتي جو سينگار رهيا آهن. اسان هن مضمون ۾ پوئين گروه "صالحين" مان جنهن روشن شخصيت جي پرچار ڪرڻ چاهيون ٿا اها آهي اسان جي ممدوح شخصيت ؛ "مظلوم مصلح، انقلابي رهبر، مفڪر اسلام، قرآني علوم ۾ غوط زن، متحرڪ انسان، مجاهد في سبيل الله ۽ مهاجر الي الله مولانا عبيدالله سنڌي ﷬"

هيءَ اها شخصيت آهي جنهن کي الله تعاليٰ، امت مسلمه جي زوال جي دور ۾ چونڊيو. الله جي ذات، اسلامي انقلاب، حريت ۽ تبديليءَ جي چٽنگ کي ٻنيٺ بنائڻ جي لاءِ هڪ ٻي قوم ۾ جنم وٺندڙ ٻار کي خصوصي صلاحيتن سان نوازي، امت کي پنهنجي احسان سان نوازي ڇڏيو.

### شخصيت جو ننڍپڻ

سيالڪوٽ (پنجاب) جي ڏسڪا شهر جي پرسان هڪ ڳوٺ چيانوالي ۾، 7 مارچ سنه 1872ع ۾ هڪ سعيد روح ظاهر ٿيو. پيدا ٿيڻ وقت اها

www.iqbalkalmati.blogspot.com



صورتحال هئي جو سندس پيءُ "رام سنگهه" سک مذهب سان تعلق رکندو هو. ٻار جو نالو بوٽا سنگهه رکيو ويو. ٻار جي ڄمڻ کان چار مهينا اڳ سندس پيءُ وفات ڪري چڪو هو. ڏاڏو پرورش ڪندو رهيو جيڪو ٻن سالن کان پوءِ هو به ٻي جهان ڏانهن راهي ٿيو. ڏاڏاڻ ۾ ڪوبه سنڀاليندڙ نه رهيو ته هن يتيم ٻار، بيوه ماءُ ۽ سندس هڪ وڏي ڀيڻ جنهن جو نالو جيوٽي هيو. انهن جي سنڀال ۽ شفقت جو هٿ سندن ناني جو رهيو. پر اهوسهارو به وڌيڪ جٽادار نه ٿي سگهيو. ڇهن سالن جي عمر ۾ نانو به الوداع ڪري ويو. هاڻي سندس به ماما باقي بچيا جن محبت سان هن کي سيني سان لڳايو. ناناڻ راجن پور ضلعي جي شهر ڄام پور ۾ رهندا هئا. ڇهن سالن جي عمر ۾ بوٽا سنگهه، ڄامپور جي اردو مڊل اسڪول ۾ تعليم پرائڻ لاءِ داخل ٿيو. ست جماعتون انهيءَ اسڪول ۾ پوريون ٿيون. هاڻي هو ڪنهن هاءِ اسڪول ۾ وڃڻ وارو ئي هيو ته قضا ۽ قدر جو فيصلو ظاهر ٿيڻ جو وقت اچي ويجهو ٿيو. اسلام جي صداقت ۽ توحيد جو پيغام هن جي دل تي دستڪ ڏيڻ لاءِ پهچڻ وارو هيو.

سليم فطرت ٻارُ پنهنجي ڪهاڻي پاڻ هن طرح بيان ٿو ڪري:

> "1884ع (12 سالن جي عمر) ۾ مون کي اسڪول جي هڪ ساٿي جيڪو آريه سماجي هيو ان هڪ ڪتاب "تحفة الهند" پڙهڻ لاءِ ڏنو. ڪتاب جو مطالعو غور ۽ فڪر سان ڪيم ۽ مضمونن کي دل ۾ هنڊائيندو ويس تان ته پوري ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ منهنجي دل ۾ اسلام جي سچائي تي يقين ٿي ويو. انهن ڏينهن ۾ ئي ڪجهه هندو دوست جيڪي تحفة الهند پڙهي چڪا هئا، انهن جي ذريعي مولانا محمد اسماعيل شهيد رح جو لکيل ڪتاب "تقوية الايمان" مليو. انهيءَ ڪتاب جي مطالعي سان توحيد جي حقيقت چٽي طرح سامهون اچي وئي ۽ شرڪ کان پوري طرح نفرت ٿي وئي. پوءِ هڪ ڪتاب "احوال الآخرة" جي پڙهڻ سان نماز پوري طرح سکي ويس. پوءِ مان "تحفة الهند" جي مصنف جي نالي پٺيان پنهنجو نالو "عبيد الله" پاڻ لاءِ تجويز ڪيم."





## پالڻهار جي طرف سفر

ڪتابن جي پڙهڻ کان پوءِ قلب سليم ۾ جذبن جو طوفان شروع ٿي ويو. اهي جذبا ويهڻ نه پيا ڏين. هڪ مسلمان ساٿي عبدالقادر جي ساٿ سان ۽ هڪ مدرسي جي شاگرد جي رفاقت سان هميشه لاءِ پنهنجي گهر کان، والده کان، وڏي ڀيڻ کان جدا ٿي ڪنهن مسلم سوسائٽي ۾ رهڻ جو فيصلو ٿي ويو. اهو مُبارڪ ڏينهن 15 آگسٽ 1887ع جو هيو. اڄ عبيد الله پنهنجي ماءُ ۽ ڀيڻ کان موڪلائڻ کان سواءِ گهر مان وڃي رهيو هو.

ماءُ ۽ ڀيڻ ستل هيون. انهن تي ننڊ جي حالت ۾ ئي آخري نظر وجهندي، گهر جي ديوارن تي نگاه وجهندي، مگر نهايت باوقار انداز سان ڪنهن ڏک، غم يا افسوس جي ڪيفيت کان سواءِ هڪ نئين سفر لاءِ راهي ٿيو.

عبيدالله مشرڪانه ماحول ۾ رهي نه ٿي سگهيو. هن کي پنهنجي حقيقي محبوب جو وصال تڙپائي رهيو هو. هو آزادانه ان جي عبادت ڪرڻ لاءِ بي تاب هو. هو جنهن محبوب لاءِ قرباني ڏئي رهيو هو اها محبت ۽ چاهت هنن رشتن ۽ حسب نسب کان گهڻو بلند ۽ عظيم هئي. هو سفر الي الله لاءِ هاڻي هڪ لمحي جي تاخير به نه پيو ڪري سگهي. جلوه جمال جي پسڻ کان پوءِ عبيد الله سفر عشق لاءِ دنيا جي ظاهري چاهتن کي ڇڏڻ ۾ پاڻ کي " إِنِّي مُهَاجِرٌ إِلَىٰ رَبِّي " جي بلند مقام تي محسوس پيو ڪري. چنانچه پنهنجن جن ساٿين سان گڏجي عشق جي پهرين منزل ضلع مظفر ڳڙهه جي ڳوٺ ڪوٽلہ رحم شاه پهتو. 29 آگسٽ 1887ع "سنت طُهر" جي ادائگي ٿي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ معلوم ٿيو ته مائٽ تلاش ۾ آهن ته پوءِ اهو قافلو سنڌ ڏانهن روانو ٿي ويو. اهڙي طرح سفر عشق جي ٻي منزل ڀرچونڊي شريف ۾ ٿي. ڀرچونڊي (ڏهرڪي) ۾ ان وقت هڪ عظيم روحاني شخصيت سيد العارفين، حافظ الملت والدين حضرت حافظ محمد صديق﷫ جي شخصيت جلوه افروز هئي جيڪا مرجع علماء ۽ عوام هئي. عبيد الله جيڪو عشق الاهي ۾ پچي پختو ٿي چڪو هو. اهڙي باڪمال ۽ مثالي شخصيت جي فيوضات جي پالوٽ ۾ روحاني مدارج جلد ئي ڪاميابي سان پار ڪيا. ٽن چئن مهينن جي صحبت ۾ اسلامي معاشره جي ماحول ۾ رهڻ سان هو اخلاق حسنه جو مجسمو بڻجي ويو. عجز انڪسار، سادگي، شرافت، ديانت ۽ معرفت رباني سان سندس قلب معمور ٿي ويو.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



هڪ دفعي مجلس ۾ ماڻهن جي سامهون حضرت سيد العارفين رحمة الله عليه اظهار فرمايو ته:

"عبيدالله فقط الله تعاليٰ جي رضامندي خاطر اخلاص ۽ سچائي سان پنهنجو گهر، پنهنجا مائٽ تان ته ماءُ ۽ پيءُ کي به ڇڏي هت اسان وٽ پهتو آهي ۽ اسان کي پنهنجو پيءُ ۽ ماءُ بڻايو آهي. هاڻي اسان ئي هن جا پيءُ ۽ ماءُ آهيون."

عبيدالله تي انهن لفظن جو ايترو ته گهرو اثر ٿيو جو هو جنهن سموري دنيا وطن ۽ حسب نسب کي ڇڏي هت پهتو هو ته هڪدم چئي ڏنائين ته حضرت سيد العارفين واقعي منهنجو ديني پيءُ آهي ۽ مان هاڻي سنڌ کي پنهنجو وطن قرار ڏيان ٿو ۽ پاڻ کي "عبيد الله سنڌي" چوائڻ ۾ اعزاز سمجهان ٿو.

## سنڌ سان وفاداري

عبيدالله سنڌي جي زندگي جو اهو پهلو به عام انسانن لاءِ هڪ بصيرت ۽ سبق جي حيثيت رکي ٿو ته هو هت چند مهينا گذارڻ کان پوءِ علم جي تلاش ۾ سنڌ کي ڇڏي ديوبند، ڪانپور، دهلي، گنگوه ۽ وچ هندستان هليو ويو.

هن جڏهن پنهنجو وطن ڇڏيو ته هاڻي هو ڪٿي به وڃي ٿي سگهيو. هو ڪنهن به جڳهه رهي ٿي سگهيو. پنهنجي علم ۽ فضل جي سرمايي سان جنهن طرف به هو نڪري وڃي ها ته هن جو بهترين استقبال ٿئي ها. هو هر جڳهه پنهنجا مداح ۽ معتقد پيدا ڪري، ان علائقي کي پنهنجو وطن قرار ڏئي ٿي سگهيو. مگر آفرين آهي "عبيدالله سنڌي" کي جيڪو وفا شعار نڪتو. هڪ دفعي جيڪو هٿ هن پنهنجي مربي ۽ محسن کي ڏنو ته وري ان جي ڇڏائڻ جو تصور به نه ڪيائين.

جنهن جي شفقت ۽ محبت جي پاڇي ۾ هُن چند مهينا گذاريا ته وري ان چوکٽ تان پير پوئتي نه ڪيائين. هو سموري عمر ان دروازي کي ياد رکندو آيو. ان درگاهه سان، ان جي اولاد سان، ان جي جانشينن سان، ان جي ڳوٺ سان، ان جي شهر سان، ان جي صوبي سان محبت جو رشتو قائم رهيو.





سنڌي هجڻ تي فخر محسوس ڪندو رهيو. سنڌي زبان سکيائين، سنڌي ڪلچر اختيار ڪيائين. هتان جو وضع قطع ۽ لباس کي پاڻ لاءِ لازم ڪيائين. سنڌي معاشرت ۾ پاڻ کي رنگي ڇڏيائين. تعليم پوري ڪري سڌو پنهنجي اختيار ڪيل وطن ڏانهن وريو. انهيءَ پنهنجي ديني پيءُ جي دولت ڪده تي حاضري ڏنائين. جڻ ته هو پنهنجي گهر موٽي آيو آهي. هن پوءِ سنڌ کي تعليم ۽ تدريس جو مرڪز بڻايو. سنڌ جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ هر وقت سوچيندو رهيو. سنڌ جي مزاج ، تهذيب ۽ معاشرت جو هميشه نمائندو رهيو. سنڌ ۾ تعليم کي فروغ ڏنائين. سنڌ کي پنهنجي انقلابي فڪر ۽ اسلامي فلسفي سان مالا مال ڪري ڇڏيائين. سنڌ ۾ علم جي تحقيق جا مرڪز قائم ڪيائين. سندس هميشه خواهش رهي ته سنڌ سندس سياسي مرڪز رهي ۽ ان جي فڪر ۽ فلسفي جي آماجگاهه بڻجي وڃي. هن جا سمورا تجربا سنڌ ۾ ٿيندا رهن. هن جا گهرا دوست،سڄڻ، ساٿي، همدرد ۽ مٿس جان فدا ڪندڙ فداڪار به سنڌ ۾ پيدا ٿيا ۽ جن پوري عمر ساڻس نڀاهه ڪيو. پر حضرت سنڌي ؒ وفا شعار جو اهڙو عظيم ڪردار پيش ڪيو جو ڪوبه انسان هن کي "بي وفائي" جو طعنو نٿو ڏئي سگهي تان ته عبيد الله سنڌي کي سنڌ سان اهڙي محبت هئي جهڙي هن جي لازوال محبت اسلام سان هئي. اسلام ۽ سنڌ سان محبت ۽ انهن ٻنهي شين سان نسبت ۾ هن کي ڪوبه تضاد نظر ۾ نه ايندو هو.

## علم جي تلاش ۾

متحرڪ شخصيت هڪ جڳهه پڙاءُ نه ڪندي آهي. هن جي سامهون نيون راهون ۽ نيون منزلون هونديون آهن. هاڻي عبيد الله سنڌي ؒ جي سامهون "الراسخ في العلم" بنجڻ جي منزل هئي. حضرت سيد العارفين ؒ هن نئين منزل جي راهي کي الوداع ڪرڻ وقت اها دعا ڪئي هئي ته "الله تعاليٰ عبيدالله سنڌي کي ڪنهن راسخ عالِم دين سان واسطو پيدا ڪري" . دعا قبول ٿي وئي . عبيدالله سنڌي ؒ، هندستان جي صف اول جي هڪ عظيم استاد، تجربي ڪار ماهر علوم اسلاميه حضرت شيخ الهند مولانا محمود حسن ؒ جي خدمت ۾ پهتو.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



آڪٽوبر 1888ع ۾ دارالعلوم ديوبند ۾ داخلا ملي ويو. ابتدائي ڪتاب مختلف استادن کان پڙهيائون. ڪجهه وقت لاءِ ڪانپور ۾ مولانا احمد حسن ڪانپوري وٽان فيض ورتائون. رام پور ۾ مدرسه عاليه ۾ مولانا ناظر الدين کان به ڪجهه ڪتاب پڙهيائون. 1888ع ۾ ٻيهر ديوبند ۾ آيا. حضرت شيخ الهند ؒ کان حديث جا ڪتاب پڙهيائون. سنن ابوداؤد، مولانا رشيد احمد گنگوهي ؒ کان پڙهيائون. ان کان علاوه دهلي ۾ استاد الڪل مولانا نذير حسين محدث دهلوي کان بخاري ۽ ترمذي جا سبق ورتائون. 1890ع ۾ سيني علمن جي فراغت سندن بي پناه ذهانت، محنت، لگن ۽ عشق سان گڏ سندن ڪرامت پڻ هئي.

## سنڌ ڏانهن واپسي

جنوري 1891ع ۾ ديوبند کان سڌو پرچونڊي شريف واپس موٽيا. هت پهچڻ کان بعد ڪين هڪ المناڪ الميي سان واسطو پيو جو سندن روحاني پيءُ، عظيم محسن ۽ مربي، حضرت حافظ محمد صديق رحمت الله عليه جن فقط ڏهه ڏينهن اڳ رحلت فرمائي چڪا هئا.

مولانا سنڌي ؒ جن ڪجهه ڏينهن هت ترسڻ بعد حضرت سيد العارفين ؒ جي خليفه مجاز مولانا ابوالحسن تاج محمود امروٽي ؒ جن جي دعوت ۽ اصرار تي امروٽ شريف روانا ٿيا. حضرت امروٽي رح جن به پنهنجي مرشد جي مطابق مولانا سنڌي ؒ تي محبت ۽ شفقت جو هٿ رکيو. نهايت عزت ۽ احترام سان نوازيائين.

مولانا سنڌي ؒ جي شادي سکر جي هڪ معزز خاندان ۾ محمد عظيم خان يوسفزئي جي ڌيءَ سان ڪرائي وئي. هڪ دارالعلوم قائم ٿيو جنهن ۾ مولانا سنڌي ؒ تدريس جو ڪم جاري رکيو. سندس والده جيڪا اجا به پنهنجي پراڻي مذهب تي قائم هئي، ان کي جامپور مان گهرائي امروٽ شريف ۾ مستقل طرح رهائش ڏني وئي. ان کان علاوه هڪ شاندار لائبريري به قائم ڪئي وئي ۽ هڪ رسالو "هدايت الاخوان" به جاري ڪيو ويو ۽ پريس به لڳائي وئي. اهڙي طرح مولانا سنڌي ؒ کي آزدي سان ڪم ڪرڻ جا موقعا فراهم ٿيا.





## مدرسه دار الرشاد

راشدي خاندان جي هڪ شاخ "صاحب العلم" (جهنڊي وارا) سعيد آباد سنڌ جي ويجهو هڪ ڳوٺ پير جهنڊي ۾ آباد هئا. ان وقت سيد ابوتراب پير رشد الله صاحبِ علم الرابع ؒ جن مولانا سنڌي ؒ کي دعوت ڏنائون ته هو هت اچي هڪ وڏو دارالعلوم قائم ڪن ۽ آزاد خود مختيار ٿي ڪم ڪي هلائين. مالي معاونت جو فريضو اسان سنڀاليندا رهنداسون. مولانا سنڌي ؒ معاونت جي اهڙي مخلصانه دعوت کي قبول ڪري پير جهنڊي کي پنهنجي علم ۽ تحقيق جو مرڪز بڻايو. آڪٽوبر 1901ع ۾ مولانا سنڌي ؒ جي سرپرستي ۽ اهتمام هيٺ دارالعلوم پنهنجو ڪم شروع ڪيو. ڏسندي ئي ڏسندي هي دارالعلوم علم ۽ تحقيق جو مرجع ٿي ويو. جيد علماء دين هن علمي مرڪز ۾ رکيا ويا. هن دارالعلوم جي خصوصي ڳالهه هڪ عظيم الشان لائبريري هئي جنهن مان سنڌ ۽ هند جا مستند علماءِ دين استفادو ڪندا هئا.

هن مرڪز ۾ حضرت شيخ الهند مولانا محمود حسن ؒ، حضرت مولانا مفتي ڪفايت الله دهلوي ؒ، مولانا سيد حسين احمد مدني ؒ، مولانا اعزاز علي ؒ، مولانا قاري محمد طيب ؒ، مولانا اشرف علي ٿانوي ؒ، ۽ امام سنڌ مولانا تاج محمود امروٽي ؒ تشريف فرما ٿيا آهن.

مدرسه دارالرشاد جي قيام سان سنڌ ۾ علم جي لاٽ ٻري وئي، جنهن جي روشني سيني کي منور ڪري ڇڏيو. هتان جا فارغ ٿيندڙ علم ۽ فضيلت جا امام بڻجي ويا. تان ته هن مدرسي کي "ام المدارس" چيو ويو.

هتان جيڪي علم جي زيور سان سينگارجي ويا انهن ۾ خاص طرح مشهور مفسر قرآن مولانا احمد علي لاهوري ؒ، مولانا اميد علي جيڪب آبادي ؒ، پير سيد احسان الله شاه راشدي ؒ، پير سيد ضياء الدين ؒ، صاحب العلم مولانا سيد عبدالله سربازي ؒ، مولانا عبدالله لغاري ؒ، مولانا حبيب الله نيڙهوي ؒ، مولانا عزيز الله قاضي ؒ ، مولانا محمد اڪرم هالائي ؒ، مولانا مفتي عبدالقادر سنڌي ؒ، ڊاڪٽر سيد محمد علي شاه ؒ، مولانا حڪيم محمد معاذ نواب شاهي ؒ، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ؒ، مولانا محمد صادق کڏي وارا ؒ، مولانا دين محمد وفائي ؒ، مولانا عبدالحق رباني ؒ، مولانا نور محمد سجاولي ؒ وغيره شامل آهن.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



## جمعيت الانصار

دارالعلوم ديوبند جو قيام، 1857ع جي جنگ آزادي جي ناڪام ٿيڻ کان پوءِ هڪ نئين جدوجهد، هڪ نئين جوش ۽ جذبي سان ڪاوش ۽ آزادي هند جي انقلابي تحريڪ لاءِ هڪ هدف ۽ افراد سازي جي پروگرام لاءِ هڪ تحريڪ جي قيام جو نصب العين آهي.

دارالعلوم جي قائم ڪندڙ حضرت نانوتوي رحمة الله عليه، حضرت رشيد احمد گنگوهي رحمة الله عليه ۽ ٻين شخصيتن جو فقط اهوئي هدف هو ته انبياءِ ۽ مرسلين (عليهم السلام) جي نقش قدم تي هلندي طاغوتي قوتن جي مزاحمت ڪندي، انهن جي خلاف جهاد جا مرحلا طئي ڪندي، هندستاني باشندن کي غلامي مان نجات ڏياري وڃي. دارالعلوم جي قيم جو هدف آزادي وطن لاءِ هڪ مرڪز جو قيام هو. ان لاءِ جيڪا شخصيت دارالعلوم جي قائم ڪندڙ حضرات پيدا ڪئي ۽ ان عظيم مقصد جي مڪمل ڪرڻ لاءِ جنهن جي قيادت هموار ڪئي وئي ۽ جنهن جي خاص سکيا ۽ رهنمائي ڪئي وئي اها هئي حضرت شيخ الهند حضرت مولانا محمود حسن رحمة الله عليه جي شخصيت!

حضرت شيخ رحمة الله عليه هر وقت فرمائيندا هئا ته هي دارالعلوم فقط تعليم ۽ تدريس لاءِ ناهي بلڪ جهاد جو مرڪز آهي. هتي انقلابي شخصيتون پيدا ٿيڻ گهرجن، جيڪي پنهنجي وطن ۽ عالمِ اسلام ۾ جهاد لاءِ قيادت فراهم ڪن. حضرت شيخ الهند رحمة الله عليه کي ان دوران جيڪي طلبہ مليا، حاصل ٿيا ۽ جن جي تربيت ڪيائون انهن ۾ سندن حياتي ۾ جيڪو سيني کان منفرد ۽ نمايان شخص ان عظيم مقصد لاءِ ميسر ٿيو ۽ جنهن تي سندن ڪامل اعتماد هو اهو شخص هو امام انقلاب حضرت مولانا عبيد الله سنڌي رحمة الله عليه.

هن شخص پنهنجي ذهانت، علم، تحقيق، تجربي ۽ دور انديش گهري سوچ ۽ فڪر سان ثابت ڪري ڏيکاريو ته هو هر ميدان ۾ اهل ۽ لائق آهي. سنڌ ۾ علم فلسفي ۽ تحقيق جو جيڪو مرڪز مولانا سنڌي رحمة الله عليه قائم ڪيو ان کي ڏسندي حضرت شيخ الهند رحمة الله عليه کي يقين ٿي ويو ته جهاد ۽ انقلاب لاءِ جيڪا مطلوب شخصيت منهنجي آرزو ۾ آهي، اها فقط مولانا سنڌي رحمة الله عليه آهن. ان ڪري حضرت شيخ الهند رحمة الله عليه، مولانا سنڌي رحمة الله عليه کي حڪم ڏنو ته هو ديوبند اچن ۽ جمعيت انصار جي نظم کي سنڀالين. چنانچہ لاڳيتو



مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه ۽ سندس ڪجهه همعصر

چار سال کن ان تحريڪ جا منتظم رهيا ۽ دارالعلوم جي سابقين کي ان جي نصب العين جي طرف رهنمائي ڪندا رهيا.

مولانا سنڌي رحمة الله عليه جمعيت انصار جي ذريعي انقلابي روح بيدار ڪيو. دارالعلوم جي بنيادي هدف کي اجاگر ڪيو. انقلابي درس، پيغام ۽ مضمونن جي ذريعي، هڪ هلچل شروع ٿي وئي، جيڪا دارالعلوم جي انتظاميہ کي پسند نہ هئي. اختلاف جو دور اتان شروع ٿي وڃي ٿو. هي ڪتاب جيڪو اوهان جي معلومات لاءِ پڌرو ڪيو ويو آهي، اهو ڪتاب دارالعلوم ديوبند جي انهن اڻ وڻندڙ واقعات جي تاريخ تان پردو کڻي ٿو ۽ اوهان کي ٻڌائي ٿو ته سامراجي دور ۾ ڪهڙي طرح ارباب اهتمام سامراج پرست بڻجي ويا هئا. سامراج سان چند ٽڪن تي ياري رکي ڪجهه عهدا، ڪجهه القاب ۽ ڪجهه رعايتون حاصل ڪري دارالعلوم جي مقصد قيام سان غداري ڪيائون ۽ دارالعلوم جي اصل رهبر ۽ قائد حضرت شيخ الهند رحمة الله عليه سان بي وفائي ڪيائون ۽ سامراج سان ٺاهه ڪري، انهن سامراجي مقصدن کي پوري ڪرڻ خاطر، دارالعلوم جي هڪ عظيم محسن ۽ مربي حضرت مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه کي دارالعلوم ديوبند کان دربدر ڪري ڇڏيائون. اهڙي طرح جمعيت انصار چار سالن تائين انقلابي ڪاوشون ڪرڻ کان پوءِ ختم ٿي وئي. حضرت شيخ الهند رحمة الله عليه، مولانا سنڌي رحمة الله عليه کي حڪم ڏنو ته هنن ڪم عقلن ۽ اڻ ڄاڻ مولوين سان الجهڻ نہ گهرجي اوهان ديوبند ڇڏي دهلي منتقل ٿي وڃو اتي هڪ ادارو "نظارة المعارف القرآنيہ" جي نالي سان قائم ڪري انقلابي ڪم جو آغاز ڪريو.

ان دوران جڏهن مولانا سنڌي رحمة الله عليه کي ديوبند مان اخراج جو شنيع عمل ٿي رهيو هو ته مٿس ڪفر ۽ ضلالت جون فتوائون بہ مڙهيون ويون.

مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه کي دارالعلوم ديوبند مان ڪڍي ڇڏڻ، جمعيت انصار مان زوري هٽائڻ ۽ پوءِ مٿس فتوائون مڙهڻ جو بنيادي سبب تہ اهو هو تہ هو انگريز سامراج سان ٽڪراءُ چاهي ٿو. ان سامراج سان لڙڻ ۽ جهيڙو ڪرڻ گهري ٿو ۽ ملڪ جي عوام کي غلامي مان ڇوٽڪارو ڏيڻ هن جو هدف آهي. جنهن جي تائيد ۽ نصرت لاءِ هندستان جو ان وقت جو استاذ العلماء ۽ آزادي جو رهبر حضرت مولانا محمود حسن رحمة الله عليه بہ ساڻس گڏ هو. پر افسوسناڪ صورتحال اها هئي تہ سلف صالحين پنيان کي خَلف اهڙا

www.iqbalkalmati.blogspot.com



پيدا ٿيندا آهن جيڪي اڳين بزرگن جي ڪارنامن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيندا آهن. ٿيو ائين ته دارالعلوم جي اهتمام تي حضرت مولانا قاسم العلوم و الخيرات محمد قاسم نانوتوي ﷫ جو فرزند مولانا محمد احمد صاحب مقرر ٿيو. ان انگريز سامراج سان چند دنوي مراعات تي لڪل معاهدا ڪيا ۽ دارالعلوم کي انگريز دشمني کان پري رکڻ لاءِ اقدامات ڪيا. ان جي جواب ۾ انگريز سامراج کيس ڪئي رعايتون ڏنيون جن ۾ "شمس العلماء" جو خطاب ڏيڻ پڻ هو. ان کان پوءِ انگريز سرڪار جو اهم نمائندو يوپي جو گورنر سر جيمس مسٽن کي دعوت ڏئي دارالعلوم ۾ گهرايو ويو. ان کي سندس احسانن تي سپاس نامون پيش ڪيو ويو. ان جي اهڙي عزت ۽ آڌر ڀاءُ ڪيو ويو جڻ ته ڪا عالم اسلام جي شخصيت دارالعلوم ۾ آيل هجي. واپسي ۾ دارالعلوم جو مهتمم ۽ حضرت نانوتوي ﷫ جو فرزند، سامراجي نمائندي کي رخصت ڪرڻ لاءِ ديوبند کان دهلي تائين گڏ آيو ۽ اسٽيشن تي صاحب بهادر کي سوار ڪري هٿ لوڏي رخصت ڪيائين. ان سموري ڪارگذاري ۾ حضرت شيخ الهند ﷫ جن ديوبند ۾ هجڻ باوجود ڪنهن به مجلس ۾ شريڪ نه ٿيا. سندن بائيڪاٽ جاري رهيو!

اهو هيو اصل سبب جنهن ڪري مولانا عبيدالله سنڌي ﷫ کي سامراج دشمني سبب سامراجي گماشتين دارالعلوم ۽ جمعيت انصار کان بي دخل ڪري ڇڏيو.

سندن ان عمل تي ديوبند جي انتظاميه کي انگريز سامراج شاباشي به ڏني ته هنن تخريبڪارن کي دارالعلوم کان الڳ ڪيو آهي. جيئن ان جو تفصيل اوهان کي انگريزن جي دستاويزن ۾ هن ڪتاب ۾ اوهان کي ملندو.

سامراجي مقصدن کي پوري ڪرڻ خاطر مولانا سنڌي ﷫ تي جيڪي فتوائون لڳايون ويون ۽ جن تي اڪابر ديوبندي حضرات دستخط ڪيا، جن ۾ شيخ الحديث مولانا سيد انور شاه ڪشميري ﷫، مفسر قرآن مولانا شبير احمد عثماني ﷫، مولانا محمد احمد (مهتمم دارالعلوم) مولانا حبيب الرحمان عثماني (نائب مهتمم) به شامل آهن. انهن مسئلن جي حيثيت ڪهڙي هئي، ڇا اهي مسئلا اهڙا هئا جن تي فتويٰ بازي جو طوفان برپا ڪري ٿو سگهجي يا فتويٰ بازي تقويٰ جي بجاءِ ذاتي مفادن جي خاطر لڳائي وئي تان ته هڪ عظيم مصلح ۽ متحرڪ انسان کان ڪنهن به طرح





جان ڇڏائي وڃي. اهو المناڪ لمحو مولانا سنڌي ﷫ تي ڪيئن گذريو هوندو جڏهن هڪ شخص، جنهن وطن، مذهب ۽ مٽ مائٽ، توحيد الاهي جي عشق ۾ ڇڏي "سفر الي الله" اختيار ڪيو جنهن هڪ عظيم مادر علمي ۾ اسلام کي پرايو ۽ سمجهيو ۽ اڄ اتي هو جهاد في سبيل الله ۾ مشغول آهي. ان انقلابي شخصيت کي اتان جبري طرح ڏيهه نيڪالي ڏني پئي وڃي. " فَاعۡتَبِرُوا يَا أُولِي الۡأَبۡصَارِ" (دل جون اکيون رکندڙ انسانو ! تاريخ جي واقعن مان سبق حاصل ڪريو.)

## ڀريون الزام

مولانا سنڌي ﷫ دارالعلوم ديوبند ۾ هڪ مجلس ۾ ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ته ڪفار ۽ مشرڪين خلود في النار جي عذاب جا ان وقت مستحق ٿيندا جڏهن انهن تي خدائي حجت پوري ٿي وڃي. امت مسلمه تي "شهداء على الناس" جي ذميواري جيڪا وڌي وئي آهي، ان "شهادت حق" جو جيستائين حق ادا نٿو ڪيو وڃي ته الله تعاليٰ ڪهڙي طرح ڪنهن قوم کي "عذابِ اليم" ۾ هميشه لاءِ داخل ڪندو.

ان سوال جو جواب تحقيق سان ڏنو وڃي. دليلن سان سمجهايو وڃي يا فتويٰ بازي جو توپون کوليون وڃن ۽ مولانا سنڌي ﷫ کي قرآن جو منڪر چيو وڃي ۽ کيس ڪفر جهڙي قبيح الزام سان داغدار ڪيو وڃي. سامراجي عالمن کي ته تحقيق سان ڪهڙو واسطو؟ هنن کي ته سامراجي خدمت سر انجام ڏيئي مولانا سنڌي کي نيڪالي ڏيڻي هئي!

قرآن مجيد اهڙن نا خلف اولاد لاءِ هن طرح آگاه فرمايو آهي ته:

فَخَلَفَ مِنۢ بَعۡدِهِمۡ خَلۡفٌ وَرِثُوا الۡكِتَابَ يَأۡخُذُونَ عَرَضَ هَٰذَا الۡأَدۡنَىٰ وَيَقُولُونَ سَيُغۡفَرُ لَنَا وَإِن يَأۡتِهِمۡ عَرَضٌ مِّثۡلُهُۥ يَأۡخُذُوهُ أَلَمۡ يُؤۡخَذۡ عَلَيۡهِم مِّيثَاقُ الۡكِتَابِ أَن لَّا يَقُولُوا عَلَى اللَّهِ إِلَّا الۡحَقَّ وَدَرَسُوا مَا فِيهِ وَالدَّارُ الۡآخِرَةُ خَيۡرٌ لِّلَّذِينَ يَتَّقُونَ أَفَلَا تَعۡقِلُونَ ﴿الأعراف: ١٦٩﴾

ترجمو: پوءِ نيڪو ڪارن جي جاءِ تي نا اهل جانشين ٿيا. اهي ئي ڪتاب جا وارث بڻيا. انهن دين کي وڪڻي حقير دنيا جي سامان کي پاڻ لاءِ پسند ڪيائون. چوڻ لڳا ته ان دين فروشي جي اسان کي معافي ملي ويندي. هنن کي اڃان به وڌيڪ دنيا جو متاع ملي وڃي ته ان کي وٺڻ ۾ دير نه ڪندا. ڇا انهن کان خدا جي ڪتاب ۾ اهو پڪو واعدو نه ورتو ويو هو ته هو الله تعاليٰ

www.iqbalkalmati.blogspot.com



جي معاملي ۾ حق ۽ سچ ڪانسوءِ ڪابہ ڳالهہ نہ ڪندا. ڇا انهن ڪتاب ۾ ان ڳالهہ جو سبق نہ پڙهيو هو. جيڪي متقي آهن انهن لاءِ تہ آخرت جو گهر فاني دنيا جي خواهشن کان وڌيڪ بهتر آهي. ڇا ايتري ڳالهہ بہ انهن کي سمجهہ ۾ نٿي اچي.

هڪ ٻي آيت ڪريمہ ۾ هن طرح آهي:

فَخَلَفَ مِنۢ بَعۡدِهِمۡ خَلۡفٌ أَضَاعُوا الصَّلَاةَ وَاتَّبَعُوا الشَّهَوَاتِ فَسَوۡفَ يَلۡقَوۡنَ غَيًّا ﴿مريم: ٥٩﴾

ترجمو: نيڪو ڪارن کان پوءِ اهڙا جانشين مقرر ٿيا جن عبادت جي نظام کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ نفس جي سڌن پٺيان پئجي ويا. جلد ئي انهن جي سرڪشي انهن جي آڏو اچي ويندي.

## مولانا سنڌي رحمة الله عليه تي الزامن بابت قرآن جون گواهيون:

**”حجت الهي جي پوري ٿيڻ کان اڳ عذاب نٿو ٿي سگهي“**

1. وَلَوۡ أَنَّا أَهۡلَكۡنَاهُمۡ بِعَذَابٍ مِنۡ قَبۡلِهِ لَقَالُوا رَبَّنَا لَوۡلَا أَرۡسَلۡتَ إِلَيۡنَا رَسُولًا فَنَتَّبِعَ آيَاتِكَ مِنۡ قَبۡلِ أَنۡ نَذِلَّ وَنَخۡزَىٰ ﴿طه: ١٣٤﴾

ترجمو: جيڪڏهن حجت الهي پوري ٿيڻ کان اڳ اسان ڪنهن قوم کي عذاب ذريعي هلاڪ ڪري ڇڏيون تہ اها قوم ضرور ائين چئي سگهي ٿي تہ يا الله ! ان کان اڳ جو اسان عذاب ذريعي ذليل ۽ خوار ٿيون تون اسان ڏي پيغمبر ڇو نہ موڪليو؟ پوءِ اسان ان پيغمبر جي چوڻ تي هلون ها ۽ عذاب کان بچي وڃون ها.

2. وَلَوۡلَا أَنۡ تُصِيبَهُمۡ مُصِيبَةٌ بِمَا قَدَّمَتۡ أَيۡدِيهِمۡ فَيَقُولُوا رَبَّنَا لَوۡلَا أَرۡسَلۡتَ إِلَيۡنَا رَسُولًا فَنَتَّبِعَ آيَاتِكَ وَنَكُونَ مِنَ الۡمُؤۡمِنِينَ ﴿القصص: ٤٧﴾

ترجمو: جيڪڏهن رسول جي طرفان حجت پوري ڪرڻ کان اڳ انهن جي عدم ايمان يا ڪڌن ڪرتوتن سبب ڪا مصيبت موڪليون ها تہ اهي ضرور چون ها تہ اي اسان جا رب ڇو توهان اسان ڏي رسول نہ موڪليو تہ اسان ان جو اتباع ڪيون ها ۽ ان تي ايمان آڻڻ وارن مان ٿي وڃون ها.

3. وَمَا أَرۡسَلۡنَا مِنۡ رَسُولٍ إِلَّا بِلِسَانِ قَوۡمِهِ لِيُبَيِّنَ لَهُمۡ ﴿ابراهيم: ٤﴾

ترجمو: اسان جي هدايت پهچائڻ جو دستور اهو رهيو آهي تہ جنهن قوم ڏانهن جيڪو رسول موڪليندا آهيون تہ اهو ان قوم جي زبان





ڳالهائيندڙن منجهان هوندو آهي. اهو ان ڪري تہ اهو رسول نهايت چٽي طرح خدا جو پيغام انهن تائين پهچائي.

”رسول جي ذميواري اها براہ راست هئي ۽ هن امت ۾ اها ذميواري امت مسلمہ تي لاڳو ٿيل آهي تہ دنيا جي سمورن قومن کي سندن ٻولين ۾ قرآن مجيد جي پيغام کي چٽي طرح پهچائين تان تہ شهادت حق مڪمل ٿي وڃي ۽ قيامت ڏينهن اهي قومون قرآن مجيد جي پيغام نہ پهچڻ جو خدا وٽ ڪوبہ عذر ڪري نہ سگهن.“

4. وَمَا أَرۡسَلۡنَا مِنۡ رَسُولٍ إِلَّا بِلِسَانِ قَوۡمِهِ لِيُبَيِّنَ لَهُمۡ فَيُضِلُّ اللَّهُ مَنۡ يَشَاءُ وَيَهۡدِي مَنۡ يَشَاءُ وَهُوَ الۡعَزِيزُ الۡحَكِيمُ ﴿ابراهيم: ٤﴾

ترجمو: اسان دنيا جي مختلف قومن ڏانهن رسولن کي ان ڪري موڪليندا رهيا آهيون تہ اهي انسانن کي خدا جي نعمتن کان آگاه ڪن ۽ عذاب جهنم کان خبردار ڪندا رهن. انهن کي ان ڪري موڪليو ويو تہ انهن جي هدايت پهچائڻ بعد انهن قومن وٽ ڪا بہ حجت باقي نہ رهي جيڪا خدا تعاليٰ جي آڏو پيش ڪري سگهن. يعني هو اها ڳالهہ چئي نہ سگهن تہ اسان کي حق جي واٽ ڪنهن بہ نہ ڏيکاري هئي. خدا تعاليٰ جي سڀني فيصلن ۾ قوت ۽ ڏاهپ رکيل آهي.

5. ذَٰلِكَ أَنۡ لَمۡ يَكُنۡ رَبُّكَ مُهۡلِكَ الۡقُرَىٰ بِظُلۡمٍ وَأَهۡلُهَا غَافِلُونَ ﴿الأنعام: ١٣١﴾

ترجمو: پيغمبرن جو قومن ڏانهن اچڻ ۽ توحيد جي دعوت ڏيڻ جو مقصد اهو آهي تہ الله تعاليٰ جو اهو طريقو ناهي تہ هو ناانصافي سان ڳوٺن، علائقن ۽ قومن کي هلاڪ ڪندو رهي، اهڙي حالت ۾ جو اهي انسان حق واري واٽ کان بالڪل بي خبر ۽ اڻ ڄاڻ هجن.

6. إِنَّكَ لَمِنَ الۡمُرۡسَلِينَ ○ عَلَىٰ صِرَاطٍ مُسۡتَقِيمٍ ○ تَنۡزِيلَ الۡعَزِيزِ الرَّحِيمِ ○ لِتُنۡذِرَ قَوۡمًا مَا أُنۡذِرَ آبَاؤُهُمۡ فَهُمۡ غَافِلُونَ ○ ﴿يس: ٣ تا ٦﴾

ترجمو: اي پيغمبر ! اوهان سچن رسولن مان آهيو. اوهان سڌي واٽ تي قائم آهيو. هي ڪتاب هڪ غالب هستي ۽ رحم ڪندڙ ذات جي طرفان اوهان ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي تان تہ ان ڪتاب جي ذريعي توهان اهڙي قوم کي خدا جي عذاب کا خبردار ڪريو جنهن قوم جي ابن ڏاڏن کي ڪنهن پيغمبر ذريعي عذاب الهي کان واقف نہ ڪيو ويو هو ان ڪري اهي انسان بي خبر رهجي ويا.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



جڏهن ته الله تعاليٰ انهن جي بي خبري کي تسليم ڪري ٿو ۽ انهن کي اڻ ڄاڻ قرار ڏئي ٿو. ان ڪري ئي اهي ڪنهن عذاب جو مستحق نه ٿيندا. حضرت سيدنا محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جا والدين سڳور به انهن "غافلون" ۾ شامل هئا. ان ڪري قيامت ڏينهن عذاب جا حقدار نه ٿيندا. ته پوءِ اهڙيون قومون جن تي حجت الهي پوري نه ٿي آهي ۽ شهادت حق انهن تائين نه پهتي آهي ته اهڙين قومن کي "خلود في النار" جي مسئلي تي ويچار ڪري سگهجي ٿو ۽ ان تي توقف ڪرڻ مناسب آهي. حضرت مولانا سنڌي رحمة الله عليه جي ان موقف تي دارالعلوم ديوبند ۾ جو هيجان برپا ڪيو ويو ۽ عظيم مصلح سان اهڙو رويو ۽ برتاءُ جو ٿيو. هڪ طرف اصل سبب ته مٿي ڄاڻايو ويو آهي پر معلوم ٿئي ٿو ته قرآن مجيد جي اهڙين وضاحتن ۽ چٽين حقيقتن جي طرف انهن جي نگاه ئي نه وئي هئي ۽ اهي رجوع الي القرآن جي فڪر ۽ فلسفي کان ڄڻ بي ڄاڻ هئا.

ٻيو هڪ الزام اهو به عائد ڪيو ويو ته مولانا سنڌي رحمة الله عليه ٻين قومن جي طرز رهائش کي اختيار ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو ۽ چيائون ته: "مَنۡ تَشَبَّهَ بِقَوۡمٍ فَهُوَمِنۡهُمۡ" مولانا سنڌي رحمة الله عليه فرمائيندو هو ته اڄ جي دؤر ۾ پنهنجن جي علائقي جي ٻولين کان سواءِ ٻيون بين الاقوامي ٻوليون سکيون وڃن ۽ خاص طرح انگريزي ٻولي سکڻ لازمي آهي. ان ڪري مدرسن جي درس ۾ انگريزي پڙهائڻ جو انتظام ڪيو وڃي. ان طرح پردي ۽ تصوير جي مسئلن تي اجايو زور نه ڏنو وڃي. هڪ دور مان ڏسي رهيو آهيان ته عورتون ۽ مرد هڪ سواري ۾ گڏ سفر ڪندا ۽ هڪ عمارت ۾ جدا جدا ڪمرن ۾ گڏ رهندا.

حضرت مولانا سنڌي رحمة الله عليه پنهنجي بصيرت سان ڏسي رهيو هو ته هڪ جهاز ۾، هڪ ڪوچ ۾، هڪ ٽرين ۾، هڪ موٽر ۾ عورتون ۽ مرد گڏ سفر ڪندا. هڪ عمارت جي مختلف فليٽن ۾ مختلف مرد ۽ عورتون هڪ ئي ڏاڪڻ ۽ هڪ ئي لفٽ ۾ گڏ ايندا ويندا.

ڪميونزم جي نظريي لاءِ سنڌن چوڻ هو ته انهيءَ غير فطري ۽ مذهب دشمن نظريي جي ناڪام ٿيڻ لاءِ اسلامي معيشيت، خود ڪفالت ۽ غريبن، مسڪينن جي برتري، اجرت کي حصي داري ڏيڻ، زمين جي انفرادي ملڪيت کي ٻنجو ڏيڻ لازمي ڪم آهن. جيڪڏهن توهان اسلام جي آزادي ۽ انسان پروري جو انتظام نه ڪندا ، اسلام کي عوام دوست ۽ خير خواهي





واري دين جي حيثيت سان پيش نه ڪندا ته پوءِ دنيا ۾ لادينيت جو مقابلو فقط لفظي جنگ سان نٽا ڪري سگهون.

مولانا سنڌي رحمة الله عليه جي انهن نظرين، عالمن ۽ گهڻ پڙهيل دانشورن کي پريشان ڪري ڇڏيو. ان وقت سندس زندگي ۾ ئي انهن ڪم بخت ماڻهن ڪجهه نه گهٽايو ۽ پوءِ هاڻي تائين به اهڙا اٻوجهه ۽ جاهل ماڻهو مولانا سنڌي رحمة الله عليه جو تعاقب جاري رکيو اچن ۽ بي تڪي تنقيدي تيرن جو وسڪارو ڪندا پيا رهن. مولانا سنڌي رحمة الله عليه ان وقت به اهڙن نقادن ۽ ڪوڙن الزامن ڏيندڙن کي ڪا به اهميت نه ڏني ۽ هاڻي به انهن کي اهميت ملڻ نه گهرجي.

اڄ جي ضرورت آهي ته مولانا سنڌي رحمة الله عليه جي قرآني فڪر ۽ فلسفي کي اجاگر ڪيو وڃي ۽ ان مثبت ڪم کي اڳتي وڌايو وڃي. مولانا سنڌي رحمة الله عليه، دهلي ۾ معارف واري اداري ۾ به وڌيڪ ٽڪي نه سگهيو ۽ جلد ئي حضرت شيخ الهند رحمة الله عليه جي مشوري سان بين الاقوامي سياسي مشن جي تڪميل لاءِ هندستان کان ڪابل روانو ٿي ويو. هاڻي عالم اسلام ۽ دنيا جي قومن ۽ نظرين جو مطالعو انهن جو تجزيو ۽ پنهنجن جي لاءِ راهون تلاش ڪرڻ جو مرحلو سامهون هيو. ان سان گڏ هندستان جي رهاڪن کي آزادي جهڙي نعمت سان پڻ همڪنار ڪرڻ جو جذبو ۽ جدوجهد مقصدن ۾ شامل هئي.

ان دؤر ۾ ڪابل، روس، ترڪي ۾ ڪجهه وقت گذارڻ کان پوءِ مولانا سنڌي رحمة الله عليه سعودي عرب کي مستقل مرڪز بڻايو. اهو دور سندس فڪر ۽ فلسفي جي معراج جو دؤر هو. دنيا جي عالمن، محدثن، فقيهن، دانشورن، سياسي ليڊرن ۽ حڪومتن جي سربراهن سان سندس ملاقاتون ۽ مسئلن جا تجزيا پيش نظر رهيا. نيٺ اهو وقت وري موٽي آيو ته مولانا سنڌي رحمة الله عليه پنهنجي پياري وطن سنڌ جي سر زمين تي قدم رکي ۽ سنڌ ۾ پنهنجي مشن جي منصوبه بندي ڪري. چنانچه 1939ع ۾ الله بخش سومري جي وزارت جي دؤر ۾ ڪياماڙي (ڪراچي) ۾ ساموندي جهاز ذريعي سنڌن مبارڪ قدم سنڌ جي ڌرتي تي پيا.

هت اچڻ بعد حياتي جي پوين پنجن ڇهن سالن ۾ مولانا سنڌي رحمة الله عليه وڏي جاکوڙ ڪئي. سموري هندستان جو دورو ڪيو. اجلاسن، ڪانفرنسن، سيمينارن ۽ عام جلسن کي خطاب ڪيو. ڪئي خطبا ڏنائون، ڪيترين تحريرون ۽ مقالا لکيائون. سنڌن مقصد انسانن کي سجاڳ ڪرڻ، انهن کي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



انقلابي جذبن ۾ راهن ڪان واقف ڪرڻ، انهن ڪي اسلام جي ايندڙ غلبي لاءِ ”حزب الله“ جي قيام جي دعوت ڏيڻ ۽ انسان ذات ڪي قرآن جي فڪر ڏانهن رجوع ڪرڻ هدف رهيو. هن ڪيئي ادارا ٺاهيا، ڪيترا مرڪز وجود ۾ آندا. ڪيترن قديم ۽ جديد ماڻهن جي تربيت ڪيائون. انهن ڪي ايندڙ انقلاب لاءِ تيار ڪيائون. هيءَ انقلابي شخصيت، متحرڪ انسان ۽ مظلوم مصلح، 21 آگسٽ 1944ع تي عالمِ اسلام، عالم انسانيت ۽ سنڌ ڌرتي ڪي وڇوڙي جو داغ ڏئي هميشه لاءِ حظيرة القدس جي سفر ڏانهن روانو ٿي ويو.

اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنِ ؕ

يَا أَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ○ ارْجِعِي إِلَىٰ رَبِّكِ رَاضِيَةً مَرْضِيَّةً○ فَادْخُلِي فِي عِبَادِي○

وَادْخُلِي جَنَّتِي○

## استدراڪ

دارالعلوم ديوبند ۾ ڪي اهڙا ماڻهو جيڪي اهم عهدن تي فائز ٿي، دارالعلوم جي مقصدن  ڪان انحراف ڪيو ته اها نه دارالعلوم جي تعليم جي گهٽتائي هئي نه ئي ان مسلڪ تي ڪو اعتراض ڪري سگهجي ٿو. ان دارالعلوم ۽ ان مسلڪ سوين مجاهد، جرئتمند رهبر ۽ ڪفر جي مزاحمت ڪندڙ مجاهد پيدا ڪيا، جيڪي اڄ به ميدان ڪار زار ۾ حقيقي اسلام جا نمائندا بڻجي جدوجهد ۾ مصروف آهن. ڪي ٿورا غلط ڪار ماڻهو هر جڳهه تي ظاهر ٿيندا آهن. انهن جو فيصلو خدا وٽ آهي. حضرت پير سائين محمد راشد روضي ڌڻي ؒ جن جا هاڻوڪا جانشين ڪهڙو ڪردار پيا نڀاهين؟ حضرت سوئي شريف ؒ جا مجاور ڪهڙي حد تائين پهتل آهن؟ جنيد وقت، سيد العارفين حضرت حافظ محمد صديق ڀرچونڊي ؒ جا نمائندا ڪهڙي فڪر تي هلي رهيا آهن؟ حضرت شاهه ڪريم بلڙي وارا ؒ، حضرت مخدوم لنواري وارا ؒ ۽ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ؒ جا سجاده نشين ڪهڙي علم ۽ فڪر تي موجود آهن؟ هر اداري ۽ هر شخصيت جي خلف ۾ اهو انحراف هلندو پيو اچي.

## مولانا سليمان طاهر انڍڙ

www.iqbalkalmati.blogspot.com



# مهاڳ

حضرت شاهه ولي اللهؒ هڪ اهڙي گهڻ پاسائين شخصيت آهي جو هندستان جون لڳ ڀڳ سيئي ديني ڌريون کيس پنهنجو فڪري امام ۽ مرشد ڪري مڃينديون آهن. پر انهن سڀني ڌرين مان هڪ ڌر ۽ ٽولي شاهه صاحب جي پيش ڪيل فڪر موجب عملي طور هڪ سٺي سماج جوڙڻ لاءِ وڌيڪ جاکوڙيو آهي، سا ديو بندي جماعت آهي. ظلم ۽ نا انصافي جي خاتمي ۽ عدل ۽ انصاف پريي هڪ سٺي سماج قائم ڪرڻ لاءِ اها جماعت پهرين تلوارن ذريعي شاملي واري محاذ تي جهاد ڪري چڪي هئي پر 1857ع جي جنگ آزادي جي ناڪامي کان پوءِ جي بدليل حالتن کي نظر ۾ رکي هنن پنهنجي طريقہ ڪار ۾ حڪمت ۽ مصلحت تحت ٿوري ڦير گهير ڪري ساڳئي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي تحريڪ کي هڪ نئون رخ ڏنو. يعني تلوار بجاءِ علم ۽ قلم وسيلي عوام ۾ شعور، سجاڳي ۽ آزادي جي جذبن کي بيدار ڪري هڪ اهڙو انقلاب آندو وڃي جنهن جي وسيلي بديسي حڪومت ختم ڪري ان جي جاءِ تي شاهه ولي الله صاحب جي ڏنل اصولن مطابق هڪ سٺو انسان دوست ۽ صحتمند سماجي نظام جي واري حڪومت جوڙي وڃي. دارالعلوم ديوبند کي ان فڪري تحريڪ لاءِ هڪ هيڊڪوارٽر طور قائم ڪيو ويو هو. پر جڏهن سندس بانيڪار بزرگ هڪ هڪ ٿي الله کي پيارا ٿي ويا تہ انهن جا ئي ڪجهه نسلي پونئر پنهنجي وڏڙن جي ڪئي ڪمائي تي پاڻي ڦيري اهي ئي انگريزن جا وڃي ساٿاري ٿي بيٺا جن خلاف سندن وڏا شامليءَ جي محاذ تي وڙهي چڪا هئا.

1910ع ڌاري دارالعلوم ديوبند سان لاڳاپيل سمورو ساٿ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو هو. هڪ ڌر وڏڙن جو انقلابي فڪر کڻي حضرت شيخ الهند جي قيادت ۾ پنهنجي مقصد يعني غيرن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ اڳتي





وڌي رهي هئي، تہ ٻي ڌر دارالعلوم ديوبند جي مک باني حضرت مولانا محمد قاسم نانوتويؒ جي فرزند ۽ دارالعلوم جي مهتمم شمس العلماء حافظ محمد احمد صاحب جي هدايتن هيٺ برطانيہ پرست بنجي چڪي هئي. جيتوڻيڪ ان وقت سندن ڪابہ سياسي پارٽي نہ هئي پر اڳتي هلي هو انگريزن کان سَر جا لقب حاصل ڪندڙ ٻين نوابن ۽ بهادرن وانگر مسلم ليگ ۾ داخل ٿي ويا. ياد رهي تہ مسلم ليگ جي مسلم قوم ۽ مسلم مملڪت وارو تصور اقبال کان بہ اڳ ۾ مسلم قوميت جي باني علامہ جمال الدين افغاني ڏنو هو. جيئن هن پنهنجي اخبار ”حبل المتين“ ۾ هندستان کي هندو ۽ مسلم مملڪتن ۾ ورهائڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي. ٻئي پاسي جمال الدين افغاني بابت تاريخ ۾ اهڙا حوالا بہ ملن ٿا تہ هو يهودين جي عالمي تنظيم ”فري مسين تحريڪ“ جو ڪارندو ۽ ايجنٽ هو. ان مان اسان کي پلي پت اها جاڻ ملي ٿي تہ ”مسلم قوميت“ جو اصل امڙ ابو ڪير آهن ۽ هنن ان کي ڪهڙي مقصد لاءِ پالي پوسي وڏو ڪيو هو. تنهن ڪري هندستان جي آزادي واري تحريڪ جي پوري سفر ۾ انهيءَ لڏي ان تحريڪ کي صحيح واٽ تي هلڻ نہ ڏنو نيٺ ملڪ کي غير منطقي طور تي ورهائي عالمي سامراج جي لاءِ ياڙيتو ڪردار ادا ڪرڻ جو ايسٽ ايشيائي مرڪز بڻايو جنهن کي اڄ ڏينهن تائين هو وڏي بيدرديءَ سان پيلي رهيا آهن.

دارالعلوم ديوبند ۾ انهن جيڪو غيرن جي دلالي وارو ڏنڌو شروع ڪيو ويو هو ان جو ان تحريڪ سان بالواسطہ يا بلاواسطہ تعلق ضرور هو. انگريزن پنهنجي طويل الميعاد پاليسيءَ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ديوبند جي غدارن وسيلي پهرئين تہ دارالعلوم ديوبند کي هاءِ جيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر حضرت شيخ الهند جي قيادت ۽ شخصيت سبب جڏهن کين ان مقصد ۾ ڪاميابي حاصل نہ ٿي تڏهن دارالعلوم ديوبند کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڊاڀيل ۾ هڪ ٻيو ادارو قائم ڪرايو ۽ جمعيت علماء هند جي مقابلي ۾ 1945ع ڌاري جمعيت علماءِ اسلام جي نالي سان هڪ سياسي جماعت قائم ڪرائي، جنهن جو مقصد قائداعظم جي تقسيم واري منصوبي کي سگهہ عطا ڪرڻ هو. مولانا شبير احمد عثماني ان وقت نواب حيدرآباد دکن جي عثمانيہ يونيورسٽي جي اسلاميہ شعبي جو چيئرمين هو حيدرآباد دکن مولانا عثمانيءَ جي ٻانهن قائد اعظم حوالي ڪئي هئي ۽ ان ئي جميعت علماءِ

www.iqbalkalmati.blogspot.com



اسلام جي قيادت سنڀالي هئي. افسوس جوڳي ڳالهه اها آهي تہ ان وقت جي جمعيت علماءِ اسلام جي قيادت، ديوبند ۾ مولانا محمد علي جوهر جي آجيان ۽ عزت افزائي ڪئي تہ اسلام دشمني ۽ ڪفر ڪوٺي حضرت سنڌيءَ تي فتوائون جاري ڪيون پر پاڻ جڏهن مولانا جوهر کان دينداريءَ توڙي ڪردار ۾ هزارين درجا هيٺ جناح ۽ آغا خان جهڙن ماڻهن جا ٻانهن ٻيلي ٿي انهن لاءِ ڪم ڪري رهيا هئا تڏهن نہ تہ اسلام جي ڏانچي کي ڪا ٺوڪر لڳي نہ ئي سندن دينداراپيشانين ۾ ڪي گهنج پيا.

اڳي اسان کي اهو سوچي عجب ٿيندو هو تہ جمعيت علماءِ اسلام هڪڙي پاسي شاهہ ولي الله ﷫ کي پنهنجو فڪري امام مڃي ٿي تہ ٻئي پاسي سندس قيادت جميعت علماءِ هند جي هڪ قومي جوڙجڪ واري جي سياسي نقطئہ نظر ۽ اقتصادي برابريءَ جي پروگرام جهڙن مامرن ۾ شاهہ ولي الله جي مخالف ڇو آهي. پر ڊاڪٽر ابو سلمان صاحب جي ايندڙ ڪتاب ۾ منجهس پيش ڪيل دستاويزن جي مطالعي مان اها پروڙ پوي ٿي تہ هيءَ پنهنجي پراڻي تشڪيلي نوعيت ۽ جوڙجڪ سبب ايئن ڪرڻ تي مجبور آهي.

ڪيڏي نہ ڏک جهڙي ڳالهہ آهي جو ان وقت دينداريءَ جي ٽيڪ ۽ سگهہ عالمي سامراج جي ڪارندن جي ان منصوبي کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڏني ويئي جنهن جو جيئرو جاڳندو نتيجو هي پاڪستان آهي جيڪو پنهنجي پيدائش جي پهرئين ڏينهن کان ئي عالمي سامراج جو آلہ ڪار ۽ ايجنٽ ٿي رهندو آيو آهي.

ڊاڪٽر ابو سلمان صاحب جي هن ڪتاب جو ترجمو ڪرڻ کان پوءِ پنهنجو هي مهاڳ لکندي اهو سوال بہ ستائيندو رهيو آهي تہ هنن عالمن سڳورن بابت اهڙي نموني لکندي ڪٿي پنهنجي قيامت نہ ڪاري ڪري وجهون. پر وري سوچيان ٿو تہ اهي ماڻهو ڪهڙي رعايت يا رک رکاءَ جا حقدار آهن جن پنهنجي بزرگي ۽ تقدس جو ناجائز فائدو وٺندي آزادي جي تحريڪ تي راتاهو هڻي ان جا وچ سفر ۾ تختا ڪيي ڇڏيا. هي تہ بنگال جي مير جعفر ۽ ميسور جي مير صادق کان بہ وڏيڪ ڏوهاري آهن، جو هنن تہ رڳو غداري ڪئي پر هنن تہ غداري سان گڏوگڏ خلق خدا سان هڪ وڏي ويساهہ گهاتي پڻ ڪئي آهي.





هندستان جي بابري مسجد شهيد ٿي وڃڻ کان پوءِ اسان کي انهن نيشنلسٽ عالمن جي مؤقف جي سچائي جي وڌيڪ پڪ ٿي ٿئي، جن مسلم طاقت کي ڇيهون ڇيهون ڪرڻ نٿي گهريو. اڄ ڪٿي جنهن سان بہ ڪجهہ ڳالهاءِ تہ اهو نهہ پهہ چئي ڏيندو آهي تہ هندستان جي مسلمانن کي نٿا ڏسو تہ ڪيئن نہ پيا پادر ڪائين، پر ايترو سوچڻ جو حوصلو ڪنهن ۾ بہ ڪونهي تہ اها مسلم ليگ ئي هئي جنهن مسلم طاقت کي وچان ترار هڻي ٻہ اڌ ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن ملڪ متحد هجي ها تہ اڄ کان مسلمان مجموعي طور تي وڌيڪ طاقتور هجن ها. سنڌ، پنجاب، سرحد، بنگال ۽ بلوچستان جيڪي مڪيہ مسلم طاقتون هيون سي سڀئي مسلم حقوق جي پٺ هجن ها تہ هندن کي ايتري جرئت ئي نہ ٿئي ها جو هو ايئن ڪري سگهن. پر مسلم ليگ اهو سڄو ڏنڌو ڪري اڄ واڳون وارا ڳوڙها ڳاڙي رهي آهي.

اهڙي ڀيانڪ ماحول ۾ مسلمانن جا اهي هڙئي نالي ماتر ليڊر تہ مسلمانن جو سڀ سرمايو ۽ سڀئي ملي ادارا دارالعلوم ديوبند، جامعہ مليہ، علي ڳڙهہ يونيورسٽي، عثمانيہ ڪاليج ۽ ٻيون ڪيتريون ئي انجمنون وغيره سڀ اتي ڇڏي ڀڄي آيا، تڏهن اتي حضرت شيخ الهند جا شاگرد ۽ معتقد مولانا حسين احمد مدني ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد پارا صاحب عزيمت انسان هئا جن اتي جي رهيل سهيل مسلمانن جي سارسنڀال لڌي ۽ مسلم سرمائي کي سنڀاليو. ان ريت انهن عالمن مسلم، مسلم جي ڏنڊوري پٽڻ بنان ئي مسلمانن جي ايتري خدمت ۽ تحفظ ڪيو جو مسلم مؤمن جي تسبيح پڙهڻ وارا هن ”خدائي مملڪت“ ۾ بہ اڄ ڏينهن تائين نہ ڪري سگهيا آهن. جناح صاحب جو اهو خيال هو تہ مضبوط پاڪستان اتي جي مسلمانن جي حفاظت جي ضمانت آهي. پر اها ڳالهہ بہ غلط ثابت ٿي چڪي آهي جو پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ ايشيا ۾ جيترو مسلمانن جو قتل عام ٿيو آهي، سو تاريخ جو ڀيانڪ تعداد اهي. ٽيهہ لک بنگالين جي قتل کان وٺي پنج لک بلوچن ۽ چاليهن لک پٺاڻن جو قتل عام اهي سڀ هن پياري ملڪ جي حڪمت عملين ۽ پاڪيسين جو ئي نتيجو آهن.

سال 1993ع ۾ شاهہ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد جي ڊائريڪٽر علامہ سائين غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن وٽ پڙهڻ دوران ماهوار ”الولي“ 1991ع جا اهي شمارا منهنجي نظر مان گذريا جن ۾ ڊاڪٽر ابو سلمان صاحب

www.iqbalkalmati.blogspot.com



جن دارالعلوم ديوبند مان مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي نيڪالي واري موضوع تي تفصيل سان بحث ڪيو هو. منهنجو ان وقت کان ئي اهو ارادو هو ته انهن تاريخي دستاويزن کي سنڌي ۾ ترجمو ڪريان پر ڪجهه وقت کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب انهيءَ موضوع تي وڌيڪ شهادتن ۽ واڌارن سان ”مولانا عبيداللہ سندھی اور ان کے چند معاصر“ نالي سان هڪ مڪمل ڪتاب ڇپرائي پڌرو ڪيو. تنهن ڪري ان ڪتاب جو ئي ترجمو ڪرڻ مناسب سمجهيم. طبعي سستي ۽ غيرعلمي ماحول سبب ان ڪم ۾ ڪجهه وڌيڪ وقت لڳي ويو پر نيث الله پاڪ جي فضل ۽ مهرباني سان اهو ترجمو مڪمل ڪيم.

ترجمي جي ڪيتر ۾ منهنجي هيءَ پهرئين ڪاوش آهي. آءٌ ان کي صحيح نموني ڪيترو نڀائي سگهيو آهيان اهو ته پڙهڻ وارا ۽ اهل علم پروڙي سگهندا، البته ان ۾ جيڪڏهن ڪا ڪمي يا فني ڪوتاهي ڏسن ته ان جي درستگي ڪري هن عاجز کي اطلاع ڪن ته سندن وڏي مهرباني ٿيندي.

**حافظ ابوالاديب سنڌي**

فاضل شاهه ولي الله اڪيڊمي

حيدرآباد سنڌ





# تقريظ

حضرت مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه بنا ڪنهن ٻاهرئين دٻاءَ ۽ اثر جي، خالص خدائي توفيق سان، ذاتي مطالعي جي بنياد تي سک مذهب ڇڏي اسلام قبول ڪيو هو. سندس ٻاڦ پڙايو جو ڪيس شروع ۾ ئي قادري سلسلي جي مشهور سنڌي بزرگ حضرت حافظ محمد صديق (ڀرچونڊي ضلع سکر) جي سرپرستي نصيب ٿي ويئي جنهن ڪيس پنهنجو پٽيلو ڪري پاليو. ◆

حضرت حافظ صاحب کان پوءِ سندس ٻن پلوڙ روحاني فرزندن حضرت ميان غلام محمد دين پوري ۽ حضرت مولانا تاج محمود امروٽي جن پنهنجي مرشد وانگر مولانا جي ڀرپور نموني سرپرستي ڪئي. انهن ئي ڏينهن ۾ ڪيس ديوبند جي حاضري ۽ اتي تعليم پرائڻ جي سعادت نصيب ٿي جتي ان وقت حضرت شيخ الهند مولانا محمود الحسن جن جي عظيم شخصيت موجود هئي ۽ وٽانئس هڪڙو پورو جڳ جهان لاڀ پرائي رهيو هو مولانا سنڌي حضرت شيخ الهند جي استاد ۽ مرشد مولانا رشيد احمد گنگوهي کان به گنگوهه وڃي ڪري ڪافي وقت تائين فيض پرايو هو.

قدرت ڪيس غيرمعمولي صلاحيتن سان نوازيو هو. ذهانت ۽ ذڪاوت ۾ سندس ڪو جواب نه هو ۽ وري سندس عملي جوش ۽ جذبو به اهڙو هو جو سندس همعصر عالمن مان ورلي ڪو سندس گرد راهه کي پهچي سگهيو هوندو. سندس استاد محترم ڪيترائي ذميواري وارا ڪم سندس حوالي ڪيا ۽ هو سدائين پنهنجي استاد جي اعتماد تي پورو پورو لٿو. جمعيت

◆ (افسوس جو حافظ صاحب جي پوئير پنهنجي وڏڙن جي واٽ وڃائي ويٺا، جن مان ڪيترائي ته رفض ۽ بدعت جو شڪار ٿي ويا. ان ئي نحوست سبب اتي رتوڇاڻ ٿيندي رهي آهي.)

www.iqbalkalmati.blogspot.com



الانصار کي جوڙڻ ۽ وڌائڻ، دهلي ۾ نظارة المعارف قائم ڪرڻ ۽ آخر ۾ ڪابل ڪهي وڃڻ، اسان جي دعويٰ جو دليل آهن ڇو ته اهي پنهنجي نموني جون انتهائي اهم ذميواريون هيون جن لاءِ هيڏي سڄي خلق مان حضرت شيخ الهند جي نظرِ انتخاب وڃي مولانا سنڌي تي بيٺي. سنڌس اهائي دل جي روشني ۽ ڏاهپ ان لاءِ مصيبت بنجي ويئي. (الا! ڏاهي مَ ٿيان ڏاهيون ڏک ڏسن) تنهن ڪري سنڌس ڪن ساٿين علمي مسئلن جي آڙ وٺي ڪيس تڪفير جي تيرن سان رتورت ڪري ڇڏيو. نيٺ ڪيس ديوبند ڇڏڻو پيو. ديوبند جي تاريخ جو هي تمام اونداهو باب آهي. ديوبند، جيڪو هڪ عظيم الشان علمي ادارو هو جيڪو هڪ سگهاري علمي تحريڪ جو مرڪز هو. اهڙي علمي تحريڪ، جنهن جو مقصد مسلمانن جي علمي ورثي جي حفاظت سان گڏوگڏ اهڙن مجاهدن کي تيار ڪرڻ هو جيڪي انگريزي ڏاڪ ۽ دٻدٻي جو هن ملڪ مان جنازو ڪڍي سگهن. هر ديانتدار مؤرخ ان ڳالهه جو ضرور اقراري هوندو ته ان عظيم علمي تحريڪ سان لاڳاپيل ماڻهن مان هڪ وڏي حصي پنهنجي بنيادي مقصدن جي حاصلات لاءِ تمام مٿاهين درجي جون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. بس سمجهو ته هنن پنهنجو حق ادا ڪري ڇڏيو. پر پوءِ به ڪي ڳڻ ڳڻيا ماڻهو اهڙا به هئا جيڪي پنهنجي ڪن مصلحتن سبب انهن عظيم مقصدن کي هضم نه ڪري سگهيا ۽ ان سلسلي ۾ تمام ڪڌو ڪردار ادا ڪيو. انهيءَ ڪڌي ڪردار جو هڪڙو حصو مولانا سنڌي خلاف سنڌن رويو ۽ طرزعمل به آهي جنهن سان نه رڳو مولانا سنڌيءَ مصيبتون سر تي سٺيون پر حضرت شيخ الهند به گهڻو پريشان رهيو.

اڄ ان مامري جو ڪو به ڪردار جيئرو نه آهي، سڀ پنهنجي پالڻهار وٽ پهچي چڪا آهن. پر ديوبند جي تاريخ کان ان دور کي ڌار نٿو ڪري سگهجي. ضرورت هئي ته ڪو ڏاهو ذات ڏٽي ان سڄي مامري تي تحقيقي نظر وجهي ۽ ڇنڊڇاڻ ڪري انهن پردن هيٺ پيل سيني رازن کي عوام آڏو آڻي تان ته حقيقتون الم نشرح ٿي وڃن. سو اسان جي فاضل محقق ڊاڪٽر ابو سلمان صاحب جيئن ٻيا ڪيترائي علمي ۽ تاريخي ڪم ڪيا آهن، تيئن هن معاملي تي به ڌيان ڏيئي وڏي محنت سان سمورو مواد گڏ ڪري ان انڌاري باب کي روشن ۽ واضح ڪري نئين ٿهيءَ آڏو آڻي رکيو اٿس. هن





تحرير مان ڪن ماڻهن جي ناراضگي يقيني آهي پر تاريخ بهرحال تاريخ آهي ان سان ناراض ٿيڻ مناسب نه آهي. هونئن به اسين ۽ اسان جا وڏا معصوم ڪونه هئا. شال الله انهن جي روحن کي سڪون نصيب ڪري ۽ اسان کي سنئين واٽ تي هلڻ جي هدايت ڏئي. آمين

**محمد سعيد الرحمان علوي**

www.iqbalkalmati.blogspot.com



# پيش لفظ

امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌيؒ (ف 1944ع دين پور) ۽ دارالعلوم ديوبند ۾ مولانا مرحوم جي خلاف اٿاريل فتنن بابت جيڪو ڪتاب ترتيب هيٺ هو ۽ جنهن جو شروعاتي مسودو ماهوار الولي (حيدرآباد) ۾ ڇپيو به هو سو گهڻي ڪجهه ڦيرگهير ۽ واڌارن سان پريس ۾ پهچي چڪو آهي، هاڻ ان جي شايع ٿيڻ ۾ بظاهر ڪا به رنڊڪ نه آهي. تحقيق ڪندي ڪي نيون ڳالهيون ۽ ڪجهه وڏيڪ حقيقتون به پڌريون ٿيون آهن. حضرت شيخ الاسلام مولانا حسين احمد مدنيؒ (ف 1957ع ديوبند) جن بزرگن جي سياسي نقطه نظر ۽ فتوائن کي رد ڪيو هو جن کي صحيح سياسي سمجهه کان ڪورو قرار ڏنو هو جن جي ايمان ۾ شڪ ڏيکاريو هو يا جن بزرگن جي بيانن کي ڪوڙو چيو هو ته اها ڪا ڪاوڙ يا ٿلهي جوش جذبي جي ڳالهه نه هئي، بلڪ حضرت جن جي مشاهدي، صحيح سوچ ۽ فڪر تي ٻڌل هڪ واقعي جو اظهار هو جيڪو حضرت جن جي زبان تي تري آيو هو ۽ فارسي پهاڪي "قلندر هرچه گويد ديده گويد" موجب حضرت جن جا شڪ شبها بلڪل نيڪ هئا. ٻئي پاسي مون اسلامي تاريخ جي مهان ڏاهي حضرت مولانا سيد محمد ميان نورالله مرقده (ف 1975ع دهلي) جن جا مختصر سياسي ليک، ڪتابڙا، رسالا ۽ ڪوڙسارا مضمون جيڪي وقت بوقت اخبارن ۾ ڇپبا رهيا پر مرتب نه ٿي سگهيا هئا، تن کي پنهنجي جاڻ موجب سيني کي يا گهڻي ڀاڱي کي مرتب ڪري ڇڏيو آهي. انهن جي مطالعي مان ۽ پڻ ٻين بنيادي ڪتابن جي ڳوڙهي اڀياس سان اندازو ٿيو ته پاڻ جن بزرگن جي سياسي سوچ ۽ قد ڪاٺ جي قيمت زيرو قرار ڏني هئي، اها به اصل حقيقت کان تمام وڏيڪ هئي. مطالعو ڪندي





حضرت ٿانويؒ (ف 1943ع ٿهانه ڀهون) ۽ حضرت عثمانيؒ (ف 1949ع بهاولپور) کان سواءِ مولوي محمد طاهر (ف 1952ع ڪراچي)، مولانا شبير علي ٿانوي (ف 1968ع ڪراچي)، مفتي محمد شفيع (ف 1976ع ڪراچي) ڪجهه ٻين بزرگن جي سيرت ۽ سياسي فڪر بابت جاڻ جو هڪ ذخيرو گڏ ٿي ويو آهي. پهرين ٻن بزرگ ۽ آخري بزرگن جي باري ۾ بحث کي رڳو سندن سياسي فڪر ۽ خدمت تائين محدود ڪيو آهي، ڇو ته ديني اصلاحي ۽ علمي ۽ حديث و تفسير ۽ درس و افتاء ۾ سندن ڪيل خدمتون ڪنهن کان لڪيل نه آهن ۽ پڻ بحث مباحثي کان مٿاهيون آهن. مون ڪوشش ڪئي آهي ته ڪا به ڳالهه پنهنجي طرفان نه چوان، بلڪ ڪنهن جي ايمان جي سلامتيءَ بابت ڪو شڪ شبهو يا اخلاق ۽ ايمانداري بابت ڪو انديشو يا سندن سياسي سوچ جي پختگي بابت، حضرت شيخ الاسلام مولانا محمد ميان يا ڪن ٻين علم وارن ۽ قلم ڌڻين جيڪي ڪجهه لکيو آهي بس ان کي بيان ڪري ان جي ثابتي فراهم ڪئي ويئي آهي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



# دارالعلوم ديوبند

## هندستان ۾ اسلامي عظمت جو جيئرو جاڳندو يادگار

جڏهن دارالعلوم ديوبند جو نالو زبان تي اچي ٿو ته خيال جو دائرو رڳو هڪ مدرسي تائين محدود نٿو رهي. دارالعلوم، معقول ۽ منقول جي رڳو هڪ رسمي ۽ روايتي درسگاهه ناهي بلڪ اهو ڪيترن ئي علمي، سياسي ۽ ثقافتي ادارن ۽ تحريڪن جو مجموعو آهي. هي هندستان جي ڌرتيءَ تي پوکيل اهو ٻلارو وڻ آهي، جنهن جون پاڙون پاتال ۾ آهن ته ٽار فضا ۾ پري پري تائين پکڙيل آهن. جنهن جي ڇانو واٽ ويندڙن لاءِ سک ۽ سکون جو وسيلو بنجي ٿي ۽ ان جو مٺو ميوو ملت اسلاميه جي معنوي ذوق کي تسڪين ڏئي ٿو. هي تاريخ جي ڪيترين ئي لاهين چاڙهين مان لنگهيو آهي. ڪيس زندگيءَ ۾ ڪئين ڪٺن مرحلا پڻ پيش آيا. دشمن ته ٺيا دشمن، تن ته هن جي وجود کي ميسارڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي، پر پنهنجن جي نادانين به هن جي خصوصيتن کي ختم ڪرڻ لاءِ وسان ڪين گهٽايو. پر پوءِ به ان ٻلاري وڻ جي گهاٽي ڇانو نه نادانن کي ڌڪاريو نه پراون کي پري ڪيو. ان جي تعليم ۽ تربيت جي ميون مان سڀني واٽ مٺو ڪيو. ان جي اڱڻ توڙي پوين عالمن جي خدمت واري خوبي بنان ڪنهن مذهبي متڀيد جي عام پالوٺ هئي. ان جا پهريان اڱواڻ اعليٰ انساني ڳڻن ۽ اسلامي ڪردار جو نمونو هئا. ان جا وچ وارا ۽ پويان عالم به هر ميدان ۾ پنهنجي وڏڙن جي ريت کي پليءَ پٽ نڀاهيندا پئي آيا ۽ ان جا وڏڙا ته هر ميدان ۾ مرد مثيرئي هيا پر ان جي پوين جي سيرتن جي سونهن، سندرتا ۽ قرباني وارن جذبن به قوم کي ڪٺن مرحلن ۾ عزم ۽ حوصلو بخشيو ۽ همت کي بلند رکڻ ۾ مدد ڪئي. الله پاڪ کين ايمان ۾ پختگي، عقيدن ۾ صحت، نظر ۾ بلندي، علم ۾ ڪمال، دل ۽ دماغ ۾ ڪشادگي، سيرت ۾ اعتدال ۽ استقامت ۽ دين ۽ دنيا ۾



www.iqbalkalmati.blogspot.com



توازن جهڙن ڪوڙسارين خوبين سان نوازي ڇڏيو هو. منجهائن هر هڪ سهڻي سيرت جو نمونو، سراپا اخلاق جو پيڪر ۽ ايثار جو نمونو هو. اهي ملائڪ ته ڪونه هئا، پر اهڙا نيڪ طبيعت هئا جو ملائڪ به انهن تي رشڪ ڪن. منجهائن ڪوبه معصوم ته ڪونه هو پر نيڪ نفسي، وچٽرائي، پرهيزگاري، ديناري ۽ تقويٰ جهڙين خوبين ۽ خاصيتن سان سندن زندگيون اهڙيون ته سينگاريل هيون جو اهي پنهنجو مثال پاڻ هئا. علم ۽ فن جي انيڪ ميدانن ۾ قومي ۽ ديني خدمتن جي مختلف دائرن ۾ ٻين ڌرمن ۽ فرقن ۾ به ڪيئي يادگار ماڻهو پيدا ٿيا پر مجموعي حيثيت سان ڪنهن هڪ جماعت جي مڪتب فڪر ۾ هر زماني ۾ علم ۽ عمل وارين خوبين جي ايڏي اتاهين درجي تي ايترو وڏو انقلاب ڪٿي به نه لڀندو. هي هڪ شاندار سوني زنجير آهي جنهن جي هر ڪڙي اڳئين ڪڙي کان وڌيڪ مانائتي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اهو تعليم ۽ تربيت جو هڪ اهڙو سانچو هو جنهن جا ڪوتا به ٻين جي ڪرن کان اتم نڪتا. ان جي اڏاوت ۽ بيهڪ به اهڙي هئي جنهن ڪيترن کي سرور سان سرشار ڪري ڇڏيو. هندستان جي ڌرتيءَ تي ان جو وجود اسلامي عظمت جو جيئرو جاڳندو هڪ مقدس يادگار آهي. اهو هڪ عظيم ڳگرُ آهي جنهن نه رڳو مسلمانن جي روحاني فصلن کي ريج ڪيو پر پنهنجي پنهنجي پهچ آهر غيرمسلم سماج به ان مان لاڀ پرايو آهي ۽ ان جي پالوٺ هندستان جي حدن کي پار ڪري ايشيا، آفريڪا ۽ يورپ جي ڏورانهن ملڪن ۽ سندن شهرن ڳوٺن کي مالامال ڪري ڇڏيو. هي هڪ اهڙو وهڪرو ۽ واهڙ هو جنهن جي ساجاهه ۽ پروڙ ڪنهن کي هئي يا نه پر هن جو فيض سڀني لاءِ عام هيو. ان ملت جي مڙني فصلن کي جهومائي ڇڏيو. ان جي وجود جو خمير، صبر و توڪل، سچائي، خداپرستي واري مٽي مان ڪنيو ويو هو. تنهن ڪري الله وٽ هو مقبول رهيو ۽ ماڻهن وٽ سدائين محترم ۽ مرڪزي مقام وارو رهيو. تاريخ جا سال، مهينا ٿا ڳڻجن ته ان کي 130 سالن کان به وڌيڪ گذري ويا آهن. ان جو پايو 1866ع ۾ پيو هو. تڏهن کان وٺي اج تائين هندو پاڪ جي مذهبي ۽ سياسي تاريخ ۾ هو مسلمانن جي شان ۽ عظمت جي اهڃاڻ طور ڳاٽ اوچو ڪري بيٺو آهي. ان هيڏي عرصي ۾ مٿس ڪئين واچوڙا آيا، پر ان جي اجگر جيڏي جسم سان ٽڪرائجي ڇيهون ڇيهون ٿي ويا. زماني جي پيچ ڍاهه دنيا جو نقشو بدلائي ڇڏيو. انقلاب جي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



لهرن هندستان کي ٽڪرن ۾ ورهائي ڇڏيو. ان پس منظر ۾ ڪن اياڻن اهو سمجهيو هو ته اسلامي عظمت جو اهو مينار انهن حالتن ۾ پنهنجو وجود سنڀالي نه سگهندو پر دنيا ڏٺو ته حادثن وقت سر پنهنجو رستو بدلائي ڇڏيو. خطرا ۽ خدشا ٺلها وهم ثابت ٿيا، سندس هستي وڌيڪ اتاهين ٿيندي ويئي ۽ ان جي اهميت هيڪاري وڌي ويئي. سندس زندگيءَ جي هر نئين ڦٽنڌڙ باک اڳي کان وڌيڪ روشن ثابت ٿي. 1947ع جي ڌماڪي کان پوءِ به جيڪڏهن ايشيا ۾ مسلمانن جي تهذيب، ثقافت جو ڀڪنڌڙ نقش يا ڪو يادگار اهڙو مرڪز جنهن جو هر ذرو شاندار، جنهن جو هر فيصلو وقتائتو ۽ جنهن جو خود وجود فخر جوڳو هجي سو فقط دارالعلوم ديوبند آهي. سندس وجود خدائي مرضي جو اظهار آهي. تنهن ڪري تبديلين ۽ سماجن جي ڦيچ ڦاهه جو مٿس ڪوئي اثر نه ٿيو. دارالعلوم نه رڳو تاريخ جو هڪ جرڪٽو باب آهي، پر براعظم جي مسلمانن جي ديني، علمي، سياسي ۽ تهذيبي، تاريخ جي هڪ چمڪٽي چٽ جو پڻ نالو آهي. جيڪڏهن دارالعلوم ديوبند جي تاريخ کي نظرانداز ڪري ڇڏجي ته جيڪر براعظم جي مسلمانن جي ثقافتي ۽ سياسي تاريخ جو بي بها خزانو اکين کان اوجهل ٿي وڃي، ديني خدمتون نه هجڻ جي برابر وڃي ٿين ۽ ملڪ جي آزادي، ملت جي سربلندي، اسلامي ثقافت جي بحالي واري جاکوڙ جي تاريخ ۾ هڪ طبقي جي گداگري ۽ هڪ جماعت جي منٺ ميڙ واري پاليسي ۽ هڪڙي ٽولي جي غدارين کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه ٿو بچي. مطلب ته دارالعلوم ديوبند هڪ اهڙو چشمو هو جنهن ملت جي اميدن جي آبياري ڪري ان کي سر سبز بنائي ڇڏيو. هن علم و عمل جي هر ميدان ۾ اسلامي ملت جي دماغن کي صحيح سوچ ۽ فڪر ڏنو ۽ ان جي دلين کي جذبن سان ٽمتار ڪري ڇڏيو. ان مسلمانن آڏو زندگي جي هر واٽ وائڪي ڪئي ۽ پنهنجي تابناڪ سيرت جي سوجهري سان مڙئي اوندها پيچرا پڌرا ڪري ڏنا. جي ڪنهن مسلمان گهرن ته اڄ جي نين حالتن ۾ به بنا ڪنهن هٻڪ ۽ هُٻ ڪُٻ جي پوري اعتماد سان زندگي جو سفر طئي ڪري منزل ماڻي سگهن ٿا.

## دارالعلوم جي قائم ڪرڻ جو مقصد

دارالعلوم ديوبند جي خدمتن جا ڪيئن روشن رخ ۽ جڳ مڳ جهتون





آهن. هن اداري ديني علمن جي تعليم ۽ اشاعت جو جيڪو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي، ان جو اندازو رڳو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته هندستان، پاڪستان ۽ بنگلاديش جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ڪوبه اهڙو علائقو ناهي جتي مسلمان هجن ۽ سندن سيرت ۽ عقيدي تي دارالعلوم ديوبند جي تربيت جي ڇاپ نه هجي. عام خلق جي خيال ۾ دارالعلوم ديوبند جي قائم ڪرڻ جو مقصد رڳو ديني تعليم هو. جيڪڏهن رڳو اهوئي مقصد هجي ها ته به مسلمانن جي علمي ۽ عملي زندگي جو ڪهڙو رخ، ذهني ۽ فڪري تربيت جو ڪهڙو اصول، اسلامي تهذيب ۽ ثقافت جو ڪهڙو ڪم، اخلاق ۽ سيرت جي سڌاري جو ڪهڙو منصوبو، دين ۽ دنيا جي ڀلائي جو ڪهڙو ميدان، فرد ۽ ملت جي ڀلائي جو ڪهڙو نصب العين آهي، جيڪو ان مقصد هيٺ نه آيو آهي. پر پوءِ به جيڪڏهن ڪنهن جو زورائتو خيال هجي ته تاريخي حوالن ۽ ثبوتن سان دارالعلوم جي قائم ڪرڻ جو مقصد ۽ وڌيڪ خاصيتون بيان ڪيون وڃن ته پڪ ڪري ڇڏڻ گهرجي. ان جو وجود هندستان ۾ مسلمانن جي وڃايل وقار کي حاصل ڪرڻ لاءِ، هندستان ۾ اسلامي ملت، قائم دائم رکڻ لاءِ هڪ مرڪز ۽ فڪري نظام لاءِ هڪ بنيادي نقطي جي حيثيت رکي ٿو. مولانا مناظر احسن گيلاني ﷫ دارالعلوم کي قائم ڪرڻ جي پس منظر ۽ مقصدن بابت پنهنجي ڪتاب "سوانح قاسمي" ۾ تفصيل سان لکيو آهي. هتي مختصر نموني ڪجهه ٽڪرا پيش ڪجن ٿا.

1_ پس منظر بابت پاڻ لکن ٿا:

جنهن وقت شاملي جي ميدان مان هو پاڻ (حضرت قاسم نانوتوي ﷫) ۽ ان جا ساٿي بظاهر ناڪام واپس ٿيا هئا ته يقيناً سندن واپسي قرآن جي آيت مُتَحَرِّفًالِقِتَالٍ---اِلٰى فِئَتِہٖ(سورة انفال)
ترجمو: "جنگ لاءِ ئي ٽڙڪي وڃڻ، يا ڪنهن ٽولي سان ملڻ لاءِ" تي سگهي ٿي ۽ يقيناً ان لاءِ ئي هئي.

(سوانح قاسمي (ج 2 ص 23_222)

2_ مقصد جي باري ۾ پاڻ لکن ٿا:

1857ع واري هلچل جي ناڪامي کان پوءِ جنگ جي نون محاذن ۽ ميدانن جي تياري ۾ سندن (حضرت نانوتوي ﷫) جو دماغ مصروف ٿي ويو ۽ دارالعلوم جو تعليمي نظام ان لائحه عمل جو

www.iqbalkalmati.blogspot.com



سيني کان وڌيڪ نمايان، مرڪزي ۽ بنيادي عنصر هو. (حوالو ساڳيو ص 223)

3_ حضرت مولانا محمد ميان ﷫ جن لکيو آهي ته:

جڏهن حاجي رفيع الدين صاحب مکي پاڪ ۾ حضرت حاجي امدادالله ﷫ جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته اسان ديوبند ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيو آهي ان لاءِ دعا ڪريو ته پاڻ چيائون سبحان الله. اوهان چئو ٿا ته مدرسو اسان قائم ڪيو آهي اها خبر ڪانه اٿو ته ڪيترين پيشانيون اسر ويلي سر بسجود ٿي ٻاڏائيندڀون رهيون آهن ته ياالله هندستان ۾ اسلام جي بقا ۽ دين جي حفاظت جو ڪو ذريعو پيدا فرماءِ.

(علماء حق اور ان کے مجاهدانه کارنامے ج1ص71)

4_ مولانا مناظر احسن گيلاني صاحب جن لکيو آهي ته:

جڏهن پاڻ هڪ ڀيري حضرت شيخ الهند ﷫ کان پڇيو ته سياست جي حوالي سان سائين جن جو مؤقف ۽ مسلڪ ڪهڙو آهي؟ ته حضرت جن تي هڪ خاص ڪيفيت طاري ٿي ويئي. فرمايائون: "ڇا حضرت الاستاذ حضرت نانوتوي هن مدرسي کي رڳو پڙهڻ پڙهائڻ لاءِ قائم ڪيو هو؟ مدرسو منهنجي اڳيان قائم ٿيو هو. جيتريقدر مون کي ڄاڻ آهي ته 1857ع واري هلچل ناڪام ٿيڻ کان پوءِ هي ادارو ان لاءِ قائم ڪيو ويو ته ڪو اهڙو مرڪز هجي جنهن وسيلي ماڻهن کي تيار ڪجي ته جيئن 1857ع جي ناڪامي جو تدارڪ ۽ پورائو ڪري سگهجي."

(سوانح قاسمي ج2، ص 226)

مولانا گيلاني ان کي دارالعلوم جي بنيادي خصوصيت قرار ڏنو آهي. هو لکي ٿو ته ديوبند جي مدرسي جي هيءَ اهائي بنيادي خصوصيت آهي، جنهن مدرسي جي پوري ڪارونهوار ۾ ويندي تعليم ۾ به اهڙيون آزادي پسند خصوصيتون پيدا ڪيون جو هي مدرسو ديني، مذهبي، پرم ۽ غيرت جو نه رڳو هندگير پر عالمگير ادارو بنجي ويو. ان جي فارغ التحصيل عالمن جو هڪ خاص مڪتب فڪر اڀري آيو ۽ ان مان لاپ پرائيندڙ هڪ خاص قسم جو اهڙو مليل جليل مرڪب نصب العين کڻي ٻاهر نڪتا، جنهن ۾ سيني تي چانئجي وڃڻ جي وڏي قوت موجود هئي.

هاڻي ته دارالعلوم جي انهن رخصت پسند دوستن به ان حقيقت کي



مولانا عبيدالله سنڌي ﷫ ۽ سنڌ سندس ڪجهه همعصر

مڃي ورتو آهي، جن جا وڏا سياست جي نالي ٻڌڻ سان ئي ڪنن تي هٿ ڏيندا هئا. اصل ۾ اها ڳالهه حضرت شيخ الهند يا ڪنهن استاد جي دل ۾ لڪيل ڪانه هئي، بلڪ غير درسي طور ڳالهين ۾ حضرت جن جي ذهن مان نڪري شاگردن جي زبانن تائين پهچي چڪي هئي. تان جو 1905ع جي شروع ۾ جڏهن سرجيمس ڊگس لاٽوش، دارالعلوم ڏسڻ لاءِ ديوبند ۾ آيو. استادن سان مليو ۽ شاگردن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي تڏهن هن دارالعلوم جي تعليم جي غرض غايت بابت پڇيو ۽ ڪائنءَ سندن زندگي جو مقصد پڇيو ته انهن جواب ۾ چيو "اسان جو نصب العين دين کي قائم ڪرڻ ۽ ملڪ ۽ ملت جي خدمت ڪرڻ آهي." (بحواله تاريخ دارالعلوم ديوبند از محبوب رضوي ڪراچي ج1، ص 209)

1915ع ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو چوي ته مدرسي جو مقصد رڳو ۽ رڳو مذهبي تعليم جي آزادي آهي سياست سان ان جو ڪوئي لاڳاپو ناهي يا وري اڄ ڪير پڇي ته دارالعلوم ديوبند جي قائم ڪرڻ جو مقصد ڪهڙو هو ته ان جي اياڻپ تي اچرج ۽ اڻڄاڻائي تي افسوس ٿو ٿئي ته آخر ڳالهائڻ جو اهو ڪهڙو انداز آهي ۽ ان سوال جي پڇڻ جو مقصد ڪهڙو آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي وڌيڪ ضد آهي، ان ڳالهه تي ته ان جي خدمتن جي هر رخ کي تصنيف تاليف جي چالو طريقي موجب ڌار ڌار واڪو ڪيو وڃي، ته ان جي خصوصيتن جي مختلف رخن ڏانهن، هن ڪتاب ۾ جيتري گنجائش آهي. ان کي آڏو رکي ڪجهه ضروري اشارا ۽ عنوان ڏيئي سگهجن ٿا.

## مدرسن کي قائم ڪرڻ جي همه گير تحريڪ

دارالعلوم ديوبند، ملت جي چند خيرخواهن جن مقصدن لاءِ قائم ڪيو هو سي مقصد سهارنپور جي هڪ گم نام ڳوٺ ۾ رڳو هڪڙي مدرسي قائم ڪرڻ سان پورا ٿي نٿي سگهيا. تنهن ڪري ضرورت هن ڳالهه جي هئي ته ان جذبي کي عام ڪيو وڃي ۽ پوري ملڪ ۾ ديني مدرسن جو هڪ ڄار وڇايو وڃي. سو دارالعلوم جي باني ڪارن ديني تعليم جو هڪ اهڙو جذبو پيدا ڪيو جو ان زماني ۾ ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ڪئين مدرسا کوليا ويا. 1296هه (1879ع) ۾ مدرسه قاسميه مراد آباد جو پايو پيو جيڪو عام طور "مدرسه شاهي مسجد" جي نالي سان مشهور آهي. ان جو بنياد حضرت قاسم

www.iqbalkalmati.blogspot.com



العلوم حجة الاسلام مولانا محمد قاسم نانوتوي، خود پنهنجي هٿن سان پاڻ رکيو هو. ٻن ٽن سالن کانپوءِ حضرت قاسم العلوم جي چوڻ تي ئي جامعه عربيه اسلاميه جي نالي سان امروهه ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيو ويو. نگينه (يو-پي) ۾ 1292هه کان ئي هڪ مڪتب قائم هو. حضرت حجة الاسلام جي مشوري سان ان کي ترقي ڏيئي اسلامي علوم جو هڪ بهترين درسگاهه بنايو ويو ۽ حضرت جن جي نالي پٺيان ان جو نالو ”مدرسه عربيه قاسميه“ رکيو ويو. ”مظاهر العلوم“ سهارنپور جو پايو 1896ع ۾ پيو. ان جي شروعات ۽ بنياد ۾ به دارالعلوم جي بانيڪارن جي دوستن ۽ پوئيرن جو هٿ هو ۽ ان جا مقصد به ساڳيا دارالعلوم ديوبند وارا قرار ڏنا ويا. دارالعلوم ديوبند جي بانيڪارن جي دوستن ۽ شاهه محمد اسحاق، حضرت مولانا عبدالحي ۽ شاهه اسماعيل شهيد جي شاگردن مان ئي مولانا سخاوت علي جونپوري، جونپور ۾ گذريل صدي جي آخر ڌاري مدرسه قرآنيه قائم ڪيو. مدرسن کولڻ جو هي سلسلو دارالعلوم ديوبند جي قائم ٿيڻ سان ئي شروع ٿي ويو. پوري ملڪ ۾ ڪيترائي مدرسا قائم ٿي ويا. پر ان وقت اهو عمل باغ لڳائڻ وارو عمل هو. ميوي جي حاصلات وارو وقت اڃان پرڀرو هو جنهن جي شروعات حضرت شيخ الهند مولانا محمود الحسن ديوبندي واري وقت ۾ ٿيئي ٿي. حضرت جن جي زماني ۾ سندن شاگردن جي ڪوشش سان براعظم، هند و پاڪ جو چپو چپو ديني علمن جي سوجهري سان ڀڪي پيو. قومي تحريڪن ۽ آزادي جي هلچل ۾ هڪ نئون روح ڦوڪجي ويو. سندن ڪوششن سان ملت جي ٽڪل ٽڪل فردن ۾ هڪ نئين سگهه سامائجڻ لڳي ۽ منجهن خاص نموني جو نظم ضبط قائم ٿي ويو. ايئن دارالعلوم جو فيض ڏينهون ڏينهن عام ٿيندو ويو. 1895ع ۾ حضرت رشيد احمد گنگوهيؒ جي خليفي حافظ محمد صالح، مولانا فضل احمد منشي رحمة الله ۽ ٻين ساٿين رائيپور ضلع جالندهر ۾ ”مدرسه رشيديه“ جي نالي سان هڪ مدرسو کوليو ۽ 1905ع ۾ ”مدرسه نعمانيه“ جي نالي سان امرتسر ۾ ان ئي سلسلي جو هڪ مدرسو قائم ڪيو. دهلي جو مشهور ديني درسگاهه ”مدرسه امينيه“ به حضرت شيخ الهند جي شاگرد مولانا امين الدين قائم ڪيو هئو ۽ سندن ٻئي ناليواري شاگرد حضرت مفتي ڪفايت الله صاحب جي محنتن ان کي ايشيا جي چند مشهور ديني ادارن جي صف ۾ شامل ڪري ڇڏيو. سنڌ ۾





حضرت شيخ الهند جي نامور شاگرد مولانا عبيدالله سنڌيؒ پير جهنڊي (ضلع حيدرآباد) ۾ ”دارالارشاد“ جي نالي سان 1901ع ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيو ۽ پوءِ 1912ع ۾ وري ساڳئي نالي سان نواب شاهه سنڌ ۾ به هڪ مدرسو کوليو. ان کان گهڻو اڳ 1884ع مولوي عبدالله صاحب ڪراچي جي کڏي محلي ۾ هڪ مدرسو کوليو هو ان جو نيڪ فرزند مولانا محمد صادق صاحب جن، جيڪو پڻ حضرت شيخ الهند جي مک شاگردن مان هو ۽ جنهن سنڌ ۾ اسلامي علمن جي واڌ ويجهه، تبليغ اسلام، بدعت ۽ گمراهين کي ختم ڪرڻ سان گڏوگڏ آزاديءَ جي تحريڪ ۾ جوڳيون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. تنهن جي محنت ۾ مدرسه مظهرالعلوم جي نالي سان مشهور ٿيو. لاهور ۾ حضرت شيخ الهند جي خاص شاگرد مولانا احمد علي لاهوري، جيڪو قرآني علمن جي وڏي ڄاڻ رکڻ سبب شيخ التفسير جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. ان 1921ع ۾ ”مدرسه قاسم العلوم“ جو بنياد رکيو. 1350هه (1932ع) ۾ ڏاڀيل (سورت) جامعه اسلاميه جي نالي سان مولانا انور شاهه ڪشميري ۽ مولانا شبير احمد عثماني جي ڪوشش سان هڪ اسلامي يونيورسٽي جو قيام عمل ۾ آيو جنهن ٿوري ئي وقت ۾ ديني ۽ علمي دنيا ۾ پنهنجو پير ڄمايو. حضرت شيخ الهند جي شاگردن مان اهي ٻئي بزرگ ڪنهن تعارف جا محتاج نه آهن. 1327هه (1909ع) ۾ سرائي مير ضلع اعظم ڳڙهه ۾ ملت جا ڪجهه گهڻ گهرا جيڪي اڳ ۾ هڪ انجمنِ اصلاح قائم ڪري چڪا هئا، تن هڪ ديني مدرسو قائم ڪيو جنهن جو سنگ بنياد حضرت شيخ الهند جي شاگرد مولانا سيد ميان اصغر حسين ديوبندي صاحب جن رکيو. 1924ع ۾ گجرات جي ضلع ڪيڙ ۾ آنند نالي علائقي ۾ حضرت مولانا مفتي ڪفايت الله صاحب مدرسه عربيه تعليم الاسلام جي نالي سان هڪ مدرسي جو بنياد وڌو جنهن گجرات جي علائقي ۾ ديني علمن جي اشاعت ۽ تبليغ اسلام ۾ مک ڪردار ادا ڪيو. 1913ع ۾ حضرت شيخ الهند جي صلاح ۽ مشوري سان مولانا عبيدالله سنڌي دهلي ۾ مدرسه نظارة المعارف القرآنيه جي نالي سان هڪ مدرسو قائم ڪيو. توڙي جو هي هڪ ننڍڙو مدرسو هو جنهن ۾ به ٽي استاد قرآن حديث جو درس ڏيندا هئا ۽ شاگردن جي هڪ خاص جماعت جيڪا علي ڳڙهه جي پڙهيل هئي سا مولانا سنڌيءَ جي نگراني هيٺ هئي، پر انگريزي حڪومت تي ان

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ننڍڙي اداري جهڙي طرح ڏڪڻي طاري ڪري ڇڏي تنهن جو ڪجهه اندازو ڪتاب "تحريڪ شيخ الهند" جي مطالعي مان ٿئي ٿو. 1350هه (1932ع) ۾ غازي پور ۾ دين اسلام جي هڏ ڏوکين هٿان هڪ مدرسو "مدرسه دينيه اسلاميه" نالي سان قائم ٿيو. ان جو تعليمي نظام ساڳيو ديوبند وارو هو ۽ سندس پورو تعليمي عمل شروع ڪان وٺي اڄ تائين ديوبند جي فاضلن جي هٿ ۾ رهيو آهي. غازي پور جو مشهور مدرسو "مدرسه چشمه رحمت" 1869ع ۾ قائم ٿيو. توڙي جو انهن جي پايي وجهندڙن جو تعلق علماء فرنگي محلي وارن سان هو پر شروعات کان پوءِ مدرسو سدائين علماء ديوبند جي محنتن ۽ خدمتن جو ٿورائتو رهيو آهي. جونپور جي قصبه صبر حد جي مثالي درسگاهه "مدرسه فاروقيه" جو تعليمي ۽ اصلاحي روح اهوئي آهي جيڪو دارالعلوم ديوبند جي تعليمي ۽ تربيتي نظام ۾ جاري ۽ ساري آهي. پٽنه جو مشهور مدرسو "مدرسه اسلاميه شمس الهديٰ" جو قيام 1912ع ۾ ٿيو ۽ ان جي به ترقي ۽ واڌويجهه دارالعلوم ديوبند جي فاضلن هٿان ٿي. ان سلسلي ۾ "جامعه مليه نواکالي" جو ذڪر ڪرڻ به ضروري آهي. اها به دارالعلوم ديوبند جي ئي هڪڙي شاخ آهي. ان جا امتحان ۽ نگراني سڌوسنئون دارالعلوم ديوبند طرفان ٿيندي آهي. اهو سمورو زمانو حضرت شيخ الهند ۽ سندس شاگردن جو دور آهي.

پر اها تحريڪ ان کان پوءِ ختم ڪانه ٿي آهي، بلڪ گذريل 25_30 سال جي عرصي ۾ پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ ڪجهه اهڙن ديني مدرسن جو بنياد پيو جن جي ڳڻپ کان سواءِ هي مضمون اڌورو رهجي ويندو. انهن مدرسن ۾ "جامعه اشرفيه" لاهور (1947ع)، جامعه رشيديه ساهيوال 1947ع، دارالعلوم خيرالمدارس ملتان 1947ع، دارالعلوم حقانيه اڪوڙه خٽڪ 1947ع، دارالعلوم اسلاميه ٽنڊو الهه يار 1947ع، دارالعلوم ڪراچي 1950ع، جامعه اشرفيه پشاور 1953ع، جامعه مدينه لاهور 1955ع ۽ مدرسه عربيه اسلاميه بنوري ٽائون ڪراچي 1955ع خاص طور ڳڻڻ جوڳا آهن. پر ان سوني زنجير جون هي آخري ڪڙيون نه آهن. انهن مدرسن کان پوءِ به ڪئين مدرسا پاڪستان جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ۽ هندستان ۽ بنگلاديش جي ڏورانهن علائقن ۾ قائم ٿيا آهن.

هي سڀ ادارا براعظم ۾ اسلامي علمن جي درس تدريس، اسلامي





تهذيب ۽ ثقافت جي حفاظت، ملڪ جي آزادي جي جدوجهد ۽ اسلامي علوم و فنون جي واڌويجهه جي تاريخ ۾ نمايان جاءِ والارين ٿا. هي سمورا مدرسا توڙي جو پنهنجي جدا جدا سڃاڻپ ۽ اثر رسوخ رکن ٿا، پر هندستان، پاڪستان ۽ بنگلاديش ۾ اسلامي تعليم ۽ تربيت واري سرشتي ۾ دارالعلوم ديوبند ۽ هنن ادارن جو پاڻ ۾ اهو تعلق آهي جيڪو فلڪي نظام ۾ سج ۽ ٻين سيارن جو آهي. هنن سٽن پڙهڻ سان دارالعلوم جي فيض واري دائري جو جيڪو تصور ذهن ۾ اڀري ٿو سو حقيقت جي مقابلي ۾ گهٽو گهٽ آهي.

حقيقت هيءَ آهي ته اڃان ان موضوع تي ڪو ڪم ٿيو ئي ناهي ۽ نه وري ڪا اهڙي سنجيده ڪوشش ڪئي ويئي جنهن سان دارالعلوم ديوبند جي فائدي ۽ فيضن جو پورو اندازو ٿي سگهي. هي ته دارالعلوم ديوبند جي سلسلي جا ڪجهه چونڊ مدرسا هئا، پر جيڪڏهن صوبائي ۽ علائقائي سطح تي جائزو ورتو وڃي ته ان لاءِ رڳو هڪڙو مضمون ناڪافي آهي. ان لاءِ ته پورو ڪتاب گهربل آهي. هندستان، پاڪستان ۽ بنگلاديش جو اهو ڪهڙو علائقو آهي، جتي دارالعلوم ديوبند جي سلسلي جو ڪو ننڍو يا وڏو مدرسو نه آهي؟ هندستان جي مک مدرسن جي هڪڙي مختصر فهرست غلام رسول مرتب ڪئي آهي. ٻي فهرست جيڪا بهادر ۽ اڙيسا جي مدرسن جي آهي، سا پروفيسر عبدالمنان مرتب ڪئي آهي. گجرات جي باڪمال ۽ نيڪ عالمن جي ديني خدمتن جو هڪ جائزو حضرت مفتي ڪفايت الله صاحب جن ورتو آهي. اهڙي نموني مالابار جي مرڪزي درسگاهن بابت معلومات محمد اسلم صاحب جن هٿيڪي ڪئي آهي. (انهن مضمونن لاءِ البلاغ بمبئي جو تعليمي نمبر ڏسڻ گهرجي) پاڪستان جي عربي مدرسن جو هڪ تفصيلي جائزو حافظ نذر احمد مرتب ڪيو آهي. "علم و آگهي" جي ٻن ٿلهن نمبرن (برصغير پاڪ و هند جا علمي، ادبي ۽ تعليمي ادارا جلد پهريون ۽ ٻيو) ۾ ديوبندي مڪتبه فڪر جي ڪوڙ سارن تعليمي، علمي ۽ ادبي ادارن ۽ انجمنن جا حالات سهيڙ يا ويا آهن. ان سلسلي ۾ "برگ گلا" ڪراچي جو تعليمي پاليسي نمبر به پڙهڻ وٽان آهن. انهن ڪتابن ۽ رسالن ۾ مدرسن جي تاريخ ۽ انهن جي بانيڪارن جي حالت پڙهڻ سان پتو پوي ٿو ته دارالعلوم ديوبند جي فيض ۽ سندس ننڍن وڏن جي محنتن جو دائرو ڪيڏو نه وسيع آهي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



## دارالعلوم ديوبند جا اثر

نئين ۽ پراڻي تهذيب جي متڀيد جو مسئلو برصغير جي مسلمانن جي مذهبي زندگي جو مک مسئلو رهيو آهي. ديوبند کي قدامت پرست ۽ علي ڳڙهه کي نو نواز ڪوٺيو ويو. ان وٿي کي ميٽڻ لاءِ ڪيترن ئي قوم جي هڏ ڏوکين ڪوششون ڪيون، پر عجب جهڙي ڳالهه اها آهي جو نواڻ سان نوازيل ماڻهن رڳو الزام مڙهيا پر پراڻ پرستن ان فاصلي کي گهٽائڻ لاءِ حقيقي ڪوششون ڪيون، جنهن جو هڪڙو مثال "ندوة العلماء لکنو" آهي، جنهن جي اڳواڻن ۽ بانين ۾ ديوبندي سلسلي جا بزرگ اڳيرا رهيا آهن. حضرت شيخ الهند، ديوبند ۽ علي ڳڙهه جي وچئين وٿي کي گهٽائڻ لاءِ تمام سنجيده ڪوشش ڪئي. علي ڳڙهه جي پڙهيل شاگردن لاءِ خاص نصاب مرتب ڪرايو ۽ دارالعلوم جي فاضلن کي علي ڳڙهه وڃي نون علمن سکڻ لاءِ همٿايو. دهلي ۾ مدرسه "نظارة المعارف القرآنيه" قائم ٿيو. جنهن جي سرپرستن ۾ حڪيم اجمل خان مرحوم سان گڏ نواب وقارالملڪ کي برابر ڀاڱي ڀائيوار بڻايو. پنهنجي زندگي جي آخري ڏينهن ۾ گهڻو بيمار هوندي به حضرت شيخ الهند علي ڳڙهه جو سفر ڪيو پنهنجي ۽ وفات کان به ٿي ڏينهن اڳ "جامعه مليه دهلي" جي پيڙهه جو پٿر رکيو. زندگي جي پوين پساهن تائين هو ڪوشش ۾ لڳو رهيو ته علي ڳڙهه جو اونداهو اندر ايمان جي روشني سان ٻهڪي پوي، پر انهن سيني ساڃهه وند سچاين جي صلي ۾ بدلي ۾ علي ڳڙهه جي سوڪڙين حضرت شيخ الهند ۽ سندس ساٿين، شاگردن، فداڪارن مولانا سنڌي وغيره جي جاسوسي ڪئي، انهن لاءِ ڏڦير پيدا ڪيا، قيد بند ڏيکارايا، جاسوسي جي عيوض گورنمينٽ کان عهدا، خطاب ۽ سندون حاصل ڪيون. اهڙي نموني دارالعلوم جي اڳواڻن ۽ ملت جي گهڻ گهرن جي سيني محنتن تي پاڻي ڦيرڻ جي ڪوشش ڪئي. تانجو انهن بزرگن جي سماجي قدڪاٺ کي گهٽائڻ ۽ بدنام ڪرڻ لاءِ مٿين ٽنول ۽ مسخريون ڪيون، الزام ۽ تهمتون مڙهيون ۽ انهن جي مارڻ کان به نه مڙيا. علي ڳڙهه ۽ ديوبند جي اها ئي ڇڪ ڇڪان هئي جنهن اڳتي هلي مسلم ليگ ۽ جمعيت علماءِ هند جي جهڳڙي جي صورت اختيار ڪئي. انهن ڪڙن تجربن کان پوءِ به ان دور جا عالم سڀورا مسلمانن جي ايڪي ۽ ٻڌي، نون ۽ پراڻن جي ميلاپ کان نااميد نه ٿيا، پر مسلم ليگ جي چڱن چوکن جا





جيڪي پرڪار رهيا تن جو اظهار مولانا شبير احمد عثماني ﷫ پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ ڪيو آهي. جيڪو خواجه عبدالوحيد مرحوم ڪائڻ ورتو هيو ۽ مولانا جي حياتيءَ ۾ ئي لاهور جي سه روزه اخبار زمزم ۾ ڇپائي ڇڏيو هو. جيتوڻيڪ علي ڳڙهه، ديوبند کي ڪڏهن به مڃتا نه ڏني پر ملت جي خيرخواهي ۽ اسلامي اخلاق ۽ سيرت جي سلسلي ۾ ديوبند جي اخلاص ۽ عمل جو وهڪرو ايڏو ته زورآور رهيو جو علي ڳڙهه به ان کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نه سگهيو. علي ڳڙهه جي جميل ۽ انگريز پرست ماحول مان جيڪي سو ڪجهه آزادي جا ڪوڏيا ۽ ملت جا گهڻگهرا ماڻهو نڪتا جن علي ڳڙهه جي پيشاني تان ڪارنهن جي ٽڪي ميٽڻ جي ڪوشش ڪئي. توڙي جو پنهنجي ڪوشش ۾ ڪامياب نه ٿيا، پر پوءِ به پنهنجي سچائي، ايمانداري جي ڏاڪ ماڻهن جي دلين ۾ وهاري ويا. انهن ۾ مولانا محمد علي جوهر، شوڪت علي، تصدق احمد خان شيرواني، حسرت موهاني، مولانا ظفر علي خان، مهدي افادي، مولانا حميدالدين فراهي، اقبال سهيل، عبدالمجيد خواجه، طفيل احمد منگلوري، قاضي عبدالغفار، ڊاڪٽر سيد محمود، ڊاڪٽر ذاڪر حسين، شيخ عبدالله (ڪشميري) ۽ ٻيا به ڪجهه اهڙائي درويش آهن جيڪي ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان حضرت شيخ الهند کان متاثر ۽ سندن سدا ملوڪ سيرت جا گهائل هئا ۽ ان لاڳاپي جي ڪري ئي هنن قومي خدمت کي پنهنجي زندگي جو مقصد مڃيو. علي ڳڙهه ۾ سر سيد جي پنيڙات پاليسيءَ جي مخالفت ۾ جيڪو جذبو جاڳيو ان ۾ ديوبند جو اثر سيني کان وڌيڪ نمايان هو. توڙي جو ديوبند جي بزرگن ڪڏهن به علي ڳڙهه جي مخالفت ۾ نه ڪڏهن کلي تقريرون ڪيون نه ماڻهن جي جذبن کي ڦوڪون ڏيئي پڙڪايو ۽ نه محمد علي وانگر علي ڳڙهه کي اڏائڻ جي ڌمڪي ڏني. پر ديوبند جو پنهنجو هڪ باڪمال ڪردار هو، جنهن علي ڳڙهه وارن جي اکين کي کولي ڇڏيو هو. هن جي سيرت پنهنجو ڪم ڪري رهي هئي، جنهن جو اثر هوريان هوريان پکڙجي رهيو هو. علي ڳڙهه کان سواءِ ملڪ جا ٻيا به سياسي، ديني ۽ ثقافتي ادارا ديوبند کان متاثر ٿيا. نواب وقارالملڪ ظاهر آهي ته علي ڳڙهه جي پيداوار ڪونه هو. حڪيم اجمل خان جو لاڳاپو به هڪ ٻئي دائري سان هو. ڊاڪٽر انصاري، (مختار احمد) جو ميدان به ٻيو هو ۽ هو هڪ گهڻ پاسائين شخصيت هو.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



علامه اقبال جي شروعاتي تعليم ۽ تربيت جو سانچو ٻئي مٽي مان جڙيل هو ۽ بعد ۾ به سندس شخصيت ۽ فن فڪر جي واڌ ويجهه جي ٻي دنيا هئي. ابوالڪلام آزاد جو شروعاتي ماحول ٻيو هو. سندس پيءُ هڪ ٻئي فڪر سان لاڳاپيل هو. حالي ۽ شبلي به ڌار دنيائن جا ڏٺي هئا اڪبر اله آبادي جي به هڪ پنهنجي طبيعت هئي. پر حضرت شيخ الهند جي شخصيت ۽ ديوبند جي ڪردار ڪان سڀ متاثر هئا. سندن سيرت ۽ صورت ۾ اهڙي ڇڪ هئي جو جنهن هڪ ڀيرو ڪيس ڏٺو سو مٿس موهت ٿي پيو. ديوبند جا اثرات، نه رڳو ملڪي شخصيتن ۽ ادارن تي پيا هئا پر پرڏيهي ملڪن جا اڳواڻ ۽ ادارا به ان ڪان متاثر هئا. سفرنامه اسير مالٽا، نقش حيات، تحريڪ شيخ الهند- ريشمي رومال تحريڪ، مولانا عبيدالله سنڌي جون لکڻيون، اقبال شيدائي جي سرگزشت ظفر حسن جي آپ بيتي وغيره جي پڙهڻ سان اندازو ٿئي ٿو ته دارالعلوم ديوبند جي ملي سياسي تحريڪ ڪان افغانستان، ترڪي ۽ حجاز جا ڪيترائي مکيه اڳواڻ متاثر هئا. دارالعلوم ديوبند جا اثرات ڪن مکيه علمي گهراڻن تي به پيا هئا. ان سلسلي ۾ پنجاب جو غزنوي خاندان ۽ يو پي جي ڪن اهل حديث عالمن کي ڳڻي سگهجي ٿو. اهل حديث عالم خاص ڪري غزنوي خاندان پنهنجي هڪ مستقل علمي، تعليمي ۽ تهذيبي روايت رکن ٿا. انهن جي فڪري خدمتن جو درجو اتم آهي. اهي دين ۽ ملت جي خدمت جي حوالي سان پنهنجو هڪ شاندار تاريخي ڪردار رکن ٿا. اهڙي نموني لڏيانه جو علمي گهراڻو جنهن جي پونئيرن ۾ مفتي محمد نعيم ۽ مولانا حبيب الرحمان جهڙا مٽيادار مڙس گذريا آهن. دائره شاه اجمل (اله آباد) فرنگي محل (لکنؤ) ۽ بدايون رام پور، اجمير وغيره جهڙن تصوف ۽ علم وارن گهراڻن جي تعليم ۽ تدريس جي پڇاڙڪي دور جي بزرگن جا حالات اسان اڳيان آهن. اهي سڀ حضرت شيخ الهند جي فڪر جي سهائن ۽ حضرت جن جي شخصيت جي عظمت ۽ جلال کي مڃيندڙ هئا. مولانا ابوالڪلام آزاد، پنهنجي ذات ۾ هڪ انجمن ۽ پنهنجي مستقل حيثيت جو مالڪ هو. هو پنهنجي زندگي ۽ فڪر جي تعمير ۾ پنهنجي پيءُ جي فڪري ۽ علمي شخصيت جو ٿورائتو نه هو. بيشڪ هن پنهنجي پيءُ جي سيرت مان ڪجهه ڀڪندڙ گڻ اپنايا هئا. پر دارالعلوم ديوبند جي خدمتن ۽ حضرت شيخ الهند جي سيرت ۽ ان جي ڪردار جو مٿس گهرو اثر هو.





ويهين صدي جي هڪ مهان شخصيت علامه سيد سليمان ندوي هو ان کي ”ندوة العلماء لکنؤ“ جو هڪ ڏاهو فرزند چوڻ گهرجي، مولانا اشرف علي ٿانوي جو مريد ۽ خليفه مجاز هو. اهو حضرت ٿانويءَ جو فيض نظر هو يا مڪتب ديوبند جي ڪرامت، جو ان بيعت جي سلسلي ڪان پوءِ سندس خيالن ۾ وڏو انقلاب اچي ويو. روحاني معراج کي ثابت ڪرڻ لاءِ وٽس عقلي ۽ منطقي دليلن جي کوٽ ڪانه هئي. هو روايتن جو سهارو به وٺي پئي سگهيو ڪن صحابين عالمن ۽ ڏاهن جي اختلافن جي مدد سان به پنهنجي موقف کي سگهارو بنائي پئي سگهيو. پر ان جي سلڇڻي روح ۽ سچي دل انهن بنيادن تي پنهنجي فڪر جي اڏاوت ڪرڻ کي مناسب نه سمجهيو ۽ ان مسلڪ کي ئي ورتو جيڏانهن حضرت ٿانوي جي فڪر سندس رهنمائي ڪئي. جيڪو علماء ديوبند جو مسلڪ هو ان سلسلي ۾ مولانا عبدالباري ندوي ۽ مولانا عبدالماجد دريا آبادي جو نالو به اچي ٿو جو انهن جي عقيدتن ۽ ارادن جو ناتو هميشه علماء ديوبند سان لاڳاپيل رهيو. موجوده شخصيتن ۾ مولانا ابوالحسن علي ندوي به هڪ شاهڪار شخصت جو مالڪ آهي. ان جو تعلق رائي بريلي جي هڪ تاريخي علمي گهراڻي سان آهي. هو پاڻ دعوت هدايت جي سلسلي جي هڪ مکيه شخصيت آهي. ان جي خاندان ۾ علم ۽ دين، اخلاق ۽ تصوف مان ڪهڙو خزانو گهٽ هو جو ٻين جو محتاج بنجي پر علماء ديوبند سان سندس عقيدت هڪ کليل حقيقت آهي. خاص ڪري قرآني علمن ۾ ان ئي مڪتبه فڪر جي هڪ عالم شيخ التفسير مولانا احمد علي لاهوري جي تعليم تربيت جي مٿس گهري ڇاپ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

## علمي خدمتون

علمي خدمتن جي ميدان ۾ به دارالعلوم ديوبند ۽ سندس فرزندن رڳو ڪم ناهي ڪيو پر ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. هي علمي خدمتون ڌار ڌار شخصي طور به ڪيون ويون ته منظم علمي ادارن جي صورت ۾ به ظاهر ٿيون. دارالعلوم ديوبند وڏي درجي جا قلمڪار، مصنف، شاعر، صحافي ۽ مختلف علمن ۽ فنن جا ماهر پيدا ڪيا آهن. قرآن پاڪ جي مفسرن ۽ ترجمي ڪندڙن ۾ سڀ ڪان پهرين نالو حضرت شيخ الهند جو اچي ٿو.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



سندن شاگردن ۾ ڪيئي بزرگ اهڙا گذريا آهن جن جو شمار انتهائي اهم درجي جي مفسرين ۾ ٿئي ٿو. انهن ۾ مولانا شبير احمد عثماني، مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا اشرف علي ٿانوي خاص طور ڳڻي سگهجن ٿا. ٿانوي سلسلي جي بزرگ مفتي محمد شفيع معارف القرآن جي نالي سان ۽ ڪن ٻين بزرگن تفسيري لٽريچر ۾ ڪيترن ئي ڪتابن جو وڏو واڌارو ڪيو آهي. مولانا عبدالماجد دريا آبادي جو شمار بہ ان ئي علمي خانقاهہ وارن ۾ ڪرڻ گهرجي، ان جو هڪ پنهنجو تفسيري انداز آهي. مولانا حفظ الرحمان سيوهاروي هڪ باڪمال شخصيت جو مالڪ هو. ان قرآني دعوت ۽ تفسير جو هڪ خاص ميدان هٿ ڪيو ۽ قصص القرآن جي نالي سان پنهنجي يادگار ڇڏي ويو. ان ئي اسلوب ۽ انداز ڪي منهنجي محترم مخدوم حضرت مولانا شريف احمد صاحب جن پسند ڪيو ۽ ”تذڪرة الانبياء“ ۽ ”قصص الاولياء“ ٻن حصن ۾ سائين جن ئي لکيو آهي. حضرت لاهوري ڪان پوءِ سندن خاص خليفي مولانا قاضي زاهد الحسيني پنهنجي قرآني درسن جي مدد سان قرآن ڏي وارڻ واري دعوت ڪي پاڪستان جي اتر اولهہ واري علائقي جي شهرن توڙي ڳوٺن تائين پکيڙڻ جي ڀرپور محنت ڪئي ان ۾ گهڻو ڪامياب بہ ٿيو. موجوده دور جي بزرگن ۾ حضرت صوفي مولانا عبدالحميد سواتي صاحب جن جون قرآني خدمتون ۽ تفسيري ڪاوشون پنهنجي عظمت ۽ پکيڙ سبب ان ڳالهہ جون حقدار آهن تہ مٿس خاص تحقيقي نظر وڌي وڃي. حضرت صوفي صاحب، شاهہ ولي الله ۽ علماء ديوبند جي علم ۽ تفسير جون خاصيتون ۽ خوبيون پنهنجي تفسيري درسن ۾ هٿيڪيون ڪري ڇڏيون آهن. سائين جن جي ذات اڄڪلهہ هڪ تفسيري مڪتبہ فڪر جي بانيڪار جهڙي آهي. هي سيئي مفسر پنهنجي ڌار ڌار تفسيري خاصيتن جي بنياد تي مفسرين جي لڏي ۾ هڪ خاص جاءِ والارين ٿا. وري مولانا سنڌي رحمة الله عليه پنهنجي هڪ خاص اجتهادي فڪر ۽ تفسيري انداز جي بنياد تي جڻ تہ هڪ مستقل تفسيري باغيچي جو بانيڪار بنجي ويو آهي.

ان ڪان سواءِ عام قلم ڌڻين ۾ مولانا حفظ الرحمان سيوهاروي، مولانا سعيد احمد اڪبر آبادي، شيخ الاسلام حضرت مولانا حسين احمد مدني، حضرت مفتي ڪفايت الله، مولانا مناظر احسن گيلاني، مولانا ثناءُالله امرتسري، مولانا اشرف علي ٿانوي، مولانا سيد محمد ميان ديوبندي وغيره جهڙا اهل علم ۽





قلمڪار بہ آهن جن پنهنجي فڪر ۽ تحقيق سان اردو ٻوليءَ جي ديني تاريخي ۽ سياسي لٽريچر ۾ هڪ وڏو واڌارو آندو آهي.

صحافين ۾ مولانا شائق احمد عثماني (ايڊيٽر ”عصر جديد“ ڪلڪتہ) مولانا محمد عثمان فارقليط (ايڊيٽر الجمعيت دهلي) ۽ شاعرن ۾ مولانا تاجور نجيب آبادي جهڙو ناميارو شاعر ۽ صحافي گذريو آهي.

امت جي سڌارڪن ۾ مولانا احمد علي لاهوري ۽ مولانا اشرف علي ٿانوي، محققن، مفڪرن ۽ رسول الله ﷺ جي عظمت جي محافظن ۾ مولانا انور شاهہ ڪشميري جهڙي اڻ لڀ شخصيت ٿي گذري آهي. مولانا احمد سعيد دهلوي، مولانا حفظ الرحمان سيوهاروي ناميارا خطيب ٿي گذريا آهن. قاري محمد طيب صاحب جن جو شمار بہ برصغير جي چوٽيءَ جي خطيبن ۾ ٿئي ٿو.

علمي ۽ مجلاتي صحافت جي ميدان ۾ تہ ديوبند جي خدمتن جو گراف انتهائي اُتم ۽ اوتاهون رهيو آهي. ”الرشيد“، ”القاسم“ ۽ ”دارالعلوم“ جهڙا رسالا تہ ديوبند مان ئي صادر ٿيا پر ان جي فرزندن ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ اردو، عربي وغيره ۾ رسالا ڪڍيا جن جي فهرست مرتب ڪرڻ ڏاڍهن اڃان شايد ڪنهن بہ ڌيان نہ ڏنو آهي. ديوبند جي خدمت جو اهو هڪ اهم رخ آهي. رسالن ۽ جريدن جي مدد سان وقت جي اهم ديني، معاشي، سياسي، مسئلن بابت انتهائي قيمتي مواد فراهم ٿيو. اتاهين درجي جا علمي، تاريخي ۽ تحقيقي مقالا لکيا ويا، تهذيب ۽ ثقافت ڪان سواءِ نئين دور جي بيشمار نون مسئلن تي پر مغز مضمونن جو ذخيرو هٿ آيو.

اڄ بہ هندستان، پاڪستان ۾ جيڪڏهن قداور علمي تحقيقي ۽ ديني رسالن جي فهرست تيار ڪئي وڃي تہ ”برهان“_ دهلي، ”الحق“، اڪوڙه ختڪ، ”بينات“ ۽ ”البلاغ“، ڪراچي، ”الرشيد“ ۽ ”انوار مدينہ“، لاهور، ”الفاروق“ جيڪو اردو عربي، انگريزي ۽ سنڌي چئن ٻولين ۾ ڪراچي ڪان نڪري ٿو ۽ ”نصرت العلوم“_ گوجرانوالہ جا نالا سرفهرست هوندا.

## علمي ۽ تحقيقي ادارن جو قيام

دارالعلوم ديوبند ۾ ۽ ان ڪان ٻاهر ان جي فرزندن وقت ۽ حالتن جي مطابق وڏي درجي وارا علمي ۽ تحقيقي ادارا قائم ڪيا آهن ۽ هاڻي لڳ ڀڳ

www.iqbalkalmati.blogspot.com



سيني ديني مدرسن ۾ تحقيق ۽ تصنيف ۽ تاليف جا مستقل شعبا قائم ٿي چڪا آهن.

دارالعلوم جي ڪوڙساري خصوصيتن مان هڪ هي خصوصيت بہ آهي تہ ان جا پڙهيل اهڙي ذهني فڪري تربيت سان سينگاريل هوندا آهن جو ڪنهن راھہ تي رڳو مقلدانہ ڊوڙ ڊڪ نہ آهن ڪندا پر وقت ۽ حالتن جي مطابق پنهنجو گس پاڻ ٺاهيندا آهن. اهوئي سبب آهي جو وقت جي گهرج موجب ادارا قائم ٿيندا ويا، رسالا ۽ ڪتاب بہ جاري ٿيندا ويا، ان جي فرزندن علم ۽ عمل جي مختلف ميدانن ۾ ملت جي خدمتن جون پاڻ واٽون ٺاهيون ۽ ورتيون آهن.

دارالعلوم ۾ تصنيف ۽ تاليف جي شخصي خدمتن ڪان سواءِ ڪيترين ئي اڪيڊميون پڻ وجود ۾ آيون جن ۾ ”مجلس معارف القرآن“، ”شيخ الهند اڪيڊمي“ ۽ دارالعلوم ڪان ٻاهر ”ندوة المصنفين“ (دهلي) دارالعلوم ديوبند جي فرزندن جو ڪارنامو آهي. مجلس علمي (ڊاڀيل هاڻ ڪراچي) ان ئي سلسلي جي ذوق رکڻ وارن قائم ڪئي آهي. انجمن خدام الدين لاهور آهي ۽ بيت الحڪمة جي نالي سان مولانا عبيدالله سنڌي هڪ ادارو قائم ڪيو هو جنهن جو مرڪز دهلي هو ۽ ان جون شاخون ڪراچي پير جهنڊو خانپور ۽ لاهور ۾ قائم ڪيائين ان جي نگراني ۾ ڪيترائي اهم ڪتاب شايع ٿيا.

ڪراچي ۾ مولانا حسين احمد مدني جي ياد ۾ مجلس يادگار شيخ الاسلام ڪم ڪري رهي آهي. مولانا قاري شريف احمد صاحب ان جو صدر آهي. ان ڪان سواءِ ڪيترائي تبليغي ۽ اشاعتي ادارا آهن جن جو انگ سو ڪان بہ مٿي آهي.

حضرت مولانا سيد محمد ميان پنهنجي سر هڪ اڪيڊمي آهي. ان جيڪو همہ گير تصنيف ۽ تاليف جو ڪم ڪيو آهي سو ڪيترن ئي ادارن جي ڪم ڪان بہ مٿيرو آهي. اوهين جڏهن بہ جمعيت علماءِ هند جو نالو ونندؤ تہ ان جي تصنيف ۽ تاليف واري شعبي جي حوالي سان سندس ئي پاڻمرادو نالو ذهن تي تري ايندو. ان بزرگ نہ رڳو نظري ۽ عملي اساسي موضوعن تي لکيو آهي پر سيرت، تعليم، فقہ، فتويٰ ۽ لساني موضوعن ڪان وينِدي افسانوي ادب بہ تخليق ڪيو آهي. نہ ان جو قلم ٿڪيو ۽ نہ وٽس

www.iqbalkalmati.blogspot.com



موضوعن جو دائرو سوڙهو هو. سراسري حيثيت سان علمي ۽ ديني تصنيف ۽ تدوين ۾ ته دارالعلوم جي فرزندن کي هڪ خاص حيثيت حاصل هئي. پر ٻين علمن ۽ فنن جي مختلف ميدانن ۾ به انهن کي خاص مقام مليل هو. قرآن جي مختلف علمن، حديث جي مختلف ميدانن ۽ فقه ۾ توڙي نقلي علمن وغيره ۾ مقلدانه ۽ ميڙ چونڊ جي بنيادتي نه پر مجتهدانه بصيرت جي بنياد تي به سندن هڪ خصوصي حيثيت سيني ديني توڙي علمي حلقن ۾ مڃي وئي آهي. اهو امتياز نه رڳو دارالعلوم جي تاريخ ۾ مليو پر اڄ تائين به انهن جو اهو شان ۽ شوڪت قائم ۽ دائم آهي.

## سياسي خدمتون

دارالعلوم ديوبند جي وڏڙن هر وقت ۽ لڳاتار مسلمانن جي ڀلي ۽ سندن بقا لاءِ هلايل تحريڪن ۽ ملڪ جي آزادي ۽ ترقي جي هر هلچل ۾ اڳتي وڌي حصو ورتو. مسلمانن جي مفاد جو مسئلو هجي توڙي ٻين ديس واسين جي خيرخواهي جو سوال، انهن قوم ۽ ملڪ جي ڀلائي ۽ خدمت ۾ ڪڏهن به پاڻ کي ٻين کان پوئتي نه رکيو. ملڪ جي آزادي واري تحريڪ ۾ هو ڪنهن ٻي جماعت جا ٻڌا ٻانها نه هئا بلڪ ڀلائي ۽ جهاد جي تحريڪن ۾ انهن بزرگن ملڪ ۾ سڀني ديس واسين جي ڪاميابي لاءِ جيڪو نصب العين جوڙيو هو. ان طرف برابر وڌندا رهيا. ان سلسلي ۾ پنهنجن پراون سان اتحاد ۽ اختلاف جا مرحلا به پيش ايندا رهيا، پر انهن نه ڪنهن تي ڀاڙيو ۽ نه ڪنهن جو انتظار ڪيو. انهن سڀني ڳالهين کان بي نياز ٿي اڳتي وڌندا رهيا.

## ملڪي ۽ غير ملڪي تحريڪون

دارالعلوم جا بزرگ فڪر ۽ عقيدي، علم ۽ تهذيب جي روايتن ۾ جن درويشن سان لاڳاپيل هئا ۽ پوءِ پنهنجي تعليم ۽ تربيت سان جيڪي ساڃهه وند ۽ سياڻا انسان پنهنجي علمي ۽ عملي روايتن جا وارث ۽ امين ڇڏي ويا آهن، انهن وٽ هڪ دردمند دل ۽ سچو روح هو. جو جڏهن سندن وطن ۾ يا ٻاهر ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ ڪنهن جي ڦرلٽ ٿي يا ڪنهن جا حق ڦٻايا ويا يا ڪنهن جي آزادي تي راتاهو لڳو ٿي ته اهي تڙپي ٿي پيا. سندن ڪارنامن تي تاريخ شاهد آهي. دارالعلوم جي بزرگن جي خدمتن جو دائرو وطني تحريڪن

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ڪان وٺي غيرملڪي تحريڪن تائين پکڙيل آهي. وطن جي جنگِ آزاديءَ واري شروعاتي زماني کان وٺي ڪري اڄ تائين جيڪي به ملڪي ۽ قومي تحريڪون برپا ٿيون، دارالعلوم جي اڳين کان وٺي پوئين تائين سڀني ان ۾ حصو ورتو. تحريڪ اصلاح و جهاد (1831ع)، جنگ آزادي (1857ع)، ريشمي رومال تحريڪ (1917ع)، ستيه گر جي تحريڪ (1919ع)، تحريڪ خلافت ۽ ترڪ موالات (24-1919ع)، تحريڪ هجرت (1920ع)، نمڪ سازي تحريڪ ۽ تحريڪ سول نافرماني (1930ع)، انفرادي ستيه گر جي تحريڪ (41-1940ع) ۽ هندستان خالي ڪريو تحريڪ (1942ع) وغيره ۾ وقت، جان ۽ مال جي قرباني سان هنن مثال قائم ڪري ڏيکاريا.

ملڪ جي آزادي کان پوءِ هندستان جا مسلمان زورائتي امتحان ۾ ڦاٿل هئا. سندن زندگي جو پورو ڪاروهنوار ڏانواڊول ٿي ويو ۽ معيشت تباهه ٿي وئي. ڪين سخت فرقه وارانه تعصب اڀري وڪوڙيو هو. اغوا، قتل ۽ ڦرمار جي بازار گرم ٿي وئي هئي ۽ هو چوڌاري خطرن جي گهيري ۾ هئا پر دارالعلوم جي بزرگن عوام، حڪومت ۽ دستور مخالف دشمنن قوتن جو هر مورچي تي مقابلو ڪيو. نيٺ مسلمانن جي وچ سفر ۾ ڦاٿل ٻيڙي کي ڪنڌي ڪناري پهچايو. ان وقت هندستان ۾ مسلمان جن مسئلن ۾ ڦاٿل هئا اهڙائي مسئلا پاڪستان ۾ به اقليتن سان اٽڪيل هئا. ديوبند جي بزرگن ٻنهي جاين تي حالتن جو مقابلو ڪيو. سورن سٽيل انسانن جي خدمت جو ڪو به موقعو هٿان نه وڃايو. هندستان ۾مسلمانن کي تعليمي نظام، مقبرن، مسجدن ۽ ٻين مقدس جاين ۽ تاريخي آثارن جي حفاظت، اوقاف واري سرشتي کي بچائڻ لاءِ دستور سازي، ڇڏيل ۽ اڻ ڇڏيل ملڪيتن تي ڪسٽوڊين ۽ ٻيا ناجائز قبضا ڪرڻ وارا، پاڪستان مان واپس ويندڙن جي مسئلن جي منجهيل صورتحال، تهذيب، ثقافت ۽ ٻولي جي بچاءَ حفاظت جهڙن مسئلن سان منهن ڏيڻو پيو هو ته پاڪستان ۾ به فرقه پرستي، تنگ نظري، عداوت ۽ دشمني جا لڳ ڀڳ ساڳئي نموني جا مسئلا ماڻهن آڏو هئا. هتي به ڦرمار چوٽ چڙهيل هئي، اغوا خونريزي جي واقعن ماڻهن جو سک ڦٽائي ڇڏيو هو. تنهن کان سواءِ جمهوريت جي بقا، دستور سازي، اسلامي نظام جي قيام لاءِ جاکوڙ، مسلمانن جي سڌاري لاءِ سنن ڳڻن جي آبياري، باطل فرقن جي هٿ چراند ۽ غير اسلامي تحريڪن جو منهن ڪيڻ جهڙا مسئلا ڪر کنيو بيٺا هئا.





دارالعلوم ديوبند واري مڪتبه فڪر جي عالمن ۽ عوام حالتن جي سڌاري لاءِ هر محاذ تي جنگ جوٽي.

ديوبند جي اڪابرن دنيا جي ٻين ملڪن جي آزادي ۽ انهن جي حفاظت لاءِ چالو تحريڪن ۾ به حصو ورتو. افغانستان، ترڪي، بلقان، حجاز، فلسطين، قبرص، مراڪش ۽ طرابلس مطلب ته ايشيا آفريڪا ۽ يورپ کان وٺي ڏور اوپر وارن ملڪن تائين آزادي جي جنگين ۽ اتي جي عوام تي ٿيندڙ ظلم ۽ استحصال خلاف جڏهن به ڪا جنگ ڇڙي يا تحريڪ هلي ته ديوبند جي ننڍن توڙي وڏن هڙان ۽ وڙان ان ۾ حصو ورتو ۽ هر ظلم ۽ ڏاڍ خلاف اٿندڙ آواز ۽ مظلومن جي مدد ۾ ڪابه ڪوتاهي نه ڪئي ۽ وقتي حالتن جي حساب سان انهن سڀني تحريڪن ۽ مسئلن ۾ سچي دين جي هدايتن موجب ماڻهن جي رهنمائي ڪئي ۽ گس ڏيکاريو.

1237هه- 1909ع ۾ جمعيت الانصار ۽ 1919ع ۾ جمعيت علماءِ هند جي قائم ڪرڻ سان علماءِ ديوبند جي هڪ جماعت ملڪ جي آزادي لاءِ هلندڙ جاکوڙ ۾ ڀرپور نموني حصو ورتو. ان آزادي جي راهه ۾ هر طرح جون قربانيون ڏنيون، قيد و بند جون سختيون سٺائون، مال ملڪيت جو جوکو کنيائون ۽ گذر سفر جي ٻين اهم وسيلن، نوڪري ۽ واپار کي ان راهه ۾ قربان ڪيائون.

ان جماعت جي رڳو هڪ هڪ ماڻهوءَ ايترو وقت قيد ڪاٽيو ۽ نقصان سر تي کنيو آهي جو مسلم ليگ جي سڀني اڳواڻن گڏجي به نه ايترو قيد ڪاٽيو هوندو ۽ نه وري ايترو نقصان سٺو هوندو. رڳو هڪ شخص مولانا عبيدالله سنڌي لڳ ڀڳ 24 سال جلاوطني واري زندگي جا سور سٺا آهن. هن ننڍڙي مضمون ۾ سچي ديوبندي جماعت جي جنگ آزادي ۾ ڪٽيل قيد جو تفصيل ته نٿو سمائجي سگهجي، البته وقت جي عظيم مجاهد ۽ جماعت جي اڳواڻ شيخ الهند مولانا سيد حسين احمد مدني کي مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو. پاڻ مالٽا ۾ تقريباً ساڍا ٽي سال (ڊسمبر 1916ع کان جون 1920ع) تائين، بغاوت واري مقدمي ۾ تقريباً ٻه سال (سيپٽمبر 1921ع کان سيپٽمبر 1923ع) تائين، سول نافرماني دوران ڏيڍ هفتو (1932ع) ۽ هندستان خالي ڪريو تحريڪ ۾ تقريباً سوا ٻه سال (جون 1942ع کان اگسٽ 1944ع) تائين سراسري طور تقريباً اٺ سال قيد جي زندگي گذاري

www.iqbalkalmati.blogspot.com



چڙهي سائين جن کان سواءِ مفتي ڪفايت الله، مولانا احمد سعيد دهلوي، مولانا حفظ الرحمان سيوهاروي، مولانا سيد محمد ميان ۽ جمعيت علماءِ هند سان لاڳاپيل سوين اڳواڻ هزارين ڪارڪنن پنهنجي زندگي جا ڪيترا سال قيد بند جي ڪوٺين ۾ ڪٽيا هئا، سو بيان حد حساب کان ٻاهر آهي. حقيقت اها آهي ته جمعيت علماءِ هند ۽ دارالعلوم ديوبند جي اڄ تائين ڪابه اهڙي تاريخ مرتب ناهي ٿي جنهن مان خبر پوي ته انهن ٻنهي ادارن سان لاڳاپيل صوبائي سطح کان وٺي ڳوٺن تائين ڪٿي ڪٿي، ڪيترن ماڻهن، ڪن ڪن تحريڪن جي سلسلي ۾ ڪيتريون سزائون ڪٽيون آهن ۽ جان مال جون ڪهڙيون قربانيون ڏنيون آهن. گڏوگڏ واپار نوڪري ۽ معيشت وغيره جي تباهي جي ڪهڙين ڪهڙين آزمائشن مان گذريا هئا.

دارالعلوم ديوبند پنهنجي آڪهه مان آزادي پسند مجاهدن جي هڪ اهڙي جماعت پيدا ڪئي جنهن جو گذريل ٻن صدين جي تاريخ ۾ مثال ملڻ مشڪل آهي. ان جماعت ۾ حاجي امدادالله مهاجر مڪي آهي. مولانا رشيد احمد گنگوهي ۽ حجة الاسلام مولانا محمد قاسم نانوتوي آهي. ان جماعت ۾ حضرت شيخ الهند جي سدا ملوڪ شخصيت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. شيخ الاسلام مولانا حسين احمد مدني جن جهڙا مرد مجاهد ۽ اسلام جو فدائي مولانا عزير گل به نمايان آهي. امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي جن آهن. فقيهه الامت مولانا ڪفايت الله جن آهن. مجاهد في سبيل الله مولانا محمد ميان منصور انصاري جن آهن ۽ سچ جي ساٿاري مولانا محمد صادق کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي عزيمت جا ڏٿي آهن.

ان زنجير جون پويون ڪڙيون به پهرين ڪڙين کان ڪجهه گهٽ شاندار نه هيون. انهن مان هڪ ڪڙي مجاهد ملت مولانا حفظ الرحمان سيوهاروي جن جي سيرت ۾ سمائجي سدا امر بنجي وئي آهي. حضرت سيوهاروي جن جي سدابهار شخصيت جڻ مينهن جو آخري قطرو هئي، جنهن ملت جي اميد واري ٻوٽي کي باغ بهار بنائي ڇڏيو. ان هندستان ۾ مسلمانن جي جيڪا خدمت ڪئي ۽ انهن جي حقن جي حفاظت لاءِ جهڙيءَ طرح جاکوڙيو سو هميشه يادگار رهندو. حضرت مولانا محمد ميان صاحب جن جو اصل ميدان ته تصنيف ۽ تاليف هو پر هو عملي سياست ۾ به ڪنهن کان پوئتي نه رهيو ۽ ڪيترائي ڀيرا قيد و بند جا درد ڏٺائين. انهن





بزرگن پڇاڙان به جيڪڏهن مسلمان ملت جو وجود باقي ۽ انهن جي رهنمائي جي ضرورت پوي ٿي ته اسان کي يقين ڪرڻ کپي ته دارالعلوم جي پونئيرن ۾ اهڙيون اڻ لپ ۽ صاحب عزيمت شخصيتون ضرور پيدا ٿينديون جيڪي ملت جي ٻيڙي کي جهالت ۽ غلاميءَ کان مان ڪڍنديون ۽ ان جا مسافر من گهري مراد ماڻيندا. موجوده دور ۾ حضرت اميرالهند مولانا سيد اسعد مدني جي ذات اونداهين ۾ روشني ۽ مايوسين ۾ اميد جو هڪ ڪرڻو آهي. هندستاني مسلمانن جي اميدن جو اڄهو سائين جن جي ئي ذات آهي. گذريل چوٿائي صدي جي تاريخ اسان جي آڏو آهي. حضرت موصوف جن جي سوچ ۽ لوچ فڪر ۽ فراصت ۽ حوصله مند اڳواڻي مسلمانن کي ڪن ڏکين لکن ۽ مشڪل حالتن مان اُڪاري پار ڪيو آهي ۽ نه رڳو مسلمانن جي رهنمائي ڪئي آهي پر پوري هندستاني قوم کي اتحاد ۽ ترقي عزت ۽ وقار سان جيئڻ جو ڍنگ سيکاري ڇڏيو آهي.

## ادبي ۽ لساني خدمتون

اردو ٻولي جي حوالي سان به ديوبندي عالمن جي خدمتن جو قد ڪاٺ انتهائي اوچو رهيو آهي. اردو کي سليس بنائڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ واري ٻولي سان ٺهڪائڻ ۽ ان کي هڪ علمي ٻولي جي درجي ڏيڻ ۾ سر سيد جي خدمتن جو نغارو اهڙو ته وڏي ڏاڪ سان وڄايو ويو آهي جو ماڻهو اهوئي سمجهي ويهي رهيا آهن ته ان تحريڪ جو سرواڻ سر سيد ئي آهي. انهن اياڻن کي اها خبر ئي نه آهي ته تاريخ جي شاهدي ان جي ابتڙ آهي. سر سيد جي جمڻ جو سال 1817ع آهي، حضرت شاهه رفيع الدين جي وفات جو سال به اهوئي آهي. شاهه عبدالقادر جي وفات ان کان ٽي سال اڳ يعني 1814ع ۾ ٿي چڪي هئي.

قرآن پاڪ جي ترجمي جي حوالي سان حضرت شاهه ولي الله دهلوي جي انهن ٻنهي پٽن جون خدمتون انتهائي اهم جاءِ والارين ٿيون. شاهه رفيع الدين جي ترجمي جي سنائي ۽ حضرت شاهه عبدالقادر جي ترجمي جي روانگي ۽ بامحاوره ٽڪسالي زبان ۾ هجڻ جي شاهدي سرسيد پاڻ به ڏني آهي. سيني تاريخدانن وينڌي باباءِ اردو مولوي عبدالحق به انهن ٻنهي بزرگن جي ترجمي جي ادبي ۽ لسانياتي خوبين جو اقرار ڪيو آهي. بيشڪ هي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ٻئي بزرگ دارالعلوم کان اڳ جا آهن تنهن ڪري انهن جي خدمتن کي دارالعلوم جي خدمتن ۾ نٿو ڳڻي سگهجي. پر هي اهي اڪابر هئا جن جي علمي ورثي جو سڀ کان وڏو حصو دارالعلوم جي بزرگن کي نصيب ٿيو هو.

انهن صاحبن کان پوءِ مولانا عبدالحي ۽ شاهہ اسماعيل جن جو دور اچي ٿو. هي زمانو سرسيد جي ٻالڪپڻ جو هو. انهن ٻنهي بزرگن جي خدمتن جو چرچو عام هو ۽ دهلي جي ٽڪسالي ۽ بامحاوره اردو ۾ شاهہ اسماعيل شهيد جو شاندار ڪتاب تقوية الايمان منظرعام تي اچي چڪو هو. سر سيد بہ حضرت شاهہ صاحب جي تقريري نڪتن مان پنهنجو خالي جهول ڀريو آهي. بيشڪ حضرت شاهہ صاحب بہ دارالعلوم جي بانين مان ڪونہ هو پر پوءِ بہ سندس ميراث ۽ سيرتي ڪردار جا ڏٺي تہ دارالعلوم ديوبند جا شاهڪار هئا نہ ڪي سر سيد احمد خان ان جو وارث ٿيو هو. هيءَ پڌري پٽ ڳالهہ آهي تہ حضرت قاسم العلوم مولانا محمد قاسم نانوتوي، وقت جو قطب حضرت حاجي امداد الله مهاجر مڪي ۽ حضرت مولانا رشيد احمد گنگوهي جن تہ دارالعلوم ديوبند جي بانين مان آهن. جڏهن انهن بزرگن وقت جي چالو بامحاوره ۽ آسان عام فهم اردو ۾ پنهنجا ڪيترائي ڪتاب لکي ڇڏيا هئا، تڏهن علي ڳڙهہ ڪاليج جو بانيڪار سر سيد احمد خان اڃان صهبائي مرحوم وٽ مقفيٰ ۽ مسجع ٻولي لکڻ جي سکيا وٺي رهيو هو.

حضرت قاسم العلوم جي تصنيف: "رسالہ حجة الاسلام"، "تقرير دلپذير"، "مجموعہ رسائل قاسم العلوم" (مجموعہ رسائل) وغيره. حضرت حاجي امدادالله جون تصنيفون: "غذائي روح"، "ضياء القلوب"، "تحفة العشاق"، "فيصلہ هفت مسائل" ۽ مولانا رشيد احمد گنگوهي جون سيئي تصنيفون خاص ڪري سر سيد جي وقت جون آهن. اهي ئي بزرگ دارالعلوم ديوبند جا اڏيهار هئا. سندن تصنيفن ۾ ادبي خوبين ۽ لسانياتي خاصيتن ڏي گهٽ ڌيان ڏنو ويو آهي. پر سندن اهميت ان حيثيت کان گهٽي اڳتي آهي. جيڪا عام طور سمجهي وڃي ٿي. دارالعلوم ديوبند جي اڪابرن جي ادبي ۽ لساني خدمتن جو دور تڏهن کان شروع ٿيو هو جڏهن سر سيد اڃان عدم جي پردي پويان هو. انهن جي خدمتن جو سلسلو ان وقت بہ جاري هو جنهن وقت سر سيد جا اڃان ڪِيرا ڏند بہ ڪونہ پڳا هئا. هو ان وقت بہ پنهنجي قلم وسيلي علم ۽ ادب جون خدمتون ڪري رهيا هئا جڏهن سر





سيد اڃان صهبائي مرحوم جي رحم ڪرم تي هو ۽ هي مٿير مرد ان وقت بہ انهن خدمتن ۾ لڳا رهيا جڏهن سر سيد انگريزي حڪومت جون برڪتون ۽ برٽش حڪومت کي سگهاري بنائڻ لاءِ "پنهنجي مدد پاڻ" جهڙا مضمون لکي هٿ پير هڻي رهيو هو ۽ ديوبند جي اها خدمت ان وقت بہ جاري ساري هئي جڏهن اردو ادب جي پنجن ئي پاين ۾ ڏقيڙ پيو ۽ پوءِ هوريان هوريان ٽڙ پکڙ ٿي ويا هئا. سر سيد ويچارو هي دنيا ڇڏي ويو ۽ ان جو ڪوبہ جانشين پيدا نہ ٿي سگهيو.

نذير احمد شبلي، محمد حسين آزاد وغيره جو پنهنجو پنهنجو دائرو هو. انهن سر سيد جي تحريڪ ڏي منهن ورائي ڏٺو بہ ڪونہ تہ ڪهڙي حال ۾ آهي. حالي برابر پنهنجي وفاداري ۾ پڪو پختو رهيو پر سندن پوين ادب ۾ پنهنجون پنهنجون واٽون ورتيون. بهرحال سرسيد اردو ٻولي ۽ ادب جي جيڪا وڏي خدمت ڪئي ان کان بلڪل انڪار نہ آهي پر سچي ڳالهہ اها آهي تہ ان ميدان ۾ بہ اڳواٽي جي پڳ دارالعلوم ديوبند ۽ ان جي بزرگن جي سر تي سونهي ٿي.

فقط

**ڊاڪٽر ابو سلمان شاهہ جهانپوري**

www.iqbalkalmati.blogspot.com



باب پهريون

# دارالعلوم ديوبند جي قائم ڪرڻ جو اعليٰ مقصد

## قاسمي دور ۽ عهد محمودي تي هڪ سرسري نظر

### قاسمي دور: ولي اللهي تحريڪ جو نئون دور

شاهه ولي الله دهلوي جي تحريڪ کي نئين سر اپارڻ جي شروعات دارالعلوم ديوبند جي قائم ڪرڻ سان ٿي هئي. ولي اللهي تحريڪ تدوين افڪار، تنظيمي جوڙجڪ، انقلابي تيارين ۽ حالتن کي بدلائڻ وارن مرحلن مان گذري چڪي هئي. 1857ع واري انقلابي جدوجهد جي ناڪام ٿيڻ بعد ضروري ٿي پيو هو ته ڪو نئون مرڪز ڳولجي جيڪو دهلي واري مرڪز جي مقابلي ۾ وڌيڪ محفوظ هجي. ان لاءِ ديوبند (ضلع سهارنپور) واري ڳوٺ جي چونڊ ڪئي وئي ۽ نين حالتن ۾ انقلابي فڪر جي حفاظت، ڪارڪنن جي تعليم ۽ تربيت ۽ جماعت جي جوڙجڪ جو بندوبست ڪيو ويو.

### دارالعلوم جا باني‌ڪار

دارالعلوم جي بانين ۾ ڪافي بزرگ شامل هئا پر ان جي قائم ڪرڻ جو جيڪو جامع تصور حضرت قاسم العلوم مولانا محمد قاسم نانوتوي وٽ هو سو ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي ذهن ۾ نه هو.

دارالعلوم ۾ دوستن جي تعليم ۽ تربيت ۽ انقلابي خيالن جي اشاعت ۽ جماعت جي تنظيم جا سمورا ڪم دارالعلوم جي ٻن بزرگن مولانا محمد قاسم نانوتوي ۽ شيخ الهند مولانا محمود الحسن ديوبندي جي وقتن ۾ ورهايل آهن. حضرت قاسم العلوم جا ڪارناما منصوبه بندي، انقلابي مرڪز جو قيام، ڇڙوڇڙ سماجي طاقتن کي سهيڙڻ کان سواءِ تعليم ۽ تربيت وارن دائرن تائين پکڙيل آهن ته حضرت شيخ الهند جي ڪارنامن جو دائرو وري لائق ۽ باصلاحيت سنگت جي تعليم ۽ تربيت کان وٺي ڪري ملت





جي قوتن کي متحد ڪرڻ، قوم جي فردن کي سهيڙڻ سان گڏوگڏ انقلابي فڪر ۽ عمل جي سمورين جزين ڪلين کي سنڀالڻ تائين پکڙيل آهن.

### دارالعلوم جي قائم ڪرڻ جو اعليٰ مقصد

دارالعلوم جي قائم ڪرڻ جو مقصد رڳو هڪ ديني درسگاهه جو قيام نه هو بلڪ اسلام کي نئين سر اپارڻ ۽ ملت جي جياپي جي هڪ جامع تحريڪ هئي. ان ۾ ديني ۽ اسلامي علوم و فنون جي تعليم به ڏني ويندي هئي ته مسلمانن جي ذهني ۽ فڪري اوسر ڪرڻ سان گڏوگڏ مختلف ريتن رسمن جو سڌارو به مقصد هو. اسلام جي تبليغ ۽ ان جي اشاعت هن تحريڪ جو هڪڙو رخ هو ته اسلامي زندگي جو قيام ۽ ملڪ جي آزادي به حاصل ڪرڻ ان جي مقصدن جو ٻيو پاسو هو.

### ديوبندي جماعت ۽ ان جو سلسلو

دارالعلوم جيڪا جماعت تيار ڪئي ان ۾ مختلف صلاحيتن وارا ماڻهو شامل هئا. ظاهر ۾ ڪٿي هو ڌار ڌار ميدانن ۾ ڪم ڪري رهيا هئا پر اندر ئي اندر انهن ۾ هڪ فڪري اتحاد موجود هو. يعني جماعت جون سڀ طاقتون ورهاست واري اصول هيٺ ڪم ڪري رهيون هيون ۽ ان کان اڳتي وڌي ڪري ملڪ جي ٻين اهڙين مذهبي، سياسي جماعتن ۽ ماڻهن سان بهتر لاڳاپا جوڙيا ويا هئا جن جو بنيادي طور تي دارالعلوم جي مذهبي ۽ سياسي مڪتبه فڪر سان تعلق ته نه هو پر ولي اللهي سلسلي جي بزرگن سان عقيدت يا ديني، سياسي ۽ قومي مقصدن ۾ ڪنهن حدتائين اتفاق ضرور رکيائون ٿي. البته اهو ڪم احتياط ۽ رازداري سان هلندو هو تان جو دارالعلوم جي انهن ماڻهن کي به خبر نه هئي جيڪي سياسي ذوق نه رکندا هئا. دارالعلوم ديوبند اسلامي علومن جي پڙهائي، تصنيف تاليف کان سواءِ غلط روايتن ۽ رسمن جي سڌاري لاءِ عظيم الشان خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. پر ان کان سواءِ سندس خدمتن جو دائرو ملڪ جي آزادي، انگريز سامراج کان عوام جي نجات، برطانوي لٽيرن کان پنهنجي ملڪ کي ڇوٽڪارو ڏيارڻ، قومي ۽ سياسي شعور جي تربيت ڪرڻ، قوم ۽ وطن جي ڀلائي ۽ ترقي سان گڏوگڏ سماجي ۽ سياست جي سڀني ميدانن ۾ عوامي زندگي جي سڀني پهلوئن تائين پکڙيل آهي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



## هڪ سوچيل سمجهيل رٿا

دارالعلوم جي مانجهي مردن سياسي زندگي جي مقصدن ۾ ملڪ ۽ قوم جي خدمتن واري ميدان کي رڳو اتفاقي يا حادثي طور اختيار نہ ڪيو هو پر جيئن ملڪ جي ڪن ٻين ادارن جا ماڻهو حالتن جي وهڪري يا ڪنهن سياسي تحريڪ يا شخصيت کان متاثر ٿي ڪري سياسي ميدان ۾ آيا هئا، تنهن ڪري سياسي، سماجي خدمت ۽ برطانوي سامراج کان آزادي دارالعلوم جي بنيادي مقصدن ۾ شامل هئي. دارالعلوم جي بنيادي مقصدن جو اهو رخ ايترو تہ واضح ۽ روشن آهي جو ان تي لکڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي، پر پوءِ بہ هن موضوع تي اهميت ان ڳالهہ جي گهر ٿي ڪري تہ ان مقصد کي خصوصي طور تي نمايان ۽ پڌرو ڪيو وڃي. مولانا مناظر احسن گيلاني دارالعلوم جي قيام جو پسمنظر بيان ڪندي لکي ٿو تہ:

> "جنهن وقت شاملي جي ميدان کان هو پاڻ يعني حضرت نانوتوي ۽ ان جا ٻيا ساٿي بظاهر ناڪام واپس ٿيا هئا تہ يقيناً سندن واپسي قرآن پاڪ جي آيت "متحرفا لقتال او متحيزا الي فئة" يعني جنگ جي لاءِ ٿي پاسيرو ٿي وڃڻ يا ڪنهن ٽولي سان ملڻ وڃڻ لاءِ ٿي سگهي ٿي ۽ يقيناً ان لاءِ ئي هئي."
>
> (سوانح قاسمي ج2، ص 23_222)

اڳتي هلي ڪري دارالعلوم جي قيام کي "جنگ جون نئون محاذ ۽ نئين ميدان جي تياري" جو عنوان ڏيئي مولانا لکي ٿو تہ:

> "1857ع واري هلچل جي ناڪامي ڪانپوءِ جنگ جي نون محاذن ۽ ميدانن جي تياري ۾ سندن "حضرت نانوتوي جو" دماغ مصروف ٿي ويو ۽ دارالعلوم جو تعليمي نظام ان لائحہ عمل جو سڀ کان وڏيڪ نمايان مرڪزي ۽ بنيادي عنصر هو."
>
> (حوالو ساڳيو ص 223)

مولانا محمد ميان صاحب هڪ روايت نقل ڪئي آهي تہ دارالعلوم جي قيام کان پوءِ ان ئي جماعت جي هڪ بزرگ حاجي رفيع الدين صاحب جيڪو دارالعلوم جو ٻيو مهتمم ۽ حضرت شاهہ عبدالغني ﷫ جو خليفو هو. تنهن حضرت حاجي امداد الله مهاجر مڪي کي عرض ڪيو تہ اسان ديوبند ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيو آهي ان لاءِ دعا فرمايو. تنهن تي حضرت





مهاجر مڪي فرمايو تہ:

> "سبحان الله! اوهان چئو ٿا تہ مدرسو اسان قائم ڪيو آهي. اها خبر ڪونہ آٿوَ تہ ڪيترين پيشانيون اسر ويلي سربسجود ٿي ٻاڏائيندين رهيون آهن تہ... اي الله! هندستان ۾ اسلام جي بقا ۽ دين جي حفاظت جو ڪو ذريعو پيدا فرماءِ."
>
> (علماء حق اور ان کے مجاهدانه کارنامے، حصه اول ص71)

مولانا گيلاني "سوانح قاسمي" ۾ ان تي لکي ٿو تہ:

> "ان جو مطلب ان کان سواءِ ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو تہ شاملي جي ميدان کان موٽڻ بعد سوچڻ وارن نہ تہ مايوس ٿي ڪري سوچڻ ڇڏي ڏنو نڪوئي هٿ تي هٿ رکي ويهي رهيا، بلڪ اسلام جي بقا ۽ علم دين جي حفاظت واري نصب العين کي اڳتي وڌائڻ لاءِ انهن جا دماغ تہ فڪرمند رهيا ئي ٿي پر سندن دليون بہ ڪائنات جي مرڪزي طاقت سان لنئون لڳايو ڪنهن "غيبي لطيفي" جي پڌري ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيون هيون." (سوانح تاسي ج 2 ص 224)

ان نئين محاذ جي قائم ٿيڻ جي ڪهاڻي ۾ مولانا گيلاني مرحوم لاءِ الله جاڻي ڪهڙي لذت ۽ مناس رکيل هئي جو هو "سوانح قاسمي" جي وڏي سائز وارن صفحن ۾ صفحي 222 کان 235 تائين بلڪ ان کان بہ اڳتي ان موضوع کي کنيو هليو ويو آهي. ان بيان جا چونڊ ٽڪرا هتي نقل ڪيا وڃن ٿا تہ جيئن دارالعلم جي قائم ڪرڻ جي سببن يا مقصدن جو اهو پهلو پڙهندڙن جي ذهنن ۾ خصوصي طورتي پڪو ۽ پختو ٿي ويهي تہ دارالعلوم جو قيام رڳو هڪ درسگاهہ قائم ڪرڻ جو مامرو نہ هو بلڪ ملڪ جي آزادي، ملت اسلاميہ کي قائم ڪرڻ واري تحريڪ ۽ هندستاني تاريخ جي نئين دور جو هڪ عظيم الشان واقعو هو. مولانا لکي ٿو تہ:

1_ مطلب تہ واپس ورڻ وارو جڏهن وريو هو تہ ڪنهن نئين محاذ جي ئي قائم ڪرڻ ۽ ان جماعت سان پنهنجن لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ جي لاءِ ئي وريو هو جنهن جي ڳڏيل اتحاد کي درهم برهم ڪري اها تمنا رکي ويئي هئي تہ ان ريت انهيءَ جماعت کي هميشہ لاءِ برباد ڪيو ويندو. (ايضاً ص 225)

www.iqbalkalmati.blogspot.com



2ـ سچ اهوئي آهي تہ 1857ع جي ڦڙڦوٽ واري هنگامي دېجي وڃڻ کان پوءِ ڏسڻ وارن ان (حضرت نانوتوي) کي جيڪي ڪجهہ ڪندي پئي ڏٺو سو سڀ ان لاءِ ۽ سندس ورندڙ ساٿين لاءِ ڏنل وائنل ۽ طئي ٿيل طريقہ ڪار هو. پنهنجي پنهنجي وقت تي ان جا فيصلا عملي شڪل وٺندا پئي ويا. جيڪڏهن الله جو موت وارو اٽل قانون هندستاني مسلمانن ۾ ان بزرگ جي وجود کي ڪجهہ وڌيڪ وقت لاءِ مهلت ڏئي ها تہ ڪر ڏسڻ وارا پاڻهي ڏسي وٺن ها تہ اهو شخص ڇا ڇا نہ ڪري ٿو ڏيکاري.

(ايضاً ص 26ـ225)

3ـ مدرسي جي قائم ڪرڻ جي حدتائين هو پاڻ ۽ سندس سنگت پنهنجي رٿيل منصوبي سان گڏوگڏ نئين محاذ جي کولڻ لاءِ رڳو صالح ۽ سجاڻ ذهنن جي ڳولا ۾ لڳي رهي. ديني تعليم جو جامع سرشتو جنهن ۾ عصري گهرجن جي پورائي جو بہ بندوبست ٿيل هجي ان رٿيل منصوبي جو بنيادي جزو هو پر بيهڪ جي حساب سان هڙ موڙي اهائي ڳالهہ هئي تہ ان نئين محاذ جو اهڙو نئون ڍانچو ڪٿي قائم ڪيو وڃي. (ايضاً ص)

4ـ ان نئين محاذ جي باني حضرت نانوتوي جا ديوبند وارن سان ويجهي رشتيداري وارا مائٽاٽا لاڳاپا ابن ڏاڏن کان قائم هئا.

5ـ اهو نئون محاذ جيڪو حضرت نانوتوي شاملي جي ميدان کان واپس ورڻ بعد کولڻ گهريو ٿي ان جا اندروني راز و نياز ۽ مقصد ڪٿي کهڙا بہ هجن پر ان جو ظاهري ڍانچو اهوئي هو تہ مسلمانن جي ديني زندگيءَ جي حفاظت لاءِ ديني تعليم جو هڪ اهڙو نظام قائم ڪيو وڃي جنهن وسيلي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ممڪن حدتائين ديني علم جا علمبردار پکيڙي ڇڏجن. ان نئين تعليمي نظام بابت عرض ڪري چڪو آهيان تہ اسان جي پراڻن عالمن جو آزاد ۽ ڇڙوڇڙ طريقو سيدنا الامام الڪبير وٽ بلڪل ناڪافي هو. پنهنجي ان اصولي نقطہ نظر سبب پاڻ ديني تعليم جو هڪ اهڙو اجتماعي نظام قائم ڪرڻ گهريو ٿي جيڪو وس آهر تعليم جي عصري گهرجن کي پاڻ ۾ سموئڻ ۽ جذب ڪرڻ جي صلاحيت رکندو هجي. (ايضاً ص223)

۽ هاڻ ان حقيقت کي خود شمس العلماء حافظ محمد احمد جي فرزند مرحوم قاري محمد طيب صاحب بہ مڃي ورتو آهي تہ دارالعلوم جي مقصدن





جو دائرو پڙهڻ پڙهائڻ جهڙن عام مقصدن کان مٿاهون بہ هو تہ گهڻو وسيع پڻ. قاري صاحب جو پنهنجو بيان آهي تہ ان تي وڌيڪ ڪنهن تبصري جي ضرورت نہ آهي جيئن قاري صاحب لکي ٿو:

”عام خلق ايئن سمجهندي رهي آهي تہ مدرسي جي باني بزرگن جو تصور رڳو پڙهڻ پڙهائڻ تائين محدود هو تانجو مدرسي جي عمارت جي سنگ بنياد رکڻ تائين بہ اهائي سوچ هئي. جڏهن تہ مدرسي کي قائم ٿئي اٺ نو سال گذري چڪا هئا. اهو وسيع ۽ عالمگير نصب العين عام ماڻهن جي ذهنن ۾ نہ هو جيڪو حضرت قاسم العلوم نانوتوي ۽ سندس جهادي ساٿين جي دلين ۾ ولي اللهي ۽ امداد اللهي فيضن ۽ غيبي اشارن سان موجزن هو. شاملي واري جهاد کان پوءِ تہ اهي مقصد اڃان بہ وڌيڪ طاقت ۽ عزيمت سان اُڀري آيا هئا جن جوسرچشمو حاجي امداد الله ۽ سرواڻ حضرت قاسم العلوم و الخيرات هو. ان ولي اللهي ۽ امداد اللهي تصور ۾ ٻاهران تعليم جو پردو هو پر اندر ئي اندر ان تعليمي لائن وسيلي دين جي سربلندي ۽ مسلمانن جي عالمگير عزت ۽ مان کي ٻيهر حاصل ڪرڻ جهڙا اجتماعي جذبات لڪيل هئا. ان حقيقت کي پڌرو ڪندي مولانا مناظر احسن گيلاني پنهنجي هڪ مضمون ”دارالعلوم ميں بيتے ہوئے دن“ جيڪو ماهوار ”دارالعلوم“ ۾ ڇپيل آهي. تنهن ۾ حضرت شيخ الهند جو هي قول نقل ڪيو آهي:

”ڇا حضرت الاستاذ (حضرت نانوتوي) هن مدرسي کي رڳو پڙهڻ پڙهائڻ لاءِ قائم ڪيو هو؟ مدرسو منهنجي سامهون قائم ٿيو هو. جيتري قدر مون کي ڄاڻ آهي تہ 1857ع واري هلچل ناڪام ٿيڻ بعد هي ادارو ان لاءِ قائم ڪيو ويو هو تہ ڪو اهڙو مرڪز ٺاهجي جنهن وسيلي ماڻهن کي ايترو تيار ڪيو وڃي جو 1857ع واري ناڪامي جو تدارڪ ۽ پورائو ڪري سگهجي.“

مولانا گيلاني حضرت شيخ الهند جي ان قول تي پنهنجي طرفان هي معلوماتي واڌارو ڪري ٿو:

- تنهن ڪري استاد صاحب مدرسي جي ميدان ۾ سپاهہ گري جي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



فن سيکارڻ جو پڻ بندوبست ڪيو هو ته جيئن شاگردن ۾ علم سان گڏوگڏ فوجي روح پڻ پيدا ٿئي.

- قضا جو شعبو به قائم ڪيو هئائون ته جيئن منجهن شرعي حڪمن جاري ڪرڻ جي عادت به پوي.
- ترڪن جي مدد لاءِ ڪوشش ڪرڻ سان گڏوگڏ ترڪي بادشاهه لاءِ قصيدا به لکيائون ته جيئن اسلامي خلافت جي مرڪز سان مدرسي جي شاگردن جو لاڳاپو قائم رهي.
- انگريزي راڄ کان پوءِ اهڙين اجتماعي پارٽين جي تائيد ۽ پنيرائي به ڪيائون ٿي جيڪي انگريزن کان ملڪي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ قائم ڪيون ويون هيون.

حضرت استاد جي وفات کان پوءِ سندس علمي جاءِ نشين حضرت شيخ الهند انهن قومي مقصدن کي اڳتي وڌايو ۽ پوءِ سندس شاگردن هن تعليمي سرشتي کي مضبوط ڪيو پر اجتماعي خدمتن کان ڪڏهن به غافل نه رهيا بلڪ آزاديءَ وارين تحريڪن جي اڳواٽي ڪندا رهيا. انهن جا وڏڙا جيڪڏهن شاملي جي ميدان ۾ انگريزن سان منهن مقابل ٿي وڙهيا هئا ته سندن علمي اولاد انهن ئي انگريزن جو قيد و بند ۽ جيل خانن ۾ مقابلو ڪري رهيو هو ۽ اڄ به حق جي ڳالهه چوڻ ۾ اڳيان اڳيان ئي آهن.

(بحواله مقدمه تاريخ دارالعلوم ديوبند ص 43 کان 45 اشاعت ڪراچي)

## حقيقت جو اعتراف

شمس العلماءَ حافظ محمد احمد جي فرزند محترم قاري محمد طيب مرحوم جو هي بيان ان ڳالهه جو کليو کلايو اقرار آهي ته 1913ع ۾ دارالعلوم ديوبند ۾ جيڪي حالتون پيدا ٿيون هيون ۽ حضرت شيخ الهند جي مقابلي شمس العلماءَ مرحوم جيڪو رويو ۽ انگريز پرستانه پاليسي اپنائي هئي اها بلڪل غلط هئي ۽ مدرسي جي قائم ڪرڻ وارن مقصدن بابت حضرت شيخ الهند جو مؤقف ئي صحيح هو. اهڙي طرح جنهن حقيقت کي 1913ع ۾ ڪوڙو چيو ويو هو پورن 64 سالن کان پوءِ سندس ئي پٽ ان حقيقت کي سچ





تسليم ڪري ورتو. جيتوڻيڪ ان (پٽ) به پنهنجي زماني جي اهم واقعن کي پنهنجي مقدمي ۾ نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي ۽ پنهنجي ڪتاب "مختصر تاريخ دارالعلوم ديوبند" ۾ انهن اهم واقعن تي اصل حقيقت جو پاڇو پوڻ به نه ڏنو اٿس ۽ سيد محبوب رضويءَ کي به جامع "تاريخ دارالعلوم" ۾ جمعيت الانصار قائم ڪرڻ ۾ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي تذڪري ۾ اهڙي انداز فڪر اپنائڻ بلڪ انهن ئي جملن ورجائڻ لاءِ چيو اٿس جيڪي هن پاڻ "مختصر تاريخ" ۾ لکيا هئا. پر تاريخ نيٺ ان حقيقت کي مڃائي ورتو.

پيلا ڪٿي يو پي جي گورنر سرجيمس مسٽن جي خدمت ۾ سپاسنامو پيش ڪري ان ۾ هي فرمائڻ ته:

> اسان جو هڪڙو رڳو هڪڙو ئي مقصد آهي ۽ اهو آهي مذهبي آزادي جي حفاظت ۽ رڳو مذهبي آزادي جي حفاظت. ان کان اڳتي وڌي ڪري ڪنهن سياسي تحريڪ کي رد ڪرڻ يا قبول ڪرڻ اسان جي پراڻي، پڪي پختي ۽ نه بدلجندڙ نظريي کان ٻاهر آهي. جيڪڏهن حڪومت اسلام ۽ ان جي عقيدن ۽ روايتن کي ۽ اسان جي "حقيقي ليبر" کي سچ پچ به عزت ڏئي ٿي ته ان جو هن سان شڪريو ادا نه ڪرڻ يا پنهنجي عمل سان ان لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪرڻ حد درجي جي "ناشڪري" ۽ "معصيت" آهي ۽ ڪٿي انهيءَ شمس العلماءَ جي فرزند سڳوري قاري محمد طيب صاحب جو هي اقرار ته حضرت شيخ الهند انهن قومي مقصدن کي اڳتي وڌايو ۽ پوءِ سندس شاگردن اجتماعي خدمتون سرانجام ڏنيون. آزادي جي سيني تحريڪن ۾ حصو ورتو ۽ انگريزن جي مقابلي ۾ قيد و بند جي زندگي اختيار ڪري سچ ڳالهه چوڻ ۾ اڳيان اڳيان ئي رهيا وغيره وغيره.

بيشڪ دارالعلوم ۾ اهو ڪارنامو سرانجام ڏنو ويو پر حضرت قاسم نانوتوي جي آکهه پٽن پوٽن نه بلڪ سندس شاگردن ۽ علمي جانشين حضرت شيخ الهند ۽ سندس شاگردن مولانا عبيدالله سنڌي ۽ حضرت مولانا حسين احمد مدني وغيره ۽ ان کان پوءِ مولانا مدني جي اولاد خاص ڪري مولانا سيد اسعد مدني جيڪو شمس العلماءَ ۽ سندس آکهه جي اکين ۾ ڪنڊي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



وانگر چيندو رهيو آهي. بهرحال جڏهن نئين محاذ جي قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ته ڪيترن ئي علائقن جا نالا ذهن ۾ آيا هئا. پر هي سعادت ته الله پاڪ اصل کان ئي ديوبند جي قسمت ۾ لکي ڇڏي هئي مولانا سيد محمد ميان، حاجي امداد الله مهاجر مڪي جا هي لفظ نقل فرمايا آهن ته:

”هي ديوبند جي قسمت آهي جو ان جي بي بها دولت کي اها زمين ڦبائي ويئي.“ (بحواله علمائے حق اور ان کے مجاهدانه کارنامے ص71 حصه اول)

### تدريس جو وسيع نظام ۽ ان جو مقصد

ديوبند جي عالي دماغ ۽ سجاڻ بانيڪارن کي ان ڳالهه جي پوري پڪ هئي ته سڄي ملڪ جي اجتماعي زندگي ۾ اتحاد لاءِ رڳو ديوبند جو هڪڙو انقلابي مرڪز ڪافي نه ٿي سگهندو. ان لاءِ ضروري آهي ته ملڪ جي مختلف علائقن ۽ شهرن ۾ اهڙا محاذ ۽ مرڪز کوليا وڃن جيڪي ڪم ته پنهنجي پنهنجي سر ڪن پر سندن فڪري لاڳاپو ديوبند جي انقلابي مرڪز سان ضرور ڳنڍيل هجي تانجو بقول مولانا گيلاني مرحوم جي ديوبند ۾ ان نئين محاذ جي بنياد رکڻ کان سواءِ ديوبند کان ٻاهر به مراد آباد، نگينه، ٿاڻه ڀون، امروهه ۽ سهارنپور ۾ ان جون شاخون سيدنا الامام الڪبير جي پروگرام موجب کلنديون ويون. اهي مرڪز ته دارالعلوم ديوبند جي قائم ٿيڻ کان پوءِ تڪڙو ئي کلي ويا پر پوءِ هي تحريڪ اهڙي ته اچي پکڙي جو ملڪ جو ڪو اهڙو حصو نه هو جنهن ۾ مدرسو هجي پر ان جو لاڳاپو دارالعلوم ديوبند سان نه هجي يا ڪا مسجد هجي جنهن ۾ حضرت نانوتويءَ سان عقيدت ۽ حضرت شيخ الهند سان شاگردي وارو ناتو رکندڙ امام يا خطيب نه هجي ۽ اتي ننڍو توڙي وڏو پڙهائي جو مڪتب نه هجي. خاڪسار (ڊاڪٽر ابوسلمان شاهه جهانپوري) هڪ مضمون ۾ (جيڪو پوري جو پورو تاريخ دارالعلوم ديوبند از محبوب رضوي ڪراچي ايڊيشن ۾ شامل آهي) ان موضوع تي اظهار خيال ڪيو آهي جنهن ۾ ديوبند جي سياسي خدمتن ۽ قومي ۽ ملي زندگي جي شخصيتن سان گڏوگڏ مختلف تحريڪن تي پوندڙ اثرن جو پڻ تفصيلي جائزو ورتو ويو آهي. تنهن ڪري هتي انهن ڳالهين کي ورجائڻ جي ضرورت نه آهي.





باب ٻيون

# دارالعلوم ديوبند جي سياسي سفر جي شروعات

## محمودي دور

حضرت شيخ الهند آڏو دارالعلوم جا تعليمي ۽ سياسي ٻئي پهلو هئا. دارالعلوم جي قائم ٿيڻ واري زماني سان سندس تعلق ويجهڙائي وارو هو. سندس پيءُ مولانا ذوالفقار علي دارالعلوم جي جوڙجڪ، تعمير ۽ ترقي جي سيني مرحلن ۾ مولانا محمد قاسم سان گڏ رهيو هو. حضرت شيخ الهند دارالعلوم جو پهريون شاگرد هو. گهر ۾ توڙي ٻاهر سندس تعليم ۽ تربيت جي نگراني ولي اللهي جماعت جي ڪارڪنن ڪئي هئي. تنهن ڪري هو دارالعلوم جي قائم ڪرڻ ۽ ان جي مول متن کان ڪنهن جي ٻڌائڻ بنان اڳ ئي واقف هو. هو پنهنجي ان ڄاڻ لاءِ ڪنهن اخبار يا ڪتاب جي مطالعي جو محتاج نه هو. هن جي اها ڄاڻ ڪنهن پراسپيڪٽس يا ڪنهن دستاويزي مطالعي تي ٻڌل ڪانه هئي. بلڪ شاملي جي محاذ تان موٽندڙ ۽ قومي ملي مقصدن لاءِ ”نئون محاذ“ کوليندڙ جماعت جي محفلن ۽ راز و نياز وارين جي گڏجاڻين ۽ ڪچهرين مان حاصل ٿيل هئي. حضرت شيخ الهند جي تعليم ۽ تربيت اهڙي ئي ماحول ۾ ٿي هئي ۽ دارالعلوم جي بانيڪار جماعت ڪئي هئي. پاڻ ان جماعت جي نامور ڪارڪنن جو شاگرد ۽ مريد هو. انهيءَ جماعت جي بزرگن کيس قرآن ۽ حديث جا درس ڏنا هئا ۽ ان جماعت ئي کيس شريعت ۽ طريقت جو رمزون سمجهايون هيون. انهيءَ جماعت ئي کيس قومي، ملي ۽ سياست جي رازن ۽ نڪتن کان واقف ڪيو هو. حضرت شيخ الهند کي هڪ ئي وقت مولانا رشيد احمد گنگوهي، حضرت حاجي امداد الله مهاجر مڪي ۽ حضرت قاسم العلوم مولانا محمد قاسم نانوتوي سان بيعت ۽ خلافت جي خلعت به حاصل هئي ۽ انتهائي فخر جوڳي ڳالهه ته اها آهي جو حضرت شيخ الهند انهن ٽنهي بزرگن جو نه رڳو ”مريد“ پر ”مراد“ پڻ هو. حضرت قاسم العلوم سندس تعليم ۽ تربيت تي خصوصي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



توجهه سان محنت ڪئي هئي. حضرت شيخ الهند حضرت قاسم العلوم جو تربيت يافته ۽ تيار ڪيل هو ۽ ڪيس انهن بزرگن جو اعتماد پڻ حاصل هو. مولانا قاري طيب صاحب به ڪيس حضرت قاسم العلوم جو علمي جاءِ نشين مڃي چڪو آهي. هو سائين جن جو مزاج شناس ۽ لڪيل رازن جو امين هو. دارالعلوم جي بانيڪارن ۽ شروعاتي مخلص ڪارڪنن جي سلسلي ۾ جن بزرگن جا نالا اچن ٿا، حضرت شيخ الهند پاڻ اهي هستيون ڏٺيون هيون ۽ انهن کان علمي ۽ روحاني فيض ورتو هو ۽ انهن جي صحبت مان گهڻو ڪجهه پرايو هو.

حضرت شيخ الهند، ديوبند جي عظمت جو داستان اسان پوين وانگر ڪتابن ۾ ڪونه پڙهيو هو بلڪ ان جي عظمت جو نقشو سنڌس اکين اڳيان اجاگر ٿيو هو ۽ پاڻ به ته ان کي عظيم تر بنائڻ ۾ حصيدار رهيو هو. پوءِ تاريخ اهو وقت به ڏٺو جڏهن هو حضرت قاسم العلوم جو علمي جاءِ نشين ۽ سنڌس جماعت جو رهنما ٿيو ۽ دارالعلوم ۾ ڪيس مرڪزي مقام حاصل ٿيو. دارالعلوم جي صدارت ۽ اجتماعي زندگي لاءِ انهن بزرگن جو بلند ڪيل جهنڊو سنڌس هٿ ۾ هو جنهن کي حضرت شيخ الهند پوري همت ۽ قوت سان سڄي ڄمار مٿانهون رکندو آيو.

## عهدِ محموديءَ جو چار خاصيتون

حضرت شيخ الهند جي انهن چئن خاصيتن کي تاريخ وساري نه سگهندي.

1_ حضرت شيخ الهند جي شخصيت ۽ سنڌس ديني ۽ اجتماعي خدمتن سبب دارالعلوم جي تاريخ جو نئون دور شروع ٿئي ٿو.

2_ حضرت شيخ الهند مولانا محمد قاسم جي نه رڳو سياسي تحريڪ کي اڳتي وڌايو پر سنڌس علمي ۽ تعليمي تحريڪ کي به عزت بخشي ۽ ان جي علمي فيض ۽ تعليمي منصوبي کي ڪٿان ڪان ڪٿي پهچائي ڇڏيو.

3_ حضرت شيخ الهند، قاسمي جماعت کي منظم ڪيو ۽ مٿس عمل ۽ انقلاب جو دروازو کولي ان کي هڪ بين الاقوامي تحريڪ بنائي ڇڏيو.

4_ حضرت شيخ الهند، هندستان جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ان تحريڪ جي پروگرامن کي پکيڙيو ۽ مسلمانن جي ان ملي تحريڪ کي پوري هندستان جي قومي انقلابي تحريڪ جو حصو بنائي ڇڏيو.





## جمعيت الانصار جو قيام

تعليم ۽ تربيت واري مرحلي دوران ته ڪافي زماني تائين اها ڳالهه لڪيل رهي پر پوءِ آهستي آهستي سياسي نظرين کي پکيڙڻ ۽ جماعت کي منظم ڪرڻ دوران اهو راز کلندو ويو ته انهن سياسي ڪمن جو مرڪز ۽ انقلاب جو سرچشمو دارالعلوم ديوبند ۽ اهڙي قسم جي تعليم ۽ تربيت جو سڀني کان وڏو استاد ۽ اڳواڻ دارالعلوم جو صدر مدرس مولانا محمود الحسن آهي. ڪيتري زماني تائين ته سنڌس اهو ڪم ايڏي ته رازداريءَ سان سهڻي ريت هلندو رهيو جو خود دارالعلوم جي ڪارڪنن کي به ان جي خبر پئجي نه سگهي هئي. دارالعلوم جي مک باني مولانا محمد قاسم نانوتوي صاحب جو اهو قول ته، "اسان دارالعلوم جي اصل مقصد تي پڙهڻ پڙهائڻ جو پردو وجهي ڇڏيو آهي." هر ماڻهوءَ جي زبان تي ته هو پر سو مقصد هو ڪهڙو؟ ڪٿي ۽ ڪهڙي نموني اڳتي وڌي رهيو هو؟ اها خبر ڪنهن کي ڪانه هئي. حالانڪ اهو ڪم ايتري حدتائين ٿي چڪو هو جو ڪيترن ئي باصلاحيت ماڻهن جي سياسي تربيت مڪمل ٿي چڪي هئي. ملڪ جي سياسي انقلابي شخصيتن ۽ جماعتن سان لاڳاپا قائم ٿي چڪا هئا ۽ ملڪ جي ڪيترن ئي علمي، ديني ۽ انقلابي مرڪزن سان سياسي رابطا بحال ٿي چڪا هئا. دارالعلوم جا ڪيترائي فارغ التحصيل ملڪ جي مختلف علائقن ۾ سياسي ڪم ڪري رهيا هئا. پر سال 1910ع ۾ جمعيت الانصار جي قائم ڪرڻ کان پوءِ جڏهن هي راز هوريان هوريان کلڻ لڳو ته نه رڳو ٻاهرين خلق پر خود دارالعلوم جا به ڪي ماڻهو حيران ٿيڻ سان گڏوگڏ هارجي پڻ ويا. حضرت مولانا عبدالرحيم رائپوري جن جو حضرت شيخ الهند ۽ دارالعلوم سان تمام ويجهو تعلق هو پر ان کي به اها خبر ڪانه هئي ته حضرت استاد پنهنجي خاص خاص شاگردن ۽ مريدن کان جهاد جي بيعت وٺن ٿا، سو جڏهن ڪيس خبر پئي ته ڪين ڏاڍي حيرت ٿي.

## جمعيت الانصار جا مول متا

1909ع ۾ حضرت شيخ الهند، مولانا عبيدالله سنڌي کي دارالعلوم ديوبند گهرايو ۽ جمعيت الانصار جي پليٽ فارم تان دارالعلوم جي پراڻن شاگردن کي منظم ڪرڻ جو ڪم ان جي حوالي ڪيو. جمعيت الانصار جا

www.iqbalkalmati.blogspot.com



مول متا ان ئي زماني ۾ رسالي ”القاسم“ ۾ ۽ هڪ ڪتابڙي جي شڪل ۾ ڇپجي چڪا هئا.[1] جن جو ذڪر ”تذڪره شيخ الهند“ از مفتي عزيزالرحمان ۾ تفصيل سان ۽ ٻين ڪتابن ۾ پڻ موجود آهي پر اسان هتي ”ريشمي خطوط سازش ڪيس“ تان جمعيت الانصار جي انهن ئي مقصدن تي روشني وجهون ٿا.

جمعيت الانصار مولوي عبيدالله جي نظامت هيٺ ڇهن ستن ميمبرن تي ٻڌل ورڪنگ ڪميٽي سان قائم ٿي، هيءَ تنظيم ديوبند ۾ تعليم حاصل ڪيل مولوين جي انجمن طور قائم ٿي آهي تانته:

1_ مدرسي جو انتظام سنڀالي ۽ ان کي بهتر بنائي.

2_ مدرسي جي لاءِ ڏوڪڙ پيسي جو بندوبست ڪري.

3_ ديوبند ۾ جن عقيدن جي تعليم ڏني وڃي ٿي انهن جي تبليغ ڪري ۽ انهن کي وڏائي عام ڪري.

4_ ٻين علائقن ۾ ٻه اهڙا مدرسا قائم ڪري.

5_ سڀني مدرسن کي جمعيت الانصار جي ماتحت ڪري.

6_ ديوبند جي فارغ التحصيل مولين کي اهڙن سڀني مدرسن ۾ موڪليو وڃي.(بحواله ”ريشمي خطوط سازش ڪيس“ مرتب مولانا محمد ميان ص 35_234)

جمعيت الانصار جو قيام مجلس منتظمه جي منظوري سان عمل ۾ آيو. ان ڪري ان جي قيام جي ۽ سندس مول متن جي منظوري به ان ڏني هئي. ان جي ئي فيصلي موجب مولانا حبيب الرحمان عثماني ”نائب مهتمم دارالعلوم“ کي ان جو صدر ۽ مولانا عبيدالله سنڌي کي ناظم بنايو ويو هو ۽ مولانا ابو احمد آف چڪوال ضلع جهلم کي نائب ناظم مقرر ڪيو ويو هو. پر ان جو ڪرتا ڌرتا ۽ باني حضرت شيخ الهند هو. مولانا سنڌي حضرت شيخ الهند جي هدايتن مطابق ئي ڪم ڪندو رهيو. ڪيس حضرت شيخ الهند جو قرب ۽ اعتماد حاصل هو.

[1] قواعد و مقاصد جمعيت الانصار لطلبة المدرسة العربيه الاسلاميه الديوبنديه. منظور ٿيل اجلاس منعقده 13 محرم الحرام 1328هه احمدي پريس علي ڳڙهه. ”قاسم المعارف“ جي نالي سان جمعيت الانصار جون ڪلڪتي ۽ سنڌ ۾ شاخون به قائم ٿيون هيون. ڪلڪتي واري شاخ جو ذڪر ريشمي خطوط سازش ڪيس ۾ به آيو آهي. سنڌ واري شاخ جا قاعدا قانون ڌار ڪتابڙي جي شڪل ۾ مولانا سنڌي مطبع قاسمي مان ڇپائي پڌرا ڪيا هئا.



مولانا عبيدالله سنڌي ﷫ ۽ سندس ڪجهه همعصر

## برطانوي سرڪار جي ڳڻتي

جمعيت الانصار جي مول متن ۾ بظاهر ڪو به اهڙو نڪتو شامل نه هو جنهن مان ان جي ڪن سياسي ارادن جو پڌراءُ ٿيندو هجي. 1910ع ۾ مراد آباد واري ان جي پهرئين اجلاس ۾ جيڪي تجويزون پاس ڪيون ويون هيون انهن مان اندازو ٿئي ٿو ته جمعيت الانصار ڪاليجن جي ”اولڊ بوائز ايسوسيشنز“ کان بلڪل نرالي هئي. ان جي ڪم ڪار جو دائرو به انهن کان گهڻو ڪشادو هو ۽ سندس ڪارڪنن انهن جي ورڪرن کان گهڻو مٿانهان هئا.[1] انگريزن جي بدظن ٿيڻ لاءِ ڪنهن ملڪي تنظيم جو سندن سرپرستي کان سواءِ آزادانه طور قائم ٿيڻ ئي ڪافي هو. مسلمانن جي سڌاري لاءِ سندن تنظيم ۽ نون پراڻن تعليم يافته نوجوانن جي سياسي تربيت ڪرڻ مدرسن جو قائم ڪرڻ، اسلامي مبلغ تيار ڪرڻ جهڙا ارادا ته حڪومت جي بدظني ۽ شڪ کي پڪ ۾ بدلائڻ لاءِ ڪافي هئا. تنهن ڪري حڪومت ان وقت ئي چوڪس ٿي ويئي. مولانا احمد حسن امروهوي کان ان بابت پڇا ڳاڇا ڪئي ويئي ۽ حضرت شيخ الهند جي آمدنيءَ تي ٽيڪس لڳايو ويو. ياد رهي ته ان وقت حضرت دارالعلوم مان صرف 50 روپيا پگهار وٺندو هو.[2]

جمعيت جي قائم ٿئي اڃان ٿورو ئي وقت گذريو هو ته حڪومت کي پڪ ٿي ويئي ته جمعيت الانصار جا رڳو اهي مقصد نه آهن جن جو اعلان ڪيو ويو آهي يا ان جي اجلاس ۾ پاس ڪيل تجويزن مان پڌرا ٿين ٿا بلڪ جمعيت الانصار مسلمانن کي حڪومت خلاف ڀڙڪائڻ لاءِ جوڙي ويئي آهي ۽ ان انجمن جي پردي ۾ مسلمانن کي منظم ڪيو پيو وڃي. جيئن ”ريشمي خطوط سازش ڪيس“ ۾ ان تي روشني وڌي ويئي آهي:

[1] 1910ع واري اجلاس ۾ پاس ڪيل تجويزن جي مطالعي لاءِ ”قواعد و مقاصد جمعيت الانصار“ يا وري ”تذڪره شيخ الهند“ مولانا مفتي عزيزالرحمان پڙهڻ گهرجي.

[2] حضرت شيخ الهند دارالعلوم ۾ جڏهن پڙهائڻ شروع ڪيو هو ته حضرت رشيد احمد گنگوهي جي زور ڀرڻ تي 15 روپيا پگهار مقرر ٿي هئي. پوءِ آهستي آهستي وڌندي وڃي 50 روپيا کي پهتي. حضرت گنگوهي جي وفات کان پوءِ سندن پگهار 75 روپيا ڪئي ويئي. پر ان اضافي کي پاڻ قبول نه ڪيائون. پڇاڙيءَ ۾ ته اها به وٺڻ ڇڏي ڏنائون. 1911ع ۾ جڏهن حضرت جن جي 50 روپيا پگهار تي ٽيڪس لڳايو ويو هو ته ان وقت دارالعلوم جي استادن کان وٺندي مهتممن تائين گهٽن همراهن جون پگهارون حضرت جن جي پگهار کان وڌيڪ هيون پر برٽش حڪومت جي خصوصي نظر عنايت رڳو حضرت شيخ الهند لاءِ وقف هئي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



- تڪڙو ئي مولوي عبيدالله انگريزي پڙهيل نوجوانن کي طالب علم جي حيثيت ۾ گڏ ڪرڻ شروع ڪيو پوءِ اها انجمن اڏو گابري سياسي تنظيم بڻجي ويئي.
- جڏهن بلقان جي جنگ شروع ٿي ۽ ديوبند جي ذمہ دارن ترڪي جي مالي مدد ڪرڻ جي فتويٰ ڏني تہ اوچتو ئي اوچتو جمعيت الانصار پنهنجي اصلي رنگ ۾ اچي حد درجي جي ڪٽر جماعت بڻجي ويئي.
- مولوي، شاگرد ۽ ٻيا ماڻهو مبلغ بڻائي موڪليا ويا ۽ ترڪيءَ جي مدد لاءِ هلال احمر فنڊ ۾ وڏيون وڏيون رقمون گڏ ڪيون ويون.
- غيرملڪي سامان جي بائيڪاٽ جي وڏي زورشور سان تبليغ ڪئي ويئي.
- ان جي شاخ "قاسم المعارف" ڪلڪتي شهر ۾ ڏاڍي سرگرميءَ سان حصو ورتو. تنهن تي مدرسي جي عملي مان سنجيده ماڻهو هوشيار ٿي ويا ۽ اهڙا ختلاف پيدا ٿيا جو عبيدالله کي 1913ع ۾ استعيفا ڏيڻي پئي.

ان ئي ڪتاب "ريشمي خطوط سازش ڪيس" ۾ حضرت شيخ الهند بابت لکيل آهي تہ:

- ان جو گهر اسلامي جهاد جي سازشين جو ٿاڪ ۽ ڳڙهہ هو. هن سرحد پار قبائلي ماڻهن کي جهاد تي پڙڪائڻ لاءِ سيف الرحمان، فضل الرحمان ۽ فضل محمود کي اوڏانهن موڪليو.
- هندستان ۾ اتحاد اسلامي جي سازش ۾ مولانا "محمود الحسن" جي شخصيت جو قائدانہ ۽ مرڪزي ڪردار هو.

## حضرت شيخ الهند جي عظمت

حضرت شيخ الهند مولانا محمودالحسن جن جي شخصيت جو خمير قوم ۽ ملت جي همدردي ۽ خيرخواهيءَ واري مٽي مان ڳوهيو ويو هو جنهن ديوبند جي اسلامي مدرسي ۾ ملت لاءِ قرباني ۽ خيرخواهي جو سبق حضرت قاسم العلوم والخيرات مولانا محمد قاسم نانوتوي وٽ پڙهيو هو ۽ جڏهن





سندس ڄمار ستر سال هئي تڏهن کيس حرم جي پاڙي مان گرفتار ڪري قوم سان محبت ڪرڻ واري ڏوهہ ۾ پورا ٽي سال مالٽا ۾ باندي بڻايو ويو. مولانا آزاد ان بابت لکيو آهي:

> "مولانا مرحوم هندستان ۾ گذريل دور جي عالمن جو آخري يادگار هو. سندس زندگي هن محرومي واري دور ۾ حقاني عالمن جي ڳڻن ۽ فضيلتن جو بهترين نمونو هئي. ان جو آخري زمانو جن سهڻن ڪمن ۾ گذريو سو علماء هند جي تاريخ ۾ هميشہ يادگار رهندو. ستر سالن جي عمر ۾ جڏهن ان جو قدڪاٺ سندس دل جيان پنهنجي پالڻهار آڏو جهڪي ويو هو تڏهن بلڪل حرم جي پاڙي مان کيس گرفتار ڪيو ويو ۽ پورن ٽن سالن تائين مالٽا جي ٻيٽ ۾ نظربند رهيو. هيءَ مصيبت کيس رڳو ان ڪري سر تي سهڻي پيئي جو اسلام ۽ ملت اسلام جي تباهي ۽ بربادي تي سندس خداپرست دل صبر ڪري نہ سگهي. هن سچ جي ويرين جي سڏن ۽ مطالبن مڃڻ کان مڙس ماڻهو ٿي انڪار ڪيو. حقيقت ۾ ان اڳين حقاني عالمن جي سنت کي زندهہ ڪري هندستاني عالمن لاءِ پنهنجو سهڻو ۽ يادگار طريقو ڇڏي ويو." (خطبہ صدارت جميعت علماءِ هند لاهور)

## حقاني عمل ۽ ان جو نتيجو

حضرت قاسم العلوم فڪر جي آزادي ۽ عزيمت جو جيڪو ٻج ڇٽي ويو هو، حضرت شيخ الهند ان ٻلاري فصل جي آبياري ڪئي ۽ ان جي واڌويجهہ ۽ حفاظت وارن ڪمن ۾ پنهنجا ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيا. انهن ئي محنتن جو نتيجو آهي جو سندس وفات ڪئي پاءُ صدي مس گذري تہ برصغير آزاد ٿي ويو ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا کان وسندي وچ ايشيا ۽ ڏکڻ اوڀر آفريڪا تائين ڪيترائي غلام ملڪ هوريان هوريان آزاد ٿيندا ويا ۽ جنهن سامراج جي حڪومت ۾ سج لهندو ئي ڪونہ هو سا سوڙهي ٿيندي وڃي زمين جي هڪ ننڍڙي ٽڪري تي بيٺي. منهنجي خيال ۾ دارالعلوم ديوبند جو محمودي دور ڪو الڳ دور نہ، بلڪ قاسمي دور جو ئي اختتام ۽ تڪملہ آهي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



باب ٽيون

# مولانا سنڌيءَ خلاف اٿاريل الزام ۽ پسمنظر جا واقعا ۽ شخصيتون

ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ دارالعلوم جي قائم ڪرڻ جو هڪڙو مقصد اهو هو تہ 1857ع ۾ مسلمانن جي ناڪامي جو تدارڪ ۽ پورائو ڪيو وڃي. پر جيئن تہ مٿي گذري چڪو آهي تہ دارالعلوم جي ان مقصد تي پڙهڻ پڙهائڻ ۽ تعليم جو پردو وڌيو ويو هو. حضرت مولانا قاسم نانوتوي ۽ ان کان پوءِ سندس علمي فڪري جانشين مولانا محمودالحسن تمام احتياط ۽ پوري رازداري سان ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ آهستي آهستي اڳتي وڌندو رهيو. حضرت شيخ الهند تحريڪ کي وڌائڻ، جماعت کي منظم ڪرڻ ۽ انقلاب لاءِ عملي ميدان ۾ پير رکيو. مولانا عبيدالله سنڌي، حضرت شيخ الهند جو ٻانهن ٻيلي ۽ تمام ڪارائتو سياسي ڪارڪن هو. هو ديوبند ۾ جماعت جي تنظيم، سياسي تعليم ۽ تبليغ کان سواءِ سنڌ ۽ سرحد جي انقلابي ماڻهن ۽ ملڪ جي نئين تعليم پڙهيل نوجوانن سان ميل جول ۽ ملاقاتن جهڙا سڀ ڪم سنڀاليندو رهيو. انهن سڀني ڪمن ۾ کيس حضرت شيخ الهند جو مشورو ۽ رهنمائي حاصل هئي.

جڏهن دارالعلوم جي مهتممن ڏٺو تہ اهي ديوبند ۾ ويهي ڪري برطانوي سرڪار خلاف بغاوت جي هڪ خطرناڪ تحريڪ هلائي رهيا آهن، جنهن کي انگريز ڪنهن بہ قيمت تي برداشت نہ ڪري سگهندو ۽ ان جي ناراضگي سان يقيناً سندن خانداني مفادن کي ڇيهو رسندو تہ انهن هن سياسي تحريڪ جي مخالفت ڪرڻ شروع ڪري ڏني ۽ جيئن تہ بقول مولانا مفتي عزيز الرحمان جي تہ، هو حضرت شيخ الهند جو تہ ڪجهہ بگاڙي نٿي سگهيا تنهن ڪري ”نزلہ برعضو ضعيف“ جي چوڻي موجب مولانا سنڌيءَ کي پنهنجي





مخالفت جو نشانو بنايائون. ان لاءِ هنن هي حربا هلايا:

- سندس ساٿين مولانا شبير احمد عثماني، مولانا انور شاهہ ڪشميري ۽ مولانا غلام رسول خان هزاروي کي ان خلاف برغلائي ان کان ڏار ڪيائون.
- ڪجهہ مسئلن بابت مولانا عبيدالله جي علمي ۽ تحقيقي نقطہ نظر ۽ ڪجهہ ٻين معاملن کي بہ تنقيد جو نشانو بنايو ويو.
- دارالعلوم جي عام فضا کي مولانا سنڌي خلاف هموار ڪيو ويو ۽ سندس ساٿين کي ساڻس ويڙهايو ويو.

ان سلسلي ۾ جيڪي مسئلا اٿاريا ويا اهي هي هئا:

(الف) غيرمسلمن ۾ سري کان تبليغ جو نہ پهچڻ يا ڪماحقہ نہ پهچڻ واري صورت ۾ انهن کان پڇاڻي يا معافي ۽ ڇوٽڪاري جو عقيدو.

(ب) هندو مسلم اتحاد سان ديني مصلحتن کي ڇيهي رسڻ وارو مسئلو

(ج) نئين تعليم پڙهيل ماڻهن کي عزت ۽ مان ڏيڻ سان نيچريت ۽ بي ديني کي وڌائڻ ۽ ان عمل سان ديوبند جي سڃاڻپ کي مجروح ڪرڻ جو الزام.

(د) دارالعلوم ديوبند ۾ مولانا محمد علي جي آجيان ڪرڻ وارو واقعو. توڙي جو هي اختلاف جو مستقل يا اصولي اختلاف تہ ڪونہ هو ۽ نڪوئي ان سان مولانا سنڌيءَ جو ڪو تعلق ۽ لاڳاپو ئي هو پر ان کي خاص اهميت ڏني ويئي ۽ ان واقعي کي مولانا سنڌيءَ خلاف هڪ حربي طور استعمال ڪيو ويو.

(ه) هڪ ٻيو مسئلو جنهن جو تفصيل ايندڙ صفحن ۾ پنهنجي جاءِ تي ايندو.

انهن مسئلن ۽ واقعن جي حقيقت ڇا هئي؟ ڇا مولانا سنڌيءَ و اقعي ڪو اهڙو عقيدو پنهنجي طرفان گهڙيو هو جيڪو ڪفر هجي ۽ ان جي مڃڻ وارو واجب القتل هجي؟ ۽ ڇا ان سچ پچ بہ ڪي اهڙا ڏنڊا ڪيا هئا جن سان علي ڳڙهہ جي نيچرين يا جديد تعليم يافتہ بي دينن کي ڪا طاقت ملي ٿي ۽ جنهن سان ديوبند جي عزت مٿيءَ ۾ ملي ويئي هئي؟ ۽ ڇا واقعي مولانا

www.iqbalkalmati.blogspot.com



محمد علي جي آجيان ۽ آڌرڀاءُ سان دارالعلوم جي عزت ۽ تقدس ڇيهون ڇيهون ٿي ويو هو؟ ايندڙ سٽن ۾ انهن مسئلن ۽ سوالن تي ڌار ڌار موضوع وار بحث ڪيو ويندو.

## ١. مسئله تبليغ

خالص مذهبي حوالي سان رڳو تبليغ جوئي مسئلو هو. ان بابت مولانا سنڌي جو خيال هو تہ اسلام جي دعوت

(الف) حڪمت، ڏاهپ ۽

(ب) سٺي نصيحت سان مشروط آهي.

(ج) بحث ۽ تڪرار جي ضرورت پوي تہ اهو بہ سياڻپ سان ڪجي. وعظ نصيحت ۾ اها شيءِ بہ شامل آهي تہ تبليغ جي دعوت ٻڌندڙن جي ٻولي ۾ ڏني وڃي ۽ انهن جي ذهني ۽ علمي حيثيت موجب تفصيلي يا اجمالي دليل يا مثال کان ڪم ورتو وڃي ۽ انهن جي دل، دماغ ۽ فڪري جذبات کي اپاريو وڃي تہ انهن جي نفسيات کي بہ نظر ۾ رکي پوءِ انهن کي دعوت ڏجي. انهن جي عادتن، طور طريقن، ريتن رسمن، سندن تاريخ ۽ تهذيب کي نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي ڇو تہ انهن سڀني شين جي انساني ذهن تي اهڙي تہ ڌاڪ ويٺل هوندي آهي جو انهن جي حدبندين کي ٽوڙڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. ان کان سواءِ ٻڌندڙن سان پوري دردمندي ۽ سچي همدرديءَ جو مظاهرو ڪيو وڃي. اهي مسلمانن جا اسلامي ۽ شرعي فرض آهن. جيستائين هو اهي فرض پورا نٿا ڪن تہ ڄڻ هنن حجت پوري ناهي ڪئي. قرآن پاڪ ڪنهن جبل يا بيجان شيءِ تي نازل نہ ٿيو هو. اسلام جو داعي عليہ الصلاة والسلام بہ هڏ، چم ۽ سوچ سمجهہ جو مالڪ هڪ انسان هو. پاڻ سڳورن ۾ تمام سهڻا ۽ لطيف انساني جذبات موجود هئا. هو انسانيت جو همدرد ۽ هڏ ڏوکي هو. قرآن حڪيم ٻڌندڙن جي ٻولي ۽ سندن لوڪ ادب جي سهڻي معياري نموني تي نازل ٿيو هو. پاڻ سڳورن ڏاهپ جي سڀني گهرجن جو خيال رکيو ٿي ۽ سٺي نصيحت جا سڀ شرط پورا ڪيا هئا تہ پوءِ حجت بہ پوري ٿي ويئي هئي. جناب نبي ڪريم ﷺ عملي طور عربستان ۾ ۽ اصولي طور پوري عالم انسانيت ۾ حجت پوري ڪري





ڇڏي هئي، ڪائنات پوءِ سندن وارثن يعني عالمن سڳورن کي پوري دنيا جي قومن، ڌار ڌار ملڪن ۾ انهن جي ٻولين جي سهڻي ۾ سهڻي انداز سان وقت جي گهرجن ۽ اتان جي سماجي حالتن ۽ تاريخي تهذيبي ريتن رسمن جي پسمنظر کي ذهن ۾ رکي عوام جي ذهني ۽ فڪري صلاحيتن مطابق اجمال ۽ تفصيل سان دليل ۽ مثال واري نموني کي اپنائي تعليم ۽ تبليغ جي ذريعي حجت پوري ڪرڻي آهي.

اسلام جي وڏي داعي عليہ الصلاة والسلام جي نبوت وارين خصوصيتن ۾ هيءَ ڳالهہ شامل آهي تہ:

(1) قرآن حڪيم جي تعليم ڏيڻ

(2) الله جي نشانين ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ يعني الله جي سڃاڻپ جي تعليم ڏيڻ

(3) ڏاهپ ۽ حڪمت جون ڳالهيون سيکارڻ

(4) دلين جي پاڪائي ۽ اندر اجارڻ. ذهني فڪر کي روشن ڪرڻ، جذبن ۽ خيالن کي پاڪ ڪرڻ ۽ اندر ۾ سعادت ۽ صلح پسندي جو ٻج ڇٽڻ.

(5) خلق کي جهالت مان ڪڍي علم جي روشني ۾ آڻڻ. اهي ڳالهيون ٻڌائڻ جيڪي انهن لاءِ نيون ۽ نامعلوم هجن. ان ۾ آخرت ۾ غيب جون ڳالهيون، عمل جون خاصيتون ۽ انهن جي نتيجن طرف ڌيان ڇڪرائڻ وغيره سڀ شامل آهن.

دعوت ۽ تبليغ جي سلسلي ۾ اهي سڀ ڳالهيون امت محمديہ جي عالمن جي فرضن ۾ شامل آهن. هاڻي جيڪڏهن هو پنهنجي فرضن ۾ ڪوتاهي ڪن ٿا ۽ انسانيت جي ڪنهن طبقي يا قوم کي اسلام جي دعوت کان محروم رکن ٿا تہ انهيءَ ڳالهہ ۾ تہ شڪ ٿي سگهي ٿو تہ الله پاڪ دعوت کان محروم انهن ماڻهن کي بخشي ڇڏيندو يا نہ؟ اها ڳالهہ الله جي علم ۾ آهي ۽ هو پنهنجي فيصلي موجب انهن سان ڪهڙو بہ ورتاءُ ڪري سگهي ٿو. ڇو تہ الله پاڪ قادر مطلق آهي سو انهن مان جن جن کي جهڙي درجي جي تبليغ پهتي هوندي يا نہ پهتي هوندي الله پاڪ کين بخشي ڇڏڻ يا پڇاڻي ڪرڻ بابت انهن سان اهڙي درجي ۽ نموني جو معاملو فرمائيندو. پر ان ڳالهہ ۾ تہ ڪو بہ شڪ شبهو نہ آهي تہ هن امت جا عالم سڳورا اسلام جي دعوت ۽

www.iqbalkalmati.blogspot.com



تبليغ ۾ ڪوتاهي ۽ اڪيوٽ ڪرڻ جا ضرور ڏوهاري ٿيندا ۽ اها به پڪ آهي ته الله پاڪ عالمن جي بي عملي جي سزا دعوت کان محروم ماڻهن کي نه ڏيندو. حڪمت ۽ سهڻي نصيحت جون سڀ گهرجون پوريون ڪرڻ وقت جي داعي حضرات جو ڪم آهي ۽ حق جي قبول ڪرڻ لاءِ ٻڌڻ وارن جي دلين جا دروازا کولڻ جو ظاهري طور سڀ انتظام ڪرڻ به اسلام جي مبلغن جو فرض آهي. اهي سيئي ڪم انهن جي اسلامي ۽ شرعي فرضن ۾ داخل آهن. جيڪڏهن انهن سٺي نموني حجت پوري ڪئي ته پوءِ سندن فرض ادا ٿي ويو. پر جي حجت پوري ڪرڻ ۾ ڪا گهٽتائي رهجي ويئي ته پوءِ هو پهرئين پنهنجي ڪئي لاءِ جوابدار هوندا. مخاطبين کان حق جي قبول نه ڪرڻ جي پڇا پوءِ ٿيندي. حق جي قبول ڪرڻ لاءِ دلين جا دروازا واقعي کولڻ يا نه کولڻ، اهو الله جو ڪم آهي. مبلغ ان ڳالهه جو ذميوار نه آهي ته ماڻهن حق چو ڪونه قبوليو پر انهن تائين حق جي ڳالهه ٺيڪ ٺيڪ نموني پهچائڻ لاءِ بهرحال اهي ئي جوابدار آهن. اسلام جي دعوت ۽ حق جي تبليغ پوري نموني پهچائڻ کان پوءِ به جيڪڏهن ماڻهو اسلام قبول نٿا ڪن ته پوءِ هو اسلامي اصطلاح ۾ ”ڪافر“ آهن. پر جن قومن ۾ وعظ ۽ نصيحت جي شرطن سان دعوت ڏني ئي نه ويئي آهي ته انهن تي ”انڪار“ يا ”ڪفر“ جو اطلاق نٿو ٿي سگهي. هيءَ ڳالهه الله جي انصاف کان بنهه پري آهي ته الله پاڪ انهن کان ان ”ڪفر“ جي پڇا ڳاڇا ڪري جنهن ۾ هنن کي پنهنجي اختياري فيصلي ڪرڻ جو موقعو ئي نه مليو هجي ۽ مٿن معاملي جا ٻئي پهلو پڌرا ئي نه ٿيا هجن. هي چوڻ ته قرآن پاڪ نازل ٿي چڪو آهي ۽ بحر و بر تي الله پاڪ جي حجت پوري ٿي ويئي آهي. تنهن ڪري هر انسان، اسلام کي قبول ڪرڻ يا نه ڪرڻ ۾ پنهنجي سر پاڻ جوابدار آهي عقل کان انتهائي پري جي ڳالهه آهي. هن جڳ جهان ۾ اڄ به ڪيتريون اهڙيون قومون آهن جن تائين علم ۽ تهذيب جي روشني ناهي پهتي. هو جهنگن، بيابانن ۽ جبلن ۾ تهذيب ۽ سڌريل زندگيءَ کان بلڪل پري پنهنجي مخصوص ماحول ۾ فطري زندگي گذاري رهيون آهن. خود هندستان ۽ پاڪستان جي جهنگلن ۽ جبلن ۾ به اهڙيون ڪيتريون ئي قومون آباد آهن جيڪي اڄ ڏينهن تائين علم ۽ تهذيب جي روشني کان محروم ۽ تهذيب ۽ اخلاق جي نالي کان اڻواقف آهن. انهن کان سندن ”ڪفر“ جي پڇاڻي جو ته سوال ئي





پيدا نٿو ٿئي. ها! البت تبليغ ۽ حڪمت ۽ وعظ جي مڙني شرطن سميت پهچائڻ مسلمان علماءِ دين جي فرضن ۾ شامل آهي. انهن کان سندن ڪوتاهي جي پڇا ڳاڇا ضرور ٿيندي. مسلمان خاص ڪري علماءِ حضرات پنهنجي بي عملي ۽ فرضن ۾ ڪوتاهي ڪرڻ سبب اهڙين قومن کي ”ڪفر“ جو الزام نٿا ڏيئي سگهن.

جيتريقدر دعوت ۽ تبليغ ڪرڻ جو سوال آهي ته اها هندستان جي سڌريل قومن ۾ به حڪمت ۽ موعظت جي سڀني شرطن سميت نه ٿي آهي. اسلام جي حقانيت ثابت ڪرڻ ۽ باطل فرقن جي رد ڪرڻ ۾ ڪجهه لٽريچر ڇپائي ڇڏڻ يا گهٽين ۽ بازارن ۾ مناظرا ڪرائي ڪنهن مذهبي مبلغ کي شڪست ڏيڻ هڪ وڏي عملي ميدان جو هڪ ننڍڙو عمل آهي. توڙي جو ڪنهن حدتائين ان عمل جي به اهميت آهي پر دنيا جي قومن ۾ تبليغ واري فرض جي شرعي طور ادائيگي تمام پري جي ڳالهه آهي. جيستائين اسلام جي دعوت و تبليغ جي حق ادا ڪرڻ جو تعلق آهي ته سچي ڳالهه اها آهي ته صحابه جي دور کان پوءِ ان تي ڌيان ئي ڪونه ڏنو ويو. ملڪ فتح ڪيا ويا، قومن تي غلبو حاصل ڪيو ويو. مسلمانن جون حڪومتون جڙيون پر اسلام جي تبليغ ۽ دعوت جو حق نه ملڪن فتح ڪرڻ کان اڳ ادا ڪيو ويو نه پوءِ ان تي ڌيان ڏنو ويو.

بيشڪ صوفي بزرگن پنهنجي انداز سان اسلام جي اشاعت ۾ حصو ورتو پر انهن جي ڪوششن ۽ تحريڪن کي به مسلمان حاڪمن ۽ فاتحن کان ڪو سهڪار نه مليو بلڪ ڪڏهن ته اجا انهن کي مسلمان حاڪمن جا ظلم سهڻا پيا هئا.

مولانا عبيدالله سنڌي مرحوم تبليغ واري معاملي ۾ جيڪڏهن اهڙن خيالن جو اظهار ڪيو هو ته بلڪل صحيح ڪيو هو. پر ان حقيقت کان به انڪار نٿو ڪري سگهجي ته جنهن ماحول ۾ مولانا رهيل هو اتي ان مسئلي کي ڇيڙڻ جي ضرورت بلڪل نه هئي ۽ ان آڏو جيڪي وڏا سياسي مقصد ۽ ڪم هئا تن کي ان بحث مان نه ڪو فائدو پهچي سگهيو ٿي نه ئي پهتو بلڪ سندس ڪمن ۾ پاڻ ڪجهه رڪاوٽون پيدا ٿي پيون.

مولانا ابوالڪلام آزاد کي جڏهن مولانا سنڌيءَ جي خيالن ۽ انهن تي ٿيندڙ بحث ۽ اختلاف جي خبر پيئي ته پاڻ چيائون مسئلو ايئن آهي پر ان

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ڪي ڇيڙڻ جي ضرورت ڪانہ هئي. حضرت شيخ الهند جي تاثرات مان بہ مولانا سنڌي جي ترديد بجاءِ تائيد معلوم ٿئي ٿي. مولانا مناظر احسن گيلاني لکي ٿو تہ:

> ”حضرت شيخ الهند فرمايو ”انفرادي نموني هي ڳالهہ تہ ڪنهن ڪي ڪهڙي درجي تائين تبليغ ٿي آهي ان کي الله پاڪ ئي ڄاڻي ٿو ۽ پڇاڻو بہ اهوئي پنهنجي علم موجب ڪندو انهيءَ جو تفصيلي علم الله کي ئي آهي، اسان لاءِ مجموعي طور ايتري ڳالهہ ڪافي آهي تہ جنهن کي جنهن حدتائين تبليغ ٿي آهي ان کان ان حد تائين پڇاڻو بہ ٿيندو. ڌار ڌار فردن بابت انسان لاءِ هي ٻڌائڻ ناممڪن آهي تہ ڪنهن فرد کي ڪهڙي درجي جي تبليغ ٿي آهي ۽ جڏهن تبليغ جي درجن جو تفصيلي علم اسان وٽ نہ آهي تہ پوءِ پڇاڻي جو تفصيل بہ اسان ڪيئن ٿا ڪري سگهون.“

(ماهنامہ دارالعلوم ديوبند ص 41 جمادي الثاني 1372هہ)

مولانا گيلانيءَ حضرت جن جي ان تقرير کي پوري پني ۽ حرف آخر قرار ڏنو آهي. پاڻ حضرت جن جي جواب ڏيڻ واري انداز کي بہ بيان ڪري ڇڏيو آهي. فرمائين ٿا:

> ”بظاهر ايئن لڳي رهيو هو تہ مسجد جي جلسي وارين تقريرن جون خبرون چارون حضرت جن تائين پهچي چڪيون هيون، جن کان پاڻ گهڻو متاثر هئا. معمول جي ابتڙ حضرت جن ٿورو پاڻ کي سنڀالي متوجهہ ٿيا ۽ ان مسئلي بابت هڪ اهڙي پوري پني تقرير ڪئي جيڪا بندي وٽ حرف آخر جي حيثيت رکي ٿي.“

مولانا گيلاني مرحوم ان مسئلي بابت پنهنجي هڪ اهم ڪتاب ”الدين القيم“ ۾ حضرت شيخ الهند جي درس ترمذي واري انهيءَ صحبت جي حوالي سان ”مسئلہ تبليغ ۽ مواخذه“ جو عنوان ڏيئي ڪري حضرت مجدد الف ثاني جي ڪتاب ”افادات و ڪشف“ ۽ قرآني تفسير جي روشني ۾ هڪ جامع بحث ڪيو آهي ۽ ان ۾ ”حضرت شيخ الهند جو تحقيقي بيان“ جي سري هيٺ بزرگن جي انهن ئي افادات مان دليل پڻ ورتو آهي. پاڻ لکن ٿا:

حضرت مجدد جو ارشاد آهي: ”حضرت حق سبحانه تعالیٰ بكمال رافت و رحمت





خود بندہ را بہ مجرد عقل کہ مجال خطا و غلط در وے بسیار ست بے آنکہ ابلاغ مبین بہ توسط انبياء عليه الصلوات والتسليمات فرمايند در آتش مخلد ساز و عذاب گرفتار سازد۔“

يعني الله پاڪ پنهنجي بي انتها رحمت ۽ مهرباني سببان بندن کي رڳو سندن عقل جي حوالي نٿو ڪري بلڪ ان ئي رحمت ۽ ٻاجهہ جي گهر آهي تہ پيغمبرن جي ذريعي انهن کي پوري پوري تبليغ ٿيڻ بنان ڪنهن کي بہ ابدي آڙاهہ ۾ نہ اڇلائي. حضرت مجدد وڌيڪ لکن ٿا تہ پوري هوش حواس سان جن ماڻهن تائين پيغمبرن جي تعليم صحيح نموني ناهي پهتي يعني واضح نموني تبليغ نہ ٿي آهي انهن بابت جيئن اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو آهي تہ اهي جهنم جو ابدي عذاب ڀوڳيندا تيئن بالفاظ مجدد ”گراں است حکم کردن او را باوجود شرک بخلود جنت“ يعني جن ماڻهن کي پوريءَ ريت تبليغ نہ ٿي آهي انهن بابت اهو فيصلو ڪرڻ بہ ڏکيو آهي تہ اهي ابدي جنت جا مزا ماڻيندا.

## حضرت شيخ الهند جو تحقيقي بيان

ان فيصلي جي مونجهاري جي حوالي سان مولانا گيلاني حضرت مجدد الف ثاني جي هڪ ڪشف جو ذڪر بہ ڪيو آهي پر جيئن تہ عقيدن جي باب ۾ ڪشف کي قطعي دليل جي حيثيت حاصل نہ آهي، تنهن ڪري مولانا گيلاني شيخ الهند جي بيان کي ئي ”تحقيقي“ قرار ڏيندي ان کي ئي هن منجهيل مسئلي جو آخري حل ۽ پروسي جوڳو فيصلو قرار ڏنو آهي ۽ لکيو اٿس تہ ان مسئلي ۾ آخري ڳالهہ جا ڪري سگهجي ٿي سا اهائي آهي جيڪا حضرت شيخ الهند بيان فرمائي آهي. هاڻي توهان پاڻ مولانا گيلانيءَ جو پورو بيان پڙهي ڏسو پاڻ لکن ٿا:

> شايد ترمذي جو سبق هلي رهيو هو سبق پڙهڻ وارن ۾ هڪ مستانو• بہ موجود هو تنهن هڪڙي خاص سبب جي ڪري جنهن جو لاڳاپو هڪ وقتي مسئلي سان هو ڪجهہ اهڙي نموني جو سوال ڪيو. جواب ۾ حضرت استاد جن جيڪا ڳالهہ بيان فرمائي تنهن مهل تہ ان جي قدر ۽ قيمت جو ايترو اندازو نہ هو پر جڏهن مستي جا ڪجهہ نوان ميدان پارڪيا سين تڏهن وري اها

---

• حضرت گيلاني جو اشارو پاڻ ڏانهن آهي. ا. س. ش

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ڳالهہ ياد آئي ۽ اها ئي ڳالهہ هن فقير وٽ ان منجهيل مسئلي جو آخري حل آهي. پاڻ فرمايائون:

تبليغ جي درجن ۾ فرق آهي هڪ تبليغ ابوبڪر صديق ۽ عمر فاروق کي نصيب ٿي هڪڙي تبليغ عام صحابن کي ٿي پوءِ اهڙي ئي نموني تابعين تبع تابعين کان ٿيندي ٿيندي اڄ اسان جهڙن تائين پهتي آهي. بيشڪ اسان تائين بہ تبليغ پهتي پر جهڙي تبليغ ابوبڪر و عمر جهڙن صحابن کي پهتي، اسان تائين پهتل تبليغ ان درجي جي نہ آهي. وري جن انڪار ڪيو انهن ۾ هڪڙو انڪار ابوجهل جو آهي ۽ هڪڙو انڪار فرض ڪريو هندستان جي ڪنهن ڳوٺڙي جي ڏنار جو آهي. ظاهر آهي تہ تبليغ جي حوالي سان ٻنهي جو درجو ساڳيو نہ آهي تہ هي پهريون مقدمو ٿيو. ٻيو مقدمو هي آهي تہ الله جي پڪڙ جا درجا بہ ڌار ڌار آهن يعني جنهن کي جهڙي درجي جي تبليغ ٿي آهي ان کان پڇاڻو بہ ان جهڙو ٿيندو.

حضرت استاد جن وڏيڪ فرمايو تہ بس اهو قانون ياد رکڻ گهرجي تہ جنهن کي جنهن درجي جي تبليغ ٿي هوندي ان کان الله جو پڇاڻو بہ ان درجي جو ٿيندو ۽ سندس پڪڙ بہ ان حساب سان ٿيندي. هي تہ هڪ ڪليو قانون ٿيو. پر جزين تي ان ڪليي قانون کي ڪيئن لاڳو ڪيو وڃي يعني شخصي طور هي ٻڌائڻ تہ ڪنهن کي ڪهڙي درجي جي تبليغ ٿي آهي ۽ ان جو پڇاڻو ڪهڙي درجي جو ٿيندو؟ ظاهر آهي ٻنهي "تبليغ ۽ پڇاڻي" جا درجا اڻ ڳڻيا آهن ۽ انهن جو پورو علم الله وٽ ئي آهي ۽ ان جوئي علم فيصلي لاءِ ڪافي آهي. اسان کي رڳو ايترو مڃڻو آهي تہ جهڙي تبليغ هوندي پڪڙ ۽ پڇاڻو بہ اهڙو ئي ٿيندو. ايئن بہ بلڪل ٿي سگهي ٿو تہ هڪڙو ماڻهو يورپ ۾ هجي پر هن پنهنجي ڳولا ڦولا سان پنهنجي تبليغ جو درجو وڌائي ڇڏيو هجي. هڪ ٻيو ماڻهو مسلمانن ۾ رهندي بہ جهالت ۽ غفلت سبب تبليغ کان محروم رهجي ويو هجي جيئن هندستان ۾ ڪيترين ئي هندو قومن جو حال آهي، تنهن ڪري آخري فيصلو تہ الله ئي





ڪري سگهي ٿو تہ ڪنهن کي ڪهڙي درجي جي تبليغ ٿي آهي. هائو اسين رڳو ايترو ڄاڻو ٿا تہ تبليغ جي جنهن درجي تي پهچي ڪري هن انڪار ڪيو آهي ڪانئس پڇاڻو بہ ان درجي جو ڪيو ويندو.

ان بيان کان پوءِ مولانا گيلاني انتهائي ذميواريءَ سان هي بہ وضاحت ڪري ٿو ڇڏي تہ:

ظاهر آهي تہ هي واقعو لڳ ڀڳ اٺاويهہ اوڻٽيهہ سال اڳ جو آهي، تنهن ڪري هوبهو سائين جن جا لفظ تہ آءٌ ادا ڪري نہ سگهيو آهيان پر انشاءَ الله مفهوم اهوئي آهي. مون سان گڏ ان سبق پڙهڻ وارا ساٿي جيڪڏهن دنيا جي ڪنهن حصي ۾ هوندا تہ اهي ان جي شاهدي ڏيندا.

پڇاڙي ۾ مولانا گيلاني حضرت شيخ الهند جي ڏنل جواب بابت پنهنجي پختي يقين جو وڏيڪ اظهار بہ ڪري ڇڏيو آهي. مولانا لکي ٿو:

"ڪٽي چا بہ ٿئي پر اها ڳالهہ يقيني طور پڪي ٺڪي ۽ پختي آهي. ان سلسلي ۾ جيڪا آخري ڳالهہ ڪري سگهجي ٿي سا اها ئي ٿي سگهي جا حضرت مجدد جي ڳالهہ مون کي پوءِ ملي. سورة الفاتحہ جي ٽن ٽولن واري تفسير • ڏانهن ڌيان بہ پوءِ ويو. افسوس ان ڳالهہ جو ٿيو تہ اهي شيون ان وقت موجود هجن ها تہ حضرت استاد جن کان ڪجهہ وڌيڪ پرائڻ ۽ سمجهڻ جو موقعو ملي ها. پر شاگرديءَ واري زماني ۾ ڄاڻ ئي ڪهڙي هوندي آهي. اها بہ غنيمت ٿي جو سائين جن کان سوال ڪيم ۽ جواب بہ ڪنهن نموني دماغ ۾ محفوظ رهيو جيڪو الحمدلله اڄ ڪم آيو. مسلمانن ۾ اڄڪلهہ هڪڙو وڏو طبقو اهڙو پيدا ٿيو آهي جن جي دلين ۾ اهو سوال اٿندو آهي. انشاءَ الله حضرت استاد جو اهو جواب انهن کي مطمئن ڪري ڇڏيندو.

• الدين القيم ۾ حضرت گيلاني غير المغضوب عليهم والظالين جو انتهائي فڪر انگيز تفسير بيان ڪيو آهي خاص طور "ضلالت" جي مراد ۽ ان جي درجن تي تمام لاياٺتو بحث ڪيو آهي پر ڊيگهہ جي ڪري ان کي هتي نقل نٿو ڪريان جن دوستن کي تفصيلي مطالع جو شوق هجي انهن کي ڪتاب الدين القيم پڙهڻ گهرجي. ا. س ش

www.iqbalkalmati.blogspot.com



يقين ڪرڻ گهرجي ته مولانا سنڌي مرحوم پنهنجي پياري استاد حضرت شيخ الهند جي مرضيءَ خلاف ۽ ان کان اڳتي هڪ حرف به نه چيو هوندو ۽ جيڪڏهن حضرت شيخ الهند جو اهو بيان ان مسئلي ۾ حرف آخر جي حيثيت رکي ٿو ته گهٽ ۾ گهٽ مڪتبه فڪر ۾ مولانا سنڌي جو فڪر به حرف آخر جي ئي حيثيت رکي ٿو ۽ حضرت انور شاهه ڪشميري جي معذرت ۽ پنهنجي غلط فهمي جي اقرار يقيني طور اهو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته مولانا سنڌيءَ جو مسلڪ ۽ موقف ئي سچو ۽ صحيح هو. مولانا ڪشميري کي جيئن ئي خبر پيئي ته مولانا سنڌي ڪابل کان روس ۽ ترڪي کان پوءِ حجاز پهچي ويو آهي ته هڪ وسيلي ڪانئن معافي گهري هئي. ان سلسلي ۾ جيڪا روايت اسان آڏو آهي سان ڪيترن ئي ڪتابن ۽ مضمونن ۾ آيل آهي پر جنهن صحيح روايت جو سال سميت سندس بنيادي ماخذ مان حوالو ڏنو وڃي ٿو سا "البرهان" ۾ مولانا سعيد احمد اڪبر آبادي 1945ع ۾ بيان ڪئي آهي. مولانا لکي ٿو:

> 1928ع ۾ جڏهن مولانا سنڌي حجاز ۾ ترسيل هو تڏهن اسان جو دوست مولانا حفظ الرحمان صاحب سيوهاروي حج تي وڃي رهيو هو ۽ حضرت الاستاذ مولانا سيد محمد انور شاهه صاحب جي خدمت ۾ موڪلائڻ لاءِ حاضر ٿيو ته حضرت شاهه صاحب روئڻ هارڪو ٿي انتهائي ڏکويل آواز ۾ فرمايو ادا! مڪي ۾ مولانا عبيدالله صاحب کي منهنجا گهڻا گهڻا سلام چئجو ۽ نياپو به ڏجوس ته اوهان جي ديوبند ۾ رهڻ واري وقت ۾ آءٌ اوهان لاءِ تڪليف جو سبب بنيو هوس, ان وقت مون کي اصل حالتن جي خبر نه هئي هاڻي جڏهن اصل حقيقت جي خبر پيئي آهي تڏهن ڏاڍو لڄي ۽ پشيمان ٿيو آهيان. هاڻي آءٌ اوهان کي پڪ ٿو ڏياريان ته منهنجي دل ۾ اوهان لاءِ ڪا به ميراڻ نه آهي ۽ اميد ٿو ڪريان ته اوهان به منهنجي لاءِ پنهنجي دل ۾ ڪا به خلش ۽ ڇين نه رکندا.

(بحواله البرهان دهلي اپريل 1645ع ص 95)

حضرت مولانا ڪشميري جن جو روئڻ, نير وهائيندي معافي گهرڻ ۽ پنهنجي طرفان تڪليف ڏيڻ جي اقرار ڪرڻ سان گڏوگڏ ان وقت مولانا سنڌيءَ خلاف ڀڙڪايل هنگامي ۽ فتويٰ بازيءَ جي اصل پسمنظر کان اڻڄاڻ





هجڻ ۽ پنهنجي غلطي مڃيندي اصل حقيقت کلڻ کان پوءِ لڄي ۽ پشيمان ٿيڻ ۽ اڳتي مولانا سنڌي لاءِ دل صاف رکڻ وارو عمل مولانا سنڌي جي فڪري دامن کي گمراهي جي داغ کان ته پاڪ ڪري ٿو ڇڏي پر خود حضرت ڪشميري جي سيرت ۽ اخلاقي عظمت جو اهڃاڻ ۽ ثبوت پڻ آهي. افسوس جو ان هنگامي ۾ شريڪ ٻين ساٿين کي اهڙي توفيق نصيب نه ٿي!!

جيڪڏهن مسئلو ڪنهن درجي ۾ هو به سهي ته به هڪ علمي مسئلو هو. اسلام جي بنيادي عقيدن سان ان جو ڪو واسطو نه هو. ان مسئلي ۾ مخالف ڌر جي خيال کي ئي ڪٿي صحيح مڃجي تڏهن به ان کي ڪفر ۽ اسلام جي ڪسوٽي قرار نٿو ڏيئي سگهجي. هي ڳالهه انتهائي ڏکوئيندڙ ۽ زيادتي واري هئي ته مولانا سنڌي مرحوم کي واجب القتل قرار ڏنو وڃي ۽ رڳو ان بنياد تي ڪيس ديوبند مان نيڪالي ڏني وڃي. پر ايئن هو ڪٿي؟ ان معاملي کي ته رڳو مولانا سنڌيءَ کي ديوبند مان ڪڍڻ لاءِ بهانو بنايو ويو هو. اصل حقيقت ته ڪا ٻي ئي هئي.

مفتي عزيزالرحمان بجنوري صاحب لکي ٿو ته:

> پر سوال اهو آهي ته جيڪڏهن هي سڀ علمي اختلاف هئا ته ڇا اهي اختلاف اهڙا هئا جن جي ڪري هڪڙي سرگرم ڪارڪن کي وڃائي ڇڏجي؟ ڇا اهي حالتون رڳو مولانا سنڌيءَ جون پيدا ڪيل هيون؟ جيڪڏهن ٿورو غور ڪري ڏسجي ته اصل تحريڪ جو پرچارڪ حضرت شيخ الهند هو پر ان سان ٽڪر ڪير کائي. حقيقت هيءَ آهي ته جمعيت الانصار جي پروگرام ۽ ان جي تجويز سان جتي انگريز هنگ ترڪان ۾ اچي ويا هئا اتي دارالعلوم جي مهتممن جي چڙواڳ حڪومت کي به زوردار ٺوڪر پئي لڳي. جنهن لاءِ هنن اهو طريقو اپنايو ته مولانا عبيدالله سنڌيءَ تي علمي ۽ مذهبي الزام مڙهي ان کي دارالعلوم کان ڌار ڪري ڇڏجي.

(بحواله "تذڪره شيخ الهند" ص 175)

ان مان اندازو ٿي وڃي ٿو ته اهو سچ پچ به ڪو علمي مسئلو نه هو بلڪ مولانا سنڌي کي ديوبند مان ڪڍڻ لاءِ رڳو هڪڙي ڪيڏ ڪيڏي ويئي. اهوئي مفتي صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته:

www.iqbalkalmati.blogspot.com



دارالعلوم جي مهتمم مولانا سنڌي جي انهن سرگرمين کي پاڻ لاءِ ۽ دارالعلوم لاءِ خطري جي گهنٽي سمجهيو ٿي ۽ هو ان خطري کي پنهنجي سر ڪٽڻ لاءِ بلڪل تيار نه هئا تنهن ڪري هنن مولانا سنڌيءَ خلاف به ٿي مسئلا اٿاريا هئا تان ته ڪيس دارالعلوم ديوبند مان اهو چئي ڪري ڪڍيو وڃي ته هو بزرگن جي مسلڪ تان ڦري ويو آهي يا ڀٽڪي ويو آهي ۽ سندس نظريا ۽ خيال گمراه ڪندڙ آهن. تنهن ڪري اهڙي ماڻهو جو دارالعلوم ۾ رهڻ شاگردن لاءِ هاڃيڪار آهي. اهڙيءَ ريت مدرسي جي مهتمم ڪجهه مسئلا پيدا ڪري مولانا انور شاهه ڪشميري ۽ مولانا شبير احمد عثماني کي مولانا عبيدالله سنڌي سان ويڙهائي وڌو ۽ ديوبند ۾ انهن ٽنهي بزرگن ۾ مناظرو ٿيو جيڪو حقيقت ۾ مولانا کي ڪڍڻ لاءِ رڳو هڪ بهانو هو. تنهن ڪري مولانا سنڌي خلاف هڙ بونگ مچائي پوري ملڪ ۾ سندس پوزيشن کي مجروح ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي ويئي. (بحواله تذڪره شيخ الهند ص 174)

حضرت شيخ الاسلام مولانا سيد حسين احمد مدنيءَ مهتمم بابت گهڻي حسن ظن کان ڪم ورتو آهي. پر پوءِ به ڪيس ميڄٺو پئجي ويو آهي ته مولانا سنڌي ۽ دارالعلوم جي ٻين عالمن ۾ اختلاف هٿرادو طور پيدا ڪيا ويا هئا حقيقت ۾ ڪو به مسئلو نه هو. مولانا مدني جو پورو بيان پڙهو پاڻ لکن ٿا ته:

حقيقت هيءَ هئي ته دارالعلوم ديوبند جي مهتمم اڳيان دارالعلوم جي بقا ۽ حفاظت جو مسئلو سڀ کان وڏو ۽ اهم مسئلو هو. 1857ع جي واقعن ۾ ان کان پوءِ واري انگريزن جي پاليسي انهن اڳيان هئي. مولانا سنڌيءَ جي سرگرمين کي هنن نه رڳو دارالعلوم ديوبند لاءِ پر عام مسلمانن لاءِ به نقصانڪار سمجهيو ٿي ۽ پنهنجي پر ۾ ضروري سمجهيائون ٿي ته مولانا سنڌي جو هن مرڪز سان ڪو لاڳاپو نه رهي. ان زماني ۾ وري اتفاق سان ڪجهه علمي مسئلن ۾ مولانا سنڌي ۽ دارالعلوم جي ٻين عالمن وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيو. ان اختلاف کي بنياد بنائي مولانا سنڌيءَ کي دارالعلوم ديوبند مان ڪڍيو ويو. جيئن رولٽ ڪميٽي رپورٽ ۾ ان ڏي اشارو موجود





آهي.• جيتوڻيڪ انهيءَ اختلاف دارالعلوم جي استادن، ملازمن ۽ شاگردن کي مولانا سنڌي کان پري ڪري ڇڏيو هو پر حضرت شيخ الهند سان مولانا سنڌي جي لاڳاپن ۾ ڪو به فرق نه آيو هو لڪ ڇپ ۾ اچ وڃ جاري رهي. رات جو اونداهين ۾ ديوبند کان ٻاهر ملاقاتيون ٿينديون رهيون ۽ ضروري ڳالهيون ٻولهيون طئي ٿينديون رهيون. (نقش حيات ص 151)

حضرت مدنيءَ جن "نقش حيات" ۾ ئي هڪڙي جاءِ تي حاشيي ۾ انهن مسئلن کي "مسائل مختلفه فيها" جي نالي سان لکيو اٿن. تنهن ڪري انهيءَ معاملي ۾ مهتمم سان وڌ ۾ وڌ جيڪا رعايت ڪري سگهجي ٿي سا اها ٿي ڪري سگهجي ٿي ته انهن مسئلن کي اختلافي مسئلا قرار ڏيئي ڪري انهن کي اختلاف ڪرڻ جو حق ڏجي، پر هتي به مهتمم جي زيادتي اها آهي جو انهن مسئلن ۾ مولانا سنڌيءَ کي اختلاف راءِ جي حق ڏيڻ بدران مرڳو سندس تضليل ۽ تڪفير ڪرائي. جيڪڏهن مسئلا واقعي به اختلافي مسئلا هئا ته پوءِ انهن ۾ اختلاف گمراهي ۽ ڪفر ڪيئن ٿيو؟ تنهن ڪري حضرت شيخ الاسلام ان تضليل، تڪفير ۽ ديوبند مان نيڪالي جي اصل سبب ڏي به اشارو ڪري ڇڏيو آهي. پاڻ لکن ٿا ته:

ڪجهه اختلافي ديني مسئلا وچ ۾ آندا ويا ۽ مولانا سنڌي کان ٻن اهم همعصر عالمن کي بدظن ڪيو ويو ۽ اختلاف جي ڪري ئي مولانا سنڌي کي ديوبند مان نيڪالي ڏني ويئي. انهن مان هڪڙي بزرگ کي پنهنجي غلطي جو احساس ٿيو ۽ ان مولانا سنڌي کان معافي ورتي. بهرحال مولانا جي نيڪال جو اصل سبب اهو معاملو آهي جنهن لاءِ يوپي جو گورنر مسٽن دارالعلوم ديوبند ويو هو ۽ مهتمم کي شمس العلماء جو خطاب ڏنو هو.

(بحواله نقش حيات حصه 2 ص 244)

حضرت شيخ الاسلام جو اهو حاشيو رولٽ ڪميٽي جي ان فقري تي آهي ته:

• رولٽ ڪميٽي جي رپورٽ جو اهو تحقيقي حصو هن ڪتاب ۾ ستون باب بنائي مڪمل پيش ڪيو ويو آهي. ا. س.ش

www.iqbalkalmati.blogspot.com



عبيدالله گهريو ٿي تہ ديوبند جي مشهور معروف مدرسي جي فارغ التحصيل مولوين جي مدد سان سڄي هندستان ۾ برطانيہ خلاف هڪ عالمگير اسلامي تحريڪ هلائي پر مهتمم ۽ شوريٰ جي ميمبرن ان کي ۽ ان جي ڪجهہ ساٿين کي مدرسي مان ڪڍي ان تجويز کي اتي اڌ ۾ ئي ختم ڪري ڇڏيو. (نقش حيات ص 240)

جيڪڏهن واقعي بہ ڪو اسلامي مسئلو هجي ها يا دارالعلوم کي ڇيهي رسڻ جو ڊپ هجي ها تہ اهو هن نموني بہ سهڻي ريت نبري پئي سگهيو تہ اهو سڄو مامرو حضرت شيخ الهند جي خدمت ۾ پيش ڪيو وڃي ۽ ديني مسئلي جي حيثيت ۾ حضرت جن جو هڪ اشارو ئي مولانا سنڌيءَ جي رجوع لاءِ ڪافي ٿي وڃي ها ۽ جيتري قدر دارالعلوم ديوبند کي ڇيهي رسڻ وارو سوال آهي تہ حضرت شيخ الهند بہ مدرسي جو ڪو دشمن تہ ڪو نہ هو اهو مدرسي جي حفاظت سان گڏوگڏ تحريڪ هلائڻ جي بہ ڪا صورت ڪڍي وٺي ها. مولانا سنڌي کي روڪي ڇڏن يا سندس جدوجهد کي ڪن حدن ۾ پابند ڪري ڇڏي ها يا جيئن پوءِ ڪيائون جو ان جو مرڪز بدلائي ڇڏي ها. پر لڳي ٿو تہ مهتممن ماڳهين حضرت شيخ الهند کي اعتماد ۾ وٺڻ کان سواءِ مولانا سنڌي خلاف محاذ قائم ڪري ڇڏيو هو ۽ حضرت شيخ الهند جي ئي ڪن شاگردن کي مولانا خلاف استعمال ڪيو ۽ ان جي احتساب لاءِ ڪنهن اهڙي ڏينهن جو انتظار ڪيو جنهن ڏينهن حضرت شيخ الهند ديوبند ۾ نہ هجي. مولانا جي ڪن خيالن کي ڪافراڻا خيال سڏي کيس واجب القتل قرار ڏنائون. جڏهن تہ مولانا سنڌي انهن خيالن کان رجوع ڪيو هو توبہ بہ ڪئي پر ان جي توبہ قبول ٿي، نہ ئي ان جي رجوع کي قبوليو ويو. هنن مولانا سنڌيءَ کي نہ رڳو مدرسي مان نيڪالي ڏني پر ان تي پوري ديوبند جي سرزمين سوڙهي ڪري ڇڏيائون ۽ ڪيس ديوبند مان نڪري وڃڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. مدرسي جي مهتممن رڳو ان تي بہ بس نہ ڪئي پر حضرت شيخ الهند جي خلاف پڻ سازشن جو ڄار وڇائي ڇڏيائون ۽ ان جي سرگرمين جي جاسوسي ڪري حڪومت کي ان جي معلومات ڏيندا رهيا. حڪومت کي حضرت شيخ الهند جي گرفتاري جي صلاح ڏنائون. شمس العلماء مولانا محمد احمد ”مهتمم دارالعلوم ديوبند“ جاسوسي لاءِ بذات خود دهلي تائين حضرت شيخ الهند سان گڏ سفر ڪيو ۽ پنهنجي مريد





ڊاڪٽر انصاري جي زال وسيلي جاسوسي ڪئي. ڊاڪٽر صاحب ۽ حضرت جي وچ ۾ ٿيل ڳالهہ ٻولهہ جي موضوع ۽ تفصيلات معلوم ڪرڻ جو ان کي وسيلو بنايو. عبدالاحد نالي هڪ همراهہ کي جاسوسي لاءِ حضرت شيخ الهند سان گڏ حجاز موڪليو ويو. جڏهن اهو واپس آيو تہ ان کان مليل معلومات ضلع سهارنپور جي ڪليڪٽر ذريعي يوپي جي گورنر تائين پهچائي وئي. ديوبند جي حالتن ۽ حضرت شيخ الهند جي ڪمن ڪارين ۽ سرگرمين بابت ماهوار رپورٽون ڏنيون ويون ۽ تمام ڦڙتائيءَ سان انگريزن جي وفاداري وارا ڪم هڪ هڪ ڪري پورا ڪيا ويا ۽ انهن خدمتن جي بدلي ۾ ئي شمس العلماء جي خطاب ماڻڻ سان گڏوگڏ روڪڙي انعام، جاگيرون ۽ ماهوارا وظيفا حاصل ڪيا ويا ۽ جڏهن محسوس ڪيو ويو تہ انهن انعامن ۽ اعزازن هوندي دارالعلوم ديوبند جي مهتممي وارو منصب خطري ۾ پئجي ويندو ۽ دارالعلوم جي خاموش ردعمل کي منهن ڏيڻ بہ ڏکيو ٿيندو تہ رياست حيدرآباد (دکن) ۾ مفتي اعظم جي عهدي تي فائز ڪيو ويو. برطانوي مفادن جي حفاظت ۽ چوڪيداريءَ وارا هي سڀ ڏنڊا حضرت قاسم العلوم نانوتوي جي قائم ڪيل دارالعلوم يا ان ”نئين محاذ“ ۾ ڪيا ويا جيڪو حضرت نانوتوي شاملي جي جهاد واري ناڪامي جي پورائي لاءِ قائم ڪيو هو. هي ڏنڊا نہ رڳو 1909ع کان 1915ع تائين حضرت شيخ الهند جي ڏينهن ۾ ڪيا ويا پر شيخ الاسلام مولانا مدنيءَ جي زماني تائين بہ پوري باقاعدگي سان ٿيندا رهيا. نہ رڳو ايترو پر دارالعلوم کي ملڪ جي آزاديءَ واري هلچل کان الڳ ٿلڳ رکڻ جون ڪوششون ڪيون ويون ۽ آزادي واري جدوجهد ۾ وقت بوقت رڪاوٽون پڻ وڌيون ويون. مالٽا جي قيدين جي آزادي لاءِ ڪيل ڪوشش ۾ بہ مهتممن پنهنجي روبي سان گهڻو مايوس ڪيو. جڏهن آزادي پسند جماعتن مالٽا جي قيدين جي آزادي لاءِ تحريڪ هلائي ۽ ڊاڪٽر انصاري، پنهنجي سيڪريٽري عبداعلي خان رامپوري کي دارالعلوم جي سهڪار حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ياداشت تي دستخط ڪرائڻ لاءِ موڪليو تہ نہ رڳو ٽال مٽول کان ڪم ورتو ويو پر پوري هفتي جو انتظار ڪرائڻ بعد خان صاحب کي مايوس موٽائي ڇڏيو. اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ ان سلسلي ۾ مهتمم صاحب پاڻ هڪ وفد وٺي ڪري هز آنر گورنر يوپي جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ حضرت شيخ الهند ۽ سندس ساٿين جي آزاديءَ لاءِ

www.iqbalkalmati.blogspot.com



عرض ڪيو هو. پر ڇا انهن جي چاپلوس ۽ خوشامدي طبيعتن کان اها اميد ڪري سگهجي ٿي ته انهن واقعي به حضرت شيخ الهند ۽ سندس ساٿين جي آزادي جو مطالبو ڪيو هوندو؟

انهن خوشامدي زبانن تي اهڙي وقت ۾ جيڪا ڳالهه اچي سگهي هوندي سا به هن کان وڌيڪ نه هوندي ته حضور! سياسي جماعتون، مذهبي انجمنون، ديني ادارا، عوام هندو توڙي مسلمان سڀ محمود الحسن جي آزاديءَ جو مطالبو ڪري رهيا آهن. صوبي جي ليجسليٽو اسيمبلي وائسراءِ هند جي ڪونسل ۾ سوال اٿاريا پيا وڃن. خود دارالعلوم ۾ بيچيني وڌي رهي آهي ۽ حضور جي وفادارن لاءِ مشڪلاتون وڌي رهيون آهن. تنهن ڪري ان جي قيد نظربندي تي حضور جن همدرديءَ سان غور فرمائين. شايد هيئن به چيو هونداٺون ته الله پاڪ عظيم جنگ اول ۾ برطانيه کي سوڀ نصيب ڪئي آهي. ترڪي کي سندس مٿي ڦريائي جي سزا ملي آهي ۽ ڪيس ڇيهون ڇيهون ڪري ڪيترن ئي معاهدن ۾ جڪڙي سوگهو ڪيو ويو آهي. هاڻي جڏهن خود ترڪي جي ڦوڪڻي مان هوا نڪري چڪي آهي تڏهن ان جا حمايتي ۽ همدرد محمودالحسن جهڙا ماڻهو عظيم تر برطانيه جو ڇا ٿا بگاڙي سگهن. سائين جن جي بخت ۽ بادشاهي اڳيان هنن جي حيثيت ئي ڪهڙي آهي.

جيئن ته عرض ڪري چڪو آهيان ته حضرت شيخ الهند آڏو اهو مسئلو رکيو وڃي ها ته ديني مسئلي جي حيثيت ۾ حضرت شيخ الهند جو هڪڙو اشارو ئي مولانا سنڌيءَ جي رجوع لاءِ ڪافي هو پر خود مهتممن کي به پڪ هئي ته اصل مسئلو اهو ناهي جيڪو ماڻهن کي مولانا سنڌيءَ خلاف پڙڪائڻ لاءِ هو بيان ڪري رهيا آهن. ڪين پڪ سان اهو به اندازو هوندو ته حضرت شيخ الهند جي راءِ به مولانا سنڌيءَ جي راءِ کان گهڻو مختلف نه هوندي، تنهن ڪري اهو مسئلو حضرت شيخ الهند جي خدمت ۾ به پيش نه ڪيو ويو. مولانا مناظر احسن گيلاني لکيو آهي ته سبق دوران ان سلسلي ۾ پڇيل هڪ سوال جي جواب ۾ حضرت شيخ الهند هڪ پوري پني ۽ جامع تقرير ڪئي هئي جنهن مان سڀ مطمئن ٿي ويا هئا ته مولانا سنڌي به حضرت استاد جي ارشادن کان ضرور مطمئن ٿي وڃي ها پر لڳي ٿو ته اهڙي ڪا به ڪوشش نه ڪئي ويئي هئي. هونئن به جتي عام روايت اها هجي ته



مولانا عبيدالله سنڌيؒ ۽ سندس ڪجهه همعصر

دارالافتاء مان جاري ٿيندڙ سيني فتوائن تي صدر المدرسين ۽ شيخ الحديث جي به صحيح ٿيندي هجي اتي دارالعلوم جي هڪ فاضل ۽ خود صدر المدرسين ۽ شيخ الحديث جي هڪ لائق شاگرد تي ڪفر جي فتويٰ ڏني وڃي ۽ هڪ نالي واري استاد کي بيخبر رکيو وڃي!! هي سڀ تڏهن ٿئي ها جڏهن سچ پچ به دارالعلوم جي بقا ۽ حفاظت جو يا ڪو علمي مسئلو هجي ها پر هتي ته معاملو ئي ڪجهه ٻيو هو ۽ اڳواٽ ئي طئي ڪيو ويو هو ته عبيدالله سنڌي کي هر صورت ۾ ديوبند مان ڪڍڻو آهي. مولانا اسعد مدني لکيو آهي ته:

"جيڪڏهن عقيدي ۽ دينداريءَ جي ڳالهه هجي ها ته حضرت شيخ الهند (جيڪو شيخ الحديث سيني جو استاد ۽ حضرت نانوتوي جو جانشين ۽ سندس علمي ۽ فڪري امانتن جو صحيح امين هو) کي ضرور شريڪ ڪيو وڃي ها. ان جو بس هڪڙو اشارو ئي مولانا سنڌي جي رجوع لاءِ ڪافي هجي ها پر هي علمي بحث مباحثو مڙيئي ڏيکارڻ لاءِ رڳو هڪرو ڍونگ هو اصل ۾ سازش ته انگريزن جي هئي."

(بحوالہ ایک خود ساختہ داستان حقائق کے آئینے میں ص 14-15)

وري ان کان اڳتي مولانا اسعد مدني لکي ٿو ته:

"سچي ڳالهه اها آهي ته مولانا سنڌي سان مهتممن جيڪي ڪجهه ڪيو سو ان اڻ ڪئي ڏوهه جي سزا هئي جنهن جو چسڪو ان ۾ خود حضرت شيخ الهند پيدا ڪيو هو. يعني "انگريز دشمني" جنهن کي مهتمم حضرات هڪڙي منٽ لاءِ به برداشت نٿي ڪري سگهيا. پر سڏوسنئون ان مسئلي تي قدم کڻڻ ۾ ڪيئي خطرا هئا. سڀ کان وڏو خطرو ته خود حضرت شيخ الهند جي ذات گرامي هئي. تنهن ڪري هڪ علمي مسئلي جي آڙ وٺي حضرت سنڌي مظلوم کي هٽايو ويو." (ايضاً ص 15_16)

جيڪڏهن مسئلو واقعي مولانا سنڌي جي غلط عقيدي ۽ ديوبند جي مسلڪ مشرب کان ڦري وڃڻ يا ان کي ڇڏي ڏيڻ جو هجي ها ته باوجود هن جي ته حضرت شيخ الهند سان مشورو نه ڪيو ويو هو پر پوءِ به جڏهن حضرت شيخ الهند کي اها سچي حقيقت معلوم ٿئي ها ته پاڻ حضرت

www.iqbalkalmati.blogspot.com



سنڌي سان ڳالهائين ها ۽ ان کي پنهنجي غلط خيالن کان رجوع ۽ توبہ بہ ڪرائين ها. پوءِ جيڪڏهن مولانا سنڌي ايئن نہ ڪري ها تہ حضرت شيخ الهند جي ايماني غيرت اهو ڪيئن برداشت ڪري ها جو اهڙي ماڻهو سان هو ميل جول محبت ۽ حمايت جو تعلق رکي. پر ان جي ابتڙ حضرت شيخ الهند جي رويي مان تہ هي پڌرو ٿيو تہ پاڻ مولانا سنڌي کان نہ پر مولانا انور شاهہ ڪشميري کان منهن ڦيرائي بيزاري جو اظهار ڪيائون جيڪو مولانا سنڌي سان اٽبٽت ۾ اڳيرن همراهن مان هو. مولانا اسعد مدني لکي ٿو تہ:

”ان ڏنڌي سان حضرت شيخ الهند کي ڪيتري تڪليف پهتي هئي ان جو اندازو هن واقعي مان لڳائي سگهجي ٿو تہ ان (احتسابي ۽ نيڪالي واري) ڪاروائي کان پوءِ جڏهن مولانا انور شاهہ ڪشميري (جنهن کان مولانا سنڌيءَ جي ڪفر واري فتوئ تي صحيح ورتي ويئي هئي.) حضرت شيخ الهند جي محفل ۾ پهتو تہ پاڻ ان کان منهن ڦيرائي ڇڏيائون. نيٺ آزي نيازي کان پوءِ ڪانئس راضي ٿيا. جيڪڏهن هي ڪاروائي سچ پچ بہ شرعي نقطہ نگاهہ جي موافق هئي ۽ دين جي هڪ اهم گهرج پوري ڪرڻ لاءِ ڪئي ويئي هئي تہ پوءِ ان حضرت شيخ الهند جي ناراضگي جي ڪهڙي توجيح ٿيندي؟“ (ايضاً ص 16)

مولانا سنڌيءَ جي احتساب ڪرڻ ۽ ڪيس سوڙهي ڪرڻ لاءِ باقاعده هڪ احتسابي محڪمو قائم ڪيو ويو. هيءُ شعبو دارالعلوم جي نظام جو ڪو حصو ڪونہ هو پر اهو مولانا شبير احمد عثماني جو جوڙيل هو. ظاهر آهي تہ ان ۾ شمس العلماء مولانا محمد احمد، مهتمم دارالعلوم ديوبند جو اشارو بہ ضرور شامل هوندو. نائب مهتمم، حبيب الرحمان عثماني تہ مولانا شبير احمد عثماني جو وڏو ڀاءُ هو ان جي اجازت ۽ مشوري سان ئي هي شعبو قائم ڪيو ويو هوندو ۽ سندس هڪ ڀاءُ عزيزالرحمان دارالعلوم جو سيني کان وڏو مفتي هو، سو احتسابي محڪمي جي جوڙڻ ۾ ان جي مشوري کي ڪيئن ٿو نظرانداز ڪري سگهجي. مولانا مناظر احسن گيلاني لکي ٿو تہ:

دارالعلوم ديوبند ۾ اسان جن انتهائي نامور عالمن جهڙوڪ علامہ انور شاهہ ڪشميري ۽ شيخ الاسلام شبير احمد عثماني وارن پنهنجو هڪ احتسابي محڪمو قائم ڪيو هو، ان اڳيان مولانا سنڌيءَ کي هڪ ڏوهاري





جي حيثيت سان پيش ڪيو ويو.

دارالشوريٰ ۾ هڪ جلسو ٿيو. تقرير ۽ احتساب ڪرڻ وارن ۾ مولانا انور شاهہ ڪشميري، مولانا شبير احمد عثماني، (ديوبندي) فلسفي ۽ منطق جو استاد مولانا غلام رسول خان هزاروي هئا. امين ۽ جج جي حيثيت ۾ مدرسي جا مهتمم ۽ دارالعلوم جو مفتي، ٻڌندڙن ۾ مدرسي جا استاد ۽ تماشائين جي حيثيت ۾ دارالعلوم جا شاگرد هئا اختلافي مسئلو غيرمسلمن ۾ تبليغ وارو هو.

مولانا مناظر احسن گيلاني وڌيڪ لکي ٿو تہ:

مولانا عبيدالله سنڌي اٿي بيهي ڪري هي فرمايو تہ قرآن پاڪ جي آيت مبارڪ ”آيت“ (تان تہ ڊيڄاريا آءٌ توهان کي ۽ جن تائين ڳالهہ پهتي) مان آءٌ ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ اولاد آدم مان جن ماڻهن تائين قرآن پاڪ جو پيغام ناهي پهتو انهن کان اسلام جي قبول نہ ڪرڻ بابت پڇاڻو نہ ٿيندو.

تبليغ جي باب ۾ مولانا گيلاني حضرت سنڌي مرحوم جو هڪ ٻيو جملو بہ نقل ڪيو آهي اهو هيءُ تہ مولانا سنڌي فرمايو تہ اڄڪلهہ يورپ جي غيرمسلمن ۾ دين جي تبليغ صحيح نموني ناهي پهتي تنهن ڪري جيڪڏهن انهن جا اخلاق سٺا هوندا تہ اهي ڇوٽڪاري جا حقدار آهن.

مولانا سنڌي جي انهن خيالن تي جيڪو ردعمل ٿيو اهو بہ حضرت گيلاني بيان ڪري ڇڏيو آهي. اسان هتي تنهي بزرگن جو ردعمل ڌار ڌار بيان ڪريون ٿا.

(1) **مولانا شبير احمد عثماني ديوبندي**

مولانا شبير احمد عثماني اهو ٻڌي ڪري ڪاوڙ ۾ اچي ويو هن اهڙن خيالن تي تنقيد ڪئي. ان جي تقرير ياد نہ رهي.

(2) **مولانا غلام رسول خان هزاروي 1919 _ 1854ع ديوبند**

ان (مولانا عثماني) کان پوءِ مولانا غلام رسول خان صاحب تقرير ڪئي. جنهن مان سندس هي فقرو مون کي چٽي طرح ياد آهي تہ مولانا عبيدالله سنڌي توڙي جو اسان جي جماعت جو هڪ فرد آهي پر (جنهن نموني) جڏهن ڪو عضوو سڙي ويندو آهي تہ (ان

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ڪي) ڪٿي ڇڏيو آهي اهڙي ريت هن ڪي به جماعت ڪان ڌار ڪيو ويو آهي.

(3) **مولانا انور شاهه ڪشميري**

ان جي ردعمل بابت مولانا گيلاني لکي ٿو: مولانا انور شاهه ڪشميري کي ان ڳالهه ٻڌڻ سان ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ ڪاوڙ ۾ ٽپي باهه ٿيندي چيائين ته زمين آسمان تي تبليغ ٿي چڪي آهي ۽ اهي سڀ ڪافر جهنمي آهن. جيڪڏهن تنهنجو به اهوئي عقيدو آهي ته پوءِ تنهنجي جاءِ به جهنم ۾ آهي.

ساڳين بيان جي سلسلي ۾ مولانا گيلاني لکي ٿو ته:

مدرسي جي مهتمم ۽ نائب مهتمم کي پڙڪاياائين ته عبيدالله جو عقيدو خراب آهي جو چوي ٿو ته موجوده ڪافر چوٽڪاري جا حقدار آهن. پوءِ عام مولوين ۽ شاگردن جو هڪ جلسو ڪوٺائي مولانا سنڌي کي به ان ۾ گهرايو ويو ۽ ڪيس چيو ويو ته تو ڪفر جو ڪلمو چيو آهي هاڻ توبه ڪري ايمان نئون ڪر. مولانا سنڌي جڏهن ڏٺو ته جماعت ڪاوڙيل آهي ته پاڻ فرمايائون جيڪڏهن ايئن ئي آهي ته پوءِ آءٌ آمنت بالله پڙهي ٿو ڇڏيان ۽ گڏوگڏ ڪلمه شهادت پڙهي ٻڌايائون.

احتسابي محڪمي جي ڪاروائي اسان اڳيان آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته احتساب لاءِ اهڙو ڏينهن مقرر ڪيو ويو جنهن ۾ حضرت شيخ الهند ديوبند ۾ موجود نه هجن. ان ڪارروائي تي هڪ نظر وجهڻ سان هي به معلوم ٿي وڃي ٿو ته:

(1) هي جلسو احتساب لاءِ نه پر ڪيل فيصلي جي اعلان لاءِ جلسو هو. فيصلو اڳ ۾ ئي ڪيو ويو هو هاڻي رڳو دارالعلوم جي راءِ عامه کي مولانا سنڌيءَ خلاف تيار ڪرڻ لاءِ هي ڊرامو رچايو ويو.

(2) مولانا سنڌي مرحوم توبه ڪئي، ايمان نئون ڪيو ۽ ڪلمو شهادت پڙهي ٻڌايائين، پر فيصلو پوءِ به ان جي خلاف ئي ڪيو ويو ۽ زبان سان ڪٿي ڪونه چيائون پر پنهنجي عمل سان ثابت ڪري ڇڏيائون ته سندن خيال ۾ مولانا جو ايمان تازو ڪرڻ ۽ ”اقرار باللسان“ رڳو دپاءَ سبب هو ان کي ”تصديق بالقلب“ قرار نٿو ڏيئي





سگهجي. تنهن ڪري مولانا سنڌيءَ کي ڪافر قرار ڏنو ويو. منصفن ۽ ججن فيصلو ٻڌائي ڇڏيو ۽ دارالافتاء جي مهر سان ان کي مضبوط بنايو ويو.

(3) جيئن اڳ ۾ اشارو ڪيو ويو آهي ته احتساب لاءِ اهڙو ڏينهن رٿيو ويو جنهن ڏينهن خبر پيئي ته حضرت شيخ الهند گنگوهه وڃي رهيا آهن ته تڙتڪڙ ۾ اجلاس گهرائي بلڪل انگريزي عدالتن وانگر طئي ٿيل منصوبي موجب مقدمي جو فيصلو ٻڌايو ويو. بقول رشيد احمد صديقي جي ته شيطان حق تي ۽ ملائڪ ناحق تي هو.

مولانا سنڌي کي به اندازو ٿي ويو هو ته ههڙي ڇڪتاڻ واري ماحول ۾ جمعيت الانصار جو ڪم هلائي نه سگهندو. تنهن ڪري هن جمعيت الانصار جي نظامت تان استعيفا ڏيئي ڇڏي. استعيفا جي عبارت مان به اهوئي اندازو ٿئي ٿو ته اختلاف اجان ختم نه ٿيا هئا ۽ مولانا سنڌي جي توبه قبول نه ٿي هئي. مولانا سنڌي جي هي استعيفا يا تاريخي خط جيڪو هن جمعيت الانصار جي صدر مولانا حبيب الرحمان عثماني نائب مهتمم کي لکيو هو ان جون شروعاتي سٽون هي آهن:

”عرض هي آهي ته انتظاميه واري جلسي جا سڀ ميمبر جيتري قدر مون کي معلوم ٿي سگهيو آهي ته مون بابت سنا خيال نٿا رکن جيڪڏهن ڪٿي جامعة القاسميه جي حدتائين معاملن کي ختم به ڪيو وڃي ۽ آئون پنهنجي برات به ثابت ڪري وجان ته به سڪون ۽ اتفاق سان ڪم هلائڻ مشڪل آهي. تنهن ڪري آءٌ جمعيت الانصار جي خدمت تان استعيفا پيش ڪريان ٿو.“

مولانا سنڌي جو هي خط 11 مئي 1913ع جو يادگار آهي.

تبليغ جو مسئلو جيڪي ڪجهه ۽ جيئن به هو بهرحال مولانا گيلاني جي بيان مان اندازو ٿئي ٿو ته احتسابي محڪمي جي ڪاروائي ۽ فيصلي کان پوءِ به ذهن صاف ۽ دليون مطمئن ڪونه ٿيون هيون. مولانا لکي ٿو ته:

مجلس ختم ٿي ويئي پر ان جو منهنجي دل تي گهرو اثر هو. شايد ٻئي ڏينهن يا هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ حضرت شيخ الهند وٽ ترمذي شريف جي سبق ۾ هن الله لوڪي فقير همت ڪري

www.iqbalkalmati.blogspot.com



هي مسئلو ڇيڙيو ته هن وقت تبليغ واري سوال تي جيڪو اختلاف ٿي پيو آهي حضرت جن ان بابت ڇا ٿا فرمائين. ظاهري صورتحال مان ايئن لڳي رهيو هو ته مسجد واري جلسي جي تقريرن جون خبرون چارون حضرت جن تائين پهچي چڪيون هيون جن ڪان پاڻ گهڻو متاثر به هئا.

مولانا مناظر احسن گيلاني لکي ٿو ته پاڻ هڪ اهڙي صاف سٿري ۽ روان تقرير ۾ اهو مسئلو بيان فرمايائون جيڪو بندي وٽ حرف آخر جي حيثيت رکي ٿو. سندن تقرير جا آخري لفظ هي آهن:

"مطلب ته انفرادي نموني هي ڳالهه ته ڪنهن کي ڪهڙي درجي جي تبليغ ٿي آهي؟ ان کي الله پاڪ ئي ڄاڻي ٿو ۽ پڇاڻو به اهوئي پنهنجي علم موجب ڪندو. شخصن کي مقرر ڪري ماڻهو لاءِ اهو ٻڌائڻ ناممڪن آهي ته ڪنهن کي ڪهڙي درجي جي تبليغ ٿي آهي. پوءِ جڏهن تبليغ جي درجن جو تفصيلي علم اسان وٽ نه آهي ته پڇاڻي جو تفصيل به اسان ڪيئن ٿا ڪري سگهون؟"

مولانا گيلاني جي چوڻ موجب حضرت جن جي ان تقرير جو ڏاڍو چوبول هليو ۽ ان مان جنهن غلط فهمي پيدا ٿيڻ جو امڪان هو ان کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ جلسو به گهرايو ويو. ان بيان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته:

(1) حضرت شيخ الهند جو خيال مولانا سنڌي جي خيالن سان موافق هو يا گهٽ ۾ گهٽ مخالف ته بلڪل ڪونه هو ۽ حضرت شيخ الهند مهتممن ۽ سندن ساٿارين جي روين سان ته بلڪل متفق نه هو.

(2) ان ڳالهه جو يقين حضرت جن جي ان رويي مان پلي پت ٿي وڃي ٿو جيڪو پاڻ حضرت انور شاهه ڪشميري سان ناراضگي واري صورت ۾ ڪيو هو. جنهن جو ذڪر هن ئي مضمون ۾ مولانا اسعد مدني جي حوالي سان گذري چڪو آهي.

(3) خود حضرت علامه انور شاهه ڪشميري جو پڇتائڻ ۽ معافي وٺڻ، معذرت ڪرڻ ان ڳالهه جو چٽي نموني اعلان آهي ته اهو سڄو ڊرامو جيڪو مهتممن ۽ عثماني خاندان جي ڪن فردن جي اشاري تي رچايو ويو هو ۽ حضرت علامه انور شاهه ڪشميري به ان غلط





فهمي جو شڪار ٿي ويو.

(4) وري مولانا سنڌي جي ڪفر واري فتوي کي (فتاوي دارالعلوم) ۾ شامل نه ڪرڻ واري ڳالهه به ٻڌائي ويئي آهي ته اصل ۾ اها فتوي غلط هئي. اهڙي نموني دارالعلوم جي ٻڌي ڇوڙي جي مالڪن ۽ علمي ڏرين طرفان به مولانا سنڌيءَ جي سچائي ۽ سندس حق تي هجڻ ثابت ٿي وڃي ٿو.

(5) ان ڪان پوءِ تاريخ دارالعلوم ديوبند ۾ ڪين ديوبند جي ناميارن فرزندن ۾ ڳڻڻ ۽ سندس ذڪر ڪيل غلط يا باطل عقيدن جو ذرو به ذڪر نه ڪرڻ به ان ڳالهه ڏي اشارو ڪري ٿو ته ڊرامي جو وقت گذري چڪو آهي، تنهن ڪري هاڻي ڇهري تان ميڪ اپ صاف ڪري ڇڏڻ گهرجي.

هاڻي جڏهن ثابت ٿي ويو آهي ته مولانا سنڌيءَ جي تضليل ۽ تڪفير جو سبب تبليغ بابت مولانا سنڌي جا خيال نه هئا ته پوءِ حقيقت ڪهڙي هئي؟ ان مسئلي تي هن ڪتاب جي چوٿين باب ۾ روشني وڌي ويندي.

ان سلسلي ۾ دارالعلوم ۾ جيڪا به ڪارروائي ٿي هئي سا مهتممن جي اشاري سان ۽ بلڪل سندن مرضي موجب ٿي هئي، پر هو اجان به مطمئن ۽ آرامي ڪونه ٿيا هئا. تنهن ڪري دارالعلوم جي نائب مهتمم مولانا حبيب الرحمان عثماني هڪڙي ڏينهن مولانا مناظر احسن گيلاني کي جيڪو ان وقت دارالعلوم جو شاگرد هو تنهن کي گهرائي چيو ته:•

تون حضرت شيخ الهند سان ملي ڪري معلوم ڪر ته سياسيات ۾ حضرت جن جو سچ پچ به ڪهڙو موقف ۽ مسلڪ آهي.

چنانچه مولانا گيلاني حضرت جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي پڇيو هو. پاڻ لکي ٿو ته:

مهتممن جو هي پيغام ٻڌندي ئي مون ڏٺو ته حضرت جن تي هڪ

• مولانا حبيب الرحمان ۽ حضرت شيخ الهند جو صبح شام ملڻ ٿيندو هو پر هي ان جي چالاڪي هئي جو پاڻ پڌرو نٿي ٿيو. مولانا سنڌي جي مقابلي لاءِ مولانا ڪشميري وغيره کي اٿڪائي ڇڏيو ۽ جڏهن حضرت جن کان ڪجهه معلوم ڪرڻ گهريو ته مولانا گيلاني کي استعمال ڪيو پر تاريخ پنهنجي فيصلي ۾ سيني جا وڪا پڌرا ڪري ڇڏيا. ا س. ش

www.iqbalkalmati.blogspot.com



خاص ڪيفيت طاري ٿي ويئي ۽ ارشاد فرمايائون ته ڇا حضرت الاستاذ (مولانا نانوتوي) هن مدرسي کي رڳو پڙهڻ پڙهائڻ لاءِ قائم ڪيو هو؟ مدرسو منهنجي سامهون قائم ٿيو هو جيتريقدر مون کي ڄاڻ آهي ته 1857ع واري هلچل جي ناڪام ٿيڻ کان پوءِ هي ادارو ان لاءِ قائم ڪيو ويو هو ته ڪو اهڙو مرڪز ٺاهجي جنهن وسيلي ماڻهن کي ايترو تيار ڪجي جو 1857ع واري ناڪامي جو تدارڪ ۽ پورائي ڪئي وڃي. رڳو پڙهڻ پڙهائڻ ۽ درس تدريس جن جو مقصد ۽ نصب العين آهي انهن جي واٽ ۾ آءٌ رڪاوٽ نه بڻجندس پر البته پنهنجي لاءِ ته مون اها واٽ ئي چونڊي آهي جنهن لاءِ حضرت الاستاذ منهنجي اڳيان هن دارالعلوم جو هي نظام قائم ڪيو هو. (بحواله سوانح قاسمي ج 2، ص 226)

مولانا گيلاني مرحوم به ان ڳالهه کي ئي دارالعلوم جي ”بنيادي خصوصيت“ تسليم ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته:

مدرسي ديوبند جي اها بنيادي خصوصيت هئي جنهن مدرسي جي پوري ڪاروهنوار ويندي تعليم ۾ به اهڙيون آزادي پسند خصوصيتون پيدا ڪيون جو ديني ۽ مذهبي جوش ۽ غيرت جو هي نه رڳو هندگير پر عالمگير يونيورسٽي ۽ اقامتي ادارو بنجي ويو. ان جي فاضلن جو هڪ خاص مڪتبه فڪر پڌرو ٿيو ۽ ان جا شاگرد هڪ اهڙو مليل جليل نصب العين کڻي ٻاهر نڪتا جنهن ۾ سيني تي ڇانئجي وڃڻ جي طاقت موجود هئي. ظاهر آهي اها ”بنيادي ۽ اساسي خصوصيت“ حضرت شيخ الهند کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي اڳيان نه هئي ۽ نه ئي ان وقت جي حالتن کي سامهون رکندي هر هڪ کان ايڏي ڏگهي نظر جي اميد ڪري سگهبي هئي.

(ايضاً ص 27_ 226)

ان سلسلي ۾ مولانا گيلاني وڌيڪ لکي ٿو ته:

ان کان پوءِ به ڏار ڏار واٽون ٿي ويون. هڪڙي واٽ پڙهڻ پڙهائڻ ۽ دين جي اشاعت جي، ٻي واٽ اها ئي جيڪا حضرت شيخ الهند جن اختيار ڪئي هئي ۽ ان مسلڪ تي هلندي ئي پنهنجي مالڪ سان وڃي مليا.





پانيان ٿو ته پاڻ اهو به فرمايو هئائون ته خدائي فرض جيتري قدر ادا ٿي سگهيا ادا ڪندو رهيس هاڻ آخري ڪم اهوئي آهي جنهن کي پنهنجي حد تائين ڪندو رهندس ۽ پاڻ اهو ڪم ڪري ويو. خاڪسار حضرت جن کان جيڪي ڪجهه ٻڌو سو انهن ماڻهن تائين پهچايو جن نياپي پهچائڻ جو اهو مطالبو ڪيو هو.

(بحواله مضمون دارالعلوم ديوبند ميں بيتے ہوئے دن، ماهنامه دارالعلوم جمادی الثانی 1372ھ ص 42)

هاڻي ته تاريخ دارالعلوم ديوبند جي مقدمي ۾ مولانا قاري محمد طيب مرحوم مولانا گيلاني جي ان ئي روايت جو حوالو ڏيئي ڪري دارالعلوم جي نصب العين ۽ سندس مقصدن جي جامعيت ۽ همه گيري جي ان رخ کي به تسليم ڪيو آهي ۽ حضرت شيخ الهند مولانا محمود الحسن ۽ سندس لائق شاگرد امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي جي سياسي خدمتن جو اعتراف به ڪري ڇڏيو آهي.

## استدراڪ

هي بحث نه رڳو پوري ٿيڻ تي هو پر ماهوار ”الولي“ حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپجي به چڪو هو ته مولانا اخلاق حسين قاسمي صاحب جن جو ڪتاب ”محاسن موضح القرآن“ نظر مان گذريو. مولانا موصوف صاحب شاهه ولي الله دهلويءَ جي حوالي سان بلڪل اها ڳالهه لکي آهي جيڪا ڳالهه جڏهن مولانا سنڌي مرحوم ڪئي هئي ته مٿس ڪفر جي فتويٰ لڳائي ويئي هئي. شاهه عبدالقادر دهلوي جي ترجمه قرآن جي محرڪ سببن جي سلسلي ۾ مولانا قاسمي لکي ٿو ته:

”شاهه عبدالقادر صاحب جن جو والد محترم پنهنجي مشهور ڪتاب حجة الله البالغه ۾ لکي چڪو هو ته ڪنهن غير مسلم قوم کي حجت پوري ڪرڻ جي حدتائين تبليغ ڪرڻ مسلمانن جي ذميواري آهي ۽ ان جو بهتر طريقو اهو آهي ته اهڙي قوم کي سندن ٻوليءَ ۾ اسلامي اصولن جي سمجهاڻي ڏني وڃي تان ته اهي سمجهي سگهن جيڪڏهن کين ان درجي جي تبليغ نه ٿي سگهي ته پوءِ اها قوم ”اصحاب الاعراف“ جي حيثيت ۾ هوندي.“

(بحواله: حجة الله البالغه، باب طبقات الامة ج1، ص 117)

www.iqbalkalmati.blogspot.com



سندس وڏي پاءُ شاهه عبدالعزيز صاحب به پنهنجي فتويٰ ۾ ان مسئلي تي روشني وڌي آهي ۽ ٻڌايو اٿن ته مسلمانن جي ذميواري آهي ته اهي هر قوم کي سندن ٻوليءَ ۾ خدا جو پيغام سمجهائين. زباني طور، توڙي لکت ۾ سمجهائڻ گڏوگڏ پنهنجن سهڻن اخلاقن کي دليل طور انهن آڏو رکن. اهڙي نموني ڪفر ۽ اسلام جي فرق کي چٽو ڪري ڏيکارين ۽ جيڪڏهن ڪنهن قوم آڏو اهڙي نموني حجت پوري ناهي ڪئي ويئي ته اها قوم اصحاب فترت مان هوندي. "حکم او حکم اهل فترة بود على اختلاف المذاهب"

(بحواله: فتاويٰ عزيزي ص 140 ۽ محاسن موضح القرآن ص 78_79)

مولانا قاسمي جي ان تحرير سبب حجة الله البالغه ۽ فتاويٰ عزيزيه کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. حجة الله البالغه سامهون رکيو ان کي ڏٺم ته بلڪل اهائي ڳالهه سامهون آئي. شاهه صاحب لکن ٿا ته:

> اصحاب اليمين کان پوءِ انهن ماڻهن جو درجو آهي جن کي اصحاب الاعراف چيو وڃي ٿو انهن جا به ٻه قسم آهن. هڪڙو قسم ته انهن ماڻهن جو آهي جن جو مزاج صحيح ۽ طبيعت سلڇڻي آهي پر انهن کي اسلامي دعوت جي ڪا خبر پئجي نه سگهي. يا خبر ته پيئي پر اڌوري قسم جي جو مٿن حجت پوري نه ٿي سگهي جنهن ڪري ان سان سندن دلين مان وهم ۽ شڪ ختم نه ٿي سگهيا تنهن ڪري انهن ماڻهن کي جي ڪچن ڪمن ۽ بڇڙاين ۾ ڪا رغبت نه آهي ته الله ڏانهن به سندن ڌيان ٿي نه سگهيو آهي نه هاڪاري نموني سان نه ناڪاري نموني سان، هي ماڻهو گهڻو تڻو پنهنجن ڪمن ڪارين ۽ دنياوي ڌنڌن ۾ لڳا رهيا. پوءِ اهڙا ماڻهو جڏهن مرندا ته اهي هڪ ڪوري ۽ سادي حالت ۾ هوندا نه انهن کي عذاب ٿيندو نه ثواب تانجو انهن جي بهيمتي ختم ٿي ويندي ۽ پوءِ مٿن ملڪي قوت جا ڪجهه ڪرڻا چمڪندا.
>
> ٻئي قسم جا ماڻهو اهي آهن جن ۾ عقل گهٽ آهي جيئن ٻار، ٻانها ۽ مستاني قسم جا ماڻهو جن بابت عام ماڻهن جو خيال اهو هوندو آهي ته هنن کي ڪابه پرواهه نه آهي هو جيڪر سماجي رسمن ۾ پابند نه هجن ته جيڪر بلڪل چريا ۽ بي عقل بنجي وڃن، اهڙن ماڻهن جي مؤمن بنجڻ لاءِ ايترو ئي ڪافي



مولانا عبيدالله سنڌي ﷫ ۽ سندس ڪجهه همعصر

> آهي جيترو رسول الله ﷺ جن هڪ ڪاري ٻانهي لاءِ ڪافي سمجهيو هو جڏهن سائين جن ان کان پڇيو هو ته الله ڪٿي آهي ته آسمان ڏي آڱر کڻي اشارو ڪيو. اهڙن ماڻهن لاءِ اهوئي گهربل هوندو آهي ته هو مسلمانن سان مشابه رهن تان ته ڪلمي ۾ اختلاف نه رهي.

وري انهيءَ وقت مولانا سنڌي مرحوم جو ڪتاب "رساله محموديه" نظر مان گذريو ان ۾ به اهائي ڳالهه لڳ ڀڳ ساڳين لفظن سان "بدور بازعه" جي حوالي سان لکيل آهي. جيڪي ماڻهو مرڻ کان پوءِ اعراف ۾ ويندا اهي به ڪيترن ئي قسمن جا آهن.

(الف) اهي ماڻهو جن کي حق جي دعوت مورڳو پهتي ئي ڪونه جيئن ڏورانهن علائقن ۾ جبلن جي چوٽين تي رهندڙ ماڻهو پر شرط اهو آهي ته انهن ماڻهن ڪڏهن شرڪ نه ڪيو هجي ۽ نه الله پاڪ جي وجود جو انڪار ڪيو هجي ۽ نه ڪنهن نبي جي امت ۾ شريڪ ٿيا هجن انهن ماڻهن جي حالت حيوانن جهڙي آهي. جيڪي الله ڏانهن متوجه ڪونه هوندا آهن نه اقرار واري صورت ۾ نه انڪار واري صورت ۾، هو رڳو هڪ معاشي زندگي گهارڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ته اهڙا ماڻهو اعراف ۾ ويندا.

(ب) يا انهن کي دين اسلام جو پيغام پهتو هجي پر اهو پيغام سندن جهالت کي ختم نه ڪري سگهيو هجي، مثال طور اهي ماڻهو جن کي تبليغ اهڙي ٻولي ۾ ڪئي ويئي جا هو سمجهي نٿا سگهن يا هو انهن دليلن کي ئي سمجهي نه سگهيا يا سندن ذهني ساخت ۽ تربيت اهڙي آهي جو هو ڳوڙهي ويچار ۽ گهري غور فڪر کان ڪم نٿا وٺن. سندن علم جي ڄاڻ ايتري ئي آهي ته مسلمان هڪ قوم آهن جن جا پٽڪا ههڙا ٿيندا آهن ۽ قميصون ههڙيون پائيندا آهن ۽ اهي فلاڻيون فلاڻيون شيون کائيندا آهن ۽ فلاڻيون شيون ڪونه کائيندا آهن يا اهي هڪ اهڙي قوم آهن جن جون اسان سان ملڪي جنگيون ٿينديون آهن. تنهن ڪري اسان کي به ساڻن وڙهڻو

www.iqbalkalmati.blogspot.com



پوندو آهي. انهن سيني ڳالهين سان گڏوگڏ منجهن اها ڳالهه به هجي ته هو الله سان ڪنهن کي شريڪ نٿا مڃين اهڙن ماڻهن جي عام حالت جانورن جهڙي هوندي آهي توڙي جو سندن مزاج سراسري طور صحيح هوندو آهي.

(ج) اهي ماڻهو جن جو عقل ڪسو آهي جيئن ٻار، چريا، گهٽ عقل وارا، آلا پولا، هاري ناري ۽ ٻانها وغيره جيڪي حق ۽ ناحق ۾ فرق ڪري نٿا سگهن ۽ اهي جهڙوڪر پالڻهار کي نڪو ٿا سڃاڻي سگهن نڪوئي سندس ٻانهپ ڪري سگهن ٿا، سندن حالت پاڳي جهڙي آهي جيڪو پنهنجي پنڙي هجڻ سبب ڪوبه چٽ يا ليڪو قبول نٿو ڪري. انهن ماڻهن مان رڳو ايتري اميد ڪري سگهجي ٿي ته اهي مسلمانن سان هڪجهڙائي پيدا ڪن.

اجان به جيڪي دوست وڌيڪ کوجنا جا شوقين هجن سي حجة الله البالغہ البدور البازغہ ۽ فتاويٰ عزيزي ڏي رجوع ڪن. اسان آڏو مولانا سنڌي جي تحرير يا تقرير ته نه آهي جنهن مان خبر پوي ته مولانا ڪهڙي موقعي تي ڪهڙي سياق سباق کي ڏسي ڪهڙن لفظن ۾ پنهنجو خيال پڌرو ڪيو هوندو پر ايتري پڪ آهي ته پاڻ جيڪي ڪجهه چيو هونداڻون سو امام ولي الله دهلوي جي فڪري دائري کان ٻاهر ڪونه هوندو. ان ڪري ئي سندن استاد حضرت شيخ الهند جو بيان جيڪو مولانا مناظر احسن گيلاني نقل ڪيو آهي ان مان مولانا سنڌي جي فڪر ۽ خيال جي تائيد ۽ توثيق پڌري ٿئي ٿي. نه ڪ ترديد ٿي پڌري ٿئي. والله اعلم بالصواب.

ان ئي سلسلي ۾ ڪنهن جاءِ تي مولانا ابوالڪلام آزاد جو بيان يا ان سان لاڳاپيل ڪا روايت نظر مان گذري آهي ته مولانا کي جڏهن ان جهڳڙي جي خبر پئي ته پاڻ فرماياڻون ته ڳالهه اها ئي صحيح آهي جيڪا مولانا عبيدالله ڪئي پر ان ڳالهه کي چيڙڻ جو هي موقعو ڪونه هو جو سندس ڪم پيو آهي. پر جيڪا صورتحال ۽ اصلي پسمنظر سامهون آيو آهي ان مان صاف معلوم ٿئي ٿو ته جيڪڏهن مولانا سنڌي ان ڳالهه کي نه به چيڙي ها ته به ڪيس ديوبند مان ڪڍڻ لاءِ ڪو پيو بهانو ڳولي هٿ ڪيو وڃي ها. (هڪ بهانو مس پڃان تان نڪ بهانو ٻي طرح)





## ٢. هندو مسلم اتحاد

ٻيو مسئلو جيڪو مولانا سنڌي تي لڳايل الزامن ۾ سرفهرست آهي ۽ جنهن جي ڪري مولانا خلاف ڏمچر مچايو ويو ۽ ان جي تضليل، تڪفير ۽ ديوبند مان نيڪالي جو سبب بنيو سو هندو مسلم اتحاد جي باري ۾ آهي. هندو مسلم اتحاد لاءِ مولانا جون وڏيون ڪوششون رهيون آهن. هندستان ۾ هندو مسلم اتحاد هڪ اهم مسئلو رهيو آهي. ان مسئلي جا ٻه پهلو آهن:

(1) 1947ع کان اڳ ملڪ جي آزادي لاءِ ۽ 1947ع کان پوءِ ملڪ جي عام ترقي لاءِ هندو مسلم اتحاد جي اهميت ۽ ضرورت

(2) عام سماجي ۽ تمدني زندگي لاءِ هندو مسلم اتحاد جي اهميت

انگريزن پنهنجي اقتدار جي شاهي محلات جو بنياد "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" جي اصول تي رکيو هو تنهن ڪري هنن هندن ۽ مسلمانن کي پاڻ ۾ ويڙهايو. ان لاءِ هنن تاريخي، سماجي، تهذيبي ۽ مذهبي اختلافن کي هوا ڏيئي جهڳڙن کي وڌايو ۽ هندستان ۾ ٻن حليف قومن بجاءِ ٻن ويڙهاڪ ۽ مخالف قومن جي واڌويجهه لاءِ هنن هر حربو استعمال ڪيو. هندن کي هندن سان مسلمانن کي مسلمانن سان ويڙهايو. هلڪي ۽ ڪمزور طبيعت وارن عالمن کي استعمال ڪري ڪجهه علمي ۽ فڪري مسئلن کي اڀاري عوام ۾ ڏڦيڙ پيدا ڪيو. هڪڙي فرقي کي ٻئي فرقي خلاف منظم ۽ مضبوط ڪيو. مختلف فرقن ۽ سماجي طبقن جو پاڻ ۾ ٽڪرائي وڌو. انهن چالن سان جيڪي حالتون پيدا ٿيون تن جي مدد سان هنن پنهنجي حڪومت کي سگهارو بنايو. اسان جي بزرگن شروع کان ئي انگريزن جي ڊپلوميسي کي سمجهي ورتو هو ۽ اهي گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ هن نتيجي تي پهتا هئا ته انگريزي راڄ کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ عوام ۾ هر لحاظ کان هر سطح تي اتفاق ۽ اتحاد جي ضرورت آهي ۽ ان لاءِ هنن ڪوششون به ڪيون.

اوڻهين صدي جي شروع ۾ جڏهن شاهه اسماعيل شهيد اسلامي حڪومت کي نئين سر جيارڻ لاءِ جدوجهد واري تحريڪ شروع ڪئي هئي ته ان ۾ هندن جي سهڪار جي ضرورت جو احساس ان سوچيل سمجهيل فيصلي جو نتيجو هو ۽ 1857ع ۾ هندن سان گڏجي آزادي جي جنگ جوٽڻ ان ئي سلسلي جي هڪ ڪڙي هئي پوءِ شيخ الهند جڏهن ان وادي ۾ پير

www.iqbalkalmati.blogspot.com



پاتو تہ ڪيس پهرئين ڏينهن کان ئي خبر هئي تہ انگريزي راڄ کان آزادي وارو خواب تيستائين پورو نہ ٿي سگهندو جيستائين ملڪ جون سڀ قومون اختلاف بجاءِ اتحاد پيدا نٿيون ڪن. حضرت شيخ الهند کان پوءِ حضرت شيخ الاسلام مولانا سيد حسين احمد مدني ۽ ديوبند جي انقلابين ۽ ملڪ جي سڀني آزادي پسند مسلمانن مولانا محمد علي جوهر، مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا عبيدالله سنڌي جي سياست جو بنياد بہ ان اصول تي ٻڌل هو تہ هندو مسلم اختلاف پيدا ڪري ڪنهن ٽئين طاقت "انگريز سامراج" کي مضبوط ۽ سگهاري ٿيڻ جو وجهہ نہ ڏنو وڃي.

حقيقت هي آهي تہ سياست جي ان اصول جو بنياد حڪيم الهند حضرت شاهہ ولي الله دهلويءَ ئي وڌو هو. اسلام جي هن عظيم فلسفي پهريون ڀيرو معاشري جي تشڪيل ۾ مسلم غيرمسلم واري نقطہ نظر بجاءِ عام انساني نقطہ نظر سان بحث ڪيو آهي ۽ ٻڌايو اٿس تہ هڪ سٺي سماجي زندگي، جنهن ۾ ماڻهن کي سندن بنيادي ضرورتن جي پورائي کان پوءِ بہ ايترو وقت ملي جو هو پنهنجي ٻارن ٻچن جي سٺي تعليم ۽ تربيت سان گڏوگڏ پنهنجي روحاني ترقي لاءِ بہ وقت ڪڍي سگهن، اهو هر انسان جو بنيادي حق آهي نہ ڪہ ڪنهن خاص قوم مسلمان يا غيرمسلمان جو. انسانيت جي مڪمل ٿيڻ لاءِ ضروري آهي تہ "رفاهيت ناقصہ" ۽ "رفاهيت بالغہ" جي جاءِ تي "رفاهيت متوسطہ" کي پيدا ڪيو وڃي. هيءَ ڳالهہ بہ ان ئي ٻڌائي آهي تہ جهڙي نموني "رفاهيت ناقصہ" حيواني زندگي کي پيدا ڪري ٿي ساڳئي نموني "رفاهيت بالغہ" غير اخلاقي زندگي جو بنياد بنبي آهي ۽ اها نہ رڳو مسلمانن جي اخلاقي تباهي جو ڪارڻ هوندي آهي پر ان سان سڄو سماج انساني قدرن کان محروم ٿي ڪري اهڙو تہ تباهہ ٿي ويندو آهي جو ان کان وڌيڪ ڪنهن ٻي تباهي جو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي.

هندستان ۾ صدين کان جاري مسلمانن جي شاهاڻي ۽ جاگيرداري نظام مسلمانن جي سيرت ۽ اخلاق ۾ خرابيون پيدا ڪري ڇڏيون هيون. وري غيرمسلمن جي اميرن کي ڇڏي باقي خلق "رفاهيت ناقصہ" ۾ ڦاسي ڪري حيواني زندگي جي اهڙي حدتائين ڪري چڪي هئي جو منجهن اخلاق ۽ مهذب زندگي جي ڪا نشاني ئي ڪانہ بچي هئي. اها عوام توڙي جو پاڻ هڪ طاقت هئي پر سندن سردار کين ڪنهن اوزار وانگر پنهنجي





مفادن لاءِ استعمال ڪندا رهندا هئا، خود انهن کي ڪا پروڙ ئي ڪانہ هئي تہ کين ڪٿي ۽ ڪهڙن مقصدن لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي، غلط صحيح، سٺي بڇڙي سان هنن جو ڪو واسطو ئي ڪونہ هو. ساڳئين نموني مسلمانن ۾ بہ هڪ اهڙو طبقو پيدا ٿي پيو هو جنهن کي سندن اڳواڻ پهرئين پنهنجن مفادن لاءِ استعمال ڪري پوءِ پڇندا بہ ڪونہ هئا. نيٺ سندن ضرورتون کين مجبور ڪنديون هيون هو ٻيهر وري پنهنجي پهرئين فتح ڪيل بادشاهہ جي جهنڊي هيٺ بيهي ڪري پوئين فاتح خلاف جنگ ڪن ۽ ان کي سوپارو بنائين. جنگ جي جائز يا ناجائز، حق يا ناحق واري سوال سان سندن ڪوبہ واسطو ڪونہ هوندو هو. عام انساني مفادن جو خيال تہ پري رهيو پر انهن کي رڳو مسلمانن جي اجتماعي مفاد جو اونو بہ ڪونہ هوندو هو. پنهنجي سوچ سمجهہ ۽ فيصلي ڪرڻ واري حق تان ڄڻڪ هٿ کڻي ويا هئا.

انهن حالتن کي پرکڻ کان پوءِ شاهہ ولي الله دهلوي ان نتيجي تي پهتو هو تہ هاڻي هندستان ۾ هڪ سياسي انقلاب ضروري ٿي پيو آهي ۽ انقلاب جو هڪ اصول اهو بہ آهي تہ سياسي انقلاب سان گڏوگڏ سماجي انقلاب بہ اٽڪر هوندو آهي. تنهن ڪري سياسي انقلاب اچڻ کان پوءِ ضروري ٿي پوندو تہ امير ۽ جاگيردار طبقو ذليل ۽ خوار ٿي ڪري "اذلہ" ۾ ڳڻجڻ لڳي ۽ سماج جا پيڙهيل طبقا اڳتي اچي ڪري عزت وارا يعني "اعزه" بنجي وڃن. شاهہ ولي الله دهلوي جي سياسي بصيرت کيس اهو بہ ٻڌائي ڇڏيو هو تہ ملڪ جي هن چالو سماج جي تباهي اٽڪر آهي، هاڻ رڳو تجديد ۽ نواڻ واريون ڪوششون ڪارگر نہ ٿينديون، تنهن ڪري هن "فڪ ڪل نظام" جي دعوت ڏني. بيشڪ انساني قدرن کي قائم ڪرڻ يا نئين سماج ۽ نئين هندستان جي تعمير ڏي سندس موميناڻي فراست ۽ اسلامي تعليمات ۾ سندس (مجتهدانہ بصيرت) ان جي رهنمائي ڪئي هئي ۽ ان جي جوڙيل اصولن ۽ اسلامي فلسفي ۽ اخلاقيات ۾ ڪو ٽڪراءُ بہ ڪونہ هو پر ان جي تدبر ۽ بصيرت مٿس اها ڳالهہ بہ چٽي ڪري ڇڏي هئي تہ ملڪ ۾ ايندڙ سياسي سماجي نظام جو ڍانچو شايد اهو نہ هجي جيڪو اڳ ۾ هو جنهن کي مسلمانن جون نظرون "اسلامي" سمجهڻ جو دوکو کائينديون رهيون آهن.

شاهہ ولي الله دهلوي هندستان جو اهو پهريون فلسفي ۽ ڏاهو هو جنهن سماج جي اهڙي انساني اخلاقي جوڙجڪ ڏي ڌيان ڇڪرايو جنهن ۾ فرد

www.iqbalkalmati.blogspot.com



انسان هجن، نہ ڪ مسلمان يا غيرمسلمان. ديوبند جا بزرگ ان حقيقت جا سڃاڻي ڪان وڌيڪ واقف هئا تنهن ڪري انهن شروع کان ئي ملڪ جي سياسي ۽ سماجي زندگي ۾ مسلمان ۽ غيرمسلمان واري متڀيد کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. اهي مسلمانن جي ديني، اجتماعي ۽ تهذيبي زندگي ۽ مفادن جي ننڍڙي حصي کي بہ ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئا پر ملڪ جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي زندگي ۾ ڪنهن اهڙي رويي کي اپنائڻ لاءِ بہ تيار نہ ٿيا جنهن جو نقصان ملڪ جي سماجي زندگي کي ۽ فائدو ملڪ جي ٽئين ڌورو طاقت کي پهچي ٿي سگهيو. ٿي سگهي ٿو تہ سندن انداز فڪر ۾ ڪنهن جاءِ تي ڪا گهٽتائي ۽ جهول بہ رهجي ويو هجي پر نہ رڳو انهن جو پر سندن بزرگن جو بہ اهوئي طريقو رهيو هو تہ هو پنهنجي انداز فڪر ۾ مخلص ۽ سچا هئا.

هندستان ۾ غيرمسلمن سان اتحاد نہ رڳو هڪڙي سياسي ضرورت هئي پر مسلمانن جي بهترين اجتماعي ۽ اقتصادي مفادن جي گهرج بہ اهائي هئي ۽ اسلام جي تبليغ ۽ اشاعت لاءِ تہ ضروري هو تہ غيرمسلمن سان ويڙهہ ۽ جهيڙي بجاءِ اتحاد ۽ ملڪ ۾ ڏڦيڙ بجاءِ هر طرح امن امان هجي. اتحاد ۽ امن امان جي صورت ۾ ئي مسلمان پنهنجو ڪاروبار بہ وڌائي سگهيا ٿي تہ ٻني ٻاري کي بہ ترقي ڏيئي ٿي سگهيا ۽ معاشي وسيلن جي ڊوڙ ڊڪ ۾ حصو وٺي پنهنجي اقتصاديات کي ٺيڪ ٺاڪ ڪري ٿي سگهيا ۽ ان تي ئي سندن ملي، معاشرتي، تهذيبي، تعليمي سرگرمين جو دارومدار هو. امن ۽ اتحاد کان سواءِ تمدني زندگي جي آرام ۽ سکن ڀريل گهريلو زندگي جي خوشين جا فائدا وٺي نٿي سگهيا ۽ اسلام جي تبليغ ۽ اشاعت جا بهترين موقعا ۽ وجهہ بہ ان صورت ۾ ئي حاصل ٿي سگهيا ٿي. هن ملڪ ۾ هندو مسلمان صدين کان گڏ رهندا پئي آيا. انهن ۾ هزارين اختلاف ٿيا ۽ جهيڙا جهٽا بہ ٿيندا رهيا آهن، اڳتي بہ ان امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي. پر سدائين لاءِ ڏڦيڙ ۽ ويڙهہ جهيڙي واري صورت جو هجڻ نہ مسلمانن جي فائدي ۾ هو نہ هندن جي فائدي ۾. ملڪ ۾ رهندڙ قومن سان ايڪو ۽ امن ماضيءَ ۾ بہ مسلمانن جي ضرورت هئي تہ حال ۾ بہ سندن ڀلائي انهيءَ ۾ آهي تہ مستقبل ۾ بہ هوندي. هو امن ۽ اتحاد جي ضرورت کان ڪن لاتار نٿا ڪري سگهن. اڄ جڏهن هو اخلاقي، ديانداري، علم ۽ پرهيزگاري جهڙن اعليٰ



مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه ۽ سندس ڪجهه همعصر

انساني ڳڻن کان پرڀرا ٿي ويا آهن تڏهن بہ سندن ديني توڙي دنيوي ڪاميابي ۽ ڀلائي جو رستو امن ۽ ايڪي جي فضا ۾ ئي مقرر ڪري سگهجي ٿو. هندستان ۾ مسلمان پنهنجي دنياوي زندگي جي ٻئي ڪنهن بہ پهلوءَ کي نظرانداز ڪري سگهن ٿا پر امن ۽ ايڪي جي ضرورت جا هو ڪڏهن بہ انڪاري نٿا ٿي سگهن. پر ان ڳالهہ کان بہ انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ ويهين صديءَ جي هندستان ۾ ڪجهہ اهڙا بہ هندو آهن جيڪي سمجهن ٿا تہ مسلمانن کي طاقت وسيلي ختم ڪري سگهجي ٿو ۽ اهڙا مسلمان بہ ڪوڙ ملندا جيڪي سمجهن ٿا تہ کين غلام بنائي سگهجي ٿو. حالانڪ هاڻي وٽن نہ حڪومت آهي نہ ڪرسي، نہ ئي اقتصادي ۽ معاشي خوشحالي کين حاصل آهي. انهن جي اجتماعي ملي زندگي جي طاقت پورا پورا ٿي ويئي آهي. تان جو هاڻي هو اخلاقي، ديانداري، علم ۽ پرهيزگاري جهڙن انساني قدرن کان اوپرا ٿي ويا آهن. تنهن هوندي بہ جيڪڏهن ڪو مسلمان يا مسلمانن جي ڪا جماعت سمجهي ٿي تہ هو ايئن ڪري سگهي ٿي تہ ان جي ارادن جي پرواز ۽ بلندي کي سلام تہ ڪري سگهجي ٿو پر عملي دنيا ۾ سندن اهڙين سڌن جي ڇا حيثيت آهي؟ اها سوچڻ جهڙي ڳالهہ آهي.

بهرحال ان وقت حالتون اهي هيون جو مسلمانن ۽ هندن ۾ هڪ اهڙي ڏر پيدا ٿي چڪي هئي جيڪا پنهنجي پورڙائي ۽ مذهبي جوش سبب ٻنهي قومن جي اختلافن کي هٿي ڏيئي ڪري فتنو ۽ ڏڦيڙ پکيڙي رهي هئي ۽ انگريز ڊپلوميسي وٽ هڪ پتلو بنجي ويئي هئي. وڏي شرم جي ڳالهہ تہ اها هئي جو ان ڏنڌي لاءِ مذهب جو نالو استعمال ڪيو ويو هو. مولانا عبيدالله سنڌي، حضرت شيخ الهند جي هدايتن موجب مولانا محمد علي جوهر جي مدد سان هندو مسلم اتحاد جي تحريڪ شروع ڪئي هئي. اها ڳالهہ دارالعلوم ديوبند جي مهتممن ۽ عثماني خاندان جي صاحبزادن کي ڏاڍي ڏکي لڳي هئي پر ان جو سڀ کان وڌيڪ ڏکارو پاسو اهو آهي جو اهي همراهہ ان ميدان ۾ پنهنجي سوچ سمجهہ وارا ۽ صاحب فڪر نہ هئا تہ هونئن ئي ڪونہ هئا جو ڪٺي ان کي نظرياتي اختلاف چئجي پر اهي سنئون سڌو انگريزن جا ايجنٽ بنجي ويا هئا.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



### ٣.جديد ۽ قديم واري وٿي

مسلم هندستان ۾ هڪڙو ئي نظام ۽ نصاب تعليم هلندڙ هو. شاگرد ان کان فارغ ٿي ڪري پنهنجي پنهنجي شوق موجب انتظاميہ، عدليہ، واپار، زراعت، ڪاريگري، تصنيف ۽ تاليف، درس و تدريس، دعوت و تبليغ، ملڪي، مذهبي، ديني ۽ قومي خدمتن لاءِ ميدانن جي چونڊ ڪندا هئا. هر شخص لاءِ پنهنجي همت، صلاحيت ۽ شوق موجب ڪاميابي جو واٽون کليل هونديون هيون. نئين پراڻي جو ڪو فرق ڪونہ هو. سر سيد، نذير احمد، حالي، محسن الملڪ، وقار الملڪ ۽ ٻين سيني هڪڙو نصاب پڙهيو ۽ پنهنجي پنهنجي شوق موجب قومي ۽ ملڪي زندگي ۾ مٿاهون درجو حاصل ڪيو. انگريزن لاءِ هي نصاب تعليم اوپرو ۽ سندن مفادن خلاف هو. پوءِ هنن آهستي آهستي نصاب تعليم ۾ جيڪي تبديليون ڪيون انهن ملڪ کي ٻن حصن ۽ طبقن ۾ ورهائي ڇڏيو. هڪڙو طبقو رجعت پرست، تنگ نظر ۽ زندگي بابت محدود تصور رکڻ واري ناالي سان مشهور ٿيو تہ ٻيو وري روشن خيال ۽ ترقي پسند جي نالي سان سڏيو ويو. ڪجهہ ماڻهو قدامت پرست هئا ۽ پنهنجي پراڻي نظام کي سيني سان لڳايو ويٺا هئا ۽ ڪجهہ نوان هئا جيڪي سرڪاري اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهيا هئا. پهرئين لاءِ آهستي آهستي حڪومت طرفان معاشي ذريعن جا دربند ٿيندا ويا ۽ ٻئي لاءِ گذر معاش جون واٽون کلنديون ويون. انهن ٻنهي ۾ نہ رڳو نظرياتي اختلاف ٿي پيو پر معاشي حوالي سان پاڻ ۾ بہ طبقا وجود ۾ اچي چڪا هئا ۽ ٻنهي جي سماجي حيثيت ۾ بہ زمين آسمان جو فرق پيدا ٿي ويو هو. پهريان مذهبي ۽ ديندار سڏيا ويا تہ ٻيا دنيادار بلڪ بيدين جي لقب سان مشهور ٿي ويا. حالانڪ نہ پهريان سڀ ديندار هئا نہ پويان سڀ دنيادار ۽ بي دين هئا پر ان ڏڦيڙبندي جي ڪري ٿيو هئين جو مسلمانن جي گڏيل طاقت ٻن مخالف بلڪ ويڙهاڪ ڌرين ۾ ورهائجي ويئي هئي. ٻئي ڌريون پنهنجي پنهنجي جاءِ تي مطمئن هيون ۽ مسلمانن جي گڏيل طاقت جي ورهائجڻ ۽ تباهہ ٿي وڃڻ جو ڪنهن کي ڪو اونو ۽ احساس نہ هو. پر اڃان دنيا قوم جي سچن همدرد ماڻهن کان خالي نہ ٿي هئي.حضرت شيخ الهند مولانا محمود الحسن انهن ئي دردمندن مان هو. ملت جي بهترين صلاحيتن ۽ طاقت جي ورهائجڻ تي





سنڌس اکيون هميشہ هنجون هاريندڙيون هيون. هن گهريو ٿي تہ قوم جا اهي ٻئي طبقا قومي، اجتماعي ۽ ملي زندگي ۾ هڪ ٻئي جا ٻانهن ٻيلي بنجي وڃن، سندن قوتون ۽ صلاحيتون ملت جي بهترين مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ خرچ ٿين تہ جيئن سندن ويڙهہ جهيڙي مان ڦورو انگريز ڪنهن بہ قسم جو فائدو حاصل نہ ڪري سگهي. حضرت شيخ الهند ان نئين تعليم پڙهيل طبقي ڏي هٿ ڊگهيريو. ان کي پاڻ سان ملائڻ ۽ سندن وچ ۾ پيل وٿي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مسلم يونيورسٽي جي اڳواڻ صاحبزاده آفتاب احمد خان کي دارالعلوم اچڻ جي دعوت ڏني. سندن ڪوشش سان هڪڙو معاهدو طئي ٿيو[1] تہ دارالعلوم جا شاگرد علي ڳڙهہ ويندا ۽ اتي هڪ مقرر وقت ۾ انگريزي جو هڪ خصوصي نصاب پڙهي پورو ڪندا ۽ علي ڳڙهہ جا فارغ ديوبند ايندا ۽ هڪ مقرر وقت ۾ عربي ٻولي، اسلاميات ۽ قرآن پاڪ جو هڪ خصوصي نصاب پڙهي پورو ڪندا. توڙي جو ان معاهدي هيٺ ديوبند ۾ جيڪو پهريون شاگرد انيس احمد آيو سو سي آءِ ڊي جو ڇاڙتو هو ۽ ان جي ڪري جيڪي ڏکايون پيش آيون ۽ ان پنهنجي خدمتن جو جيڪو معاوضو حاصل ڪيو سو هڪ ڌار موضوع آهي. پر ان هڪڙي شخص جي ڏنڌن سبب عليڳڙهہ کي ڏوهہ نٿو ڏيئي سگهجي. عليڳڙهہ جي هڪڙي شاگرد جيڪڏهن انگريزن لاءِ جاسوسي وارو ڪم ڪيو هو تہ دارالعلوم جو مٽيادار مهتمم صاحب ان کان بہ وڌيڪ گهٽيا ۽ بيهودي نموني جاسوسي ۽ رپورٽنگ وسيلي اهي خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو هو. سي آءِ ڊي واري نوڪري کي ڪنهن بہ حرام نہ چيو هو. سو انيس احمد جي منصبي فرضن ۾ شامل هو تہ هو ديوبند ۽ اتي جي بزرگن جي سرگرمين کان پنهنجي حڪومت کي واقف ۽ خبردار ڪري تنهن ڪري ان لاءِ تہ هي ڏوهہ جو ڪم نہ هو.

حڪيم الامت مولانا اشرف علي ٿانوي جو ڀاءُ مولوي مظهر علي بہ سي آءِ ڊي جي محڪمي ۾ ملازم هو. جيڪڏهن اها نوڪري حرام هجي ها تہ

---

[1] 1910ع ۾ دارالعلوم ديوبند جي دستاربندي واري جلسي ۾ صاحبزاده مرحوم شرڪت ڪئي ۽ عليڳڙهہ جي نمائندگي ڪئي هئي. حضرت شيخ الهند سان صلاح مشوري ڪرڻ کان پوءِ ٻنهي تعليمي ادارن ۾ تعلقات وڌائي، شاگردن جي مٽاسٽا ۽ خصوصي نصاب تعليم جي رٿا صاحبزاده مرحوم پيش ڪئي هئي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



حڪيم الامت حضرت مولانا اشرف علي ٿانوي صاحب ان کي اها نوڪري ڪرڻ چو ڏني ها، پاڻ ان جي حرام هجڻ جي فتويٰ ڏيئي چڪا هئا. جڏهن نوڪري حرام نہ هئي تہ پوءِ نوڪري فرضن کي ذميداري ۽ ديانتداري سان ادا ڪرڻ بہ شرعي روءِ سان فرض هو مولوي مظهر علي بہ ديوبند ۽ سهارنپور جي انهيءَ ماحول ۽ انهيءَ زماني ۾ پنهنجا منصبي فرض ادا ڪيا هئا. ان تہ پنهنجي پاءُ حضرت ٿانويءَ جي ذريعي دارالعلوم ۽ حضرت شيخ الهند بابت گهڻي ئي لڪيل معلومات مان پورو پورو فائدو حاصل ڪيو هو. ديوبند جي بزرگن کي ان ڳالهہ جو ڏک ضرور هو پر هنن بہ سي آءِ ڊي جي نوڪري کي حرام نہ چيو هو. انيس احمد ۽ مولوي مظهر علي ٿانوي جي نوڪري ۽ سندن جاسوسيءَ وارين سرگرمين لاءِ تہ مون هڪ جواز پيدا ڪري ڇڏيو پر شمس العلماء حافظ محمد احمد جي لڪ چپ ۾ معلومات پهچائڻ وارن ڪرتوتن جو ڪهڙو جواز هو؟ ان جي منصبي فرضن ۾ اها ڳالهہ شامل تہ نہ هئي. هو دارالعلوم جي پگهار تي دارالعلوم ۾ ويهي ڪري اندر ئي اندر انگريزن لاءِ جاسوسي وارا ڏنڏا ڪندو رهيو! ان شرمناڪ اخلاقي، قومي ۽ ملي ڏوهہ ڪيو هو. ڏوهہ بہ ايڏو وڏو جو قاسمي، عثماني يا فاروقي ۽ ٿانوي خاندان جو يا ڪراچيءَ لاهور جي ڪنهن بہ دارالعلوم يا جامعہ جو ڪو مفتي اڄ بہ ان جي جائز هجڻ جي فتويٰ نٿو ڏيئي سگهي. اسان کي اها ڳالهہ بہ نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي تہ عليڳڙهہ ۽ ديوبند واري معاهدي مان فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪا ٽئين طاقت گهات هڻي تنهن موقعي مان فائدو حاصل ڪيو باقي ان معاهدي جي ناڪامي وارو نقصان مسلمانن جي حصي ۾ آيو. بهرحال عليڳڙهہ ۽ ديوبند جو هي معاهدو حضرت شيخ الهند جي بصيرت، قومي همدردي ۽ بلند خيالي تي شاهدي ڏيئي رهيو آهي. تنهن کان پوءِ 1920ع ۾ ترڪِ موالات واري تحريڪ جي ڏينهن ۾ نيشنل يونيورسٽي (جامعہ مليہ اسلاميہ) جي افتتاح ڪرڻ وقت حضرت شيخ الهند جيڪا تقرير ڪئي هئي ان ۾ تہ چٽڪ پاڻ پنهنجي ڏڪاري دل جا ٽڪرا ڪاغذ تي پکيڙي ڇڏيا هئا. اها تقرير سندن قومي همدردي جو هڪ وڏو ثبوت آهي.

انگريزن هندستان ۾ جيڪو تعليمي نظام جاري ڪيو هو ۽ ان جا جيڪي اگرا نتيجا اڳيان آيا هئا ۽ ملت اسلاميہ جي گڏيل طاقت جهڙي نموني ٻن مخالف ۽ ويڙهاڪ ڌرين ۾ ورهائجي ويئي هئي ان ۾ انگريزن جي





خوشيءَ جو گهڻو ڪجهہ سامان هو پر حضرت شيخ الهند ۽ قوم جا ٻيا هڏ ڏوکي جيڪي قديم ۽ جديد تعليم پڙهيل ٻنهي ڌرين ۾ موجود هئا سي ان ورهاست ۾ جدائي تي اوترو ئي ڏکويل هئا.

مولانا عبيدالله سنڌي، حضرت شيخ الهند جي صلاح ۽ حڪم سان ان فرق ۽ جدائي کي ختم ڪرڻ ۽ ٻنهي ڌرين ۾ پيدا ڪيل ان وٿي کي ختم ڪرڻ گهريو ٿي. جمعيت الانصار جي پروگرام موجب عليڳڙهہ جي پڙهيل نوجوانن جي تعليم ۽ تربيت جو جهڙي نموني بندوبست ڪيو ويو ۽ انهن لاءِ جيئڻ مناسب وظيفن جو اهتمام ڪيو ويو هو ۽ ڪين جهڙي ريت قوم جو قيمتي سرمايو سمجهي انهن جي عزت ۽ آدرڀاءُ ڪيو پئي ويو تنهن کي ڪي دل جليا عالم ۽ ديوبند جا مهتمم گهڻو بڇڙو سمجهي رهيا هئا. تنهن ڪري اهو عنصر بہ مولانا سنڌي جي مخالفت ۾ تيزي جو سبب بنيو هو ۽ پوءِ جوش ۽ ڪاوڙ ۾ اچي مهتممن ان سڄي نظام کي ئي تباهہ ڪري ڇڏيو. ان مخالفت ۾ انگريزن کي خوش ڪرڻ وارو جذبو ڪٽي نہ هجي ۽ ان جو سبب سندن ديناري وارو جذبو ئي ڇو نہ هجي پر جنهن مخالفت جو نشانو مولانا سنڌي کي بنايو ويو هو ان جو فائدو انگريز سرڪار جي حصي ۾ ئي آيو هو. هاڻي جيڪڏهن ان ۾ انگريزي حڪومت کي خوش ڪرڻ ۽ ان جي وفاداري ۽ خدمت ڪرڻ وارو جذبو بہ شامل هو ۽ پڪ سان ايئن ئي هو ۽ انهن ڏنڏن لاءِ حڪومت جو سهارو بہ هو تہ پوءِ سچ پچ بہ اها وڏي شرم جي ڳالهہ آهي. ان معاملي ۾ مدرسي جي مهتممن ۽ سندن ساٿاري ديوبند جي عثماني خاندان ۽ ٿانہ ڀون جي فاروقي خاندان ۽ ٻين عالمن کي تاريخ ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندي.

### ۴. مولانا محمد علي جوهر جي عزت افزائي ۽ آدرڀاءُ

مولانا محمد علي جوهر عليڳڙهہ جي تعليم پرايل ان نسل مان آهي جنهن سر سيد جون صحبتون پرايون هيون. مولانا محمد علي رامپوري پنهنجي قومي جذبي، آزادي پسندي، ملي غيرت، ديني حميت، سچ چوڻ جي تڙپ، بهادري وغيره ۾ غيرمعمولي صلاحيتن ۽ خوبين جو مالڪ هو. هن عليڳڙهہ جي انگريز پرستي ۽ سامراج دوستي واري ماحول ۾ تعليم پرائي هئي پر سندس فطرت جي نيڪ بختي ان جي رهنمائي ڪئي ۽ پاڳيرپائي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ڪيس اڳتي آندو. هن ڪليل اکين سان زماني جي ڦيرن گهيرن ۽ هندستان جي بدلجندڙ حالتن کي ڏٺو تنهن ڪري هو حريت نوازي ۽ سامراج دشمني واري واٽ تي نڪري پيو.❶

حضرت شيخ الهند مولانا محمودالحسن سان ڄاڻ سڃاڻ ٿي ته ان جي علم، جذبہ جهاد ۽ حريت پروريءَ کان ايڏو ته متاثر ٿيو جو سدائين لاءِ حضرت جي فدائين ۽ مريدن ۾ شامل ٿي ويو. هواڏنهن حضرت شيخ الهند کي بہ اهڙن ئي نوجوانن جي گهرج ۽ ڳولا هئي. حضرت جن سندس آزادي واري جذبي کي واکاڻيو ۽ جهاد واري ذوق جي تربيت ڪئي ۽ مٿس قومي ۽ ملي رنگ کي پڪو پختو ڪري ڇڏيو. حضرت شيخ الهند سندس صلاحيتن جو قائل ۽ مڃيندڙ هو توڙي جو ڪيترائي نوان پڙهيل ڪڙهيل همراه قوم جي اميدن تي پورا نہ لٿا هئا. پر حضرت شيخ الهند کي اميد هئي تہ ان ڦلهيار ۾ ڪا چٽنگ ضرور لڪيل آهي جنهن جي سوجهري سان هڪڙي ڏينهن قوم جي قسمت ضرور چمڪي پوندي. حضرت جن جي موتي سڃاڻ اک اهو هڪ نہ بلڪ ڪيترائي اهڙا آبدار موتي ڳولي هٿ ڪيا هئا ۽ پنهنجي ڪيميائي نظر جي اثر سان انهن کي قوم ۽ ملت جي آسمان تي چمڪندڙ ستارا بنائي ڇڏيو. ڊاڪٽر مختار احمد انصاري، تصدق احمد خان شيرواني، عبدالمجيد خواجہ، حسرت موهاني، شوڪت علي، محمد علي، ظفر علي خان، مولانا حميد الدين فراهي ۽ مظهر الحق وغيره اهڙا ئي موتي هئا جن تي قوم ۽ ملت کي فخر آهي. هي سڀ اهي ماڻهو آهن جن نئين تعليم لاءِ اٿندڙ تحريڪ جي وچ واري زماني ۾ هوش سنڀاليو هو ۽ عليڳڙهہ جي استعمار پرستانہ ۽ انگريز دوستانہ تحريڪ جو ٿورو گهڻو اثر قبوليو هو. پر انهن مان مولانا محمد علي پنهنجي علمي ۽ عملي صلاحيتن،

---

❶ مولانا محمد علي مرحوم جي حق ۾ اسان جي بزرگن کان بہ ڪوتاهيون ٿيون آهن. جنهن ڪري هو فرنگي محل جي عالمن سان وڃي مليو جنهن ڪري ديوبند جي ملي تحريڪ کي ان مان ڪو خاص فائدو نہ پهتو پر هو نہ رڳو حضرت شيخ الهند پر سندس ڪن مشهور شاگردن مولانا سيد حسين احمد مدني، مفتي ڪفايت الله دهلوي ۽ علامہ انور شاهہ ڪشميري وغيره جو بہ معتقد رهيو. سندس زبان مان انهن ماڻهن بابت ڪڏهن بہ ڪو گستو لفظ نہ نڪتو. اسان جي انهن بزرگن بہ ان جي اخلاص جو هميشہ اعتراف ۽ سندس جذبن جو سدائين احترام ڪيو آهي.





قومي جوش ۽ جذبي ۽ فڪري آزادي ۾ هڪ خاص ذوق، سيرت ۽ شخصيت جو مالڪ هو.

اها تحقيق ڪرڻ هن وقت اسان جو موضوع نہ آهي تہ مولانا محمد علي جي سعادت منديءَ ۽ خوشبختيءَ ڪيس حضرت شيخ الهند جي خدمت ۾ ڪٽي آئي يا حضرت جن جي سرڪڻ ڦاهي ان اوچي اڏام واري شاهين کي پنهنجي بصيرت واري نظر جو قيدي ۽ قومي ملي خيرخواهيءَ واري جذبي جو عاشق بنائي ڇڏيو هو. پر هيءَ حقيقت اسان جي نظر هيٺ ۽ دلچسپيءَ جو موضوع آهي تہ مولانا محمد علي حضرت شيخ الهند سان ارادت ۽ عقيدت رکي ٿو. وري پاڻ حضرت جن سندس صلاحيتن جا قدردان هئا ۽ ڪيس ان جي علمي قابليت ۽ عملي سگهہ ۽ حريت پسندي واري جذبي ۾ آزادي لاءِ هلندڙ تحريڪ جي روشن مستقبل لاءِ بهترين اميدون اٽڪيل هيون. تنهن ڪري پاڻ ان جي سيرت واري سهڻي جوهر جي تربيت فرمائين ٿا، ان جي عزت ۽ آڌرڀاءُ ڪن ٿا ۽ هڪڙي موقعي تي پنهنجي مٿي تان پڳ لاهي مولانا محمد علي جي مٿي تي ٻڌي ٿا ڇڏين. ننڍ نوازيءَ ۽ نئين پڙهيل نوجوان جي عزت جو هي هڪ اهڙو مثال آهي جيڪو علماءَ جي طبقي ۾ نہ هئڻ جي برابر آهي. حضرت شيخ الهند جي ان ڪم ڪرڻ سان ديوبند جي عالمن ۾ هڪ ٽرٽلو ۽ ڦڙڦوٽ پئجي ويئي. انهن وٽ اهو ڪم ڄڻ تہ عالمن جي عزت کي مٽي ۾ ملائڻ برابر هو. هو ان ڳالهہ جو تصور بہ نٿي ڪري سگهيا تہ هڪڙي ڏينهن دارالعلوم جي مک باني حضرت قاسم العلوم مولانا محمد قاسم نانوتويءَ جو لائق شاگرد مولانا محمودالحسن مدرسة العلوم عليڳڙهہ جي مک باني سر سيد احمد خان جي هڪ شاگرد ۽ نئين تعليم پڙهيل نوجوان محمد علي جي مٿي تي پنهنجي پڳ لاهي رکندو. افسوس! هي درويش سوچ ۽ همت جي جن هيٺاهين ۾ هئا اتان هو حضرت شيخ الهند جي فڪر، اوچائي، همت جي بلندي، نظر جي وسعت ۽ جوهر شناسي جو اندازو ڪري ئي نٿي سگهيا. توڙي جو حضرت جن جي ان عمل جو مولانا عبيدالله سنڌي جي مشوري ۽ صلاح سان ڪو بہ لاڳاپو نہ هو. مولانا سنڌي ان وقت دارالعلوم ۾ هو بہ ڪونہ ۽ حضرت شيخ الهند جي ارادي ۽ پروگرام جي ڪيس خبر بہ ڪانہ هئي. پر ”نزلہ برعضو ضعيف“ وانگر هنن همراهن ڪاوڙ وري مولانا سنڌي تي ڇنڊي. سندس چارج شيٽ ۾ هڪ اڻ ڪيل ڏوهہ جو بہ

www.iqbalkalmati.blogspot.com



واڌارو ڪري ڇڏيو جو هن دارالعلوم جي پاڪ عالمن جي عزت عليڳڙهه جي بي دين ۽ نيچرين جي پيرن هيٺ ڳاهه بنائي ڇڏي آهي. ڪين ان وقت شرم نٿي آيو جڏهن يوپي جي گورنر جي خدمت ۾ سپاسناما پيش ڪري، دارالعلوم جي ڪتب خاني ۾ ويهي چاپلوسي وارا جذبا پيش ڪندي قاسمي غيرت ۽ ديني ۽ ملي حميت کي پاڻ تين وال ڪري رهيا هئا ۽ انگريز گورنر اها ڳالهه سوچي ته، برصغير جي وڏي ۾ وڏي باغي ۽ انگريز دشمن اداري جي اعليٰ انتظاميه اڄ ان جي اڳيان هٿ ٻڌيو حاضر بيٺي آهي، مٿن هڪ ڏڪار واري نظر وجهي پنهنجي ڪاميابين ۽ هنن جي ذلالتن تي مُرڪي رهيو هو. شرم جهڙي ڳالهه ته اها هئي جيڪا ديوبند جي سرزمين تي دارالعلوم جهڙي اسلامي ۽ ديني مرڪز ۾ ڪئي ويئي هئي ۽ يوپي جو سيڪريٽري حڪومت هند جي سيڪريٽري کي هي خوشخبري ٻڌائي ٿو ته هز آنر (گورنر يوپي سرجيمس مسٽن) پهرئين جنوري 1915ع تي ڪاليج (دارالعلوم) جو دورو ڪيو ۽ باوجود هن جي جو محمد علي ۽ دهليءَ جا ٻيا هڙتالي (ايجي ٽيٽر) جلسي ۾ موجود هئا پر هز آنر جي شاندار آجيان ڪئي ويئي.

دارالعلوم جي سيني فردن جي موجودگيءَ ۾ رسمي (خيرمقدمي ۽ شڪريي ادائي) تقريرن جو تبادلو ٿيو ۽ ان کان پوءِ دارالعلوم جي ڪتب خاني جي منڙي ماحول ۾ دل کولي آزادانه طور خيالن جي ڏي وٺ ٿي، اهڙي طرح هڪ ٻئي سان سنگت وارا سٺا لاڳاپا قائم ڪيا ويا.

ڪاليج جي پرنسپال (مهتمم دارالعلوم ديوبند) کي وائسرائي هند پاران شمس العلماء جي خطاب ڏيڻ ۽ مهتمم پاران بلڪل غيرمتوقع طور پيش ڪيل سپاسنامي سان هي لاڳاپو ويتر مضبوط ٿيا آهن. ليفٽيننٽ گورنر جو خيال آهي ان مان دور رس ۽ اطمينان جوڳا نتيجا نڪرندا.

واضح رهي ته هي سر جيمس مسٽن اهو گورنر آهي جنهن ڪانپور جي مڇي مارڪيٽ واري مسجد جي هڪڙي حصي کي پوليس جي بندوق جي پاڇي ۾ ڍهرائي اڇلائي ڇڏيو ۽ مسلمانن جي ڪنهن درخواست ۽ عرض کي اک هيٺ ئي نه آندو. ان جي مسلم دشمني تي مولانا محمد علي سان سندس ڪيل خط ڪتابت شاهد آهي. مولانا محمد علي پنهنجي اخبار "همدرد" ۽ "ڪامريڊ" ۾ ان تي وڏي وٺ پڪڙ ڪندي ان مسلم دشمني تي





مقالا به لکي چڪو هو. هوڏانهن خود دارالعلوم مولانا محمد قاسم نانوتوي جو فرزند شمس العلماء مولانا محمد احمد ۽ ديوبند جي ناميازي خاندان جو مٿير مرد مولانا حبيب الرحمان عثماني بن مولانا فضل الرحمان عثماني پنهنجي ٻنهي ڀائرن سڳورن مولانا مفتي عزيزالرحمان ۽ علامه شبير احمد عثماني سان گڏ دارالعلوم جي ڪتب خانه جي اڪيلاين ۾ انگريز گورنر سان راز و نياز ۾ مصروف ۽ سرجيمس مسٽن جي معرفت دنيا جي سڀ کان وڏي سامراج ۽ قوم ۽ وطن جي دشمن حڪومت سان لاڳاپا مضبوط ڪري رهيا هئا. مولانا محمد علي انهن راز نياز وارين ڪچهرين ۾ ته شريڪ ڪونه هو پر جڏهن عام جلسي ۾ آجياڻي واري تقرير ذريعي انگريز گورنر جو شڪريو ۽ ٿورا مڃيا ويا تڏهن حيرت ۽ عجب وچان ديوبند جي قاسمي ۽ عثماني خاندان جي صاحبزادن جي بداخلاقي ۽ سيرت جي پستي جو نظارو ڪري رهيو هو ۽ زبان حال سان هينئن چئي رهيو هو ته:

ياالله! ديوبند جي سرزمين تي اسلامي ۽ ملي غيرت جي نيلامي ۽ قومي حميت جي بربادي جو ههڙو دردناڪ منظر ڏسڻ به شايد قسمت ۾ لکيل هو.

مولانا محمد علي جي ڇڙواڳ زبان کان اسان کي به شڪايت آهي. قومي زندگي ۾ سندس فڪر جي غلطي ۽ سندس ڪن روين سان نقصان به پهتو آهي پر ان جي دل سچي، جذبا صاف سٿرا ۽ سندس سامراج دشمني هر شڪ شائبي کان مٿاهين آهي.

حضرت شيخ الهند مولانا مرحوم جي ان سيرت کان ئي متاثر ٿي ڪري پنهنجي پڳ ڪيس پارائي هئي. هو عالم دين نه هو ۽ نه ئي ديني حيثيت سان سندس عزت ڪئي ويئي هئي پر ان کان ملڪ ۽ ملت جي خدمت وارو ڪم ونڊو هو جنهن جو هو هر نموني اهل ۽ لائق هو.

## ٥.هڪ ٻيو مسئلو

البت هڪ ٻيو مسئلو به آهي جيڪو مولانا عبيدالله سنڌي کي ڪافر قرار ڏيڻ ۽ ديوبند مان نڪالي ڏيڻ جو سبب بنايو ويو هو. ان مسئلي ڏانهن خود مولانا سنڌي جن اقبال شيدائي ڏانهن لکيل خط ۾ اشارو ڪيو آهي. مولانا جن فرمائين ٿا:

"اوهان کي ڄاڻ نه آهي ته آءٌ مولانا نورالدين مرحوم جي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



خدمت ۾ ڪيئن حاضر ٿيس. اوهان مولانا محمد علي لاهوري ۽ مولانا صدرالدين کان پڇي سگهو ٿا ته مولانا مرحوم مون بابت ڪهڙا خيال رکندو هو. ان جي دعائن کي آءُ پنهنجي ڇوٽڪاري جو وسيلو سمجهان ٿو ڇوته ان سبب جي ڪري ئي منهنجا ديوبند ۽ ڪشميري دوست مون کي ڪافر ڪوٺڻ کان به نه مڙيا پر منهنجي محبت ان پارٽي سان گهٽ ناهي ٿي." (ڏسو صفحو 102)

مولانا سنڌي جن مرزا غلام احمد قادياني جي دعوائن کي بلڪل ڪا اهميت نه ڏيندا هئا، پاڻ ان کي غلط ۽ باطل پائيندا هئا ۽ سندس دعوائن کي مڃڻ وارن پوئلڳن کي ڇتي طرح غلط سمجهندا هئا. مولانا سنڌي جا اهي خيال اقبال شيدائي ڏانهن لکيل سندس خطن ۾ "افادات و ملفوظات" (مرتب محمد سرور) ۾ موجود آهن پر ان وقت تائين قادياني مسئلو اڃان رڳو فڪري ۽ نظري مسئلو هو ان مسئلي جي ڪري مسلم سماج ۾ جيڪي مونجهارا حڪيم نورالدين جي خلافت کان پوءِ مرزا بشير احمد جي دور ۾ پيدا ٿيا اهي ان وقت پڌرا ڪونه ٿيا هئا تنهن ڪري عام طور تي ان مسئلي بابت مسلمانن جي جذبات ۾ اها تيزي پيدا ڪانه ٿي هئي جيڪا پوءِ پيدا ٿي آهي. البت ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته قاديانيت جي مسئلي بابت علماءِ ديوبند جو موقف شروع کان ئي اهو رهيو آهي ته مرزا غلام احمد ۽ ان جا پوئلڳ نه رڳو گمراهه ۽ غلط عقيدي وارا آهن پر اهي اسلام جي دائري کان به ٻاهر آهن. مولانا سنڌي ان فتويٰ سان ان حدتائين متفق آهن ته قادياني گمراهه ۽ غلط عقيدي وارا آهن. تنهن ڪري سندس ان عقيدي جي بنياد تي ان جي خلاف ٻاهه ٻاري ويئي ته ان تي عجب ڪرڻ نه گهرجي پر جن دوستن مولانا سنڌي خلاف اهو حربو هلايو هو انهن جو ۽ سندن وڏن جو طرز عمل پوءِ بلڪل بدلجي ويو. هو ديوبند ۾ مولانا سنڌيءَ کي اهو برداشت ڪري نه سگهيا پر تحريڪ پاڪستان جي زماني ۾ نه رڳو قرآن جي هڪ آيت ۾ تاويل ڪندڙن کي برداشت ڪيو ويو پر اهڙن ماڻهن جي اڳواڻي تي به ايمان آندو ويو جيڪي پوري قرآن کي تحريف ڪيل ۽ اڌورو مڃيندا هئا، جيڪي ان جي آخري هدايت هجڻ جا به انڪاري هئا، جيڪي رسالت واري عقيدي تي امامت واري عقيدي کي ترجيح ڏيندڙ هئا بلڪ ڪي ته مورڳو توحيد ۽ رسالت جا به انڪاري هئا، اهي نه مسلمانن جي ڪلمي ۾





شريڪ هئا ۽ نه نماز روزي ۾ ۽ نه زڪوات جي عقيدي ۾ مسلمانن سان متفق هئا. انهن جي عقيدن ۽ عبادتن جو پوري جو پورو نظام ڌار هو. انهن جون مسجدون ۽ مدرسا ڌار هئا، اعليٰ تعليم جي درجن ۾ ته سندن دينيات جو نصاب هوندئن ئي ڌار هو پر شروعاتي درجن ۾ به انهن پنهنجو نصاب جدا ڪري ڇڏيو هو تان جو عبادتن ۽ عقيدن ۾ ڌار ٿي وڃڻ کان پوءِ اخلاق ۽ معاملات وارو نظام جيڪو پڻ دينيات جي نصاب جو هڪ حصو آهي ان کي به ڌار ڪرايائون جنهن کي ڪنهن مسلمان استاد کان پڙهائڻ لاءِ به آماده نه ٿي ٿيا. جيڪي بزرگ ديوبند جي سرزمين تي مولانا سنڌيءَ کي هڪ طالب علم جي حيثيت سان به برداشت ڪري نه سگهيا تن ساڳين قاديانين، آغاخانين، اسماعيلين، بهائين، ملحدن، ڪميونسٽن، الله ۽ سندس رسول جي دشمنن ۽ بي دين بدڪردارن جي قيادت تي نه رڳو ايمان آڻي انهن جي عظمت جاڳڻ ڳايا پر پوري پاڪستان ۾ عام مسلمانن تي انهن اقليت وارن ماڻهن جي حڪومت مسلط ڪرڻ جون ڪوششون پڻ ڪيون. هي زماني جي ڪيڏي نه ستم ظريفي آهي جو پاڪستان ۾ قاديانين کي غيرمسلم قرار ڏيڻ جي تحريڪ هلي ته قاديانين کي جيڪو ڦڪڙقاڙ وڪيل صفائي (مولانا عبدالماجد دريا آبادي) مليو سو سهارنپور جي ان ئي تصوف جي خانقاهه جو معتقد ۽ مريد هو جنهن جا ننڍا توڙي وڏا مولانا سنڌي کي ديوبند مان ڪڍائڻ ۾ سيني کان اڳڀرا هئا. مولانا دريا آبادي، مولانا شبير احمد عثماني جو پڳ مٽ يار ۽ قاري محمد طيب صاحب مهتمم دارالعلوم ديوبند جو ساراهيل هو. هن نه رڳو اهو ته قاديانين کي اسلام جي دائري کان ٻاهر نٿي سمجهيو پر انهن کي سچو مسلمان پڻ مڃيو ٿي، هن نه رڳو مسلمانن طرفان هلايل قادياني مخالف تحريڪ کي غلط قرار ڏنو ۽ انهن تي ڇتي تنقيد ڪئي پر پاڪستان جي مڙني گڏيل سوچ ۽ سندن دستور ساز اسيمبلي جي متفقه فيصلي تي به تنقيد ڪئي هئي. ان کان پوءِ به مولانا عبدالماجد دريا آبادي ان خانقاهه جي علم ۽ تصوف وارن وٽ مسلمان هو ته پوءِ مولانا عبيدالله سنڌي مرحوم جي مسلمان هجڻ قرآن ۽ اسلام جي خادم هجڻ ۾ ڪير ٿو شڪ ڪري سگهي.

جيڪڏهن سر سيد احمد خان طرفان جنت، دوزخ ملائڪ جن شيطان وغيره جي خارجي وجود جي انڪار ڪرڻ، حورن ۽ غلمانن تي ٺٺول ڪرڻ

www.iqbalkalmati.blogspot.com



قرآن پاڪ جي آيتن ۾ انتهائي بيباڪي سان من ماني تاويل ڪرڻ تان جو مرزا غلام احمد قادياني کان به وڌيڪ گمراهه عقيدن رکڻ جي باوجود به جيڪڏهن ديوبند جي عثماني خاندان ۽ سهارنپور جي ٿانوي خاندان ۽ شمس العلماء محمد احمد جي پونئيرن سر سيد احمد خان ۽ ان جي پوئلڳن کي ڪافر ڪونهي ڪوٺيو ۽ عليڱڙهه جي مڪتب فڪر جي شخصيتن سان انتهائي سچا ۽ محبت وارا لاڳاپا قائم ڪيا هئا. پوءِ رڳو ان جي ڪري ته مولانا سنڌي جا ڪن قاديانين سان لاڳاپا ها يا هو سندن علم جو معترف هو ته ڪيس ديوبند مان نيڪالي ڏيارڻ يا ڪافر ڪوٺڻ وارو عمل وري ڪهڙي منهن سان ٿي ڪيائون؟ قادياني جماعت جي ڪن ماڻهن جي باري ۾ جيڪي خيال مولانا سنڌي مرحوم جا هئا سي ڪي نوان ڪين هئا بلڪ وقت جي ڪيترن ڏاهن جهڙوڪ شبلي، اقبال، محمد علي، ابوالڪلام ۽ سليمان ندوي وغيره جا به اهي خيال هئا. هو سندن دعوائن ۽ عقيدن ۾ ڪين گمراهه سمجهندا هئا پر حڪيم نورالدين پيروي کي وڏو عالم، مولوي محمد علي لاهوري کي قرآن جو مفسر، خواجه ڪمال الدين کي اسلام جو مبلغ به سمجهندا هئا ۽ ڪنهن نه ڪنهن نموني انهن جا هڪ ٻئي سان لاڳاپا به هئا. تنهن ڪري مولانا سنڌي کي ڪافر قرار ڏيڻ جو اصلي سبب مولانا جن جا انهن سان لاڳاپا قائم ڪرڻ نه هو. عثماني ۽ ٿانوي مڪتبہ فڪر جي پوئين دور جو بزرگ مولانا عبدالماجد دريا آبادي ته قاديانين کي ڪافر به ڪونه چوندو هو ته هن جن بزرگن کان فيض پرايو هو سي وري مولانا سنڌي کي انهن سان تعلقات رکڻ جو الزام ڪيئن ٿي ڏيئي سگهيا. تنهن ڪري پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته مولانا سنڌي جي ڪشميري ۽ ديوبندي دوست (مولانا انور شاهه ڪشميري ۽ مولانا شبير احمد عثماني) کيس ڪافر ڪوٺڻ ۾ بلڪل سنجيده نه هوندا پر جيئن ته مولانا سنڌي مرحوم پاڻ اهو سبب لکيو آهي تنهن ڪري اسان کي اهو يقين ڪرڻ گهرجي ته هنن ان ڳالهه کي بنياد بنائي نه رڳو مولانا سنڌي خلاف دشمني جي باهه ڀڙڪائي هوندي پر ان کي ڪافر ڪوٺڻ به رڳو هڪڙو بهانو هو جيڪو ديوبند مان سندس نيڪالي لاءِ گهڙيو ويو هو. اصل سبب سياسي اختلاف ۽ انگريزن خلاف برپا ڪيل حضرت شيخ الهند جي تحريڪ هئي جنهن ۾ مولانا عبيدالله سنڌي هڪ سرگرم شخص هو.





**اختلافن جو نتيجو**

بهرحال انهن اختلافن جو نتيجو اهو نڪتو جو مسلمانن جي اجتماعي مفادن لاءِ قوم ۽ وطن جي آزادي جي هڪ عظيم الشان تحريڪ ختم ٿي ويئي. قومي ۽ ملي جنگ جو هڪ اهم محاذ تباهه ٿي ويو. ديوبند جي بهترين دماغن ۽ وڏين ذهني ۽ فڪري صلاحيتن ۽ انقلابي عنصرن کي اهڙو ته ڇڙوڇڙ ڪيو ويو جو اڄ مُني صديءَ کان به وڌيڪ وقت گذري ويو آهي ته به علم ۽ عمل جون به بهترين ڌارائون گڏ نه ٿي سگهيون آهن ۽ قوم، وطن، دين ۽ ملت کي انهن گڏيل صلاحيتن مان جيڪو فائدو پهچڻو هو سو نه پهتو بلڪ ديوبند جي ان انقلابي تحريڪ کان قاسمي، عثماني، فاروقي (ٿانوي) خاندانن جي جدا ٿي وڃڻ جو نتيجو اهو نڪتو جو ان ئي نيچريت ۽ بي ديني کي ٽيڪ ۽ هٿي ملي جنهن جي الزام ۾ مولانا سنڌي کي ديوبند مان نيڪالي ڏني ويئي هئي.

جن بزرگن حضرت شيخ الهند جي انقلابي قيادت ۽ سياست جو انڪار ڪيو تن پاڻ ۽ انهن جي آڪهه آغا خاني ۽ اسماعيلي شخصيتن (آغا خان ۽ جناح) کي پنهنجي مٺي جي موڙ ٻڌايو ۽ انهن جي مفادن ۽ مقصدن کي نه رڳو فائدو پهچايو پر انهن جي حڪومت لاءِ قانوني ۽ شرعي جواز پيدا ڪري انهن کي ايترو ته سگهارو بنائي ڇڏيو جو اڄ جيڪڏهن ملڪ جون سڀ اسلامي طاقتون گڏجي به انهن جو مقابلو ۽ تدارڪ ڪرڻ چاهين ته به ممڪن نظر نٿو اچي.

توڙي جو حضرت شيخ الهند جي قيادت کان انڪار ڪرڻ هڪ سياسي مسئلو هو پر جيئن ته ان انڪار جو بڻ بنياد چند شخصيتن ۽ خاندانن جي نجي ۽ محدود هلڪڙن مفادن تي رکيل هو تنهن ڪري نه رڳو ملي اجتماعي تحريڪ کي نقصان پهتو پر ديوبند جي ديني مڪتبہ فڪر ۾ به اختلافن جي هڪ اهڙي لهر ۽ وٿي پيدا ٿي پئي جنهن مان ديوبند جي دشمنن هميشه فائدو حاصل ڪيو ۽ ان جو نقصان سدائين ديوبند وارن جي ڪنڌ ۾ پوندو رهيو آهي.

❋❋

www.iqbalkalmati.blogspot.com



باب چوٿون

# مولانا سنڌي جي تڪفير ۽
# ديوبند مان نيڪالي جا اصل سبب

هي سوال اجا تائين اڌورو رهيل آهي ته مولانا عبيدالله سنڌي کي ديوبند مان ڪڍڻ جا اصل سبب ڪهڙا هئا؟

(1) جيتري قدر تبليغ واري مسئلي جو تعلق آهي ته مٿي معلوم ٿي چڪو ته هي ايڏو وڏو مسئلو نه هو جو دارالعلوم جي هڪ نامياري ۽ باصلاحيت فرزند کي سندس مادر علمي کان ڌار ڪيو وڃي ۽ ان تي ڪفر جي فتوي به لڳائي وڃي. جڏهن ته حضرت شيخ الهند جو موقف به اهوئي هو پاڻ ان مسئلي بابت جيڪي ڪجهه فرمايو هو ان سان ڪنهن کي به اختلاف نه هو. مولانا مناظر احسن گيلاني ته ان کي ان باب ۾ حرف آخر قرار ڏنو آهي ۽ مولانا انور شاهه ڪشميريءَ، مولانا سنڌي جي خيالن بابت جيڪو رويو اپنايو هو ان کي غلط فهمي تسليم ڪري ڪانئس معافي ورتي هئي.

(2) هندو مسلم اتحاد واري مسئلي ۾ به قومي مفادن جي بنياد تي ان جي ڪنهن خاص رخ سان، طريقه ڪار سان، اتحاد جي دائري سان يا انداز فڪر ۾ ڪنهن خامي جي بنياد تي اختلاف ته ڪري سگهجي ٿو پر ان جي بنياد تي ديوبند مان مولانا سنڌيءَ جي نيڪالي ۽ تضليل ۽ تڪفير جي فتوي جو ڪو به جواز نه هو.

(3) نئين تعليم پڙهيل همراهن سان ميل جول جو مسئلو به ايترو اهم ڪو نه هو جو مولانا سنڌي کي ديوبند مان ڪڍيو وڃي ۽ سندس ان عمل کي ضلالت ۽ ڪفر چيو وڃي، جڏهن ته ساڳئي مڪتبه فڪر جا ماڻهو نئين تعليم پرايل ماڻهن جي پاڻ ڏانهن رجوع ڪي پنهنجي بزرگي جو





دليل سمجهندا رهيا آهن. هاڻي ته انهن جي بي ديني ۽ نيچريت جي افسانن جو چوپول ختم ٿي ويو آهي. اڄڪلهه ته دين دنيا جي ڪنهن به مسئلي ۾ نئين تعليم پرايل همراهن کي واٽ وڃايل، گس تان ٿڙيل ته چئي سگهجي ٿو پر انهن کي ڪافر ڪوئي نٿو سگهجي پوءِ ان ماڻهو جي ڪفر جو ته سوال ئي پيدا نٿو ٿئي جيڪو رڳو ان باب ۾ سياسي، سماجي يا اجتماعي مسئلي ۾ اختلاف رکندو هجي.

(4) حضرت شيخ الهند طرفان پنهنجي پڳ مولانا محمد علي جي مٿي تي رکڻ وارو معاملو ڪٿي ڪيترو ئي نامناسب ۽ بي محل مڃيو وڃي ۽ ڪٿي ان عمل کي ديوبند جي عزت کي مٽي ۾ ملائڻ برابر ڇو نه مڃيو وڃي ۽ ڪٿي ان عمل جو سبب مولانا سنڌي کي ئي سمجهيو وڃي پر پوءِ به ان بنياد تي ڪيس ڪافر ڪوٺڻ ته بلڪل عقل جي ابتڙ آهي، نه ئي ان جي نيڪالي لاءِ معقول سبب ٿي سگهي ٿو. انهن سيني مسئلن ۾ وڏو مسئلو تبليغ وارو هو پر پوءِ به ان جي حيثيت اهڙي نه هئي جو ان بنياد تي ڪفر ته پري رهيو پر رڳو فسق ۽ ضلالت جو الزام به لڳايو وڃي. ٻين مسئلن جو تعلق ته اجتماعي، سياسي ۽ سماجي زندگي سان هو انهن جو ڪرڻ، نه ڪرڻ ملي مفادن تي مدار رکي ٿو. اسلامي عقيدن سان انهن جو ڪو به واسطو نه هوءِ نه انهن جي ايتري اهميت هئي جو ان سان مولانا سنڌي جي ڪفر ۽ ايمان جو فيصلو ڪيو وڃي. وري به ته هي سڀ ڪم حضرت جن جي اشاري ۽ صلاح سان ٿي رهيا هئا انهن جو اصل ذميوار به حضرت شيخ الهند هو نه مولانا سنڌي.

مفتي عزيزالرحمان صاحب انهن ڏانهن اشارو ڪندي لکي ٿو ته:

"پر سوال اهو آهي ته جيڪڏهن هي سڀ علمي اختلاف هئا ته به ڇا اهي اختلاف اهڙا هئا جن جي ڪري هڪڙي سرگرم ڪارڪن کي وڃائي ڇڏجي؟ ڇا اهي حالتون رڳو مولانا سنڌي جون پيدا ڪيل هيون؟ جيڪڏهن غور ڪيو وڃي ته اصل ۾ تحريڪ جو وڏو پرچارڪ ته حضرت شيخ الهند هو پر حضرت شيخ الهند سان ٽڪر ڪير ڪائي؟"

جيئن ته پهرئين عرض ڪيو ويو آهي ته مولانا عبيدالله سنڌي جي مخالفت ۽ ان جي تضليل ۽ تڪفير ۽ ديوبند مان نيڪالي جا اصل سبب

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ٻيا هئا. ان سلسلي ۾ هاڻي ڪنهن وڏيڪ بحث جي ضرورت نہ آهي رڳو انهن بيانن نقل ڪرڻ تي بس ڪئي وڃي ٿي جيڪي سڌي سنئين تحقيقي معلومات ۽ سي آءِ ڊي گورنمينٽ جي لکيل رپورٽن تي ٻڌل آهن.

(1) سڊيشن ڪميٽي جي رپورٽ ۾ آهي تہ: عبيدالله سک مان مسلمان ٿيو آهي. گڏيل قومن (يو پي) جي ضلع سهارنپور جي مذهبي مدرسي (درالعلوم) ديوبند ۾ ان مولوي جي تعليم ورتي. اتي هن پنهنجي جنگي (انقلابي) ۽ برطانيہ دشمن خيالن سان مدرسي جي عملي جي خاص ماڻهن ۽ ڪجهہ شاگردن کي متاثر ڪيو. سڀني کان اهم شخصيت جنهن تي هن پنهنجو اثر وڌو سو محمود حسن هو جيڪو ان مدرسي ۾ گهڻي وقت کان هيڊ مولوي (صدر مدرس) رهي چڪو آهي. عبيدالله گهريو ٿي تہ ديوبند جي مشهور مدرسي جي پڙهيل مولوين جي سهڪار سان پوري هندستان ۾ هڪ عام اسلامي جوش ۽ مسلمانن ۾ برطانيہ مخالف هڪ تحريڪ برپا ڪري ڇڏي. پر ان جي تجويزن آڏو مدرسي جو مهتمم ۽ انجمن جا ماڻهو رڪاوٽ بنجي ويا انهن هن کي ۽ سندس ڪجهہ ساٿين کي مدرسي جي نوڪري تان برطرف ڪري ڇڏيو.

(بحوالہ علماءحق اور ان کے مجاھدانہ کارنامے حصہ اول ص 165 مراد آباد 1946)

ان رپورٽ ۾ مولانا سنڌي جو ڏوهہ برطانيہ دشمني ۽ انقلاب پکيڙڻ لاءِ ڪجهہ ماڻهن ۽ شاگردن کي متاثر ڪرڻ، پوءِ مدرسہ جي پڙهيل مولوين (جمعيت الانصار) جي سهڪار سان پوري هندستان ۾ عام انقلابي هلچل ۽ مسلمانن ۾ برطانيہ دشمن تحريڪ هلائڻ بيان ڪيو ويو آهي ۽ مدرسہ (دارالعلوم) جي مهتمم ۽ انجمن (جمعيت الانصار) جي ڪجهہ ماڻهن (مولانا شبير احمد عثماني وغيرهم) جو ڪارنامو ان تحريڪ ۾ (رڪاوٽ بنجڻ) ۽ مولانا سنڌي کي نوڪري تان برطرف ڪري ڇڏڻ بيان ڪيو ويو آهي. هتي هي وضاحت ڪرڻ بہ ضروري آهي تہ مولانا سنڌي مدرسي جو ملازم نہ هو جمعيت الانصار جي ڪم ڪار ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪيس وظيفو ملندو هو جيڪو سندس نظامت تان استعفا ڏيڻ کان پوءِ بند ٿي ويو. هتي ان طرف اشارو آهي.

(2) نقش حيات از مولانا سيد حسين احمد مدني اشاعت ڪراچي. نقش حيات حضرت مدني عليہ الرحمة جو پنهنجو لکيل آهي. 1953ع ۾





هندستان مان ڇپيو هو منهنجي اڳيان ڪراچي واري اشاعت آهي ان ۾ ڪيترين جاين تي ان مسئلي بابت اشارا ملن ٿا. هڪ جڳهہ تي فرمائين ٿا تہ:

(الف) هنن "مهتممن" مولانا سنڌيءَ جي سرگرمين کي نہ رڳو دارالعلوم لاءِ پر عام مسلمانن لاءِ بہ هاڃيڪار سمجهو ٿي ۽ پنهنجي خيال موجب ضروري سمجهيائون تہ مولانا سنڌيءَ جو تعلق ان مرڪز سان نہ رهي. اتفاق سان ان زماني ۾ ڪجهہ علمي مسئلن ۾ مولانا سنڌي ۽ دارالعلوم جي ٻين عالمن ۾ "اختلاف پيدا ڪرايو ويو" انهيءَ اختلاف کي بنياد بنائي مولانا سنڌيءَ کي دارالعلوم مان ڪڍيو ويو جيئن رولٽ ڪميٽي ۾ ان طرف اشارو موجود آهي. ان اختلاف توڙي جو دارالعلوم جي استادن ۽ عام شاگردن کي مولانا سنڌي کان گهڻو پري ڪري ڇڏيو هو پر حضرت شيخ الهند قدس الله سره العزيز سان لاڳاپن ۾ ڪوبہ فرق نہ آيو هو ۽ لڪ ڇپ ۾ اچ وڃ ٿيندي رهي. رات جي اونداهين ۾ ديوبند کان ٻاهر ملاقاتون ٿينديون رهيون ۽ ضروري ڳالهيون طئي ٿينديون رهيون.

(حصہ 2 ص 150)

حضرت شيخ الاسلام جي ان بيان ۾ هي جملو خاص ڌيان جو حقدار آهي تہ "اختلاف پيدا ڪرايو ويو" ان جو سبب اهي ئي مولانا سنڌيءَ جو سامراج دشمن ۽ انقلابي سرگرميون هيون.

(ب) ٻئي جڳهہ تي لکن ٿا تہ: بهرحال اصل سبب اهو مامرو آهي جنهن جي بنياد تي يوپي جو گورنر سر جيمز مسٽن ديوبند آيو ۽ دارالعلوم ۾ وڃي ڪري مهتمم صاحب کي شمس العلماء جو خطاب ڏنائين.

ان بيان مان اهو اندازو ٿئي ٿو تہ مولانا سنڌيءَ کي دارالعلوم کان ڌار ڪرڻ وارو عمل خود برطانوي حڪومت جي اشاري تي ٿيو هو. (بحوالہ ايك خود ساختہ داستان حقائق کے آئينے ميں ص 7)

(3) "تذڪره شيخ الهند" از مفتي عزيزالرحمان بجنوري 1965ع، هي هڪ اهم تصنيف آهي جنهن ۾ مفتي صاحب تفصيل سان بحث ڪيو آهي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



(الف) جمعيت الانصار جي هيءَ تنظيم جيتوڻيڪ بلڪل مذهبي تحريڪ هئي پر جيئن ته حضرت شيخ الهند ملڪ ۾ هڪ سنجيده ۽ سهڻو سماج تيار ڪري رهيو هو خاص ان مقصد لاءِ ته اڳتي هلي ڪري جڏهن هندستان تي ٻاهران ڪا چڙهائي ڪئي وڃي ته ملڪ اندر هڪ اهڙي جماعت جو هجڻ ضروري آهي جيڪا ان انقلاب کي مقامي سهڪار ڏيئي ڪامياب بڻائي ۽ هڪڙي اشاري سان آمريڪا وانگر راتو رات حڪومت جو ڍانچو بدلائي ڇڏي. ان لاءِ ضروري هو ته ملڪ ۾ صالح ۽ لائق ماڻهن جي گهٽائي هجي پر افسوس جو اهڙي نموني جي پنهنجي حڪومت ٺاهڻ جو هي منصوبو ڪامياب نه ٿي سگهيو. مرڳو حڪومت جي بدظني ۽ پنهنجن جي خوشامدي ۽ چاپلوسي واري پاليسي سان گڏوگڏ ٻين حرام پاپين ۾ به واڌارو ايندو ويو.

(ص 173)

(ب) دارالعلوم جي مهتمم مولانا سنڌي جي انهن سرگرمين کي پاڻ لاءِ ۽ دارالعلوم لاءِ خطري جي گهنٽي سمجهيو ٿي ۽ هو پنهنجي سر ان خطري کي سر تي کڻڻ لاءِ بلڪل تيار نه هئا تنهن ڪري هنن مولانا سنڌيءَ خلاف ڪجهه مسئلا اٿاريا تانته ڪيس دارالعلوم مان اهو چئي ڪري ڪيبيو وڃي ته هو بزرگن جي مسلڪ کان ڦري ويو آهي يا گمراهه ٿي ويو آهي يا سندس نظريا گمراهه ڪندڙ آهن. تنهن ڪري اهڙي ماڻهو کي دارالعلوم جي چوديواري ۾ رکڻ شاگردن لاءِ هاڃيڪار آهي.

(ج) اهڙيءَ طرح مهتمم ڪجهه مسئلا اٿاريا ۽ مولانا ڪشميري (انورشاهه) ۽ علامه عثماني (شبير احمد) کي مولانا سنڌيءَ سان ٽڪرائي وڌائون ۽ ديوبند ۾ انهن ٽنهي بزرگن وچ ۾ مناظرو ٿيو جيڪو حقيقت ۾ مولانا سنڌي کي ڪيڍڻ لاءِ رڳو هڪ بهانو هو. چنانچه مولانا سنڌي خلاف هڪڙو دمچر مچائي سندس ساک کي ملڪ ۾ مجروح ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي ويئي.

(ص 174)

(د) جمعيت الانصار جي پروگرام ۽ تجويزن سان جتي انگريز هنگ





ترڪان ۾ اچي ويا هئا اتي دارالعلوم جي مهتمن جي اقتدار واري ڪرسي کي به زوراڻي ٺوڪر پئي لڳي جنهن لاءِ هنن اهو طريقو اپنايو ته علامه سنڌي تي علمي ۽ مذهبي الزام مڙهي کيس ڏار ڪيو وڃي. (ص176)

انهن چند حوالن مان مولانا سنڌي جي ڏوهه ۽ ديوبند مان سندس نيڪالي جو حقيقي ۽ سچو پسمنظر ۽ مهتمن جي ڪارنامن ۽ ڪرتون جا سڀ پهلو سامهون اچي وڃن ٿا.

(4) "تحريڪ شيخ الهند" از مولانا محمد ميان دهلوي 1975ع

هي ڪتاب اصل ۾ "ريشمي خطوط سازش ڪيس" جا اهي دستاويز آهن جيڪي انڊيا آفيس لائبريري لنڊن ۾ محفوظ آهن انهن کي حاصل ڪري ترتيب ڏيئي ڇپايو ويو آهي. ان ۾ تمام تفصيل سان جمعيت الانصار ۽ ان جا مول متا ۽ مولانا عبيدالله سنڌي ۽ حضرت شيخ الهند جي ڪمن ڪارين جو تذڪرو آيل آهي. حقيقت ۾ هي سڄو ڪتاب ۽ ان جا سمورا دستاويز حضرت شيخ الهند ۽ مولانا سنڌي جي سياسي انقلابي تحريڪ جي وضاحتن تي ٻڌل آهن.

(الف) ان ۾ جمعيت الانصار ۽ ان جي جوڙجڪ بابت لکيل آهي.

عبيدالله سنڌيءَ جي نظامت هيٺ ڇهن ستن ممبرن تي ٻڌل ورڪنگ ڪميٽي واري هي انجمن 1910ع ۾ قائم ٿي. اها انجمن مدرسه ديوبند ۾ پڙهيل مولوين "طلباء قديم" جي انجمن طور قائم ڪئي ويئي، ان جو مقصد هي هو ته:

- مدرسي ديوبند جو انتظام سنڀالي ۽ ان کي بهتر بڻائي.
- مدرسي جي لاءِ رقم جو انتظام ڪري.
- ديوبند ۾ جن عقيدن جي تعليم ڏني وڃي ٿي انهن جي تبليغ ڪري ۽ انهن جي واڌويجهه ڪري.
- ٻين جاين تي پڻ اهڙا مدرسا قائم ڪري.

تجويز اها هئي ته سمورن اسلامي مدرسن کي جمعيت الانصار جي ماتحت ڪيو وڃي ۽ ديوبند جي فارغ التحصيل مولوين کي انهن مدرسن ۾ مقرر ڪري ان جا قائدا قانون باقاعدي مرتب ڪيا ويا هئا. ان جا ساليانه جلسا مراد آباد ۽ ميرٺ ۾ ٿيا هئا ته جيئن جمعيت الانصار جي مقصدن جي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



تبليغ ۾ ترقي ۽ واڌارو ڪري سگهجي. لاهور جي صوفي مسجد جي مولوي ابو احمد نائب ناظم جي حيثيت سان 1911ع ۾ ڪجهه مهينا ڪم ڪيو هو.

(ص 232)

(ب) جمعيت الانصار ۾ پيدا ٿيل اختلاف ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي دارالعلوم ديوبند مان نيڪالي بابت ان ۾ هي وضاحتون آهن:

- شروع ۾ ديوبند واري مدرسي جي سڄي انتظامي مجلس جمعيت الانصار جي حق ۾ هئي.
- تڪڙو ئي "مولوي" عبيدالله انگريزي پڙهيل نوجوانن کي طالب علم جي حيثيت ۾ وٺڻ شروع ڪيو ۽ ان سان جمعيت جي حيثيت سياسي نموني واري ٿي ويئي.
- جڏهن بلقان جي جنگ لڳي ۽ ديوبند جي ذميوار ماڻهن ترڪي جي مدد ڪرڻ جي فتويٰ ڏني ته اوچتو ئي اوچتو جمعيت الانصار پنهنجي اصلي رنگ ۾ اچي ويئي ۽ حد درجي جي ڪٽر ۽ متعصب جماعت بنجي ويئي.
- مولوي، شاگرد ۽ ٻيا عام ماڻهو مبلغ بنائي ڪري موڪليا ويا ۽ ترڪي جي مدد لاءِ هلال احمر جي فنڊ ۾ وڏيون وڏيون رقمون گڏ ٿيڻ لڳيون.
- غيرملڪي سامان جي بائيڪاٽ جي تبليغ وڏي زور شور سان ڪئي ويئي.
- ان جي ڪلڪتي واري شاخ "قاسم المعارف" چندي گڏ ڪرڻ جي سلسلي ۾ تمام گهڻي سرگرمي ڏيکاري.
- ان تي مدرسي جي عملي جا سنجيده ماڻهو هوشيار ٿي ويا ۽ اهڙا اختلاف پيدا ٿيا جو عبيدالله کي 1913ع ۾ استعيفا ڏيڻي پئي.
- پوءِ تڪڙو ئي ان انجمن جو وجود ختم ٿي ويو.

(ج) هڪڙي ٻئي جاءِ تي لکيل آهي ته:

- مدرسي جي ساک کي باقي رکڻ لاءِ مجلس منتظمه فيصلو ڪيو ته عبيدالله کي انيس احمد ۽ ٻين ساٿين سميت مدرسي مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي.
- مولانا محمودالحسن ان فيصلي کي پسند نه ڪيو.





(5) "ایک خودساخته داستان حقائق کے آئینے میں" مولانا اسعد مدني

مولانا قاري محمد طيب صاحب، مولانا اسعد مدني جي هڪ تقرير جي وضاحتن سان اختلاف ڪندي اٺن پنن وارو هڪ ڪتابڙو "ایک خودساخته داستان کی حقیقت" جي نالي سان ڇپرايو هو. ان ۾ مولانا سنڌيءَ مرحوم جي دارالعلوم مان نيڪالي واري معاملي ۾ پنهنجي پيءُ مرحوم شمس العلماء مولانا محمد احمد جو نه رڳو بچاءُ ڪيو آهي پر آزادي واري جنگ ۾ سندس رهنمائي جو پڻ تذڪرو ڪيو آهي. ان جي جواب ۾ مولانا اسعد مدني ديوبند مان مولانا سنڌي جي نيڪالي واري سوال تي بحث ڪيو آهي ۽ حقيقتن جي روشني ۾ قاري طيب صاحب جي مغالطات کي ختم ڪيو آهي. ان ڪتابڙي جا ڪجهه حوالا هن مضمون ۾ مٿي نقل ٿي چڪا آهن ان ڪري تڪرار جي ضرورت نه آهي باقي رڳو هڪڙو تڪڙو اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو. مولانا سيد اسعد مدني لکي ٿو ته:

> حضرت شيخ الاسلام (مولانا حسين احمد مدني) مولانا مناظر احسن گيلاني ۽ انگريز حڪومت جي سي آءِ ڊي سڀ ان ڳالهه تي متفق آهن ته مولانا عبيدالله سنڌي جي ديوبند مان نيڪالي ۽ جمعيت الانصار جي ٽوڙ ڦوڙ رڳو ان بنياد تي ٿي ته مولانا سنڌيءَ مهتمن جي خيال جي ابتڙ ان جو رخ انگريز سرڪار جي مخالفت ڏي موڙي ڇڏيو ۽ سچ پچ به حضرت شيخ الهند وٽ جمعيت الانصار جي قائم ڪرڻ جو مقصد به اهوئي هو.

(بحواله "ایک خودساخته داستان حقائق کے آئینے میں" ص 9 از مولانا اسعد مدني ديوبند 1401هه)

www.iqbalkalmati.blogspot.com



باب پنجون

# شمس العلماءَ حافظ محمد احمد
# مهتمم دارالعلوم ديوبند
# ڪجهه تاريخي دستاويزن جي آئيني ۾

ايندڙ پنن ۾ جيڪي دستاويز پيش ڪيا پيا وڃن اهي محترم شان محمد جي ترتيب ڏنل ڪتاب ”دي انڊين مسلمز اي ڊاڪيو منٽري رڪارڊ 1900ع کان 1947ع انٽر سٽ ان ورلڊ وار“ دهلي 1982ع جي پنجين جلد تان ورتل آهن. ان جلد ۾ ڏنل سڀ دستاويز پهرئين عالمي لڙائي جي زماني 1914ع کان 1918ع جي باري ۾ آهن. هتي رڳو اهي دستاويز ڏنا ٿا وڃن جن جو تعلق حضرت شيخ الهند جي تحريڪ بابت شمس العلماء حافظ محمد احمد مهتمم دارالعلوم ديوبند جي رويي ۽ سندس سرگرمين سان آهي. هي سڀ دستاويز اصل ۾ انگريزي ٻولي ۾ مرتب ڪيا ويا هئا پوءِ انهن جو اردو ترجمو ڪيو ويو آهي. پر انهن ۾ هڪڙو دستاويز (سپاسنامو) جيڪو يوپي جي گورنر سر جيمس مسٽن جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو اهو اصل اردو ۾ هو. ان جو انگريزي ترجمو گورنر جي دفتر يا يوپي گورنمينٽ جي سيڪريٽريٽ جي ڪنهن ماڻهو ڪيو هوندو. سپاانامي جو هي ترجمو يوپي حڪومت جي سيڪريٽري پنهنجي تبصري سان حڪومت هند کي موڪليو هو ۽ ان تي ڪرمنل انٽيلي جنس پنهنجو ردعمل به ڏيکاريو هو. جيئن ته اصل اردو وارو سپاسنامو هٿ نه آيو آهي ان ڪري سندس انگريزي ترجمي تان وري اردو ۾ آندو ويو آهي. ترجمي جي ان ڦيرگهير اٿل پٿل سان سندس مطلبن ۾ فرق نه پيو آهي. ان جو مفهوم يقيناً ساڳيو ئي رهيو آهي پر سندس ٻولي ۽ لهجي جي ذميواري سپاسنامي پيش ڪرڻ وارن تي نٿي وجهي سگهجي. سپاسنامي ۾ هنن ڪهڙي معنيٰ جي ادائگي لاءِ ڪهڙا لفظ ڪتب آندا هئا؟ ان بابت يقين سان ڪا به ڳالهه نٿي چئي سگهجي





سپاسنامي ۾ قرآن پاڪ جي ڪجهه آيتن جا حوالا پڻ آيل آهن ترجمي جي لفظن ۾ معنيٰ جي مدد سان انهن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي پر ٿي سگهي ٿو ته اصل سپاسنامي ۾ ان ئي مفهوم واريون ڪي ٻيون آيتون ڏنل هجن. انهن دستاويزن پڙهڻ بنان مولانا سنڌي خلاف پنڊي ٻارڻ، ڪافر ڪوٺڻ، ديوبند مان نيڪالي ۽ حضرت شيخ الهند مولانا محمودالحسن ۽ سندس تحريڪ خلاف دارالعلوم جي مهتممن جي ڪرتوتن ۽ انگريز پرستانه روين جو يقين ئي نٿو ڪري سگهجي. سڀني همراهن خاص ڪري شمس العلماء مولانا محمد احمد جو صحيح سياسي ۽ قومي ڪردار انهن دستاويزن پڙهڻ بنان معلوم ئي نٿو ڪري سگهجي.

جيڪي دستاويز هتي پيش ڪيا پيا وڃن ڪتاب ۾ انهن جا نمبر 11ـ 21ـ 22ـ 24ـ 25 ۽ 26 آهن. پر هتي انهن جي ترتيب سندن لکجڻ ۽ ٽپال واري تاريخ جي اعتبار سان رکي ويئي آهي.

(21)

**سپاسنامو**

**صوبه يوپي جي گورنر سرجيمس مسٽن جي خدمت ۾**
**ديوَ بند جي مولوين طرفان**

27 سيپٽمبر 1915ع

اسين (جن کي بنا وڏاء جي سڀني راهي رسائي وارن، ريا کان پاڪ ۽ الله لوڪي رواداري رکڻ وارن جو ترجمان چئي سگهجي ٿو.) نمائندا آهيون هندستان ۾ قائم واحد اسلامي مرڪز دارالعلوم ديوبند جا جنهن جو ڪو مثال ڪونهي ۽ اسين باوجود هر نموني جي تخريبي ڪوشش ۽ بدبختانه ڪارروائين[1] جي نهايت ثابت قدمي ۽ پختگي سان ان جي پراڻي پاليسي کي هلائي رهيا آهيون.

[1] تخريبي ڪوشش ۽ بدبختانه ڪارروائين مان اشارو حضرت شيخ الهند ۽ مولانا عبيدالله سنڌي جي انگريز دشمن ۽ ملڪ جي آزادي لاءِ ڪيل ڪوشش ڏانهن آهي. جنهن جو پهريون مرڪز دارالعلوم ديوبند هو ۽ پوءِ ان مرڪز کي دهلي منتقل ڪيو ويو. جيتوڻيڪ ان کان پوءِ به دارالعلوم ۾ حضرت شيخ الهند جي وجود سبب آزادي نواز ۽ انگريز دشمن لاڙا موجود رهيا.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



يوئر آنر جي خدمت ۾ ۽ ان جي واسطي سان هندستان جي حڪمران هز ايڪسي لينسي وائسرائي جي خدمت ۾ مولانا محمد احمد مهتمم دارالعلوم (ديوبند) کي شمس العلماء جو خطاب ۽ خصوصي سند نوازڻ تي جيڪو عالمن جي عزت افزائي ۽ شاهاڻي عطائن جي روايت جو هڪ نمونو آهي تنهن تي[2] شڪر ادا ڪرڻ ۽ سچائي سان پنهنجي دلي جذبن جو اظهار ڪريون ٿا. حڪومت جي ان عمل مان نہ رڳو اهو ثابت ٿئي ٿو تہ هو انهن مسلمان اڳواڻن ۽ ليڊرن جي عزت ڪري ٿي جيڪي ان جا لائق آهن پر آزاديءَ جي دعويدارن جي ان سوال جو جواب بہ ملي وڃي ٿو تہ ڇا اعزاز سچ پچ اهل ماڻهن کي ڏنا وڃن ٿا؟ هي صحيح آهي ۽ اسان بہ ان حقيقت کي مڃون ٿا تہ مادي ۽ دنياوي مفادن حاصل ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ نہ تہ اسان جو فطري لاڙو آهي نڪي اسان جي ديني فرضن ۾ شامل آهي. پر خدا جي مرضيءَ مطابق اسان جا هي حڪمران جيڪڏهن اسان کي ڪو اعزاز ڏين تہ اسان اهو ڇو نہ قبول ڪريون جيڪڏهن اسان ايئن نہ ڪريون (يعني اعزاز جو قدر ۽ ان تي شڪر جو اظهار نہ ڪريون)[3] تہ شل الله معاف ڪري ۽ ڇڏڪ اسان شڪر گذاري ۽ ٿورن مڃڻ وارن ان فرض کان منهن موڙيو جنهن جي اسان جي پاڪ مذهب اسان کي تعليم ڏني آهي ۽ ان ۾ غفلت ڪرڻ

---

[2] برطانوي حڪومت جي ڪنهن بہ اعزاز کي اسلامي حڪومت يا خلافت جي اعزاز جهڙو سمجهڻ وڏي زيادتي آهي. ٻيو تہ مولانا محمد احمد جي ٻي ڪهڙي اهم خدمت هئي جنهن جي مڃتا طور هي خطاب ۽ خصوصي سند ڏني ويئي هئي. تصنيف ۽ تاليف ۽ پڙهڻ پڙهائڻ ۾ ان جو ڪو خاص ۽ نمايان درجو ڪونہ هو. جيڪڏهن دارالعلوم جي مهتمميءَ وارو عهدو ان اعزاز جو بنياد آهي تہ پوءِ ڏسڻ گهرجي تہ ملڪ جي ٻين ڪيترن دارالعلومن، ڪاليجن، يونيورسٽي جي شيخن، مهتممن ۽ پرنسيپلز کي ان وقت يا ان کان پوءِ شمس العلماء جي خطاب سان نوازيو ويو هو. حقيقت هي آهي تہ مولانا محمد احمد کي دارالعلوم ۽ ان جي حلقہ اثر ۾ برطانوي مفادن جي حفاظت ڪرڻ وارين خدمتن جي مڃتا ۾ خطاب ۽ سند سان نوازيو ويو هو. هن هڪ نازڪ وقت ۽ انقلاب جي زماني ۾ پنهنجي سر برطانوي حڪومت جي سياسي ۽ سامراجي مقصدن جي حاصلات ۾ مدد ڪئي هئي. ان ڪري دارالعلوم ۽ ان جي حلقہ اثر ۾ انهيءَ خطاب جو سڀني کان وڌيڪ حقدار اهوئي هو.

[3] خبر ناهي تہ اهو راز ڪيئن پروڙيو ويو آهي تہ انگريز حڪومت پاران مولانا محمد احمد کي خطاب ڏيڻ الله جي مرضي مطابق ۽ ان جي رضامندي جو سبب آهي جو ان جو قبول ڪرڻ ۽ انگريزن جي ڪم جي شايان شان واکاڻ لازمي ٿي پئي آهي.





سبب اسان حڪومت جي نظر ۾ الله ۽ رسول جي اڳيان[1] ۽ سڀني اخلاقي اصولن آڏو خوار ۽ ذليل ٿينداسين. اسان اهڙي عمل کي وڏي اخلاقي ڪمزوري ۽ هڪڙي لحاظ کان گناهہ سمجهون ٿا[2] انهن مسلمانن لاءِ جيڪي هنن آيتن تي ايمان رکن ٿا.

(1) اي پيغمبر! چئي ڏي تہ هر ڳالهہ الله جي طرفان آهي.

(2) ان جي حڪم بنان هڪ پن بہ نٿو ڇري سگهي.

(3) جن الله جي اڳيان جهڪڻ کي نشان ۽ شعار بنائي ڇڏيو آهي.[3]

۽ اسان ان پراڻي چوڻي کي سچو مڃيون ٿا تہ جيڪي ڪجهہ دوست کان ايندو اهو سٺو هوندو آهي[4] ۽ ڪنهن شاهاڻي سوکڙي ۽ ڪنهن مٿاهين مرتبي واري اعزاز وٺڻ کان انڪار ڪرڻ يا ان کي شايان شان نموني قبول نہ

---

[1] هنن همراهن وٽ جيئن تہ بحڪم (اطيعوالله واطيعوا الرسول واولي الامر منڪم) موجب انگريز سامراج ۽ ان حاڪمن جي ٻانهپ الله ۽ ان جي رسول جي ٻانهپ سان لازم ملزوم هئي. تنهن ڪري حڪومت اڳيان شڪر جي جذبن جو اظهار ڪرڻ بہ خداءِ رسول جي شڪر سان لازم ملزوم ڪري ڇڏيائون.

[2] انگريزي حاڪم هنن وٽ جيئن تہ (اولي الامر منڪم) مان هئا تنهن ڪري انهن جي مرضي خلاف ڪو ڪم ڪرڻ ذلالت ۽ خواري جو سبب بہ هو تہ اخلاقي ڪمزوري ۽ گناهہ پڻ.

[3] شايد هنن آيتن ڏي اشارو آهي:

(1) ”اي نبي! انهن کي چؤ تہ سڀ ڳالهيون الله جي اختيار ۾ آهن.“ (آل عمران: 154)

(2) ”اي پيغمبر! چئي ڏي تہ سڀ ڪجهہ الله جي طرفان هوندو آهي.“ (النساء: 78)

(3) يا شايد هن آيت جو حوالو ڏنو ويو آهي تہ ”جيڪي ڪجهہ سڪي تي آهي ۽ جيڪي ڪجهہ سمنڊ ۾ آهي سڀ جو هو علم رکي ٿو. وڻ مان ڪو اهرو پن نٿو ڪري يا زمين جي اونداهين ۾ ڪو داڻو نٿو ڦٽو جنهن جو علم الله کي نہ هجي يا ڪو بہ سڪل يا سائو ميوو نٿو ڪري جنهن جي وضاحت الله جي چٽي ڪتاب ۾ نہ هجي.“ (الانعام: 59)

(4) ”شايد هن آيت جو حوالو ڏنو هجين.“ ”هائو جنهن بہ الله جي آڏو سر جهڪائي ڇڏيو ۽ چڱا ڪم ڪيا تہ ان کي پنهنجي پروردگار کان ضرور ثواب ملندو پوءِ ان لاءِ نڪو ڪتڪو آهي نہ ڪو پريشاني.“ (البقره: 112)

(5) يا شايد هي حوالو هجي. ”پوءِ ٻڌايو تہ ان ماڻهو کان وڌيڪ بهتر دين رکڻ وارو ڪير ٿي سگهي ٿو جنهن الله اڳيان ٻانهپ سان سرجهڪائي ڇڏيو ۽ هو چڱا ڪم ڪندڙ بہ آهي ۽ هن ابراهيم کي پنهنجو دوست بنائي ڇڏيو.“ (النساء: 125)

[4] ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هي همراهہ انگريزن کي ملڪ تي مسلط ۽ وطن ۽ قوم جو دشمن نہ پر دوست سمجهندا هئا.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ڪرڻ بي شڪري آهي. اهي ئي سبب هئا جو اسان دارالعلوم جا ٻه ٽي گهڻ گهرا يوئر آنر جي خدمت ۾ حاضر ٿيا آهيون. اسان جي حيثيت رڳو ٻن ٽن ماڻهن جي نه آهي بلڪ اسين عزت واري جماعت جا نمائندا ۽ ترجمان آهيون جيڪي هڪ (حقيقي فرض) ادا ڪرڻ آيا آهيون.[1] اسان کي اميد آهي ته يوئر آنر پڻ اسان جي لافاني شڪريي جو احساس رکن ٿا تڏهن ته اسان کي منهن ڏيکارڻ جي مهرباني فرمائي اٿن.[2]

يوئر آنر! اسان جو هي طبقو (جيڪو دنياوي لحاظ کان معمولي ۽ بکيو پانگ آهي) ان ڳالهه کان پوري ريت باخبر نه آهي ته شڪريي ادا ڪرڻ جو ڪهڙو طريقو وڌيڪ مناسب آهي. پر اسان کي اهو طريقو پسند نه آهي ته هر ضلعي جي مسلمانن پاران خط پٽ، ٽيلي گرام يا قراردادون ۽ ٺهراءَ روانا ڪري سڄي هندستان ۾ ڌوم مچائي ڇڏيون. تنهن ڪري اسان اميد ٿا رکون ته يوئر آنر دارالعلوم جي چند خدمتگارن جي ڪمزور آواز کي "جيڪو اتحاد جي مضبوط بنيادن سبب پوري فرقي ۽ حقيقت ۾ سيني اعتدال پسند ماڻهن جو آواز آهي." ظاهري شان شوڪت ۽ هڙٻونگ واري نموني شڪريي ادا ڪرڻ واري عمل جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ باعزت ۽ موثر ڄاڻندا.

يوئر آنر! اسان جي هن ننڍڙي وفد ۾ نه ته ڪو جاگيردار آهي نڪوئي ڪو رئيس وغيره. هي وفد ظاهري رک رکاءَ کان به پاسيرو آهي. پر پوءِ به اهو ڇوڙ اجايو نه ٿيندو ته يوئر آنر جي دور حڪومت جو فيضان آهي ۽ شمس العلماء مولانا محمد احمد جي اهتمام طفيلي اسان جهڙن بوريه نشين ماڻهن کي به اها سعادت نصيب ٿي جو خواري واري انڌاري اوڙاهه مان نڪري ڪري شاهاڻي دربار ۾ شڪر وارن جذبن پيش ڪرڻ جو موقعو نصيب

[1] هي اهي ماڻهو آهن جن جي وڏن هندستان کي دارالحرب ۽ انگريزن کي ملڪ ۽ قوم جو دشمن قرار ڏنو هو. زماني جي ڪيڏي نه ستم ظريفي آهي جو انهن ئي بزرگن جو اولاد اڄ انگريزن جي بخشيل خطاب تي فخر پيو ڪري ۽ ان جي شڪريي ادا ڪرڻ کي روزي نماز ۽ واجبات شرعيه وانگر "حقيقي فرض" چئي رهيو آهي.

[2] شايد ته ان جو مطلب اهو آهي ته هي شڪراني وارا جذبا ڪي وقتي طور ۽ مصلحت هٿان مجبور ٿي ڪري پيش ڪونه ڪيا ويا آهن بلڪ سوچيل سمجهيل پاليسي موجب دائمي ابدي آهن. نيڪي جو اهڙو عمل جنهن جي لاءِ نه فنا هجي ۽ نه خراب ٿيڻ جو خطرو. پلا شڪراني جي لافاني جذبن جي ٻي ڪهڙي معنيٰ ٿي سگهي ٿي.





ٿيو.[1] اصل ۾ اهو نتيجو آهي دارالعلوم جي وڌنڌڙ افاديت ۽ اثر رسوخ جو.

يوئر آنر! توڙي جو اڄ اسان هڪ خاص "احسان" ۽ "عنايت" جي شڪريي ادا ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيا آهيون جيڪو نه رڳو مئنيجر (مهتمم) پر اسان واري پوري لڏي تي ڪيو ويو آهي ان سان گڏوگڏ اسان آڏو دارالعلوم تي اوهان جو ڪيل نوازشون به آهن جيڪي مهتمم صاحب وقت بوقت ٻڌائيندو رهندو آهي. ان نظر ڪرم سبب مسلم عوام ۾ دارالعلوم جو اعتماد بحال ٿيندو ۽ ان سان اسان جي ان پاليسي کي سگهه ۽ هٿي ملندي جنهن جي واڪاڻ يورپ جا وڏا وڏا آفيسر ڪندا رهيا آهن.

يوئر آنر! اسان الله آڏو شڪر جو سجدو ٿا ادا ڪريون جو اسان تي اسان جي فرقي وارن جو وڏو اعتماد آهي. ان جو ثبوت ۽ شاهدي دارالعلوم جي آمدني جا وڌنڌڙ ذريعا ڏيئي سگهجن ٿا يا دارالعلوم ۾ ڏنل تعليم جا اثرات پڻ.

جيتري قدر اسان جي وس ۾ آهي اسان پنهنجي طبقي جي مذهبي، روحاني ترقي ۽ ڀلي لاءِ پنهنجين ذميوارين پوري ڪرڻ کان ته منهن نٿا موڙيون پر ٿي سگهي ٿو ته ڪي اندروني حالتن کان اڻواقف ماڻهو دارالعلوم جي تقدس ۽ مرتبي کي ڏسي ڪري اسان جي ڪن ڪمن ڪارين کان شڪ شبهي جو شڪار ٿيندا هجن. پر جيئن ئي ڳالهه ٻولهه وسيلي يا خط و ڪتابت وسيلي کين حقيقتن کان واقف ڪيو ويندو آهي ته پوءِ هو پوري نموني مطمئن ٿي ويندا آهن

اسان جو هڪڙو رڳو هڪڙو ئي مقصد آهي، اهو آهي مذهبي آزادي جي حفاظت ۽ رڳو مذهبي آزادي جي حفاظت. ان کان وڌي ڪري ڪنهن سياسي تحريڪ کي قبول ڪرڻ يا نه ڪرڻ اسان جي پڪي پختي ۽ نه بدلجندڙ نظريي کان ٻاهر آهي.[2] جيڪڏهن حڪومت اسلام ۽ سنڌس

[1] ٿورو غور ڪريو ته هي همراهه پنهنجي ڀاڳ تي فخر ڪري رهيا آهن ۽ ڪهڙي زندگي کي "انڌارو اوڙاهه" چئي رهيا آهن ۽ ڪهڙي شيءِ کي سعادت سمجهي رهيا آهن. وري حيرت جي ڳالهه اها آهي ته سنڌن پونيرن جي وري دعويٰ اها آهي ته ملڪ جي جنگ آزادي ۾ اسان جي وڏن جو وڏو حصو رهيو آهي.

[2] جيڪڏهن انهن همراهن وٽ دارالعلوم جي قيام جو ۽ خود سنڌن حياتي جو مقصد رڳو مذهبي آزادي جي حفاظت هو ۽ انگريز دور ۾ اها کين حاصل به هئي ته پوءِ ملڪ جي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



عقيدن ۽ رسمن کي ۽ اسان جي ”حقيقي ليڊر“ [1] کي سچ پچ بہ عزت ڏئي ٿي تہ دل ۽ زبان سان ان جو شڪريو ادا نہ ڪرڻ يا پنهنجي ڪنهن عمل سان ان لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪرڻ انتهائي ناشڪري ۽ گناهہ آهي. [3]

يوئر آنر! اسان پنهنجي اڪيلي ۽ چٽي پاليسي ٻڌائي ڇڏي آهي. هن وقت شمس العلماء مولانا محمد احمد ان پاليسيءَ کي هلائي رهيا آهن. اسان کي يقين آهي تہ سندس خاندان جي مٿاهين مرتبي ۽ شخصي اثرن جي ڪري سندس شاگرد ان پاليسيءَ تي پختگي سان قائم رهندا.

پڇاڙي ۾ اسان يوئر آنر جي ڏيان ۽ وقت جي زيان تي معذرت ڪريون ٿا ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر گرم جوشي سان يوئر آنر جو شڪريو ادا ڪريون ٿا جيڪو صوبي جو اولوالعزم حڪمران ۽ دارالعلوم جو گهڻ گهرو [4] آهي. اسان هن يقين ڪرڻ ۾ حق بجانب آهيون تہ يوئر آنر! ٿورڙي تڪليف

آزادي واري تحريڪ ۽ ملڪ مان انگريزن جي مڪمل نيڪالي جي ڪوشش ۽ پاڪستان قائم ڪرڻ واري تحريڪ ۾ سندن حصيدار هجڻ جو ڪهڙو سوال! هو تہ پاڻ چئي وينا آهن تہ مذهبي آزادي جي حفاظت واري نقطي کان اڳتي وڌي ڪري ڪنهن سياسي تحريڪ کي قبول ڪرڻ يا رد ڪرڻ سندن پڪي پختي ۽ نہ بدلجندڙ نظريي کان ٻاهر آهي.

[1] حقيقي ليڊر مان مراد شمس العلماءَ مولانا محمد احمد آهي جيڪو انگريزن جو دشمن نہ پر دوست هو. ريشمي رومال سازش ڪيس جي ڊائريڪٽري ۾ انٽيلي جنس ڪيس حڪومت جو وفادار ۽ شريف ماڻهو لکيو آهي. سندس وفاداري جو ان کان وڌو ٻيو ثبوت ڪهڙو ٿي سگهي ٿو تہ هن مولانا عبيدالله سنڌي خلاف ماڻهن کي ڀڙڪايو. مٿس ڪفر جي فتوي لڳرائي ۽ ان کي ديوبند مان نيڪالي ڏياري. جمعيت الانصار ذريعي رٿيل سياسي ڪم جو منصوبو مليا ميٽ ڪري ڇڏيو. حضرت شيخ الهند جي جاسوسي ڪري سهارنپور جي ڪليڪٽر معرفت حڪومت کي معلومات ڏيندو رهيو. ان جي شرافت جو ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ثبوت ٿي سگهي ٿو؟

[3] هنن همراهن جي عقيدي موجب برابر سرجيمس مسٽن جا قوم ۽ ملڪ تي بيشمار ٿورا ۽ احسان آهن. ملڪ ملت ۽ مسلمانن لاءِ اهڙي وڏائتي مڙس جا ٿورا نہ ڀاسڻ سچ پچ بہ گناهہ جو ڪم آهي.

[4] مسٽن دارالعلوم جو گهڻ گهرو هويا نہ پر شمس العلماء مولانا محمد احمد لاءِ وڏو همدرد ۽ ڇپر ڇانو هو. خطاب، خصوصي سند، زمين، وظيفو رياست حيدرآباد دڪن جي عالي شان ملازمت، ڪهڙا ڪهڙا نہ ٿورا ڪيا آهن گورنر مسٽن ان تي پر شمس العلماء بہ ”هل جزاءُ الاحسان الا احسان“ موجب ان جي ٿورن جو بدلو مولانا عبيدالله سنڌي کي ديوبند مان ڪيڊرائي ۽ حضرت شيخ الهند کي گرفتار ڪرائي پورو پورو ڏيئي ڇڏيو هو.





ڪري اسان جي هنن تڪڙن پرخلوص ۽ شڪر سان ٿمٿار جذبن کي هز ايڪسي لينس وائسراءِ بهادر جي خدمت ۾ پهچائي ڇڏيندا. اسان يوئر آنر جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ دعاگو آهيون.

## سپاس نامو ۽ يوپي حڪومت جو نوٽ

يوپي حڪومت ان سپاس نامي سان گڏ 27 سيپٽمبر 1915ع تي هڪ نوٽ بہ موڪليو هو جنهن جو ذڪر 28 سيپٽمبر 1915 واري خط ۾ آيو آهي، 27 سيپٽمبر وارو حڪومت جو اهو نوٽ تہ هٿ اچي نہ سگهيو آهي پر البتہ سپاسنامي ۽ يوپي حڪومت جي نوٽ ڪرمنل انٽيليجنس جيڪو تبصرو ڪيو آهي اهو اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو.

(22)

## سپاسنامي ۽ يوپي حڪومت جي نوٽ تي ڪرمنل انٽيليجنس آفيس جو نوٽ

(1) منهنجي خيال ۾ سرجيمس مسٽن انهن مولوين کي هي ٻڌائيندو تہ هز ايڪسي لينسي سندن پيش ڪيل سپاسنامو وڏي خوشيءَ سان پڙهيو آهي.

(2) آءٌ سپاسنامي شايع ڪرڻ جي صلاح ڏيڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪري رهيو آهيان. ديوبند جي هي اسپرٽ فيصلہ ڪن آهي ۽ ان ڳالهہ جو ڏس ڏي ٿي تہ هندستان جي مسلمانن ۾ اها اسپرٽ وڌي رهي آهي [1] پر مولوين جي ان سپاسنامي کي پاپائي عظيم جي ارشادات عاليہ جو درجو نٿو ڏيئي سگهجي. هي ديوبند جي رڳو هڪڙي حلقي جو ترجمان آهي. البتہ حڪومت جي هيءَ فطري ضرورت آهي تہ اها پنهنجي سڃاڻپ هن جهڙن وفادارن وسيلي ڪرائي پر تمام محتاط رويي سان تان تہ مسلمان، حڪومت ۾ گهٽ ۾ گهٽ مداخلت ڪري سگهن ۽ اها يقيناً عقلمندي واري پاليسي هوندي.

[1] يعني چاپلوسي، خوشامدي ۽ وفاداريءَ واري اسپرٽ جنهن جو تازو مظاهرو مولوين جي ان سپاسنامي ۾ ڪيو ويو آهي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



(3) منهنجي خيال ۾ هندوستاني مسلمانن ۾ حڪومت خلاف خطرناڪ چوليون لڪيل رهيون آهن ۽ اجان بہ آهن.[1] اسان جي هي سڌ ۽ تمنا جائز آهي تہ جنگ ۾ اسان ڪي نمايان ۽ يادگار ڪاميابي ملي تان تہ جيڪي ماڻهو ان اڻ تڻ ۾ ڦاٿل آهن تہ هندستان ۾ برطانيہ اسلام جو مقابلو ڪري سگهندو يا نہ؟ انهن جي ذهنن تان شڪ شبها پري ٿي وڃن.[2]

(4) جيمس مسٽن جي خط جي پيراگراف (6) مان اندازو ٿئي ٿو تہ ديوبند جي انهن مولوين جي راهي رسائي جو اندازو سندن حيثيت کان وڌيڪ لڳايو ويو آهي. چو تہ انهن کي مڪي جي مولوين ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي جيڪي پاڻ اسلام ازم لاءِ همدردي جا جذبا رکن ٿا ۽ مذهبي جنوني آهن.[3]

(5) هن ڳالهہ کي آءٌ پسند ڪريان ٿو تہ سپاسنامو ضرور شايع ٿئي پر حڪومت پاران نہ. پوئين تجربي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ حڪومت پاران اهو ڪم ڪرڻ جوش جنون ۽ جهڳڙي کي هوا ڏيڻ برابر ٿيندو.

[1] حضرت شيخ الهند جي تحريڪ آزادي ۽ مولانا عبيدالله سنڌي جي انهن ڪوشش ڏانهن اشارو آهي جن جي طوفاني موجن ديوبندجي جامد ماحول ۽ چاپلوس وفادار مولوين جي حلقي ۾ هلچل مچائي ڇڏي هئي.

[2] يعني تہ مسلمانن جي ذهنن تي اها ڳالهہ چٽجي وڃي تہ برطانوي حڪومت هندستان ۾ اسلام جي مقابلي ۾ هڪ فيصلہ ڪن قوت جي مالڪ آهي تان تہ مسلمان انگريزن خلاف ڪنهن سازش يا بغاوت ۾ شريڪ ٿيڻ جو خيال بہ دل ۾ نہ آڻين.

[3] مراد هي آهي تہ مولانا سنڌي ۽ مڪي جي مولوين يعني حضرت شيخ الهند (جيڪو انهن ڏينهن ۾ عرب ويل هو) جي انگريز مخالف تحريڪ ۽ ان جي وڌندڙ اثرن جي موجودگي ۾ شمس العلماء ۽ انهن مولوين کي نہ علماءِ ديوبند جو ترجمان سمجهيو وڃي ٿو نہ "حقيقي ليڊر". ديوبند تي اثر برابر مولانا محمودالحسن جو آهي پر حڪومت لاءِ وقت جي مصلحت ۽ برطانوي مفادن جي گهرج اهائي آهي تہ هن قسم جي شمس العلماء ۽ خوشامدي مولوين تي اعتماد ڪري انهن کان ڪم وٺي، البتہ محتاط طريقي سان جو انهن جي حد کان وڌيڪ همت افزائي نہ ڪري جو سياڻي هو پاڻ بہ مطالبن وسيلي حڪومت جي معاملن ۾ داخل اندازي ڪرڻ شروع ڪري ڏين.





(24)

## يوپي حڪومت جي سيڪريٽري جو خط حڪومت هند جي سيڪريٽري ڏانهن محمود الحسن ديوبندي جي باري ۾

28 آڪٽوبر 1915ع

پنهنجي ڊي۔ او نمبر 1570 لکيل 27 سيپٽمبر 1915 جي حوالي سان عرض آهي تہ:

(1) حڪومت هند جي انهيءَ ڳالهہ ٻولهہ جي نتيجن سان ضرور دلچسپي هوندي جيڪا هز آنر ليفٽيننٽ گونر (صوبہ يوپي) شمس العلماء مولوي محمد احمد (ديوبند) وچ ۾ 27 سيپٽمبر تي ٿي هئي. هو (شمس العلماء) ان ڏينهن پنجن مولوين[1] سان گڏجي رسمي طور ملاقات ڪرڻ ۽ خطاب عطا ٿيڻ تي شڪريي ادا ڪرڻ ۽ پنهنجي وفاداري جو يقين ڏيارڻ آيو هو. انهن مان هڪڙي مولوي سپاسنامو پڙهيو جنهن جو انگريزي ترجمو هن رپورٽ سان گڏيل آهي. ان تي هيٺين سٽن وسيلي تفصيلي روشني وجهجي ٿي.

(2) سپاسنامي سان گڏوگڏ ان مولوي هز آنر جي خدمت ۾ هڪ پمفليٽ بہ پيش ڪيو جنهن ۾ اخبار زميندار (لاهور) جا ڪجهہ ٽڪرا لکيل هئا. ان پمفليٽ ۾ مولوي محمد احمد (مهتمم دارالعلوم) کي حڪومت طرفان ڏنل (شمس العلماءَ) واري دنياوي اعزاز قبول ڪرڻ تي (پيسي جو پٽ) چئي ڪري گار ڏني ويئي هئي جنهن جو جواب ديوبند جي مولوي شبير احمد (عثماني) طرفان ڏنو ويو هو. اهو بہ هز آنر جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو. انهن سڀني جو خيال آهي تہ اهو پمفليٽ الهلال (ڪلڪتي) جي ايڊيٽر مولوي ابوالڪلام آزاد جو لکيل آهي. جيئن تہ ان طرفان ڪوبہ جواب الجواب نہ آيو آهي ان ڪري هي سمجهن ٿا تہ هو ڪو جواب ڏيئي نہ سگهيو آهي.

(3) سڀني مولوين جي وڃڻ کان پوءِ شمس العلماء (اڪيلائي) ۾ ٻڌايو تہ:

[1] هي پنج مولوي ڪير هئا؟ يقيني طور تہ مولانا محمد احمد (مهتمم دارالعلوم ديوبند) ۽ مولوي حبيب الرحمان عثماني (نائب مهتمم) جوئي نالو وٺي سگهجي ٿو. ممڪن آهي تہ مولانا شبير احمد عثماني بہ هجي جو هو مهتممن جو لاڏلو هو ۽ مولانا سنڌيءَ کي ديوبند مان ڪڍڻ لاءِ جيڪو ڊرامو رچايو ويو هو ان ۾ سڀني کان وڌيڪ حصيدار هو.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



(الف) هن سهارنپور جي مئجسٽريٽ کي مولوي محمود الحسن بابت ٻڌائي ڇڏيو آهي.

(ب) ان هي بہ ٻڌايو تہ مولوي (محمود حسن) ۽ ان جا ساٿي 18 سيپٽمبر تي بحري جهاز ذريعي روانا ٿي ويا آهن ۽ هاڻي هو (مولوي محمد احمد) انهن جي جاسوسي ڪندو جيڪو هڪ اٽانگو مرحلو آهي.

(ج) هن جو خيال آهي تہ مولوي محمود الحسن شريف[1] مدينہ جي معرفت انور پاشا سان ملاقات ڪندو ۽ ان جي مدد سان سرحد تي گڙٻڙ ڪي هٿي ڏيندو.

(4) شمس العلماء صاحب، دهلي گروپ بابت تفصيلي معلومات ڏني. دهلي گروپ کي سک مان نئين مسلمان ٿيندڙ شاگرد عبيدالله سنڌيءَ جي مدد حاصل آهي،[2] هن ٻڌايو تہ:

(الف) محمود الحسن بمبئي ويندي جڏهن دهلي پهتو تہ ان جو وڏو استقبال ڪيو ويو.

(ب) استقبال ڪرڻ وارن ۾ ڊاڪٽر (مختار احمد) انصاري اڳيرو هو. هو مولوي (محمود الحسن) کي پنهنجي موٽر ۾ وهاري پنهنجي گهر وٺي ويو.

(ج) شمس العلماء ان جو پاڻ پيڇو ڪونہ ڪيو پر پوءِ بہ بيگم انصاريءَ سان مليو جيڪا سندس مريدياڻي هئي، ان کان هن پڇا ڳاڇا ڪئي تہ:

(1) ان مائي ڪيس ٻڌايو تہ ڊاڪٽر انصاريءَ، مولوي محمود الحسن کي هڪ وڏي رقم ڏني آهي.

(2) ان مائي انهن (ڊاڪٽر انصاري ۽ مولوي محمود الحسن) جي ڳالهہ ٻولهہ ٻڌي ان ۾ مديني ۽ انور پاشا جا نالا آيا هئا.

(د) ڊاڪٽر انصاري جو ڀاءُ (حڪيم عبدالرزاق) محمود الحسن کي رخصت ڪرڻ لاءِ بمبئي تائين ويو.

(5) شمس العلماءَ جو بيان آهي تہ:

(الف) عبيدالله جي شرارت وارين حرڪتن[1] جو مرڪز دهلي جي فتحپوري مسجد آهي ۽ جيڪا هڪ نئين سوسائٽي "نظارة المعارف القرانيہ" جو مرڪز پڻ آهي.

(ب) ان سوسائٽي جو ناظم عبيدالله آهي.

(ج) هي ادارو ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين بغاوت سان ڀريل آهي.

(د) بدقسمتي سان عبيدالله کي ڀوپال مان بہ سؤ روپيا ماهوار ملندا آهن جيڪي هن جي همت افزائي جو سبب آهن.

(ه) شمس العلماء جو زورائتو مطالبو آهي تہ دهلي کي عبيدالله جي وجود کان پاڪ ڪيو وڃي ۽ ان کي واپس سنڌ موڪليو وڃي.

(6) هاڻي آءٌ سپاسنامي جي ڪجهہ حصن ڏانهن اوهان جو ڌيان ڇڪائيندس جو هي سپاسنامو هڪ غيرمعمولي نموني جو دستاويز آهي. هز آنر (گورنر يوپي) جو خيال آهي تہ هندستاني حڪومت کي ان

---

[1] شريف مدينہ مان مراد مديني جو گورنر بصري پاشا آهي، جنهن جي نالي مڪي جي گورنر غالب پاشا حضرت شيخ الهند کي هڪ تعارفي خط ڏنو هو جنهن ۾ انور پاشا سان ملاقات ڪرائڻ جي سفارش ڪيل هئي.

[2] دهلي گروپ مان مراد نظارة المعارف القرآنيہ جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن آهن جن ۾ حڪيم اجمل خان، حڪيم عبدالرزاق، ڊاڪٽر انصاري ۽ مولانا عبيدالله سنڌي وغيره شامل آهن. ان اداري جو ناظم مولانا عبيدالله سنڌي ۽ سرپرست حڪيم اجمل خان هو. مولانا جي جلاوطن ٿي وڃڻ کان پوءِ مولانا احمد علي لاهوري ان کي هلائي رهيو هو. شمس العلماء جي خدمتن جو دائرو نہ رڳو ديوبند ۾ حضرت شيخ الهند، مولانا سنڌي ۽ جمعيت الانصار جي سرگرمين تائين محدود هو پر دهلي گروپ جي معلومات پهچائڻ بہ سندس ذميوارين ۽ ڊيوٽي ۾ شامل هئي.

[1] اڄ جن بزرگن جي خلف "طيب" جي دعويٰ آهي تہ سندس سلف صالح (مولانا محمد احمد) تحريڪ آزادي ۾ حصو ورتو هو ۽ ان تحريڪ ۾ ٻين جي رهنمائي پڻ ڪئي هئي. هاڻي جڏهن تاريخ پنهنجو ورق ورايو آهي تڏهن خبر پئي آهي تہ وقت جي هڪ عظيم انقلابي ۽ حضرت شيخ الهند جي ٻانهن ٻيلي جون سياسي انقلابي ڪوششون (جن جو اصل رهنما حضرت شيخ الهند ئي هو) هن وٽ شرارت واريون حرڪتون هيون ۽ حڪومت کان ان جو پر زور مطالبو هو تہ انهيءَ انقلابي کي سندس مرڪز (دهلي) کان پري ڪري دهلي کي ان جي وجود کان پاڪ ڪيو وڃي ۽ ان جي ملي ۽ قومي خدمتن يا بقول شمس العلماء شرارت وارين حرڪتن کي سنڌ تائين محدود ڪيو وڃي. جيڪڏهن مولانا سنڌيءَ بابت ان جا اهي خيال آهن تہ يقين ڪرڻ گهرجي تہ حضرت شيخ الهند بابت بہ سندس خيال اهڙائي هوندا. ياد رهي تہ مولانا سنڌي ان وقت "ڪابل منصوبي" جي سلسلي ۾ دهليءَ کان نڪري چڪو هو ۽ سنڌ ۾ ان منصوبي جي تڪميل وارن ڪمن ۾ مصروف هو.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



سان خاص دلچسپي هوندي.

- هي سپاسنامو ان ڪاليج جي ميمبرن پاران پيش ڪيو ويو آهي جنهن جي شهرت عالمگير آهي.
- جيڪو اسلامي دنيا ۾ پنهنجي مذهبي تقدس ۽ علمي خدمتن جي ڪري عزت وارو سمجهيو ويجي ٿو.
- ان اداري ۾ تعليم پرائڻ لاءِ وچ ايشيا، ايران، عرب، مصر ويندي چين جا طالب علم به ايندا آهن. ان جي ديني تعليم جا اثر انهن سيني علائقن تائين پکڙيل آهن.
- ان ڳالهه ۾ ڪوبه وڏاءُ نه آهي ته سيني مسلمانن تي ان جو اثر بين سيني کان وڌيڪ آهي.
- انهن مولوين ليفٽيننٽ گورنر کي چيو آهي ته ان سپاسنامي کي جيئن وٽي پلي تيئن استعمال ڪريو ۽ ان جي شايع ڪرڻ جو جيڪو به مناسب طريقو سمجهيو تيئن ان کي شايع ڪري ڇڏيو.
- هي هڪ اهڙو پڌرنامو آهي جنهن جو وڏو وزن آهي.
- ان وسيلي نوجوان مسلمانن جي ان باغيانه پروپئگنڊا جي ترديد ٿي وڃي ٿي ته حڪومت کان خطاب حاصل ڪرڻ بي فائدو ۽ بيعزتي جو سبب آهي.
- ان سپاسنامي ۾ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته جيستائين مسلمانن کي ديني فرضن جي ادا ڪرڻ جي آزادي حاصل آهي ته ان جي عيوض حڪومت جي مقدس وفادارن تي ڪهڙا ڪهڙا فرض ۽ ڪم لاڳو ٿين ٿا.
- مٿين بنهي ڳالهين جي حوالي سان هي هڪ قيمتي دستاويز ۽ رڪارڊ آهي جيڪو پراڻ پرست مسلمانن جي رجحان جي ترجماني ڪري ٿو.
- ان سپاسنامي جي قدر ۽ قيمت هن ڳالهه جي ڪري هيڪاري وڌي وڃي ٿي ته ديوبند ڪاليج جي وفاداري کي ختم ڪرڻ ۽ ان جي مخالف برطانيه پاڻ اسلام ازم واري رجحان پيدا ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي.
- هي هڪ ميني فيسٽو آهي جنهن کي ضرورت آهر مناسب نموني





ڪتب آڻڻ گهرجي.

- ان سان انهن سيني مذهبي نموني جي دليلن جي نفي ٿي وڃي ٿي جن تي باغيانه خيال رکڻ وارا غير وفادار ڀاڙين ٿا.
- سر جيمس مسٽن رٿ ڏني آهي ته قاعدي موجب ان جو واپسي اطلاع به ڏنو وڃي ۽ اهو به ٻڌايو وڃي ته حڪومت وٽ اها ڪهڙي صورت آهي جنهن موجب هن کي شايع ۽ استعمال ڪري سگهجي ٿو.
- هي صوبائي سطح جي حيثيت کان ڪيترو ئي وڌيڪ اهميت رکڻ وارو دستاويز آهي.[1]
- ليفٽيننٽ گورنر کي ڄاڻ آهي ته حڪومت طرفان ديني ڌرين کي استعمال ڪرڻ جي ڪوشش هميشه سنجيده ۽ گهڻو ڪري احتياط واري هوندي آهي پر هن وقت صورتحال اهڙي آهي جو ديوبند جي مولوين جو خود اهڙو قدم وڌائڻو آهي.
- تقريباً هڪ سال اڳ هز آنر کي انهن ذريعن اطلاع ڏنو هو ته ڪاليج ۾ گڙٻڙ ٿي رهي آهي ان ڪري پاڻ ڪاليج ۾ اچڻ فرمائين. پر ان وقت هز آنر ان رٿ کي اهو چئي ڪري رد ڪري ڇڏيو ته پرنسپل ۽ اسٽاف پاران باضابطه دعوت ڏيڻ کان سواءِ هو اچي نٿو سگهي.
- ان کان پوءِ هز آنر ڀهرئين مارچ 1915ع تي ڪاليج جو دورو ڪيو باوجود هن جي ته محمد علي ۽ دهليءَ جا ٻيا تحريڪي ورڪر جلسي ۾ موجود هئا پوءِ به هز آنر جو شاندار استقبال ڪيو ويو.
- ڪاليج جي سمورن فردن جي موجودگي ۾ رسمي ۽ خيرمقدمي تقريرن جو تبادلو ٿيو.
- ان کان پوءِ ڪاليج جي لائبريري جي سٺي ماحول ۾ دل کولي آزادانه نموني سان خيالن جي ڏي وٺ ٿي، اهڙي نموني هڪ ٻئي

[1] انهن سيني فردن ۾ حضرت شيخ الهند مولانا محمودالحسن صدر المدرسين و شيخ الحديث شامل ڪونه هو. پاڻ ان ڏينهن مدرسي آيا ئي ڪونه هئا ڇو جو وٽن مولانا ابوالڪلام آزاد آيل هو ان سان گڏ پنهنجي بيٺڪ ۾ ويٺا هئا.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



سان دوستي جا بهتر لاڳاپا قائم ٿيا.

- پرنسپل (محمد احمد) ڪي وائسراءِ طرفان شمس العلماء جو خطاب ڏيڻ ۽ سندن طرفان بلڪل اوچتي نموني پيش ڪيل سپاسنامي[1] سان هي لاڳاپا هيڪاري وڌيڪ مضبوط ٿيا. ليفٽيننٽ گورنر جو خيال آهي ته ان جا نتيجا دور رس ۽ اطمينان جوڳا هوندا.

(11)

## هوم ڊيپارٽمنٽ گورنمينٽ آف انڊيا جي سيڪريٽري ڏانهن يوپي گورنمينٽ جي سيڪريٽري جي خفيه خط و ڪتابت

9 جنوري 1916ع

بحواله: ڊي۔ او 1939 مرقومه 18 ڊسمبر 1915ع

آءٌ اوهان کي ٻڌائڻ ٿو گهران ته حڪومت (بمبئي) کي تار ڪئي ويئي آهي ته:

- محمود الحسن ۽ خليل احمد انداز موجب ان بحري جهاز ۾ آهن جيڪو ڪويت کان 10 جنوري 1916ع بمبئي پهچي رهيو آهي.[2]

[1] هن سپاسنامي مان مراد آجياڻي واري تقرير ۽ خطاب ملڻ تي شڪريي واري تقرير آهي. مهتممن جن خيالن ۽ جذبن جو اظهار ڪيو ان مان گورنر خوش ٿيو. ٻيو سپاسنامو اهو آهي جيڪو خطاب ملڻ کان پوءِ شمس العلماء مولانا محمد احمد پنهنجي ڪجهه ساٿين کي ساڻ ڪري وفد جي صورت ۾ شملي وڃي ڪري ليفٽيننٽ گورنر جي خدمت ۾ پيش ڪيو هو. ان جو ترجمو هن باب (پنجين) جي شروع ۾ ڏنل آهي.

[2] حضرت شيخ الهند وارا 18 سيپٽمبر 1915ع تي ايس ايس اڪبر جهاز ذريعي حج تي روانا ٿيا هئا. ان ڳالهه جي پوليس کي خبر ڪانه هئي ته حضرت شيخ الهند ڪجهه وقت عربستان ۾ رهندا تنهن ڪري هوءَ 15 جنوري تي حضرت شيخ الهند جي واپسي جو انتظار ڪري رهي هئي پر فيبروري ۾ مولانا مطلوب الرحمان ۽ سيپٽمبر 1916 ۾ مولانا خليل احمد (صدر مدرس مظاهرالعلوم سهارنپور) ۽ سندس گهرواريءَ حاجي مقبول احمد ۽ سيد هادي حسن حج تان واپس ٿيا ته سيپٽمبر ۾ اچڻ وارن کي سرڪار بمبئي ۾ روڪي ڪانئن بيان ورتا. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ کين نيني تال پهچايو ويو. ٿنهي بزرگن کي ڌار ڌار رکيو ويو ۽ هر هڪ کان پڇاڳاڇا ڪئي ويئي. پوءِ اتي مولانا مطلوب الرحمان، مولانا حبيب الرحمان عثماني، نائب مهتمم دارالعلوم ديوبند ۽ مولانا شبير احمد عثماني وارن جو پاءُ) کي به نيني تال گهرائي پڇاڳاڇا ۾ شامل ڪيو ويو. ديوبند ۽ سهارنپور ۾ جڏهن اها





- بمبئي جي حڪومت کي خبردار ڪيو ويو آهي ته اترئين هندستان جي مسلمانن جي گهڻائي انهن ٻنهي جي تمام گهڻي عزت ڪري ٿي. ان موقعي تي انهن ٻنهي جي گرفتاري يا نظربندي مسلمانن ۾ ڳڻتي ۽ بي آرامي جو سبب بنجي سگهي ٿي. بمبئي حڪومت ان صورتحال کان بچڻ گهري ٿي ۽ هي رٿ پيش ڪئي اٿس ته انهن ماڻهن جي پهچڻ تي سندن سختيءَ سان جهڙتي ۽ جانچ پڙتال ڪئي وڃي. پوءِ جيڪڏهن ڪا اعتراض جوڳي شيءِ هٿ نه اچي ته به انهن تي سخت چوڪسي رکجي ۽ انهن جو جيڏانهن وڃڻ جو خيال هجي اوڏانهن اڳواٽ تار وسيلي خبردار ڪيو وڃي.
- توهان پنهنجي ڊي۔ او 4974 مرقومه 13 ڊسمبر 1915ع ۾ خطرو ڏيکاريو آهي ته محمودالحسن سرحد ڏانهن هليو ويندو تنهن ڪري هز آنر بمبئي حڪومت کي تار ڪري ڇڏي آهي. جنهن ۾ چيو ويو آهي ته سندس رٿيل نموني سان ان جي سختيءَ سان تلاشي ورتي وڃي ۽ پوءِ انڊيا آرڊيننس جي پيچڪڙيءَ جي الزام ۾ ان کي پوليس جي تحويل ۾ الهه آباد پهچايو وڃي.
- تجويز ڪيو ٿو وڃي ته حڪومت جي حڪمن موجب ضروري ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ آئنده ڪاروائي جو مدار سندس تلاشيءَ جي نتيجي تي ٻڌل هوندو ۽ الهه آباد ۾ پڇاڳاڇا ڪئي ويندي.
- الهه آباد ۾ محمود الحسن ۽ خليل احمد کي في الحال سول جيل ۾ رکيو ويندو.

(گورنمينٽ آف انڊيا هوم ڊيپارٽمنٽ، پوليٽيڪل ڊ پازٽ پروسيڊنگز جنوري 1916 ص 40 نمبر 47)

خبر پهتي ته مهتممن جي سفارش يا ضمانت تي مولانا خليل احمد، حاجي مقبول ۽ مولانا مطلوب الرحمان کي ڇڏيو ويو ۽ سيد هادي حسن کان جيئن ته ڪا ڪم جي ڳالهه هٿ نه آئي هئي نه آئندي لاءِ ڪو اطمينان جوڳو واعدو ڏنو ويو هو تنهن ڪري کيس ان وقت نه ڇڏيو ويو ۽ ڪافي وقت نظربند رهڻ کان پوءِ آزاد ٿيو. ٻين همراهن کان حڪومت کي جنهن به نموني جي جيڪا معلومات حاصل ٿي ان جي بنياد تي لڳ ڀڳ ٽن درجن ماڻهن کان بيان ورتا ويا ۽ سندن گهرن جي جهڙتي ورتي ويئي ۽ پوءِ ننڍين وڏين نظربندين جو سلسلو شروع ٿي ويو.

(وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو "حضرت شيخ الهند مولانا محمودالحسن محدث ديوبندي مختصر سوانح حيات اور حالات اسيري" از انجمن اعانت نظربندان اسلام دهلي 1918ع)

www.iqbalkalmati.blogspot.com



(25)

## مولانا محمود حسن جي باري ۾ سهارنپور جي ڪليڪٽر جي خفيه رپورٽ جيڪا هوم ڊيپارٽمنٽ ڪي موڪلي ويئي.

(1) ديوبند جي شمس العلماء مولوي محمد احمد ڪالهه هي اطلاع ڏنو آهي ته:

- هيڊماستر (شيخ الهند و صدرالمدرسين) جو خط پهتو آهي ان ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ان (مولانا محمود الحسن) مديني ۾ انور پاشا سان ملاقات ڪئي آهي ۽ معاملا طئي ٿيندي ئي هو ديوبند موٽي ايندو. ان جا مقصد هي آهن:

(الف) پنهنجي ايجنٽن وسيلي سرحد تي گڙٻڙ پيدا ڪرڻ

(ب) هندستان ۾ انگريزن خلاف نفرت پکيڙڻ [1]

(2) ان (شمس العلماء) ٻڌايو آهي ته:

- استنبول ۽ هندستان جي غير وفادار مسلمانن ۾ بحر احمر مان ويندڙ بحري جهازن ذريعي ڪافي خط و ڪتابت ٿي چڪي آهي.
- بلغاريه جي جنگ ۾ شامل ٿيڻ ۽ غيرمتوقع طور تي سرو يا جي ايترو جلدي پاڃ ڪائڻ سبب غيروفادار ماڻهن جا حوصلا گهڻو وڌي ويا آهن.

(3) هن اهو به ٻڌايو ته ڊاڪٽر انصاري ۽ سندس مائٽ (پاءُ حڪيم عبدالرزاق) پنهنجي سنگت ساٿ ۾ اها ڳالهه پکيڙي رهيو آهي ته:

(الف) هو (شمس العلماء) حڪومت کي اطلاع پهچائي رهيو آهي.

(ب) ليفٽيننٽ گورنر کي هيڊماستر (صدر مدرس مولانا محمود الحسن) جي نظربنديءَ جي سفارش ڪئي هئائين جنهن کي وائسراءِ رد ڪري ڇڏيو. [2]

---

[1] الحمدلله انهن سيني خطن توڙي سرڪاري رپورٽن مان حضرت شيخ الهند جي سياسي سرگرمين ۽ وطن ۽ قوم جي خدمتن بابت ڪهڙا نه چٽا ثبوت خود دشمن جي قلم مان حاصل ٿيا آهن.

[2] جڏهن حضرت شيخ الهند ملڪ ۾ هو تڏهن برابر شمس العلماء جي ان تجويز کي نظرانداز ڪيو ويو پر جڏهن پاڻ ٻاهر هليا ويا ۽ هتي سندن سياسي پروگرام جو راز ڦاٽي پيو تڏهن شمس العلماء جي تجويز ۽ مشوري جي سچائي کي محسوس ڪندي حضرت





(4) هيڊماستر (صدر مدرس) ايترو اثر رسوخ ڪيئن حاصل ڪيو آهي؟ ان جي جواب ۾ هن (شمس العلماء) ٻڌايو ته:

(الف) سندس عمر (70 سال) ۽ ان جي پرهيزگاري ۽ بزرگي.

(ب) ان جي ڏاهپ ۽ تقدس

(ج) ۽ هي ته هو شمس العلماء جي پيءُ مولانا محمد قاسم نانوتوي جو مکيه شاگرد آهي. شمس العلماء جو پيءُ به هڪ وڏو مولوي هو جنهن پنجاهه سال اڳ دارالعلوم جو بنياد رکيو هو.

(د) ۽ ان جو دارالعلوم سان گهرو لاڳاپو. (بقول ان جي ته پوري هندستان ۾ هي پنهنجي نموني جو اڪيلو ادارو آهي.)

(5) ان (شمس العلماء) جو بيان آهي ته هي تکيءَ طبيعت وارو ۽ غيرصلح پسند آهي. [1]

(26)

## سهارنپور جي ڪليڪٽر جي حڪومت هند لاءِ خفيه انفارميشن

(1) شمس العلماء محمد احمد اطلاع ڏنو آهي ته:

- هيڊماستر (صدر مدرس) اڃان تائين عرب کان واپس نه آيو آهي.
- ڊاڪٽر انصاريءَ جو پاءُ عبدالرزاق ڪڏهن ڪڏهن مطلوب الرحمان سان ديوبند ۾ ملڻ ايندو آهي. [2]

---

جن کي گرفتار ڪري جيل موڪلڻ ۾ بلڪل دير نه ڪئي ويئي. ڇا اڃان به ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ آهي ته حضرت جن کي شمس العلماء ئي گرفتار ڪرايو هو.

[1] شمس العلماء برابر سچ چيو آهي. حضرت جن انگريزن ۽ مقامي ديس دروهين لاءِ برابر تکي طبيعت وارو هو پر پنهنجي دوستن بزرگن ۽ ننڍن لاءِ تمام سچو همدرد ۽ مهربان هو. ڄڻ ته "اشداء على الكفار رحماء بينهم" جو عملي تفسير هو. انگريزن لاءِ حضرت جن جي طبيعت جي تکاڻ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته هڪ ڀيري مولانا محمد طاهر ڪانئن پڇيو ته حضرت! انگريزن جي ڪا شيءِ چڱي به آهي؟ ته پاڻ جواب ۾ چيائون ته هائو انهن جي گوشت جا ڪباب ڏاڍا لذيذ هوندا.

[2] مولانا مطلوب الرحمان جا ڀيا ٽي ڀائر هئا. 1_ مولانا حبيب الرحمان عثماني (نائب مهتمم دارالعلوم ديوبند) 2_ مفتي عزيز الرحمان عثماني (مفتي ۽ مدرس دارالعلوم ديوبند) 3_ شبير احمد عثماني (مدرس دارالعلوم ديوبند) انهن ٽنهي ڀائرن جو لاڳاپو ۽

www.iqbalkalmati.blogspot.com



- هي همراهه (مطلوب الرحمان) به هيڊماستر (صدر مدرس) سان گڏجي عربستان ويو هو ۽ لڳ ڀڳ هڪ مهينو اڳ موٽي آيو آهي.
- هي ٻئي (عبدالرزاق ۽ مطلوب الرحمان) بلقان ۾ جرمني جي سوڀن کي وڏائي ڪري پيش ڪري رهيا آهن ۽ ايئن پيا چوندا ڦرن ته جنگ جو فيصلو هندستان ۾ ٿيندو. هندستان ۾ حفاظتي انتظامن جي جيڪا ڪوٽ آهي ان تي عبدالرزاق چٿرون ڪندو رهندو آهي.

(2) شمس العلماءَ وڏيڪ ٻڌايو آهي ته:

- ان (شمس العلماءَ) جو پنهنجو موڪليل ماڻهو عبدالاحد ڪشميري (جنهن کي هن مولانا محمودالحسن سان سندس سرگرمين جي جاسوسي ڪرڻ لاءِ موڪليو هو) گذريل مهيني مطلوب الرحمان سان گڏجي هندستان موٽي آيو آهي.
- هن (عبدالاحد ڪشميري) ٻڌايو آهي ته هيڊماستر (صدر مدرس مولانا محمود الحسن) جون انور پاشا سان (جيڪو استنبول طرفان خليفي جو نمائندو مقرر ڪيو ويو آهي) هڪڙي هفتي تائين ملاقاتون جاري رهيون.
- ان اهو به ٻڌايو ته چاليهه پنجاهه هزار فوجي ترڪن جي اڳواٽي ۾

---

تعلق شمس العلماء گروپ سان هو. مولانا شبير احمد عثماني بابت سي- آءِ- ڊي جي رپورٽ (ریشمی خطوط سازش کیس ڈائریکٹری کون کیا ہے) ۾ آهي ته شبير احمد شروع ۾ (مولانا) عبيدالله (سنڌي) جو دوست هو پر پوءِ سندس ڪٽر دشمن ٿي پيو ۽ ديوبند مان ان جي نيڪالي جو وڏو ذميوار اهوئي آهي. مولانا مطلوب الرحمان عثماني شروع ۾ حضرت شيخ الهند جي انقلابي جماعت سان لاڳاپيل هو پر حج، تان موٽڻ بعد گرفتار ٿيڻ ۾ شمس العلماء جي سفارش ۽ ضمانت تي آزاد ٿيڻ کان پوءِ هن حضرت شيخ الهند جي جماعت سان پنهنجو تعلق ختم ڪري ڇڏيو. توڙي جو شمس العلماء جي ڪرتوتن ۾ هو پوءِ شريڪ نه ٿيو نه ئي حضرت شيخ الهند جي جماعت سان دشمني وارو رويو رکيو. ان بزرگ عثماني خاندان جي سياست سان به گهٽ تعلق رکيو. پنهنجي ڀائرن ۾ شايد هو سڀني کان وڌيڪ سياڻو شريف ۽ ڪردار ۾ اتاهين درجي وارو انسان هو. حضرت مفتي عزيزالرحمان صاحب بابت جيتري قدر معلوم ٿي سگهيو آهي ته اهو سياست کان پاسيرو رهيو. باقي نائب مهتمم ان خوشامدي سياست ۾ پوري طرح ملوث رهيو.





مڪي جي ويجهو گڏ ٿيا ۽ طائف جي رستي اپرندي روانا ٿيا آهن تان ته استنبول ۾ اسان جي فوجن جي مواصلاتي نظام کي ڪٽي ڇڏين. منهنجي خيال ۾ طائف مڪي کان ٻن منزلن جي فاصلي تي ٽڪرين تي ٻڌل هڪ شهر آهي.

(بحواله گورنمينٽ آف انڊيا هوم ڊيپارٽمينٽ پوليٽيڪل ڊپازٽ پروسيڊنگز جنوري 1916ع نمبر 47)

پندرهن روزه رپورٽ 18 جنوري 1916ع تائين

## پنجاب جي اندروني سياسي صورتحال

يورپي جنگ جي حوالي سان 16 جنوري 1916تائين.

پنجاب جي موجوده سياسي صورتحال ۾ بظاهر ڪابه تبديلي ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي. پر عام طور تي ماڻهن ۾ بي آرامي پيدا ٿي آهي. چالو حالتن بابت چوٻول هلي رهيا آهن. بلقان، ايران ۽ افغانستان جي تازن واقعن کي ترڪي جا محمدن اتحادي برطانيه جي شان شوڪت جي ابتڙ سمجهي رهيا آهن. توڙي جو برطانيه مخالف سوچ ڪلي ڪري پڌري ناهي ٿي پر مسلمان ويڙهاڪن لاءِ ترڪي مان آيل امداد جون ڳالهيون عام آهن. افغانستان ۾ ترڪ جرمن ايجنٽن جون سرگرميون ۽ سرحدي قبيلن ۾ باغيانه صورتحال بابت اٿيل افواهن پنجاب جي هندن کي ڊيڄاري ڇڏيو آهي. راولپنڊي ڊويزن جي ڪمشنر خبر ڏني آهي ته هندو ٽرٽلي ۾ آهن توڙي جو اڃان سندن خلاف ڪا اهڙي خاص ڳالهه ڏسڻ ۾ ڪانه آئي آهي، پر ڪابل ۾ پيدا ٿيل صورتحال ۽ پکيڙيل خيال جتي ڪٿي ويچار هيٺ آهن. انهن حالتن ۾ جيڪڏهن پهچ وارن هندن کي ڪلي ڪري ڳالهائڻ جي موڪل ملي ته ڪجهه حالتن ۾ هڪ سٺي تبديلي اچي سگهي ٿي. هو حڪومت کان اهو مطالبو ڪندا ته مسلمانن تي اجايو ڀروسو نه ڪيو وڃي. هن (ڪمشنر راولپنڊي) اهو به ٻڌايو آهي ته هنن حالتن ۾ مسلمان به ڪو گهڻو خوش نه آهن. جالنڌر ڊويزن جا هندو ته خاص طور تي پريشان آهن. ڪمشنر اهو به ٻڌايو آهي ته صورتحال ۾ تازي تبديلي ايران ۾ گڙٻڙ ۽ جرمني پاران پناڻن کي ڀڙڪائڻ وارين ڪوشش، جنگ جا جيڪي موقعا

پيدا ڪيا آهن تن جي ڪري هندو گهڻو پريشان ۽ هراسيل آهن. هو هاڻي اهو سمجهڻ لڳا آهن ته سندن مفادن جو بچاءُ ان ڳالهه ۾ آهي ته هو حڪومت جا ٻانهن ٻيلي بنجي وڃن. لکيا پڙهيا مسلمان به ان ڳالهه تي مطمئن آهن ته ترڪي بلقان وار گهوٽالي مان نڪري ويو آهي. ضلع شاهه پور جتي مسلمان گهڻائي ۾ آهن سي سمجهن ٿا ته ميسوپوٽيميا عراق جون حالتون سازگار نه آهن. قصور ضلع لاهور جا مسلمان جيڪي گهڻو ڪري لاقانونيت جا عادي آهن سي به غيرمطمئن آهن. سندن خيال آهي ته يورپين کي جيتري قدر دفاعي جنگ لاءِ طاقت گهربل آهي سان وٽن ڪانه آهي. ڪابل ۾ آيل ترڪ جرمن وفد• بابت به ڪيترين ئي افواهون هلي رهيون آهن. انهن مان هڪ هي به آهي ته ڪابل جي امير ڪوڙسارين سوڪڙين سان گڏ اها تلوار به ورتي آهي جيڪا ترڪيءَ جي سلطان سان سهڪار ڪرڻ واري عزم جي نشاني آهي.

• ترڪ جرمن وفد 7 آڪٽوبر 1915ع تي ڪابل پهتو هو. ان وفد جو اڳواڻ راجه مهندر پرتاب آف هاٿرس (يوپي انڊيا) هو جڏهن ته مولانا برڪت الله آف ڀوپال (جنوبي هند) ڪاظم بيگ (ترڪي) فون هنٽس (جرمني) ۽ نيڊرمائر (آسٽريليا) ان جا ڪارڪن هئا. 15 آڪٽوبر 1915ع تي جڏهن مولانا عبيدالله سنڌي ڪابل پهتو ته پاڻ ان وفد سان لاڳاپا پيدا ڪيائون ۽ پوءِ جڏهن آزاد هندستان جي عارضي حڪومت ٺهي ته راجه صاحب ان جو صدر، برڪت الله وزيراعظم ۽ مولانا سنڌي وزيرداخله مقرر ٿيو. ان مشن جو مقصد اهو هو ته افغانستان جي ذريعي هندستان تي حملو ڪرايو وڃي تان ته انگريز فوجن کي يورپين محاذن بجاءِ هندستاني محاذن تي ڦاسائي ڇڏجي ۽ ترڪ جرمن فوجن کي روس تي وڏي حملي ڪرڻ لاءِ مناسب وجهه ملي سگهي ۽ گڏوگڏ افغانستان طرفان ڪيل حملي جي مدد سان هندستان کي انگريزي حڪومت کان آزاد ڪرائي سگهجي. ان مچندڙ جنگ جي خطرن کي ڏسي ڪري الهندي هندستان جي واپاري ۽ ڪاروباري طبقي ۾ (جيڪي گهڻو ڪري غيرمسلم هئا) ڏهڪاءُ پکڙجي ويو هو. انگريزن وري ڪين جنگ جو خطرو ڏيکاري هندو مسلم ڏقيڙ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ ان لاءِ ڪن هندن کي استعمال به ڪيو هو جيئن هن رپورٽ ۾ ان ڏي اشارو ڪيو ويو آهي.





باب ڇهون

# ڪجهه بزرگ شخصيتون
# ريشمي خطوط سازش ڪيس جي آئيني ۾

ريشمي خطوط سازش ڪيس جي ڪيترن ئي دفعن ۾ حضرت شيخ الهند ۽ امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي اسلام دوستي ۽ حريت نوازي واري ڏوهه جو ذڪر آيو آهي ۽ پوءِ سازش ڪيس سان لاڳاپيل ماڻهن جي ڊائريڪٽري ۾ ٻنهي بزرگن جو تذڪرو آيو آهي. هتي ان استغاثي جا ڪجهه لاڳاپيل دفعا ۽ تذڪري جا اهي چونڊ جملا جيڪي 1915ع تائين وارين حالتن ۽ فڪري رجحانن تي روشني وجهن ٿا، مرتب ڪيا ويا آهن ان کان سواءِ انهيءَ مضمون ۾ جن ٻين بزرگن جو ذڪر آيو آهي انهن بابت ريشمي خطوط سازش ڪيس جي ڊائريڪٽري مان سي- آءِ- ڊي جي راين ۽ ٻي ضروري معلومات کي مرتب ڪيو ويو آهي.

(1)

### حضرت مولانا محمودالحسن ۽ مولانا عبيدالله سنڌي

**(الف) ريشمي خطوط سازش ڪيس جو استغاثو•**

سازشين شروع کان ئي سمجهي ڇڏيو هو ته عوام ۾ زياده تعصب ۽ تشدد پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته انهن ۾ تبليغ لاءِ مشنري تيار ڪيا وڃن ۽ اهي ماڻهو هجن به مولوي طبقي مان جيئن اسان ڏٺو آهي ته سازش جي

• هيٺين پيراگرافن ۾ جيڪي نمبر ڏنل آهن سي ريشمي خطوط سازش ڪيس جي استغاثي جي شقن جا نمبر آهن.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ڪرتا ڏرتا مولوي عبيدالله ديوبند ۾ مولوين جي هڪ مکيہ مدرسي کي استعمال ڪيو تان تہ هينئن چئي سگهجي تہ سازش جي شروعات ديوبند مان ٿي آهي. عبيدالله جيڪو نئون مسلمان سک هو ان جو مذهبي جنون دنگ تي پهتل هو. ان پاڻ بہ ديوبند ۾ تعليم پرائي هئي.

6_مدرسي ۾ عبيدالله سنڌيءَ جو اثر تيزي سان وڌڻ لڳو. ان مدرسي جي استادن، شاگردن ۽ گهڻن ماڻهن ۾ پنهنجا بغاوت وارا خيال پري ڇڏيا آهن. هن مولانا محمود الحسن کي اڳ ۾ ئي پنهنجو هم خيال بنائي ڇڏيو هو. پر مدرسي جي انتظاميہ مدرسي کي پيش ايندڙ خطرن جو اندازو ڪري ويئي تنهن ڪري عبيدالله کي مدرسي ڇڏڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. هن (مولانا سنڌيءَ) مولانا (محمود الحسن) کي سندس علمي درجي سبب ۽ پڻ ديني علمن جي ڄاڻو ۽ رهنما هجڻ سبب جيڪا شهرت حاصل هئي ان جي ڪري ڪيس ان سازش جو علامتي اڳواڻ بنائي ڇڏيو.

7_عبيدالله جو منصوبو هو تہ مدرسي کي پنهنجي ڪم جو مرڪز بنائي ڪري اتحاد اسلامي ۽ برطانيہ دشمني واري پنهنجي تحريڪ کي انهن سوين مولوين جي مدد سان پوري هندستان ۾ پکيڙي ڇڏي جيڪي ديوبند جي مدرسي مان تعليم پرائي مذهب اسلام جي تبليغ لاءِ پري هندستان ۾ پکڙيل هئا.

8_عبيدالله انگريزي پڙهيل ماڻهن جهڙوڪ انيس احمد بي_ اي خواجہ عبدالحي ۽ قاضي ضياءُ الدين بي_ اي کي مدرسي ۾ داخل ڪيو. انهن ماڻهن کي جمعيت الانصار جي فنڊ مان وظيفا ڏنا ويندا هئا. مولوي مرتضيٰ حسن اسان کي ٻڌايو تہ عبيدالله جمعيت الانصار ۾ هڪ خفيہ جماعت ٺاهي هئي. هي هڪ قسم جو اندروني جٿو هو جنهن جا مقصد ۽ مول متا پڌرا نہ ڪيا ويا هئا پر خواري جي حدتائين اعتراض جوڳا هئا. تنهن ڪري مدرسي جي اڳواڻ (شمس العلماء حافظ محمد احمد) وجهہ وٺي مولوي عبيدالله کي گهرايو ۽ ڪيس جٽ ڪئي.

13_ برطانوي حڪومت سان (مولانا محمودالحسن) جي ان ناراضگي تي (جيڪا ترڪي ۽ بلقان جي جنگين ۽ ڪانپور واري مسجد جي ڊاهڻ سبب پيدا ٿي هئي) اها ڪڙاڻ ۽ ڪاوڙ اڃان اٿل ۾ آهي جيڪا مولانا (محمود الحسن) جي احساسن ۾ شمس العلماء حافظ محمد احمد مهتمم ۽





مولانا حبيب الرحمان نائب مهتمم جي رويي سبب پيدا ٿي هئي. هي ماڻهو محسوس ڪن ٿا تہ مولانا محمود حسن جي شخصي عظمت جي ڪري عوام ۾ جيڪا سندس پذيرائي آهي تنهن جي ڪري مدرسي ۾ سندن اثر رسوخ گهٽ آهي. هي ماڻهو پنهنجي پر ۾ ايئن سمجهندا رهيا آهن تہ مولانا محمودالحسن مهتممن جي سنجيده ۽ دوستاڻن مشورن کان محروم ٿي ڪري مولانا عبيدالله ۽ ابوالڪلام آزاد جهڙن ماڻهن جي هاجيڪار اثر هيٺ اچي ويو آهي.

14_ مدرسي جي ساک کي باقي رکڻ لاءِ مجلس منتظمہ فيصلو ڪيو آهي تہ عبيدالله کي سندس ساٿين انيس احمد وغيره سميت مدرسي مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي. مولانا (محمودالحسن) ان فيصلي کي پسند نہ ڪيو هو. اڳ ۾ ئي مهتمم جي ان ڳالهہ تي ناراض هو تہ هن مولوي محمد ميان کي بنا ڪنهن ڏوهہ جي ڪيس ٻڌائڻ بنان مدرسي مان ڪڍي ڇڏيو جيڪو هن (محمودالحسن) جي شان جي خلاف هو. مولانا محمد ميان کي ديوبند ان لاءِ گهرايو ويو هو تہ هو ڪجهہ ڪمن ۾ مولانا (محمودالحسن) جي مدد ڪري پر پوءِ هي انتهائي سرگرم سازشي بنجي ويو.

15_ ديوبند مان عبيدالله جي نيڪالي جو اهو مطلب نہ هو تہ اتي هن جو اچڻ وڃڻ بند ٿي ويو هو. چو تہ اسان ڏسون ٿا تہ مولانا (محمودالحسن) جي ٻينڪ سيپٽمبر 1915ع تائين جيسن مولانا حجاز روانو نہ ٿيو هو سازشين جو اڏو بڻي رهي، عبيدالله ۽ ٻيا ماڻهو صلاح مشوري لاءِ اتي ايندا رهندا هئا.

## (ب) سازش سان لاڳاپيل ڊائريڪٽري

(1) ريشمي خطوط سازش ڪيس سان لاڳاپيل ڊائريڪٽري ۾ مولانا محمودالحسن جو ذڪر تفصيل سان آيو آهي ان جا چند جملا هي آهن:

> مولانا محمودالحسن ديوبند جو صدر مدرس بزرگي ۽ تقدس جي ڪري مشهور آهي. ان جي مريدن ۾ چڱا چوکا مسلمان اڳواڻ بہ آهن. عبيدالله جي اثر ۾ اچڻ جي ڪري ان جي خيالن ۾ ڦيرو اچي ويو. ديوبند ۾ ان جو گهر اسلامي اتحاد جي سازشين جو اڏو

www.iqbalkalmati.blogspot.com



هو. هن سرحد پار قبائلين ڪي جهاد تي پڙڪائڻ لاءِ سيف الرحمان، فضل الاهي ۽ فضل محمود وغيره ڪي اوڏانهن موڪليو. هندستاني اسلامي اتحاد واري سازش ۾ مولانا جي قائدانه شخصيت ۽ ان جي اڳواڻي تمام اهم آهي.

مٿين ذڪر ڪيل ڊائريڪٽري ۾ مولانا عبيدالله سنڌي بابت 1915ع جي ڪارگذارين جي حوالي هي معلومات ڏنل آهي.

عبيدالله پهرئين سک هو ان جو اصل نالو بوٽا سنگ هو. ميان والي ضلع سيال ڪوٽ جو رهڻ وارو آهي. شروعاتي ڄمار ۾ اسلام قبول ڪري ورتو هئائين. ابتدائي تعليم سنڌ ۾ ورتي اٿس پوءِ ديوبند جي مدرسي ۾ داخل ٿيو. پڙهائي پوري ڪرڻ کان پوءِ هن ٻارنهن سال سنڌ ۾ گذاريا جتي پير جهنڊي ۽ نواب شاهه ۾ مدرسو کوليائين. 1910ع ۾ واپس ديوبند آيو جتي پارٽي جمعيت الانصار قائم ڪيائين. بلقان واري جنگ ۾ هلال احمر فنڊ لاءِ پيسا گڏ ڪرڻ ۽ بديسي مال جي بائيڪاٽ جي تبليغ ڪرڻ سبب اهميت ۽ مشهوري حاصل ڪيائين. تنهن بعد هو دهلي ۾ رهيو جتي هن ”نظارة المعارف القرآنيه“ قائم ڪيو جنهن جو اجان تائين هو ناظم آهي. هو مولانا ابوالڪلام آزاد، قاضي ضياءُالدين، مولوي (ابو محمد) احمد چڪوالي، حسرت موهاني، محمد علي ڪامريڊ، شوڪت علي، مولوي عبدالرحمان عرف مولوي بشير، مولوي غلام محمد (دينپور) مولوي عبدالقدس (دين پور) شيخ عبدالرحيم (حيدرآباد سنڌ) وغيره جو ساٿي رهيو آهي. مولانا محمود الحسن جو پڪو مريد آهي. هن مولانا (محمودالحسن) تي اثر وڌو نيٺ هن ان کي اتحاد اسلامي جو وڏو مبلغ بنائي ڇڏيو. هو ديوبند جي خفيه مشورن ۽ صلاحن ۾ شريڪ هوندو هو.[1]

[1] ريشمي رومال سازش ڪيس ۾ اهو ذڪر بار بار آيو آهي ته تحريڪ جو اصل باني مولانا سنڌي هو۽ ان مولانا محمودالحسن کي متاثر ڪيو. حالانڪ حقيقت ان جي بلڪل ابتڙ آهي. حضرت شيخ الهند ئي مولانا عبيدالله سنڌي ۾ قومي ۽ ملي سوچ پيدا ڪئي، سياسي تربيت ڪئي ۽ جمعيت الانصار جي قائم ڪرڻ ۾ سندس رهنمائي ڪئي ۽ کيس ان جو ناظم بنايو. ان کان پوءِ نظارة المعارف القرآنيه (دهلي) جي قائم ڪرڻ لاءِ سمورو سامان مهيا ڪيو. ملڪي ۽ قومي اڳواڻن ۽ سياستدانن سان سندس سڃاڻپ





(٢)

**مولانا حبيب الرحمان عثماني (نائب مهتمم دارالعلوم ديوبند)،**

مولانا فضل الرحمان جو پٽ، مولانا عزيزالرحمان (مفتي دارالعلوم) ۽ مولانا شبير احمد عثماني (مدرس دارالعلوم) جو وڏو ڀاءُ. ان جو ذڪر ”ريشمي خطوط سازش ڪيس“ ۾ شمس العلماءَ محمد احمد سان گڏ ڪيترا ڀيرا آيو آهي. حضرت شيخ الهند جي سياسي تحريڪ جي مخالفت ۽ انگريز پرستيءَ ۾ ٻئي بزرگ هم خيال هئا. سازش ڪيس جي ڊائريڪٽري ۾ ان بابت لکيل آهي ته،

> حبيب الرحمان نائب مهتمم مدرسه ديوبند عبيدالله ۽ محمودالحسن جي اسڪيمن ۾ شامل نه ٿيو. ان کي وفادار سمجهي سگهجي ٿو.

(٣)

**شمس العلماء مولانا محمد احمد مهتمم دارالعلوم ديوبند)**

شمس العلماء حضرت قاسم العلوم والخيرات مولانا محمد قاسم نانوتوي جو فرزند ۽ دارالعلوم ديوبند جو مهتمم حضرت شيخ الهند جي سياسي تحريڪ جو زبردست مخالف هو. ريشمي خطوط سازش ڪيس ۾ ان جو انگريزن جي وفادار جي حيثيت سان ڪافي ڀيرا ذڪر آيو آهي. سازش ڪيس جي لاڳاپيل ڊائريڪٽري ۾ مدرسه جي ضمن ۾ ان بابت لکيل آهي ته،

> مدرسه ديوبند جو پرنسپل شمس العلماء حافظ محمد احمد آهي جيڪو ان مدرسي جي مرحوم باني (مولانا محمد قاسم) جو فرزند آهي وفادار ۽ شريف ماڻهو آهي.

(پوين صفحن ۾ محمد احمد جي عنوان هيٺ هيئن سڃاڻپ ڪرايل آهي.)

> شمس العلماء حافظ محمد احمد پٽ قاسم (نانوتوي) باني مدرسه ديوبند، هي مدرسه جو مهتمم آهي ۽ وفادار آهي.

ڪرائي ۽ پوءِ ان کي ڪابل موڪليو. تنهن ڪري هي ڳالهه سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته تحريڪ جي اصل شخصيت حضرت شيخ الهند مولانا محمودالحسن هئي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



(۴)

**(مولانا شبير احمد عثماني مدرس دارالعلوم ديوبند)**

مولانا بابت سازش ڪيس جي ڊائريڪٽري ۾ خاص طور تي هي جملا لکيل آهن.

مطلوب الرحمان جو پاءُ آهي ۽ ديوبند جي مدرسي ۾ استاد آهي. سندس پيا بہ پائر حبيب الرحمان ۽ مفتي عزيزالرحمان بہ مدرسي جي عملي ۾ شامل آهن. هو وڏو فاضل مولوي آهي. پهرئين (مولانا) عبيدالله جو دوست هو پر پوءِ ان جو ڪٽر دشمن بنجي ويو. ديوبند مان ان جي نيڪالي جو خاص ذميوار اهوئي آهي.





باب ستون

# ريشمي خطن وارا سازشي

## (سڊيشن ڪميٽي 1918ع جي رپورٽ جي روشني ۾)

حضرت شيخ الاسلام سيد حسين احمد مدني جي هٿ اکر لکيل ڪتاب (نقش حيات) جي هڪڙي حوالي ۾ سڊيشن ڪميٽي (1918ع) جي رپورٽ جو ذڪر آيو آهي، ان جو هڪ ننڍڙو ٽڪرو نقل بہ ڪيو اٿن. هتي ان رپورٽ جون لاڳاپيل شقون (164 کان 166) تائين پوريون لکيون وڃن ٿيون. انهن جي پڙهڻ مان اندازو ٿئي ٿو تہ حضرت شيخ الهند مولانا محمود الحسن ۽ مولانا عبيدالله سنڌي برطانوي حڪومت جي نظر ۾ ڪيڏا نہ خطرناڪ شخص هئا ۽ حڪومت اترئين هندستان مان سندن اثرن کي ميسارڻ لاءِ ڇو آتي هئي ۽ هي بہ خبر پوي ٿي تہ شمس العلماء حافظ محمد احمد ۽ مولانا حبيب الرحمان عثماني وارن جو ڪارنامو برطانوي حڪومت جي مفادن جي نقطہ نظر سان ڪيڏو نہ ساراهہ جوڳو هو.

پر هي ڪيڏي نہ ڏک جي ڳالهہ آهي جو حڪومت حافظ محمد احمد کي تہ هر نموني سان نوازيو پر مولانا حبيب الرحمان نائب مهتمم جي عظيم الشان خدمتن جي ميتا ۾ رڳو حيدرآباد واري نوڪري کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ ڏنو. جڏهن تہ نائب مهتمم جو خدمتون بہ مهتمم جي خدمتن کان گهٽ بنهہ ڪين هيون. دارالعلوم ۾ مولانا سنڌي خلاف جيڪي سازشي ڪرتوت ڪيا ويا انهن جي پوري پلاننگ ۽ منصوبہ بندي حضرت نائب مهتمم ٿي تہ ڪئي هئي. (ا. س. ش)

www.iqbalkalmati.blogspot.com



(چوڏهين باب جو آخري حصو)

## (ريشمي خطن وارا سازشي)

164ـ مجاهدن جا گهڻگهرا ٿورا آهن، انهن جو حال احوال ڏيڻ به هن خط ڪتابت واري سلسلي جي هڪ ضروري ڪڙي آهي. اُهي ماڻهو جن کي اڳتي اسان ”ريشمي خطن وارا سازشي“ لکنداسين سي هندستاني مسلمانن جي مدد سان انهن سازشن کي ڪامياب ڪرڻ جون ڪوششون ڪندا رهيا آهن. آگسٽ (1916ع) ۾ ان سازش جو راز کليو جيڪا سرڪاري ڪاغذن ۾ ”ريشمي خطن واري سازش“ جي نالي سان سڏجي ٿي. هيءَ هڪ اهڙي رٿا هئي جيڪا هندستان ۾ ئي تيار ڪئي ويئي هئي. ان جو مقصد هي هو ته اتر اولهه سرحدن کان هندستان تي هڪ حملو ٿئي هوڏانهن ملڪ اندر وري مسلمان بغاوت ڪري اٿن ته جيئن برطانوي سلطنت کي تباهه ۽ برباد ڪيو وڃي. ان رٿا تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي سگهاري بنائڻ لاءِ هڪڙي شخص مولوي عبيدالله پنهنجن ٽن ساٿين عبدالله، فتح محمد ۽ محمد علي کي ساڻ ڪري آگسٽ (1915ع) ۾ اتر اولهائين سرحدن کي پار ڪيو. عبيدالله سک مان مسلمان ٿيو آهي ۽ گڏيل صوبن (يوـ پي) جي ضلع سهارنپور ۾ مسلمانن جي مذهبي مدرسه ديوبند ۾ هن مولوي جي تعليم پرائي آهي. اتي هن پنهنجي جنگي ۽ برطانيه مخالف خيالن سان مدرسي جي عملي مان ڪن ماڻهن ۽ ڪجهه شاگردن کي متاثر ڪيو ۽ سيني کان اهم شخصيت جنهن تي هن پنهنجو اثر وڌو سو مولانا محمود حسن صاحب آهي جيڪو مدرسي جو گهڻي وقت کان هيڊ مولوي ٿي رهيو آهي. عبيدالله گهريو ٿي ته ديوبند جي مشهور مدرسي جي فارغ التحصيل مولوين جي مدد سان سڄي هندستان ۾ برطانيه مخالف ۽ اسلامي جوش جذبي جي تحريڪ هلائي پر ان رٿا آڏو مدرسي جو مهتمم ۽ انجمن جا ڪجهه ماڻهو آڏ بنجي پيا. انهن هن کي سندس ڪجهه ساٿين سميت مدرسي جي نوڪري مان ڪڍي ڇڏيو. ان ڳالهه جو به ثبوت ملي ويو آهي ته هو ڪڏهن ڪڏهن مصيبتن ۾ ڦاٿو رهيو پر پوءِ به هو مولانا محمود الحسن وٽ ايندو ويندو رهيو. مولانا جي جاءِ تي لڪيل اجلاس ٿيندا رهيا ۽ اها به خبر ملي آهي ته سرحد پار کان به ڪي ماڻهو اتي ايندا هئا. (18 سيپٽمبر 1915ع) تي محمود الحسن به هڪ شخص





محمد ميان ۽ ڪجهه دوستن سميت عبيدالله وانگر ملڪ ڇڏي ويو پر هو اترين علائقن ڏي وڃڻ بجاءِ عرب جي صوبه حجاز ۾ رهڻ لاءِ روانو ٿيو.

عبيدالله ملڪ مان نڪرڻ کان اڳ دهلي ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيو ۽ به اهڙا ڪتاب ڇپرايا جن ۾ هندستاني مسلمانن کي جنگي ۽ مذهبي جوش جذبي جو سبق ڏنل هو ۽ کين جهاد واري اتاهين فرض ادا ڪرڻ لاءِ اڀاريو ويو. ان شخص جو پنهنجن دوستن سميت جن ۾ مولانا محمودالحسن به آهي عام مقصد اهو هو ته هندستان تي مسلمان حڪومتن طرفان هڪ زوردار حملو ڪرايو وڃي ۽ ملڪ اندر موجود مسلمانن جي بغاوت سان ان حملي کي وڌيڪ طاقتور بنايو وڃي.

هاڻي اسان انهن ڪوشش جو ذڪر ڪنداسين جيڪي انهن ماڻهن پنهنجي مقصدن جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيون هيون. عبيدالله ۽ سندس دوست اڳ ۾ سرحد جي مذهبي جيالن وٽ ويا ۽ ان کان پوءِ ڪابل پهتا هو اتي ترڪ جرمن وفد جي ميمبرن سان مليا ۽ انهن سان ڳالهين جي ڏي وٺ ڪئي. ڪجهه وقت کان پوءِ سندن ديوبندي دوست محمد ميان انصاري به ساڻن اچي مليو. هي شخص مولانا محمود الحسن سان گڏجي عربستان ويو هو ۽ (1916ع) ۾ هو جهاد وارو فرمان کڻي واپس آيو. جيڪو حجاز جي ترڪي فوجي حاڪم غالب پاشا مولانا محمود الحسن کي ڏنو. رستي ۾ محمد ميان ان تحرير، ”جيڪا غالب نامي جي نالي سان مشهور آهي“ جا نقل هندستان ۽ سرحدي قومن ۾ ورهائيندو آيو هو.

عبيدالله ۽ سندس سازشي ساٿين هڪ رٿا اها به تيار ڪئي هئي ته جڏهن برطانوي راڄ کي ميساريو ويندو تڏهن هندستان ۾ هڪ عارضي حڪومت قائم ڪئي ويندي. هڪ شخص نالي مهندر پرتاب ان جو صدر ٿيو. هي شخص هڪ ڪاڏي پيتي هندو گهراڻي جو خود خيال وهمي طبيعت جو ماڻهو آهي. 1916ع ۾ ڪيس سوئيزرلينڊ ۽ فرانس ۾ سفر ڪرڻ لاءِ ويزا ملي ته هو سڌو جنيوا ويو اتي هو هرديال سان مليو ۽ هرديال هن جي ڪونسل سان سڃاڻپ ڪرائي ان کان پوءِ هو برلن هليو ويو.

(عبيدالله جي هڪ سنڌي دوست مهندر پرتاب لاءِ لکيو آهي ته رٿائن تيار ڪرڻ ۾ انتهائي تيز ۽ غيرمعمولي ماڻهو هو ايئن لڳندو هو ڄڻ ته هو ڪنهن وڏي بادشاهي جو ڏٽي هجي پر ڪم ڪرڻ وقت بالڪل موڳو هوندو

www.iqbalkalmati.blogspot.com



هو. محنت ڪرڻ ڪان نٽائيندو هو. اتان ڪان (برلن ڪان) هن کي ڪنهن خاص مشن لاءِ موڪليو ويو ڇو ته جرمن ماڻهن تي هن پنهنجي شخصيت جو وڏائي چڙهائي اثر وڌو. عارضي حڪومت ۾ عبيدالله پاڻ هندستان جو وزير ٿيڻ وارو هو ۽ وري ڪرشنا ورما جو دوست ۽ آمريڪن غدار پارٽي جو ميمبر برڪت الله جنهن برلن ڪان ڪابل جو سفر ڪيو هو. سو عارضي حڪومت ۾ وزيراعظم ٿيڻ وارو هو. هي شخص ڀوپال رياست جي هڪڙي ملازم جو پٽ هو. انگلستان، آمريڪا ۽ جاپان مان ٿي آيو هو. هي شخص ٽوڪيو ۾ هندستاني ٻولي جو پروفيسر مقرر ٿيو اتي هن برطانيه جي خلاف هڪ نهايت تکي اخبار "اسلامڪ فريٽر نٽي" ڪڍي هئي اڳتي هلي ان اخبار کي جاپاني حاڪمن بند ڪري ڇڏيو ۽ تنهن بعد ڪيس ان عهدي تان به هٽايو ويو. پوءِ هو آمريڪا هليو ويو جتي پنهنجي غداري دوستن سان وڃي مليو.

اهي جرمني مان جيڪي مقصد کڻي افغانستان ۾ آيا هئا، سي جڏهن انهن ۾ ناڪام رهيا ته (1916ع) ۾ واپس هليا ويا مگر هندستاني اتي ئي رهيا.

عارضي حڪومت وارن روسي ترڪستان جي حاڪم ۽ زار روس کي خط لکيا. جن ۾ هنن لکيو ته روس کي گهرجي ته عظيم برطانيه جي اتحاد تان هٿ کڻي وڃي ۽ هندستان مان برطانوي راڄ کي ختم ڪرڻ لاءِ هلندڙ تحريڪن ۾ ٻانهن ٻيلي ٿئي. انهن خطن تي مهندر پرتاب جون صحيحون ٿيل هيون. نيٺ اهي خط برطانيه جي ورچڙهي ويا. روسي شهنشاهه جي نالي جيڪو خط هو سو سون جي پتري تي لکيل هو جنهن جو عڪسي فوٽو اسان کي ڏيکاريو ويو آهي.

عارضي حڪومت، ترڪي حڪومت سان اتحاد ڪرڻ جي به صلاح ڪئي هئي ۽ ان مقصد لاءِ عبيدالله پنهنجي پراڻي دوست مولانا محمود الحسن کي خط لکيو. ان خط سان گڏوگڏ مولانا محمد ميان انصاري 8 رمضان مطابق 9 جولاءِ 1916ع تي به هڪ خط لکي ان سان گڏ بند ڪري حيدرآباد سنڌ جي شيخ عبدالرحيم ڏي هڪ نوٽ لکي موڪليو. اهو شخص اڄڪلهه روپوش آهي. شيخ عبدالرحيم کي ان نوٽ ذريعي هدايت ڪيل هئي ته هو اهي خط ڀروسي جوڳي حاجي هٿان مولانا محمود حسن کي





پهچائي. اهي خط هيڊي ريشمي ڪپڙي تي تمام سٺن اکرن ۾ صفائي سان لکيل هئا. محمد ميان جي خط ۾ هي ڳالهيون لکيل هيون.

جرمن ۽ ترڪ وفد جو اچڻ ۽ جرمنين جو واپس هليو وڃڻ ۽ ترڪن جو بي فائدو رهي پوڻ، غالب نامي جي اشاعت، عارضي حڪومت جي رٿا ۽ خدائي فوج جي رٿيل ترتيب ۾ بيهڪ. ان فوج بابت اها تجويز هئي ته ان لاءِ هندستان مان رنگ روٽ ڀرتي ڪيا ويندا ۽ مسلمان حاڪمن ۾ ٻڌي ۽ ايڪو پيدا ڪيو ويندو. محمود حسن انهن سڀني مامرن کي عثماني سلطنت تائين پهچائڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو هو. عبيدالله جي خط ۾ خدائي فوج جو هڪ نقشو هو ان فوج جو هيڊڪوارٽر مدينو ۽ جنرل انچيف محمود الحسن ٿيڻ وارو هو. ٻيا هيڊڪوارٽر مقامي جرنيلن جي هٿ هيٺ قسطنطنيه، تهران ۽ ڪابل ۾ قائم ٿيڻا هئا. ڪابل ۾ خود عبيدالله جرنيل مقرر ٿيڻ وارو هو. ان نقشي ۾ 3_ سرپرست 12 فيلڊ مارشلن ۽ ٻين ڪوڙسارن وڏن فوجي آفيسرن جا نالا هئا. لاهور جي ڀڳل شاگردن مان هڪ ميجر جنرل هڪ ڪرنل ۽ ڇهه ليفٽيننٽ ڪرنل ٿيڻا هئا. جيڪي ماڻهو انهن وڏن عهدن لاءِ چونڊيا ويا هئا تن مان گهڻا اهڙا هئا جن سان ان مقرري بابت صلاح مشورو ڪونه ڪيو ويو هو پر ريشمي خطن مان جيڪي خبرون مليون آهن تن مان ڪن جو تدارڪ ضروري هو سو ڪيو ويو.

ڊسمبر 1916ع ۾ محمود الحسن ۽ ان جا چار ساٿي حڪومت برطانيه کي هٿ اچي ويا. اهي هن وقت جنگي قيدي آهن ۽ سلطنت برطانيه جي ڪنهن علائقي ۾ نظربند آهن. غالب پاشا جنهن غالب نامي تي صحيح ڪئي هئي سو به اڄڪلهه جنگي قيدي آهي ۽ هن اها ڳالهه مڃي آهي ته برابر مون ان ڪاغذ تي صحيح ڪئي هئي جيڪو محمود الحسن واري ڌر منهنجي سامهون پيش ڪيو هو. ان جي ضروري حصن جو ترجمو هي آهي.

> ايشيا، يورپ ۽ آفريڪا جا مسلمان هر قسم جي هٿيارن سان ليس ٿي ڪري الله جي راهه ۾ جهاد لاءِ اٿي پيا آهن. خدائي قادر قيوم جو شڪر آهي جو ترڪي فوج ۽ مجاهدين اسلام دشمنن تي زور ٿي ويا آهن. تنهن جي ڪري اي مسلمانو! ان ظالم عيسائي حڪومت تي حملو ڪري ڏيو جنهن جي قيد ۾ توهان پيل آهيو. بلڪل تڪڙو پنهنجن پڪن ارادن سان

www.iqbalkalmati.blogspot.com



پنهنجي مڙني ڪوشش ڪي دشمن جي ماري چڙهڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو ۽ انهن سان نفرت ۽ دشمني ظاهر ڪريو! اوهان ڪي هي جاڻڻ گهرجي ته مولوي محمود الحسن (جيڪو پهرئين هندستان جي مدرسي ديوبند ۾ هو) اسان وٽ آيو ۽ اسان سان مشورو ڪيائين اسان ان خيال ۾ سندس تائيد ڪئي ۽ ڪيس ضروري هدايتون ڏئي ڇڏيون آهن. جيڪڏهن اهو توهان وٽ اچي ته اوهان ان تي ڀروسو ڪجو ۽ هڙان وڙان جيڪا به شيءِ هو گهري ان سان سندس مدد ڪجو.

## (نتيجو)

165 ـ هن باب ۾ جيڪي واقعا لکيا ويا آهن انهن مان صاف ظاهر آهي ته ڪي ڳڻ ڳڻيا مذهبي مجنون مسلمان، هندستان ۾ بغاوت پکيڙڻ لاءِ ڪيڏو نه آتا آهن ۽ پنهنجن مقصدن جي حاصلات لاءِ هنن برطانيه مخالف دشمنن سان اتحاد ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون آهن. جنگ ڀڙڪائڻ لاءِ سندن طريقو اهو آهي ته پهرئين ڳجهه ڳوهه ۾ سازشون ۽ رٿائون تيار ڪن ٿا ۽ پوءِ کلي ڪري ڏڦيڙ مچائن. ڪڏهن اهي رنگ روٽ ڀرتي پيا ڪن ته ڪڏهن چندا گڏ پيا ڪن ۽ ڪڏهن باغين ڏانهن پيسا پيا موڪلين ته ڪڏهن وري پاڻ پيا اتي وڃن سدائين بغاوت لاءِ نصيحتون پيا ڪن. انهن جي نقصان کان بچڻ لاءِ عام مسلمانن جي وفاداري ۽ سرڪار جي ڌڪاءَ ۽ دٻدٻي جو اثر اهي ئي به ذريعا ٿي سگهن ٿا.

## (پندرهون باب)

## انهن سيني سازشن جي جوڙجڪ ۽ ناڪامي

166 ـ هيستائين اسان انهن سيني سازشن جي چنڊڇاڻ ڪري ڇڏي آهي جيڪي انقلابي تحريڪ سان لاڳاپيل هيون. بمبئي ۾ هي ماڻهو نج برهمڻ ۽ گهڻو تڻو چت پون آهن. بنگال ۾ سازشي ماڻهو وچولي ڪلاس جا نوجوان آهن. سندن صوبي ۾ انهن جي جوڙيل سازشن سبب خونريزي ۽ ڦرلٽ جو هڪڙو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. بهار اڙيسا گڏيل صوبا (يو-پي) وچ وارا صوبا (C.P) ۽ مدراس ۾ انهن سازشن اجان پاڙون پختيون نه ڪيون





آهن. پر ڪڏهن ڪڏهن ڏوهه ۽ بدامني جو سبب بڻبيون آهن. پنجاب ۾ آمريڪا کان واپس وريل ماڻهو بغاوت ۽ خونريزي ڪرڻ تي سندرو ٻڌيو ويٺا آهن.

انهن ڪيترائي ڏوهه ڪيا آهن. 1915ع جي بغاوت واري سازش به انهن جي ڪري ٿي هئي. برهما ۾ به زورشور سان بغاوت جون تياريون ٿي رهيون هيون پر ان جا اڳواڻ گرفتار ڪيا ويا آهن. پڇاڙي ۾ مسلمانن جي هڪڙي سازش جو راز کليو جيڪا ڪجهه مذهبي جيالن تائين محدود هئي ۽ سندن ارادو هي هو ته ٻاهرين ملڪن جي مدد سان برطانوي سلطنت کي ميساري ڇڏين. هي سڀ سازشون هڪڙي مقصد لاءِ ڪيون ويون هيون ته هندستان مان برطانوي راڄ جي تڏا ويڙهه ڪئي وڃي. ڪڏهن ته اهي پنهنجي مٿي ڪٽي ڏار ڏار رهيا ته ڪڏهن وري انهن ڪي هڪ ٻئي سان جوڙيو ويو. ڪڏهن جرمن اثر سان انهن کي سگهارو بنايو ويو پر هندستان جي وفادارن جي مدد سان انهن سيني مصيبتن جو ڪامياب مقابلو ڪيو ويو. پر اها ڳالهه حيرت يا اچرج جهڙي نه آهي ته اهڙيون سازشون جيڪي انتهائي حوصلي ۽ احتياط سان ڪيون ويون تن بابت حڪومت سخت ۽ غيرمعمولي قانون بنائڻ تي مجبور ٿي هجي. ايندڙ باب ۾ اسين ٻڌائينداسين ته امن واري وقت جا ناهيل قانون قاعدا سازش سبب پيدا ٿيل ههڙين سخت حالتن ۾ ناڪام ٿيو رهندا آهن.

نوٽ:

پوين پنن ۾ جنهن سڊيشن ڪميشن جو ذڪر آيو آهي اها گورنمينٽ آف انڊيا جي هوم ڊيپارٽمينٽ جي هڪ ٺهراءَ نمبر 28810 بتاريخ 4 ڊسمبر 1917ع دهلي موجب قائم ڪئي ويئي هئي. ان جي قائم ڪرڻ جا هي مقصد بيان ڪيا ويا آهن:

(1) هي ڪميشن هندستان جي سياسي ۽ انقلابي تحريڪ سان لاڳاپيل ڏوهاري سازشن جي اصليت ۽ پکيڙ بابت چنڊڇاڻ ڪري هڪ رپورٽ ترتيب ڏيندي.

(2) اهڙين سازشن کي وائکي ڪرڻ لاءِ جيڪي ڏکايون سامهون اچن ٿيون تن تي ڳوڙهو ويچار ڪندي ۽ جي ضرورت پئي ته مناسب قانون جوڙڻ لاءِ پنهنجو رايو ڏيندي ته جيئن سرڪار

www.iqbalkalmati.blogspot.com



اهڙين سازشن کي پنجي ڏيڻ لاءِ جوڳا اُپاءَ وٺي سگهي. ان ڪميٽي جي صدارت لاءِ سرڪار هز ميجسٽي جي هاءِ ڪورٽ آف جسٽس جي ڪنگز بينچ ڊويزن جي جسٽس ايس۔ اي۔ ٽي رولٽ جون خدمتون حاصل ڪيون آهن. ان ڪميٽي جا رڪن هي همراهه هئا.

(1) سرباسل اسڪاٽ ڪي۔ ٽي چيف جسٽس بمبئي

(2) ديوان بهادر سي۔ وي ڪمار سوامي شاستري جج هاءِ ڪورٽ مدراس

(3) سرور ني۔ لووٽ ڪي۔ سي۔ ايس۔ آئي ميمبر بورڊ آف ريوينيو

گڏيل صوبا يو۔ پي

(4) مسٽر پرواش چندر متر وڪيل هاءِ ڪورٽ ڪلڪته ۽ ايڊيشنل ليجس ليٽو ڪونسل بنگال

ان ڪميٽي جي سيڪريٽري جا فرض مسٽر جي۔ ڊي۔ وي هاج آئي۔ سي۔ ايس بنگال ادا ڪيا.

جنوري 1918ع ۾ ان ڪميٽي پنهنجو ڪم شروع ڪيو ۽ چند مهينن ۾ ئي پنهنجو ڪم پورو ڪري رپورٽ پيش ڪري ڇڏي. ڪميٽي جي سفارش موجب فروري 1919ع تي ليجسليٽو ڪونسل ۾ هڪ بل پيش ڪيو ويو جنهن کي پوءِ پاس ڪيو ويو. اهو بل ۽ قانون رولٽ ايڪٽ جي نالي سان مشهور ٿيو. مطالعي مان خبر پوي ٿي ته سڊيشن ڪميٽي قائم ڪرڻ، مليل حقيقتن مان نتيجا ڪڍڻ، قانون جوڙڻ ۽ لاڳو ڪرڻ وارن سڀني ڪمن جي پس منظر ۾ حضرت شيخ الهند مولانا محمود الحسن ۽ مولانا عبيدالله سنڌي جي انقلابي ڪوشش جو وڏو هٿ هو ۽ هتان وطن جي آزادي واري تاريخ جو هڪ نئون دور شروع ٿئي ٿو ۽ ان دور جي رهنمائي ۾ به حضرت شيخ الهند جي انقلابي جماعت جو حصو سڀني کان وڌيڪ هو.





(ضميمو پهريون)

# غالب نامه

سڊيشن ڪميٽي جي رپورٽ ۾ نمبر 164 جي پڇاڙي ۾ غالب نامي جي ڪن حصن جو ترجمو ڏنو ويو آهي. پر هي ترجمو پهرئين انگريزيءَ ۾ پوءِ ان انگريزي تان وري اردو ۾ ترجمو ٿيو. وري به ان جي تلخيص ڪندي هو بولي ۽ صحيح مطلب بيان ڪرڻ کان گهڻو پرپرو ٿي ويو هو. تنهن ڪري هتي غالب نامي جو مڪمل اردو ترجمو مولانا محمد ميان جي ترتيب ڏنل ڪتاب "تحريڪ شيخ الهند" مان کڻي هتي شامل ڪيو وڃي ٿو. غالب نامي جو ترجمو اصل عربي ۽ ترڪي تحرير موجب هن ريت آهي.

## حجاز شريف جي گورنر غالب پاشا جي فرمان جو نقل

قائم مقام (نمائنده) اعليٰ حضرت خليفه رسول رب العالمين امير المؤمنين دام اقباله

هي ڳالهه ڪنهن کان به لڪيل نه آهي ته عالمي جنگ گذريل هڪ سال کان ترڪي جي اسلامي حڪومت ڏانهن ڪر ڪنيو بيٺي آهي، روس، فرانس ۽ انگريز (اسلام جا دشمن) عثماني سلطنت جي ملڪن تي بري ۽ بحري حملا ڪري رهيا آهن. ان صورتحال کي سامهون رکندي حضرت امير المؤمنين خليفة المسلمين رڳو الله پاڪ جي مدد ۽ خاتم الانبياء عليه الصلواة والسلام جي روحاني طاقت تي پروسو ڪندي مقدس جهاد جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جي جواب ۾ ايشيا، يورپ ۽ آفريڪا جي مسلمانن لبيڪ چيو آهي. سي هر قسم جي هٿيارن سان ليس ٿي ميدان جنگ ۾ ڪُڏي ڪاهي پيا آهن. الله جو شڪر آهي جو ترڪي فوج ۽ مجاهدن جو انگ دشمنن جي انگ کان وڌي ويو آهي ۽ انهن دشمنن جي طاقت کي ماري ٽوڙي، اخلاقي نموني ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. چنانچه روسين جي فوج جو هڪ وڏو حصو قفقازيه ۾ تباهه ڪيو ويو آهي ۽ هڪ لک برطانوي ۽ فرانسيسي فوج ۽ جنگي جهاز دره دانيال ۽ ٻين هندن تي پينگ ڪيا ويا آهن. ترڪن، جرمنن ۽ آسٽريلين اوپر ۾ روسين کي ۽ اولهه ۾ فرانسين ۽ بلجيڪين کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي. روسي ۽ فرانسي علائقي جي ٽئين

www.iqbalkalmati.blogspot.com



حصي تي ۽ سڄي بيلجيم تي قبضي ڪرڻ کان سواءِ لکين رائفلن، بندوقن ۽ ٻئي جنگي سامان تي به قبضو ڪري ورتو آهي ۽ هزارين فوجين کي قيدي بڻايو ويو آهي. هاڻي بلغاريه به مرڪزي طاقتن سان گڏجي جنگ ۾ شامل ٿي ويو آهي ۽ ان سربيا جي علائقي ۾ اندر گهڙي اتان جي ماڻهن کي زوراڻي شڪست ڏئي ڇڏي آهي. تنهن ڪري منهنجو هي پيغام منهنجي سلامن سان گڏ انهن مسلمانن تائين پهچايو وڃي جيڪي انهن حڪومتن جي غلامي ۾ آهن ته هاڻي حڪومتون مڪمل نموني شڪست کائي ويون آهن ۽ هاڻي بلڪل لاچار نڌڻڪيون ٿي ويون آهن ۽ هاڻي مسلمانن آڏو جنهن طاقت جو مظاهرو ڪيو پيو وڃي سو رڳو خيال آهي.

مسلمانو! اڄ اوهان جي ڇوٽڪاري جو ڏينهن آهي تنهن ڪري پنهنجي غلامي، خواري ۽ گهٽتائي تي راضي نه رهجو! بي شڪ آزادي، ڪاميابي، سوڀ ۽ مدد اوهان سان گڏ آهي. هاڻي غفلت جي ننڊ مان جاڳو ۽ گڏجي سڏجي پنهنجي اندر تنظيم ۽ اتحاد پيدا ڪريو. پنهنجي صفن کي سڌو رکو ۽ پنهنجو پاڻ کي انهن شين سان هٿيار بند ڪريو جيڪي اوهان کي ضروري ۽ ڪافي هجن ۽ پوءِ ان ظالم ۽ ڏاڍ واري عيسائي حڪومت جي خلاف اٿي پئو جنهن جي غلامي جو ڪمزور ڳٽ اوهان جي ڳچي ۾ پيل آهي. ان غلامي جي زنجير کي پنهنجي مذهب جي طاقت ۽ دين جي تيز ڌار سان ڪٽي ڇڏيو. اهڙي طرح پنهنجي وجود ۽ انساني آجپي وارن حقن کي حاصل ڪري وٺو. اسين انشاءَ الله تڪڙو ئي پوري سوڀ ۽ ڪاميابي کان پوءِ ڪو ناهه ڪنداسين ته ان ۾ توهان جي حقن جي پوريءَ ريت حفاظت ۽ بچاءُ ڪنداسين. تنهن ڪري هاڻي دير نه ڪريو ۽ پڪي پهه ۽ ارادي سان دشمن جي نڙگهٽ تي لت ڏيئي ڪيس موت جي منهن ۾ پهچائي ڇڏيو ۽ ان سان دشمني ۽ ڌڪار جو مظاهرو ڪريو اسين اوهان ڏي پروسي ۽ اعتماد جي نظر سان ڏسون ٿا تنهن ڪري هي وجهه نه وڃايو دل متان هاريو ۽ مٿاهين پالڻهار کان دلي مرادن پوري ٿيڻ جي اميد رکو.

اوهان کي هي به ڄاڻڻ گهرجي ته مولانا محمود الحسن (جيڪو اڳ ۾ ديوبند هندستان جي مدرسي ۾ هو.) اسان وٽ آيو اسان سان صلاح ڪيائين. اسان ان بابت ساڻس متفق آهيون ۽ ان کي ضروري هدايتون به ڏنيون آهن ان تي ڀروسو ڪجو! جيڪڏهن هو توهان وٽ اچي ته هڙان وڙان مطلب ته جيڪا شيءِ گهري ان سان سندس سهڪار ڪجو.

(دستخط غالب پاشا والي حجاز)





(ضميمو ٻيون)

# هڪ هٿ گهڙيو داستان سچائين جي سوجهري ۾

مجروح ہورہی ہیں وفاداریاں تو کیا
کیسے ہر ایک بات پہ کہہ دوں بجا کہا۔

ڪجهه ڏينهن اڳ دارالعلوم ديوبند جي اهتمام واري دفتر پاران حضرت مولانا قاري محمد طيب (مدظله) مهتمم دارالعلوم ديوبند جو هڪ اٺن پنن وارو ڪتابڙو ”ايك خود ساخته داستان كى حقيقت“ جي نالي سان شايع ڪيو ويو آهي. ڪن ذريعن مان معلوم ٿيو آهي ته هن کان اڳ ۾ اهو رسالو ماهنامه دارالعلوم ۾ به ڇپجي چڪو آهي. ان ڪتابڙي ۾ حضرت مهتمم صاحب احقر جي هڪ تقرير جي ڪن ٽڪرن تي تنقيد ڪرڻ فرمائي آهي. اها تقرير 9 شوال 1400ه تي ديوبند ۾ ”كل هند مؤتمر ابنائے قديم“ دارالعلوم ديوبند جي اجلاس وقت ڪئي وئي هئي. جيئن ته هي اجلاس عالمي مؤتمر جي طرفان ٿي رهيو هو. جيڪا دارالعلوم ديوبند جي پراڻن شاگردن جي آزاد تنظيم آهي. تنهن ڪري موقعي جي مناسبت سان دارالعلوم جي شاگردن جي پهرين تنظيم ”جمعيت الانصار“ جو ذڪر به ان ۾ اچي ويو. جيڪا مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه جي نظامت هيٺ 1327ه مطابق سال 1909ع ۾ قائم ٿي هئي. جنهن مولانا سنڌيءَ مرحوم جي سچائي، محنت ۽ ڏنگائتي نموني ڪم ڪرڻ سبب ٿورڙن ڏينهن ۾ خاصي موچاري مقبوليت ۽ مشهوري ماڻي هئي پر بدقسمتي سان دارالعلوم جي ٻڌي ڇوڙي وارا ان کي سهي نه سگهيا ۽ تنظيم جي ڪرتا ڌرتا حضرت مولانا عبيدالله سنڌي کي مختلف حيلن بهانن ۽ ٽل ٽيڪڙن سان دارالعلوم کان ڌار ڪري ان وڏڻ ويجهڻ واري تنظيم کي دٻائي ڇڏيو.

هونئن ته اپريل 1980ع کان ئي ڪيترن ئي هٿ ٺوڪين پرچن، اڻ ڳٽيل چوپڙين ۽ لڳاتار بيانن وسيلي يقين ۽ تصور کان پرڀرا بهتان ۽ بازاري

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ٻوليءَ ۾ تهمتن وارين تحريرن جو سلسلو جاري آهي جن تي دارالعلوم جو بيحد و حساب پئسو هاريو پيو وڃي. مولانا محمد سالم (مهتمم صاحب جو پٽ) جي اڳواٽي ۾ ڪن مفاد پرستن جو ٽولو ايترو ته هيٺ لهي آيو آهي جو سڄو هندستان اهو تماشو ڏسي رهيو آهي ۽ وري مهتمم صاحب جي ناٺي جي نگراني ۾ هلندڙ دهلي وارو دفتر ٻه مهينن کان اهي ئي خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي. پر هتي ترديدي مضمون سڏوسنئون حضرت مهتمم صاحب جي نالي سان سندس دفتر مان شايع ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ هن حقير کي مُئلن کي گاريون ڏيڻ وارو، طعنا ڏيڻ وارو، دارالعلوم جو دشمن، قصا گهڙڻ وارو، بهتان مڙهڻ وارو، افسانه نگار، تاريخ سان هٿ چراند ڪرڻ وارو ۽ نفس پرست جهڙا لقب ڏنا ويا آهن. ان کان سواءِ ان مضمون ۾ ڪي اهڙيون ڳالهيون هيون جن جي تاريخ جي روشني ۾ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ تمام ضروري آهي تانته اهي سچايون نکري نروار ٿي بيهن جن تي هن مضمون ۾ پردي وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

ان مضمون ۾ منهنجي تقرير جو جيڪو حوالو پنجن سٽن ۾ نقل ڪيو ويو آهي سو ڪيتري قدر صحيح ۽ سچو آهي ان ڳالهه کي اتي ئي ڇڏيون ٿا. رڳو ان هٿ گهڙيل خلاصي کي سامهون رکي ڪري جيڪي اعتراض جوڙيا ويا آهن ۽ تقرير ۾ بيان ڪيل واقعن کي تاويلن جي ٿلهن پردن هيٺ لڪائڻ جي جهڙي نموني ڪوشش ڪئي ويئي آهي، فقط ان جو جائزو وٺندا هلون ٿا. ان مضمون ۾ چيو ويو آهي ته مولانا اسعد پنهنجي تقرير ۾ مولانا سنڌي کي جمعيت الانصار جو باني سڏيو آهي ان کي رد ڏيندي هيئن لکي ٿو:

> "هي دعويٰ ان حدتائين محض جوڳي آهي ته مؤتمر الانصار جي سوچ پهرين پهرين مولانا سنڌيءَ جي دماغ ۾ آئي پر ان حدتائين غلط آهي ته جمعيت مولانا سنڌيءَ جوڙي هئي. جمعيت انهن ئي بزرگن حضرت شيخ الهند، حضرت مولانا محمد احمد صاحب، حضرت مولانا حبيب الرحمان عثماني رحمهم الله جن مولانا سنڌي جي صلاح ڏيڻ کان پوءِ پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪري جوڙي هئي." (داستان کي حقيقت ص 4_5)

پهرئين ڳالهه اها آهي ته هي تقرير جون ڳالهيون آهن، ٿي سگهي ٿو ته



مولانا عبيدالله سنڌي ﷫ ۽ سندس ڪجهه همعصر

احقر جمعيت الانصار جو باني حضرت شيخ الهند کي چيو هجي يا ماڳهين ڪنهن جو ٻه نالو نه ورتو هجي. تقريرن ۾ ته اهي گهٽ وڌايون ٿينديون رهنديون آهن جن تي وٺ پڪڙ ٻه ڪانه ڪبي آهي. وري لکت ۾ نه هجڻ ڪري اڳتي لاءِ انهن جو ڪو رڪارڊ ٻه نه هوندو آهي. پر ان هوندي ٻه جيڪڏهن ايئن ڪرڻ پڪڙ جوڳو ڏوهه آهي ته انتهائي ادب سان عرض ڪندس ته:

اين گناهيست که در شهر شمانيز کنند

ٿورو "مختصر تاريخ دارالعلوم" جو مطالعو ته ڪري ڏسو، حضرت مهتمم صاحب مولانا سنڌي مرحوم جي زندگي جا حالات بيان ڪندي لکن ٿا:

> دارالعلوم ۾ پاڻ (مولانا سنڌي) جمعيت الانصار قائم ڪئي جنهن جا ٻه وڏا وڏا جلسا مراد آباد ۽ ميرٺ ۾ ٿيا. پاڻ دارالعلوم کي علمي ڍنگ سان ملي تحريڪ جو مرڪز بنائڻ ٿي گهريو جنهن جو پهريون نقش جمعيت الانصار هو.

سوال اهو آهي ته جنهن ڳالهه کي مهتمم صاحب لڳ ڀڳ سترهه ارڙهه سال اڳ تاريخي انداز ۾ لکي چڪو آهي. اڄ ان ئي ڳالهه کي ايڏي زورشور سان رد ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آڏو اچي ويئي. متان ان بيان مان فاضلن لاءِ تنظيم جوڙڻ وارو فطري حق ته ثابت نٿو ٿئي جيڪو مهتمم صاحب ڪنهن قيمت تي ڪين ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي؟

حضرت مولانا عبيدالله سنڌي کي دارالعلوم ديوبند مان ڇو ڪڍيو ويو؟ ان جو سبب بيان ڪندي هيئن لکن ٿا:

> ان (مولانا عبيدالله سنڌي) کي ڌار ڪرڻ، جمعيت الانصار کي ختم ڪرڻ جي ڪري بلڪل نه هو پر سوچ ويچار ۾ فرق ۽ ڪجهه فروعي اختلافن جي بنياد تي هو جيڪي دارالعلوم جي سڄي سنگت کي پريشان ڪري رهيا هئا. (ص 46)

مولانا سنڌي مرحوم کي دارالعلوم مان ڪڍڻ وارو اٿوٽندڙ واقعو جنهن زماني ۾ ٿيو هو تڏهن مهتمم صاحب سندس ڇوڙ موجب اڃان ننڍڙو هو، علمي ڳالهين ٻولهين کي سمجهي نه سگهندو هو. ان جي ابتڙ مولانا مناظر احسن گيلاني مرحوم جنهن کي پاڻ مهتمم صاحب ان ئي رسالي ۾ حضرت

www.iqbalkalmati.blogspot.com



شيخ الهند جي خاص شاگردن ۾ ڳڻيو آهي. (ص 7) سو ان وقت دارالعلوم ۾ دوري حديث جو شاگرد هو جيڪو مهتمم صاحبان وٽ به ڀروسي جوڳو ۽ ان قصي جو اکين ڏٺو شاهد پڻ. تنهن ان سلسلي ۾ جيڪي ڪجهه لکيو آهي سو مهتمم صاحب جي تحقيق جي ابتڙ آهي. پاڻ لکي ٿو:

> هي ڳالهه جنهن کي ان سلسلي جي ڪڙي سمجهڻ گهرجي يعني مولانا عبيدالله سنڌي ۽ مدرسي وارن جي چڪتاڻ پوءِ به هلندي رهي ۽ اهو مسئلو به چٽو ٿيندو ويو ته حضرت شيخ الهند ۽ مولوي عبيدالله ٻنهي جي سوچ مدرسي جي ٻڌي چوڙي وارن جي سوچ کان ڌار ٿيندي پئي وڃي. تبليغ وارو مسئلو ته خير هڪ علمي مسئلو هو پر اصل ۾ انهن ٻنهي ڌرين ۾ حقيقي اختلاف سياسي طريقي ڪار بابت هو.
>
> (ماهنامہ دارالعلوم ص 42 جمادي الثاني 1372ھ)

مهتمم صاحب ڪن فروعي مسئلن کي ان ڌار ٿيڻ جو سبب ٿو ڪوٺي. جڏهن ته ان مامري جو اکين ڏٺو شاهد مولانا گيلاني جي زباني اجهو هينئر توهان ٻڌو ته علمي مسئلو ته مڙيئي وچ ۾ اٽڪايل هو ان جو اصل سبب سياسي طريقي ڪار هو. وري مزي جي ڳالهه ته اها آهي جو حضرت شيخ الهند ان قصي ۾ نه رڳو مولانا سنڌي سان گڏ پر ان ۾ قومي سياست جو جذبو پيدا ڪرڻ وارو به پاڻ حضرت شيخ الهند آهي پر چوڻي آهي ته "نزلو هميشه ضعيف عضوي تي ڪِرندو آهي" تنهن ڪري غريب مظلوم مولانا سنڌي کي ان جو نشانو بڻايو ويو ۽ کين پنهنجي مادر علمي جي پاڇي کان به هميشه لاءِ پري ڪيو ويو تانجو مولانا سنڌي کي دهلي ۾ پناهه وٺڻي پئي.پر حضرت شيخ الهند تي سڌوسنئون آڱر کڻڻ جي ڪنهن ۾ به سگهه ڪانه هئي.

حضرت شيخ الاسلام قدس سره ان سلسلي ۾ هڪ نرالو انڪشاف ڪيو آهي جنهن مان خبر پوي ٿي ته مولانا سنڌي مرحوم کي خود برطانوي حڪومت جي اشاري تي دارالعلوم کان ڌار ڪيو ويو هو. ان ئي ڪارنامي جي بنياد تي ان وقت جي مهتمم صاحب کي شمس العلماء جو خطاب ڏنو ويو. حضرت شيخ الاسلام جن لکن ٿا:

> بهرحال اصلي سبب اهو مامرو آهي جنهن جي بنياد تي سرجيمز





> مسٽن، گورنر يوپي ديوبند ۾ ويو هو ۽ مهتمم صاحب کي شمس العلماء جو خطاب عطا ڪيو. (نقش حيات ص 240 ج 2 حاشيه)

ان جي وڌيڪ تصديق لنڊن مان حاصل ٿيل ريشمي خطوط سازش ڪيس سان لاڳاپيل ريڪارڊ مان به ٿئي ٿي. حڪومت برطانيه جو سي-آءِ- ڊي، جمعيت الانصار بابت ڏنل رپورٽ ۾ لکي ٿو ته:

> شروع ۾ ديوبند جي مدرسي جي سڄي مجلس منتظمه جمعيت الانصار جي حق ۾ هئي. جلد ئي عبيدالله انگريزي پڙهيل نوجوانن کي شاگرد ڪري رکڻ شروع ڪيو. ان تي اداري جي اڏوگابري سياسي شڪل ٿي ويئي. جڏهن بلقان جي جنگ شروع ٿي ۽ ديوبند جي ذميوار ماڻهن ترڪي جي مالي مدد ڪرڻ لاءِ فتوي جاري ڪئي ته اوچتو ئي اوچتو جمعيت الانصار پنهنجي اصلي روپ ۾ اچي وئي ۽ انگريز جي خلاف تمام ڪٽر دشمن سياسي جماعت بڻجي ويئي. مولوي، شاگرد ۽ ٻين ماڻهن کي مبلغ بڻائي موڪليو ويو ۽ ترڪي جي مالي مدد ڪرڻ لاءِ هلال احمر جي فنڊ ۾ وڏيون وڏيون رقمون گڏ ٿيڻ لڳيون. پرڏيهي سامان جي بائيڪاٽ لاءِ وڏي زورشور سان تبليغ ڪئي ويئي. ان جي هڪڙي شاخ "قاسم المعارف" ڪلڪتي شهر ۾ وڏي تيزيءَ سان چندو گڏ ڪيو ان تي مدرسي جا ڪجهه سياڻا ماڻهو هوشيار ٿي ويا ۽ انهن اهڙا اختلاف پيدا ڪري وڌا جو عبيدالله کي 1913ع ۾ استعيفا ڏيڻي پئي ۽ پوءِ تڪڙو ئي ان اداري جو وجود به ختم ٿي ويو (ريشمی خطوط سازش کیس کون کیا ہے ص69)

هڪ ٻي جاءِ تي مولانا عبيدالله مرحوم ۽ جمعيت الانصار جي حڪومت مخالف سرگرمين جي تفصيلي رپورٽ لکڻ کان پوءِ اهو ئي سي-آءِ- ڊي لکي ٿو:

> مدرسي جي نيڪ ناميءَ کي باقي رکڻ لاءِ مجلس منتظمه فيصلو ڪيو ته عبيدالله کي انيس احمد ۽ سندس ساٿين سميت مدرسي مان ڪيدي ڇڏڻ گهرجي. مولانا (شيخ الهند) اهو فيصلو پسند نه ڪيو.

انهن چٽين ثابتين هوندي به مهتمم صاحب جو ضد ان ڳالهه تي آهي ته

www.iqbalkalmati.blogspot.com



مولانا عبيدالله سنڌي مرحوم کي (نعوذبالله) ارتدادي عقيدي وارو چئي ڪري مدرسي مان سندس نيڪالي واري ڳالهه کي (بہ ان سان ڳنڍي) تنظيم ۽ سياسي سرگرمين کان ڪٽي ڇڏجي. جڏهن تہ حضرت شيخ الاسلام ۽ مولانا گيلاني ۽ حڪومت جو سي- آءِ- ڊي ٽئي ان ڳالهه تي متفق آهن. مولانا سنڌيءَ جي مدرسي مان نيڪالي ۽ جمعيت الانصار جي پيچ ڊاهہ رڳو ان بنياد تي هئي تہ مولانا سنڌي مرحوم مهتمن جي برخلاف جمعيت الانصار جي سرگرمين جو رخ انگريز سرڪار جي مخالفت ڏانهن موڙي ڇڏيو هو ۽ سچ پچ بہ حضرت شيخ الهند وٽ جمعيت الانصار جي جوڙڻ جو مقصد بہ اهوئي هو.

هاڻي ٻڌايو وڃي تہ مدرسي وارا پراڻن شاگردن جي تنظيم جا ڪيترا حامي ۽ شوقين هئا، انهن تنظيم جوڙي ڪڏهن؟ جيڪڏهن اتفاق سان ٿهي ويئي هوندي تہ بہ ان کي باقي وقت ڏنو هونداءُون؟

پري وڃڻ جي ضرورت ڪانهي، هن وقت عالمي مؤتمر کي ئي ڏسي وٺو تہ اهي ئي مهتمم سڳورا ان جي مخالفت ۾ کهڙي نہ بيهودي نموني هٿيار بند ٿي ميدان ۾ لهي پيا آهن ۽ پنهنجن ئي پراڻن شاگردن کي خوار خراب ڪرڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا نہ جتن ڪري رهيا آهن. تانجو مسلڪ مشرب کي پنيرو رکي مودودين سان لئون لڳائي پئي وڃي. وري حيرت جي ڳالهہ تہ اها آهي جو ان پڌري پٽ مڃيل ڳالهين ڏي هن فقير رڳو اشارو ڪيو آهي تہ مهتمم صاحب ايڏو تپي باهہ ٿي ويو آهي جو ڪيس سابّ الموتيٰ (مئلن کي گاريون ڏيندڙ) ۽ داستان ساز وغيره بنائي ڇڏيو. پر ساڳين ڳالهين کي اڄ کان لڳ ڀڳ 28_ 29 سال اڳ مولانا گيلاني نہ رڳو زباني پر انهن کي قلمبند ڪري، مهتمم صاحب جي ئي نگراني هيٺ شايع ٿيندڙ رسالي ماهنامہ دارالعلوم ۾ ڇپائي بہ ڇڏيو تہ بہ مهتمم صاحب نہ تہ مولانا گيلاني صاحب تي ڏمريو نہ ئي وري ڪنهن ترديدي مضمون لکڻ جي ضرورت محسوس ڪيائين. آخر اهو فرق ڇو؟ متان مولانا گيلاني خلاف ترديدي مضمون لکڻ ۾ اهو ڊپ تہ ڪونہ هو جو جيڪڏهن ان کي ڇيڙبو تہ ڪيترائي ٻوٽ ٻڌل راز کلي پوندا.

اڳتي هلي ڪري پنهنجي ساڳئين دعويٰ کي سگهاري بنائڻ لاءِ هٿ پير هڻندي لکن ٿا:





”وري ان مسلڪ جي فرق کي ايڏو گهرائي سان محسوس ڪري مولانا سنڌي کي دارالعلوم مان ڏار ڪرڻ وارو پڪو ارادو اصل ۾ حضرت باني اعظم حضرت مولانا قاسم نانوتوي صاحب رحمة الله عليه جي ان بنيادي اصول تي ٻڌل هو جيڪو سندس اٺن اصلن مان هڪ مکيہ اصول آهي، جيڪي پاڻ دارالعلوم ۽ ٻين ديني مدرسن لاءِ جوڙيا هئا. حضرت اقدس لکن ٿا تہ هي ڳالهہ تمام ضروري آهي تہ مدرسي جا استاد هم مسلڪ هجن ۽ زماني جي عام، عالمن وانگر خود خيال ۽ ٻين جي پٽڪن لاهڻ وارا نہ هجن. الله نہ ڪري جيڪڏهن اهڙو وقت آيو تہ مدرسي جو خير نہ آهي.“ (داستان کي حقيقت ص7)

هاءِ! اڄ بہ مودودين سان قرب ونڊڻ وقت بہ تہ ان اصول جو خيال رکيو وڃي ها ۽ مودوديت نواز ڪارڪن رکي ڪري دارالعلوم جي مسلڪ کي تين وال نہ ڪيو وڃي ها. بزرگن جو اصول اڪين تي پر ڇا اها ڳالهہ صحيح آهي تہ مولانا عبيدالله مرحوم ديوبندي مسلڪ مشرب جو پابند نہ هو تنهن ڪري مٿين اصول جي روشني ۾ ان کي نيڪالي ڏني وئي؟ نہ، بلڪل نہ دارالعلوم مان ڪيس ڪڍڻ جو اصل سبب سندس برٽش حڪومت مخالف پاليسي هئي، جنهن کي اسين گذريل سٽن ۾ سگهارن دليلن سان تفصيلي نموني ثابت ڪري چڪا آهيون. باقي رهيو مولانا سنڌي جي مسلڪ ۽ مشرب جو سوال تہ ان جي لاءِ حضرت شيخ الاسلام مولانا وابونا سيد حسين احمد مدني قدس سره جي تحرير ڏسو:

”جن ماڻهن ڪيس (مولانا سنڌي کي) 1326هہ يا ان کان پوءِ واري زماني ۾ ڏٺو آهي اهي پلي پت ڄاڻن ٿا تہ مولانا صاحب گهٽو ٽٽو ماٺ ۾ رهندا هئا. اجائي لباڙ ۽ بي فائدي ڪمن کان ڪوهين ڏور ۽ ذڪر فڪر سان گڏ علمي ڪمن ۾ رڌل ۽ پنهنجن وڏڙن ۽ عالمن سان وفادار، عقيدتمند ۽ ادب ڪرڻ وارا هوندا هئا. سندن هر چرپر ۽ سڪون مان، هر ڳالهہ ۽ عمل مان سنجيدگي ۽ سياڻپ ٽپڪندي هئي. سندن زندگي جي ڪل موڙي قرآن پاڪ جي خدمت، حديث ۽ فقہ جي ڪتابن جي اشاعت ۽ تعليم هئي. مٿن ڏوڪڙ پيسي ۽ نٽ ٺانگر جو ڪوبہ

www.iqbalkalmati.blogspot.com



اثر نه هو. پيسي کي ته هو نڪري نه پر ڦولڙي وانگر سمجهندا هئا. دنياوي لئي ۽ خلق ۾ پاڻ کي مقدس ڪري پيش ڪرڻ کي اجايو ۽ واهيات ڪم سمجهندا هئا. شاهوڪارن ۽ اميرن سان لاڳاپا ته پري رهيا پر مورڳو ساڻن نفرت ڪندا هئا. غريبن، فقيرن شاگردن ۽ الله وارن سان ڪيس وڏي محبت هوندي هئي. ڏينهن رات خلق جي عقيدن ۽ عملن کي سڌارڻ سنوارڻ لاءِ جاکوڙيندا هئا ۽ مسلمانن جي ترقي لاءِ تڙپ ۽ مسلمان امت کي مغرب جي زهريلي تعليم ۽ بي ديني جي وبائي جراثيمن کان بچائڻ سندن نصب العين هو. (ذاتي ڊائري: مولانا عبيدالله سنڌي ص 43)

مٿين عبارت کي هڪ ڀيرو ٻيهر پڙهي وڃو اجائي لباڙ ۽ بي فائدي ڏنڏن کان بچڻ وارو، ذڪر فڪر ۽ علمي ڪمن ۾ رڌل رهندڙ عبادت ۽ نيڪ ڪمن جو ڪوڏيو ديني بزرگن ۽ امت جي عالمن جو وفادار ۽ عقيدتمند، ڏاهپ ۽ سياڻپ جو مجسمو، ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله جي خدمت واري ڪل موڙي جو مالڪ، ڏوڪڙ پيسي ۽ دنياوي لئي ۽ نٽ ٺانگر کان بي پرواهه مست الست، اميرن ۽ هوند وارن کان پاسيرو، فقيرن، شاگردن ۽ الله وارن جو عاشق، نيڪ ڪمن ۽ عقيدن جي سڌاري لاءِ جاکوڙيندڙ ۽ اهڙا ٻيا سنا گڻ ڪنهن جا ڳڻايا پيا وڃن؟ اهي سڀيئي سٺيون عادتون ۽ گڻ انهيءَ مظلوم حضرت سنڌي جا ئي ته آهن جنهن کي ڌاريان ته خير هونئن ئي دشمن سمجهندا رهيا پر پنهنجن به مرتد ۽ واجب القتل چئي ڪري پنهنجي چوياري مان ڪڍي ڇڏيو.

زاهد تنگ نظر نے مجھے کافر جانا
اور کافر یہ سمجھتا ہے مسلمان ہوں میں

ڀلا انهن عادتن ۽ وصفن هوندي آخر هو ديوبندي مسلڪ ۽ مشرب کان ڦريل ڪيئن ٿيو؟ ڇا ديوبندي مسلڪ ۽ مشرب انهن ڳڻن کان ڌار ٻي ڪا شيءِ آهي؟

وري حضرت نانوتوي جن جو مٿيون اصول ته مدرسي جي استادن لاءِ آهي، مولانا سنڌي مدرسي ۾ استاد ٿورئي هو هو ته پراڻن شاگردن جي تنظيم جو ناظم هو جنهن کي بدقسمتي سان مهتممن پنهنجن اختيارن جي





شڪنجي ۾ جڪڙي ڇڏيو هو. تنهن ڪري هو ان اصول هيٺ آيو ئي ڪٿي ٿي پر پنهنجي ڪم ڪيڻ لاءِ ڇڪي تاڻي ان اصول کي ان تي لاڳو ڪيو پيو وڃي. اڳتي بطور بنياد بڻڻ ۽ ذهنن ۾ اٿندڙ ڪنهن اعتراض کي هٽائڻ لاءِ ارشاد ٿو ٿئي:

رهي اها ڳالهه ته حضرت شيخ الهند جن ان اختلافي سوچ ويچار هوندي به مولانا سنڌي کي پاڻ سان ڳنڍيو ڇو رکيو ۽ ان جي مسلڪ ۽ مشرب جي اختلاف کي ڪيئن سٺو؟ سو الله پناهه ڏي ان لاءِ ڪونه هو ته ڪو حضرت شيخ الهند مهتممن جي مخالفت يا مقابلي لاءِ ايئن ڪيو هو. جيئن اڄڪلهه مشهور ڪيو پيو وڃي، پر رڳو ان لاءِ هو ته حضرت شيخ الهند جيڪو ڪم مولانا سنڌي کان وٺڻ گهريو ٿي ان ڪم کي صحيح نموني ڪرڻ جي صلاحيت منجهن سيني کان وڌيڪ محسوس فرمائي.

(داستان کي حقيقت ص 8)

انهيءَ جي ڪري ته موصوف کي سَٺو ڪونه ويو. جيڪڏهن عقيدي ۽ دين اسلام جو سوال هجي ها ته ان معاملي ۾ حضرت شيخ الهند جيڪو شيخ الحديث، استاذ الڪل ۽ حضرت نانوتوي جو جانشين ۽ سندس امانتن جو صحيح امين هو ان کي ضرور پاڳي پائيوار بنايو وڃي ها ۽ ان جو هڪڙو اشارو ئي مولانا سنڌي کي پنهنجي موقف تان هٽ ڪٽائڻ لاءِ ڪافي هجي ها. پر هي علمي بحث مباحثو ته رڳو ڏيکاءَ لاءِ هو. اصل سازش ته انگريزن جي هئي.

ڪيڏو نه سٺو ٿئي ها جو حضرت مهتمم اڳ پوءِ ان مسئلي کي به ڇنڊو ڪري ڇڏي ها ته حضرت شيخ الهند قدس سره مولانا سنڌي سان جيڪو پيار محبت ۽ مدد واري هلت هليو ٿي، ڇا ڪنهن خراب عقيدي واري ۽ واجب القتل مرتد سان هڪ ديني اڳواڻ جو اهڙو برتاءُ شرعي روءِ سان جائز ۽ روا آهي؟ ڪافر مشرڪ ۽ مرتد جي حڪمن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي تنهن ڪري قومي تحريڪن ۾ غيرمسلمن کي شامل ڪرڻ وارو مثال به نٿو ڏيئي سگهجي. حيرت ۽ اچرج جهڙي ڳالهه آهي جو مهتمم هيڏي وڏي اونهي علم رکندي به هڪ ڇٽي ڇٽي حقيقت کي لڪائڻ لاءِ پيچ ٻڪ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون نه ٺوڪرون ۽ ٺاپا کائي رهيو آهي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



سچي ڳالهہ تہ اهائي آهي تہ مولانا سنڌيءَ سان مهتممن جيڪي ڪجهہ ڪيو سو ان اڻ ڪيئي ڏوهہ جي سزا آهي جنهن جي سُرڪي ڪيس خود حضرت شيخ الهند پياري هئي يعني انگريز دشمني واري سرڪ. جنهن ڪي مهتمم سڳورا هڪ منٽ لاءِ بہ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا. هاڻي جيڪڏهن سڏوسنئون اها ڳالهہ آڏو ڏيئي مهتمم سڳورا ڪو قدم کڻن يا تہ سندن لاءِ ان طرز عمل ۾ ڪيئي خطرا هئا ۽ سڀ کان وڏو خطرو تہ حضرت شيخ الهند جي شخصيت هئي. تنهن ڪري هڪ علمي مسئلو پيدا ڪري ان جي آڙ ۾ حضرت سنڌي مظلوم کي هٽايو ويو. ان سڄي ڏنڌي مان حضرت شيخ الهند کي ڪيڏي تڪليف پهتي هئي، ان کان پاڻ ڪيترو متاثر ٿيا هئا ان جو ڪجهہ اندازو هن واقعي مان ٿي سگهي ٿو تہ ان ڪاروائي پوري ٿيڻ کان پوءِ حضرت مولانا انور شاهہ ڪشميري جنهن مولانا سنڌي تي نڪتل ڪفر جي فتويٰ تي صحيح ڪئي هئي سو جڏهن حضرت شيخ الهند جي ڪچهري ۾ پهتو تہ حضرت جن ان کان منهن ڦيري ڇڏيو. پوءِ وڏي منٽ ميڙ کان پوءِ حضرت جن ان کان راضي ٿيا. جيڪڏهن هيءَ ڪاروائي سچ پچ بہ شريعت جي مطابق هئي ۽ دين جي هڪ اهم گهرج کي پوري ڪرڻ لاءِ هئي تہ پوءِ ان کان حضرت شيخ الهند جي ناراضگي جي ڪهڙي توجيهہ ٿيندي؟ وري اهوئي مولانا انور شاهہ ڪشميري جيڪو حضرت مهتمم جي چوڻ موجب ان سڄي ڪاروائي ۾ اڳيرو هو ۽ حضرت سنڌي سان گهڻو ڪري پيو بحث مباحثو ڪندو هو. تنهن ڪي پوءِ جڏهن پنهنجي پل ۽ غلطي جو احساس ٿيو تہ حجاز ڏانهن مولانا سنڌي جي نالي هڪڙو نياپو موڪلي معافي گهريائين. شاهہ صاحب جو معافي نامو پڙهي ڏسو.

> ديوبند ۾ رهڻ دوران غلط فهمي جي ڪري آءُ اوهان لاءِ تڪليف جو سبب بنيو هوس. هاڻي منهنجي دل ۾ توهان لاءِ ڪوبہ اهنج ڪونهي اميد تہ اوهين بہ مون کي معاف ڪرڻ فرمائيندا. (نقش حيات ج 2، ص 144)

جيڪڏهن هي شرعي مسئلو هو تہ ان کي غلط فهمي چو ٿو ڪوٺيو وڃي ۽ ان تي معافي گهرڻ ۽ معذرت ڪرڻ جي ڪهڙي معنيٰ آهي؟ مرڳو لفظ (غلط فهمي) اصل راز ۽ حقيقت تان پردو کڻي ڇڏيو آهي. اهو هيئن تہ





مهتممن جون راهون حضرت شيخ الهند ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي راهہ کان ڌار هيون. پهرين ڌر گهريو ٿي تہ حضرت نانوتوي جي مشن ۽ مقصد جي ابتڙ دارالعلوم جا استاد ۽ ڪارڪن قومي سياست کان ڪٽجي پنهنجي سرگرمين کي رڳو پڙهڻ پڙهائڻ ۽ درس تدريس تائين محدود رکن تان تہ انگريز جي ڏمر کان بچيا رهن ۽ گڏوگڏ انهن جي قرب ۽ عنايتن جا حقدار بنجي سگهن. جڏهن تہ حضرت شيخ الهند ۽ سندس پاليل پوسيل مولانا سنڌي جن قومي سياست کان ڌار رهڻ کي دارالعلوم جي مقصدن ۽ نصب العين کان منهن موڙڻ برابر ٿي سمجهيو. مولانا گيلاني نقل ڪري ٿو.

> هڪڙي ڏينهن هيئن ٿيو جو مولانا حبيب الرحمان عثماني صاحب هن فقير کي ياد فرمايو ۽ چيو تہ تون حضرت شيخ الهند سان ملي ڪري معلوم ڪر تہ واقعي سياست ۾ حضرت جن جو مسلڪ ۽ موقف ڪهڙو آهي؟ پانيان ٿو تہ اڳين نماز کان پوءِ جو وقت هو مسجد جي اڱڻ ۾ هڪ ڪمرو هوندو هو جنهن ۾ حضرت شيخ الهند پنهنجي زندگي جو پڇاڙڪو ڪم يعني قرآن پاڪ جي ترجمي جو ڪم ڪندو هو. هي فقير تہ ان ئي اڱڻ جو رهاڪو هو. نماز کان پوءِ سائين جن ان ئي تصنيف ۽ ترجمي واري ڪمري ۾ ويا. اڪيلائي هئي سو موقعو ڏسي فقير بہ پنيان پنيان ان ڪمري ۾ حاضر ٿي ڪري چيو سائين ڪجهہ عرض ڪرڻو آهي. معمول جيان مرڪندي فرمايائون اچ چا ٿو چوڻ گهرئين. آءُ بہ ويهي رهيس ۽ جيڪو نياپو منهنجي حوالي ڪيو ويو هو سو سائين جن جي سامهون بيان ڪيم پاڻ ٻڌندا رهيا جڏهن آءُ پنهنجي ڳالهہ پوري ڪري چڪس تہ ڏٺم تہ سائين جن تي هڪ خاص ڪيفيت طاري ٿي ويئي آهي ۽ پنهنجي استاد ۽ ديوبند مدرسي جي باني مولانا محمد قاسم نانوتوي رحمة الله عليه، جنهن کي پاڻ "حضرت الاستاد" جي لقب سان ياد ڪندا هئا ان جو نالو وٺي فرمائڻ لڳا تہ ڇا حضرت الاستاذ هن مدرسي کي رڳو درس تدريس ۽ تعليم وتعلم جي لاءِ قائم ڪيو آهي؟ مدرسو منهنجي سامهون قائم ٿيو هو جيتري قدر مون کي ڄاڻ آهي تہ 1857ع جي هل چل ناڪام ٿيڻ کان پوءِ اهو ارادو

www.iqbalkalmati.blogspot.com



> ڪيو ويو ته ڪو اهڙو مرڪز قائم ڪيو وڃي جنهن جي مدد سان ماڻهن کي تيار ڪيو وڃي. تانته 1857ع جي ناڪامي جو پورائو ڪري سگهجي. پڇاڙي ۾ فرمايائون ته پڙهڻ پڙهائڻ جن جو نصب العين آهي آءُ انهن جي واٽ ۾ آڏ ڪونه ٻڌجهندس پر خود پنهنجي لاءِ ته ان ئي واٽ کي چونڊيو اٿم جنهن جي لاءِ منهنجي خيال مطابق حضرت الاستاذ دارالعلوم جي جوڙجڪ ڪئي هئي. (بحواله: ماهنامه دارالعلوم جمادي الثاني 1372هه ص 42)

ان کان سواءِ دارالعلوم جي چوياري ۾ حضرت نانوتوي جي اها چوٽي به عام هوندي هئي ته "فقير پنهنجي مشن کي تعليم واري پردي ۾ لڪائي ڇڏيو آهي." سو اهو سوچ ويچار جو فرق جنهن جو مظلوم مولانا سنڌي شڪار ٿيو هو اڄ جنهن کي جيئن وٽي تيئن پلي چوندو وتي پر تاريخ جن سچاين کي پنهنجي سيني ۾ سموئي ڇڏيو انهن کي ميٽي ڇڏڻ ناممڪن آهي ۽ نه وري محرم 1362هه مطابق فيبروري 1943ع تي لکيل مولانا گيلاني جي خط سان 1332هه مطابق 1913ع جي واقعن (جمعيت الانصار تان مولانا جي برطرفي ۽ ديوبند مان نيڪالي) جي حقيقت تي پردو وجهي سگهجي ٿو. ڇو ته خود مولانا گيلاني (جنهن جو سهارو وٺي ڪري مرحوم مظلوم سنڌيءَ کي نعوذبالله واجب القتل مرتد سمجهيو پيو وڃي) پوري صورتحال کي واڪو ڪري ڇڏيو آهي. مظلوم مولانا سنڌي کي الله پناهه ڏي خراب عقيدي وارو ۽ واجب القتل ثابت ڪرڻ لاءِ بيهودي ڪوشش ڪرڻ کان لکيو ويو آهي ته

> ٻي تهمت اها هنئي وئي آهي ته مهتممن قومي خودمختياري يا هندستان جي آزادي ۾ ڪڏهن ڪوبه حصو نه ورتو جهڙوڪر اهي برطانوي حڪومت جا پوڄاري ۽ ان جا پگهار وارا هئا سو پهرين تهمت کان وڌيڪ واهيات ۽ بيهودي آهي. (داستان کی حقيقت ص 11)

منهنجي جنهن تقرير تي هيڏي سڄي قلمي واويلا ٿي رهي آهي ۽ جنهن کي بهانو بنائي هن فقير کي قسمين قسمين لقبن سان نوازيو پيو وڃي ٿي سگهي ٿو ان جو ريڪارڊ اڄ به ديوبند ۾ ڪن ماڻهن وٽ هٿيڪو هجي ان کي ٻيهر ٻڌي سگهجي ٿو ان ۾ ڪٿي به هي جملا ڪونه ملندا جن کي منهنجي طرف منسوب ڪري هي مهربانيون ڪيون پيون وڃن.





وه بات سارے فسانے میں جس کا ذکر نہ تھا
وہ بات ان کو بہت ناگوار گذری ہے

پر جڏهن پاڻ انهن پراڻن قصن کي ڇيڙيو اٿن ته پوءِ اصل سچاين کي پڌري ڪرڻ لاءِ بهرحال ڪجهه لکڻو ئي پوندو. دعويٰ اها ڪئي پئي وڃي ته

> سچي پچي حقيقت هي آهي ته انهن (مدرسي جي مهتممن) نه رڳو جنگ آزادي ۾ حصو ورتو هو پر ٻين کي به ان ۾ حصه دار بنايو ويو هو. (داستان کي حقيقت ص 11)

اها دعويٰ حقيقت سان ڪيتري قدر ٺهڪي بيهي ٿي؟ ان کي پرکڻ لاءِ پري وڃڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي. حڪومت برطانيه جنهن جي خلاف اها جنگ جوٽي ويئي هئي مهتممن لاءِ انهن جو تاثر ۽ خيال ڪهڙو هو ۽ حڪومت جو ساڻن ورتاءُ ۽ هلت ڪهڙي هئي؟ بس ان ڳالهه کي سامهون آڻيو ته پاڻهي سڀ اڇا ڪارا پڌرا ٿي پنهنجي اصلي رنگ روپ سان نکري نروار ٿي ويندا. ڏسو ريشمي خطوط سازش ڪيس جو تعارفي حصو (ڊائريڪٽري) جنهن ۾ برطانوي حڪومت جي سي- آءِ- ڊي حضرت مولانا حافظ محمد احمد صاحب مهتمم دارالعلوم جو تعارفي نوٽ هيئن لکيو آهي.

> محمد احمد صاحب شمس العلماء پٽ محمد قاسم باني مدرسه ديوبند. هي مدرسي جو مهتمم يا پرنسپل آهي ۽ حڪومت جا وفادار آهن. (کون کیا ہے؟ ص 62)

هڪ ٻي جاءِ تي هيئن سجاڳپ ڪرائي اٿس.

> مدرسي جو پرنسپل شمس العلماء مولوي حافظ محمد احمد جيڪو ان اداري جي باني مرحوم جو پٽ آهي، وفادار ۽ شريف آهي. (کون کیا ہے ص 53)

حڪومت جي نوازش جو ٻيو دليل به ڏسو مهتممن وٽ پروسي جوڳو مولانا مناظر احسن گيلاني مرحوم لکي ٿو:

> الله الله! اهو ڪيڏو نه ڏکيو ۽ ڪڙو وقت هو جڏهن برطانوي حڪومت پاران حضرت مفتي محمد احمد صاحب لاءِ مدرسي ۾ هي فرمان آيو ته حڪومت موڪي علائقي ۾ سرسبز ۽ آباد زمين جي هڪ وڏي جاگير اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪري ٿي. ٿي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



سگهي ٿو حڪومت جي اها بخشيل جاگير سوين ايڪڙ يا چوڪڙين ۾ هجي. مشوري واري ان مجلس جنهن ۾ حڪومت جو اهو فرمان غور ويچار لاءِ پيش ڪيو ويو هو هن فقير کي به سڏائي شريڪ ڪيو ويو هو. ڳالهه هلي ته اها جاگير قبول ڪئي وڃي يا نه. ان تي گهڻي دير تائين بحث هلندو رهيو پڇاڙي ۾ نيٺ اهو طئه ٿيو ته جاگير قبول ڪرڻ جي صورت ۾ حافظ محمد احمد صاحب کي مدرسي جي مهتممي تان هٿ ڪڍڻو پوندو.

(بحوالہ ماهنامہ دارالعلوم شوال 1372هہ)

جيئن ته ان برطانوي بخشش کي قبول ڪرڻ جي صورت دارالعلوم جو اقتدار ۽ اهتمام هٿن مان هليو ٿي ويو جيئن سندس ڪچهري جو ساٿي مولانا گيلاني ٻڌائي رهيو آهي. ان ڪري هڪڙو وفد حڪومت کي ان نازڪ صورتحال کان آگاهه ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. نيٺ حڪومت هڪ اهڙي سئي واٽ ڪڍي ڏني جو شاهي بخشش مان به لاپ ملندو رهي ۽ دارالعلوم واري اقتدار ۽ اهتمام کي به ڪولهر لوڏو نه اچي. سو هيئن جو حڪومت جي اشاري تي حيدرآباد جي نظام، مهتمم صاحب کي مفتي اعظم جو عهدو آڇي وظيفي جي نالي ۾ خاصي موچاري رقم جاري ڪري ڇڏي جيڪا اڄڪلهه جي پيسن ۾ ويهارو هزارن کان به وڌيڪ هوندي. وري گهر جي هر ماڻهو لاءِ پنجاهه پنجاهه روپين جو وظيفو ڌار جاري ڪيو ويو اهو سلسلو 1341هہ تائين جاري رهيو. مولانا حبيب الرحمان عثماني نائب مهتمم بابت به حڪومت جو اهوئي تاثر هو جيڪو مهتمم صاحب بابت هو. سي- آءِ- ڊي پنهنجي رپورٽ ۾ لکي ٿو:

> حبيب الرحمان مولوي نائب مهتمم مدرسہ ديوبند مولانا عبيدالله ۽ مولانا محمود حسن جي اسڪيمن ۾ شامل نه آهي. ان کي وفادار سمجهي سگهجي ٿو. (کون کیا ہے ص53)

انهن سڀني ثابتين ۽ شاهدين مان روشن ڏينهن جيان هي ڳالهه پڌري ٿي ويئي آهي ته هڪڙي طرف حضرت شيخ الهند ۽ سندس ساٿي هر قسم جا ڏک ڏاکڙا سهي حڪومت برطانيہ سان حق خود اختياري ۽ آزادي جي جنگ لڙي رهيا هئا ته ٻئي طرف مهتمم سڳورا حڪومت سان وفاداري ڏيکارڻ لاءِ گورنر جون دعوتون ڪري ان جي واڪاڻ ۽ ساراهه ۾ قصيدا ۽





آجياڻا ڏيئي رهيا هئا ۽ ان جي بدلي ۾ خطاب ۽ بخششون حاصل ڪري رهيا هئا. پوءِ به دعوي اها پئي ڪئي وڃي ته هنن (مهتممن) نه رڳو جنگ آزادي ۾ حصو ورتو پر ٻين کي به حصه دار بڻايو.

آخر هيترين سارين تاريخي شاهدين هوندي ڪير ان کوکلي دعوي کي سچو سمجهندو؟ ڪيڏو نه سنئو ٿئي ها جو مهتمم صاحب تاريخ جي ان ڏيئل ڦٽ کي ٻيهر نه ڦولهاري ها! الله ڄاڻي ٿو ته جيڪي ڪجهه لکيو ويو آهي سو دل تي پٿر رکي ڪري لکيو ويو آهي ۽ ٻنهه مجبور ڪرڻ تي. نه ته اپريل 1980ع کان مهتمم جو دفتر ۽ دفتر رابطہ دهلي اندر ئي اندر منهنجي خلاف جيڪا مهم هلائي رهيا آهن مون ان ڏانهن ڪو ڌيان نه ڏنو پر هاڻي جڏهن ذميوارانہ نموني خود حضرت مهتمم صاحب ان پلاري ڪم ۾ پنهنجي سر پاڻ شريڪ ٿي ويو آهي ته هاڻي ماٺ ڪرڻ معنيٰ ڏوهه ڀاسڻ جي برابر سمجهي ويندي تنهن ڪري اصلي صحيح صورتحال کي سامهون آڻڻ لاءِ نه گهرندي به هي اڻٽندڙ فرض پورو ڪرڻو پئجي ويو.

لگے گی چوٹ بربط پر تو نالے پھوٹ نکلیں گے
اگر یہ بھی گراں گزرے تو کوئی زخمہ زن کیوں ہو۔

(مولانا سيد) اسعد مدني غفرلہ
صدر عالمي مؤتمر و جمعيت علماءِ هند
صفر سنہ 1401هہ

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ضميمو ٽيون

# ديوبند واري واقعي جي وضاحت ۽ مليل اعزاز جي پيرائتي حقيقت

حڪومت هندستان جي سيڪريٽري ڏانهن يو پي سرڪار جي سيڪريٽري پاران 28 آڪٽوبر 1915 تي مولانا محمودالحسن بابت لکيل خط ۾ مولانا محمد احمد مرحوم جي ان سپاسنامي جو ذڪر آهي جيڪو سندس طرفان ۽ سندس اڳواڻي ۾ ٿي هڪ پنج رڪني وفد ڪيس شمس العلماء جي خطاب ملڻ واري خوشيءَ جي موقعي تي شڪراني طور پيش ڪيو هو. ان خط جي ٻئي پيراگراف ۾ چيو ويو آهي ته سپاسنامي سان گڏ (سپاسنامي پڙهڻ واري مولوي) هڪڙو پمفليٽ به هز آنر جي خدمت ۾ پيش ڪيو هو جنهن ۾ اخبار زميندار (لاهور) جا ڪجهه ٽڪرا به نقل ڪيل هئا. ان پمفليٽ ۾ مولوي محمد احمد مهتمم دارالعلوم کي حڪومت پاران مليل شمس العلماء واري دنياوي اعزاز قبول ڪرڻ تي (پيسي جو پوڄاري) چئي ڪري جهڙوڪر گار ڏني ويئي هئي. ان جو جواب مولوي شبير احمد عثماني طرفان ڏنو ويو هو. اهو به هز آنر جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو هو. انهن سيني جو خيال آهي ته اهو پمفليٽ "الهلال" ڪلڪته جي ايڊيٽر مولوي ابوالڪلام آزاد جو لکيل آهي. جيئن ته ان جي طرفان ڪوبه جواب الجواب نه آيو تنهن ڪري هنن سمجهيو ته ڪائنس ان جو جواب پهچي نه سگهيو آهي. ان پيراگراف ۾ زميندار جي جنهن مضمون ۽ ان تي ٻڌل جنهن پمفليٽ جو ذڪر آيو آهي سو مضمون يا پمفليٽ ته ملي نه سگهيو آهي. البته مولانا شبير احمد عثماني جيڪو جوابي مضمون لکيو هو اهو حاضر آهي. اهو مضمون "القاسم" ديوبند بابت 10 رمضان 1333ھ مطابق آگسٽ 1915ع ۾ ڇپيو هو. (صفحي 1 کان 17 تائين) ان مان زميندار جي بيان ڪيل





مضمون جي مطلب ۽ مفهوم جو اندازو ٿي وڃي ٿو ۽ پڻ ان مان هي به خبر پوي ٿي ته:

(1) اخبار زميندار جو بيان ڪيل مضمون اصل ۾ (همدرد دهلي) جي هڪ ليڊنگ آرٽيڪل کي بنياد بنائي ڪري لکيو ويو هو ۽ زميندار جي 13 جولائي 1915ع واري اشاعت ۾ ڇپيو هو.

(2) هي مضمون حقيقت نگار جي قلمي نالي سان ڇپيو هو. همراهن جو خيال آهي ته ان جو ليکڪ مولانا ابوالڪلام آزاد آهي اها ڳالهه صحيح به ٿي سگهي ٿي پر اهو رڳو هڪ انومان آهي.

(3) وفد جي ميمبرن جي خيال ۾ مولانا شبير احمد عثماني جو مضمون ان جو مسڪت جواب آهي. ابوالڪلام آزاد ان جو جواب ڏيئي نه سگهيو آهي. پر اهو رڳو سندن وهم آهي. مون کي ته ان مضمون ۾ ڪا به سگهه ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي. مولانا محمد احمد جي بچاءَ ۾ قلم کي گهڻو ڊوڙايو ويو آهي پر اصل اعتراض جو اهو بنيادي نڪتو ته هي اعزاز ڪيس سرڪار لاءِ لکيل خدمتن (جاسوسي) جي بدلي ۾ ڏنو ويو آهي، ان جي جواب ۾ هڪ لفظ به نه لکيو ويو آهي.

(4) مضمون جو اهو پاسو ته هيڪاري ڪسو آهي ته مولانا محمد احمد کي اهڙو ڪم ڪونه ڪيو آهي جيڪو ان کان اڳ ۾ ڪيو نه ويو هجي ۽ ان جا ڪجهه مثال به ڏنا ويا آهن.

(5) مولانا محمد قاسم نانوتوي واري وقت کان وٺي ڪري مولانا رشيد احمد گنگوهي جي وقت 1905ع تائين وارين حالتن جي سختي ۽ 1915ع جي حالتن واري فرق کي بلڪل نظرانداز ڪيو ويو آهي. ڪٿي 1905ع تائين حالتن جو ڌهڪاءُ ۽ جبر ۽ ڪٿي 1916ع کان پوءِ واريون حالتون. جڏهن آزادي جي تحريڪ هڪ نئين دور ۾ داخل ٿي ويئي هئي ۽ قاسمي تحريڪ پنهنجي شروعاتي مرحلي مان نڪري چڪي هئي. هاڻي ان جي لوڪ کان لڪائي پالنا ڪرڻ جي ضرورت نه هئي بلڪ وقت اچي ويو هو ته ان کي زماني سان دوبدو نظرون ملائڻ سيکاريو وڃي. پر قاسمي ۽ عثماني خاندان جا شهزادا آڄپي لاءِ مڃنڌڙ ان مڇ جي گرميءَ کي محسوس ٿي ڪونه ڪري رهيا هئا جيڪو حضرت قاسم العلوم والخيرات جي لائق شاگرد مولانا محمود حسن جي سيني ۾

www.iqbalkalmati.blogspot.com



پڙڪي رهيو هو ۽ جنهن مچ سندس ڪن خاص شاگردن ۽ دهلي، ڪلڪتي جي ڪجهه ڏاهن جي دلين کي به دڪائي ڇڏيو هو.

هاڻ! افسوس جو اهي صاحبزادا 1915ع ۾ به بديسي سرڪار لاءِ جاسوسي ۽ لڪ ڇپ وارا ڌنڌا ڪري رهيا هئا. تانجو اهي حضرت قاسم العلوم جي لائق شاگرد ۽ علمي فڪري جانشين سان گڏوگڏ انقلابي تحريڪن ۾ سر ڌڙ جي بازي لڳائيندڙ ڪارڪنن کي سندن فڪري ۽ انقلابي مرڪز کان پاسيرو ڪري ڪين دشمنن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ هٿ ڌوئي پنيان پيل هئا.

(6) انگريز سرڪار جي چاڙتن ۽ مسلمان اميرن يا والي رياست ڀوپال جي خدمت ۾ سپاسنامي پيش ڪرڻ کي پاڻ ۾ پيٽ ڏيڻ ته بلڪل غلط آهي.

(7) دفاعي تحرير ۾ تنقيد ڪندڙ يا مضمون لکندڙ کي ڪنهن مشهور داستان ساز يا ڪوڙي مؤرخ سان تشبيهه ڏيڻ ۽ ان طرف آڱر کڻڻ اعتراض جو ڪو معقول جواب نه هوندو آهي. اهڙين لکڻين کي علمي ڏاهپ جي ابتڙ سمجهيو ويندو آهي.

(8) زميندار (لاهور) جي حقيقت نگار جو اشارو هن طرف هو ته مولانا محمد احمد کي جيڪو خطاب مليو آهي سو سندس علمي خدمتن جي مڃتا ۾ نه، پر سندس سرڪاري خدمتن جي عيوض ۾ ڏنو ويو آهي. اها ڳالهه ان وقت ته رڳو مهتمم صاحب جي ڌنڌن ڏسڻ وارن ڪن خاص واسطيدار ماڻهن جي علم ۾ هئي. مهتمم صاحب جون اهي خدمتون جيڪي هن جمعيت الانصار جي انقلابي تحريڪ کي ختم ڪري انگريز سرڪار جي خدمت ۾ پيش ڪيون هيون تن لڪيل ڌنڌن جا تفصل سي آءِ ڊي جي فائلن ۾ لڪيل هئا. پر هاڻي ته سيئي راز ۽ سيني جا وڪا پڌرا ٿي چڪا آهن. تن مان چڱي پر پروڙي سگهجي ٿو ته اصل ۾ شمس العلماء جو خطاب ڪيس انهن ئي خدمتن جي ڪري ڏنو ويو هو ۽ جڏهن مولانا محمد احمد کان پوءِ 1925ع ۾ مولانا حبيب الرحمان عثماني کي حيدرآباد دکن ۾ مفتي واري عهدي تي فائز ڪيو ويو ته اهو به سندس انهن خدمتن جو بدلو هو جيڪي هن حضرت مهتمم صاحب سان ٻانهن ٻيلي ٿي ڪري سر انجام ڏنيون هيون.





هن دردیلي داستان کي ڪيترو ڏگهو ڪجي ۽ ان جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي ان جي پرک لاءِ هي ڪتاب ۽ منجهس آيل سرڪاري رپورٽون، ضميما، تحريڪ شيخ الهند ۽ ان جا دستاويز (ترتيب مولانا محمد ميان) دي انڊين مسلمز اي ڊاڪيومينٽري ريڪارڊ (ترتيب شان محمد) تحريڪ ريشمي رومال اور سندهه (ڊاڪٽر ابو سلمان شاهجهان پوري) وغيره. انهن صاحبزادن ۽ شهزادن جي بي بصيرتي ۽ ان کان به گهڻو ڪجهه وڌيڪ تي سچار شاهد آهن. هاڻي توهان مولانا شبير احمد عثماني جو مضمون پڙهو. (ا. س. ش)

## اعزاز ڏيڻ جي حقيقت

هن تحرير ۾ اسان جي ڳالهه جو منهن مهاڙ ان نالي لکيل حقيقت نگار ڏاهن آهي جنهن پنهنجي دل ۾ دکندڙ باهه کان يا اڄڪلهه جي هٿ ٺوڪي ۽ ڏيکاءَ واري سياسي حريت پروري هٿان مجبور ٿي ڪري اخبار زميندار جي صفحن ۾ مٿيئن عنوان سان اخبار همدرد جي هڪڙي ليڊنگ آرٽيڪل جو رد ڏيندي پنهنجو عقلي ۽ اخلاقي فرض نباهيو آهي. ڪٿي ظاهري نموني هو خاص طور تي اسان سان مخاطب نه آهي پر جيئن ته حقيقت نگار جي اخلاقي ۽ عقلي فرضن موجب هر ڳالهه کي چنڊي ڇاڻي سندس اصلي حقيقت موجب مڃڻ گهرجي ۽ اسان جي وري مذهبي فرضن موجب (النصح لڪل مسلم) واري قاعدي موجب ڪنهن به ڳالهه جي اصلي ۽ صحيح حقيقت کي ڇٽو ڪرڻ گهرجي تانته جيڪي ماڻهو سچ جا ڳولائو آهن (جن جو وجود بدقسمتي سان اڄڪلهه نه هجڻ جي برابر آهي) تن کي سندن پاڪ مقصد ۾ مدد ڏيڻ گهرجي. بس انهيءَ جي ڪري اسان هنن ڪجهه سٽن لکڻ جي ضرورت محسوس ڪئي آهي ۽ اجان به جي مناسب لڳو ته انهن ۾ ڪجهه واڌارو ڪري سگهجي ٿو. زميندار جو اهو پرچو گهڻو ڳولا کان پوءِ ملي سگهيو آهي. پر پوءِ غنيمت آهي جو 12 جون واري ”همدرد“ جي تصحيح ته زميندار جي 13 جولاءِ واري پرچي ۾ ڇپي آهي. پر اسان ان جي پيٽ ۾ رڳو اڌ مهيني جي وقفي سان زميندار جي مضمون تي هڪ سچائي واري تنقيد لکي ڪري پريس حوالي ڪري رهيا آهيون.

توڙي جون ضرورتون ۽ مجبوريون ڪيترن ئي اٽوٽندڙ ڪمن کي به

www.iqbalkalmati.blogspot.com



مباح (جائز) بنائي ڇڏينديون آهن. جيئن اسان جو هي مضمون به انهن مان هڪ آهي. جيڪو آءُ ڇپجڻ لاءِ موڪلي رهيو آهيان پر هڪڙو اسان کي ڏاڍو ڏک آهي جو اسان کي پنهنجا ڪيترائي سنا ۽ ضروري ڪم ڇڏي ڪري هڪ اهڙي اٽوٽندڙ ۽ بي فائدي بحث ۾ اچڻو پيو آهي جيڪو هيڪاري هن اسلامي پاڻيپي واري رسي کي سوگهي جهلڻ لاءِ اڻندڙ ڇولي وقت وڏيڪ گهٽيا درجي جو ٿي پيو آهي. پر پوءِ به حقيقت نگار واري قلم جي تيک ۽ تيزي اسان کي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. هيءَ به حقيقت آهي ته هڪڙي قسم جي سوال جواب ۾ ڳالهيون وڌي وڏيون ٿي وينديون آهن. جيئن همدرد جي 15_20 سٽن جي مقابلي ۾ زميندار کي ڇئن ڪان به وڌيڪ پنهنجا اداراتي ڪالم ڦٽائڻا پيا آهن. تنهن هوندي به آءُ ان خيال سان مسلم جماعت ۾ اهڙيون ڪوٺيون ۽ ڪسيون ڳالهيون جيترو ٿي سگهي گهٽ ٿين، پنهنجي هن مضمون کي مختصر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. سڀ ڪان پهريائين مناسب آهي ته اسين همدرد ۾ ڇپيل ليک جو تت ۽ نچوڙ خود حقيقت نگار جي لفظن ۾ بيان ڪري ڇڏيون جيڪو هن ريت آهي.

(1) جهڙي نموني هندستاني خادمن جي سرموڙ آزادي پسندن جي استاد ۽ وقت جي جوڌن جيالن جي اڳواڻ مسٽر گانڌيءَ کي پنهنجي پوري قومپرستي ۽ آزادي پسند هوندي به خطاب ملڻ اچرج جهڙي ڳالهه آهي. بنهه ايئن اها ڳالهه به عجب جهڙي آهي جو مولانا محمد احمد (مهتمم دارالعلوم ديوبند) کي شمس العلماء جو خطاب مليو.

(2) گهڻو ڪري خطاب يا منصب ڏيڻ ۾ هيستائين جيڪو طريقو رهيو آهي. (يعني عام طور تي انهن ماڻهن کي خطاب ڏنو ويندو آهي جيڪي وڏن مقصدن لاءِ ظاهر ظهور يا لڪ ڇپ ۾ خدمتون سرانجام ڏيئي چڪا هجن يا منجهائن اهڙين خدمتن جي اميد هجي.) ان حوالي سان مولانا موصوف کي جيڪو شمس العلماء جو خطاب مليو آهي اهو حيرت وارو يا گهٽ ۾ گهٽ اميد جي ابتڙ آهي.

(3) ان ڪري جو مولانا جي آزاد شخصيت ۽ بي ڏپي سچائي جو ڏيک سهارنپوري واري جلسي ۾ پڌرو ٿي چڪو آهي.

(4) مولانا صاحب جي اتاهين شخصيت کي نه ڪڏهن اڳ ۾ خطاب جي ضرورت هئي (نه خدانخواسته) وري ڪڏهن ٿيندي.





باب و رنگ و خال و خط۔ چه حاجت روئے زيبا را۔

انهن مٿين ڳالهين مان پهرئين ڳالهه تي جيئن ئي حقيقت نگار جي نظر پيئي ته ڪيس اندر ۾ آنڌ مانڌ اچي وڪوڙيو ۽ ڪاوڙ ۾ صفا سيٺجي همدرد جي ايڊيٽر تي ڇوهه ڇنڊڻ شروع ڪري ڏنا ته مشهور وطن پرست مسٽر گانڌي ۽ مدرسه ديوبند جي پڳهاردار مهتمم ٻنهي کي ساڳين قطار ۾ بيهارڻ جو آخر توکي حق ڪهڙو هو. ڇو ته پوئين همراهه ڪڏهن به قومي ايثار ۽ فداڪاري واري جذبي جو مظاهرو نه ڪيو آهي، ان جي ابتڙ مسٽر گانڌي جيڪي ڪجهه ڪيو آهي سو سچائي ۽ وطن پرستي جي تاريخ ۾ امر ٿي ويو آهي.

بيشڪ حقيقت نگار وانگر اسان کي به اهوئي احساس ڏنگيندو رهيو آهي ته هڪڙي مذهبي ٻيلي جي شينهن ۽ هڪ آزاد سياسي پهلوان کي هڪڙي ئي آکاڙي ۾ ڇو لاٿو ويو آهي؟ يا وري ڪنهن سنئين سڌي روشن ضمير خدا پرست انسان کي هڪڙي اصطلاحي وطن پرست سان ساڳي صف ۾ بيهارڻ غلط آهي.

*صلاح کار کجا و من خراب کجا - بہ بین تفاوت رہ از کجا ست تا بکجا*
*چہ نسبت است برندے صلاح و تقوی را- سماع وعظ کجا نغمہ رباب کجا*

پر اسين ڄاڻون ٿا ته همدرد جي معزز ايڊيٽر تي اهڙي ڪنهن به صف بندي جو الزام ڏيڻ اجايو آهي. جنهن ۾ هن مسٽر گانڌي ۽ مولانا کي آمهون سامهون بيهاريو هجي. همدرد جي هيٺين لفظن مان ته (ديوبند جي هڪ ڪنڊائتي بزرگ "مهتمم دارالعلوم الاسلاميه" کي اڻ گهريو "شمس العلماءَ" جو خطاب ڏيڻ ايئن اميد جي ابتڙ ۽ تعجب وارو پرائز آهي جيئن مسٽر گانڌي کي جنوبي آفريڪا ۾ ڪيل خدمتن جي عيوض هندستان ۾ خطاب ڏيڻ) آءُ نٿو سمجهان ته ڪهڙي ٻڻ ٻٽياد تي ٻنهي جي ڪارنامن جي پيٽا ۽ سندن درجن کي برابر سمجهڻ جو نتيجو ڪڍيو ويو آهي. خود همدرد ٻنهي جي خدمتن ڏي اشارو ڪندي هر هڪ جي نوعيت کي پنهنجي مختصر لفظن ۾ چٽو ڪري رهيو آهي پر توهان آهيو جو نڪي ٻڌو ٿا نڪي سمجهو ٿا.

اوهان کي ڄاڻ هجڻ گهرجي ته دارالعلوم ديوبند جي اهتمام جي ذميواري مولانا محمد احمد کي ماڻهن ۾ مٿيرو بنائي ٿي، سو ڪو معمولي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



مڪتب يا انجمن ڪونهي. هو هندستان جي مسلمانن جي سڀ کان وڏي درسگاهه ۽ سڀني کان وڏو مذهبي يادگار آهي. جنهن جا باني‌ڪار، جنهن جا شاگرد، جنهن جا استاد، جنهن جو تعليمي نصاب، جنهن جو سمورو عملو پنهنجي اندر نج مذهبي روح رکي ٿو. هن هميشه ماٺ ميٺ ۾ امن امان واري اڻ بدلجندڙ ۽ انتهائي ٿوس رفتار سان مذهبي تعليم کي عام ڪيو آهي ۽ سچن اسلامي جذبن کي عام توڙي خاص ماڻهن تائين چؤطرف پکيڙي ڇڏيو آهي. هن پنهنجي آواز تي ڪن ڏيندڙن کي ان وقت به جڏهن هندستان ۾ مسلمانن جا نامي گرامي اڳواڻ ڪانگريس جي مقصدن ۾ شريڪ ٿيڻ کي گمراهي ۽ چرياڻپ پڻ چوندا هئا ۽ جڏهن قرآن پاڪ مان ڪوڙسارين سخت مفهوم وارين آيتن کي لفظي ۽ معنوي نموني ڪڍي ڇڏڻ لاءِ قراردادون پيش ڪيون پئي ويون، تڏهن به هي ادارو انهيءَ قرآن ۽ انهيءَ حديث جي سيني حصن جي بنان ڪنهن گهٽ وڌاءَ جي آزاداڻي نموني تعليم ڏيئي رهيو هو ۽ اڄ جي هن زماني ۾ به اهائي ساڳي تعليم ڏيئي رهيو آهي. جڏهن مسلم ليگ ۽ ڪانگريس کي گڏائڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن ۽ اڄ جڏهن اهي پڙڪيلا تقرير باز مولوي جن کي ڏهه ويهه سال اڳ مذهبي مجنون، چريا ۽ تنگ نظر چيو ويندو هو، تن کي هاڻي وري ڪمزور، پاڙيا، خوشامدي ۽ مصلحت پسند مشهور ڪيو پيو وڃي. رات ڏينهن جي ڦيرين گهيرين کي ڏسو ۽ تمام غور سان ڏسو ته هڪ اها حالت هئي جڏهن دارالعلوم کي بغاوت پسند ۽ امن امان ۾ ڏڦيڙ وجهڻ وارو ۽ ملڪ و ملت لاءِ هاڃيڪار سمجهيو ويندو هو. تانجو هڪڙي ڇپيل اشتهار ۾ ته "گورنمينٽ ڏيان ڏي" جي عنوان سان هي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي ته سرحد، ڪابل ۽ ٻين جاين تي جتي مسلمان عيسائين سان جنگ ڪن ٿا انهن سڀني لاءِ رسد ۽ توانائي ديوبند وارو مدرسو تيار ڪري رهيو آهي ۽ اڄ وري هي حالت آهي جو انهن ئي اسڪيم تيار ڪرڻ وارن کي (اسين ثابت ڪنداسين ته هو اڄ به پنهنجي وڏڙن جي واٽ تي هلي رهيا آهن.) خوشامدي، دين وڪائو ۽ اهڙا ٻيا لقب ڏنا پيا وڃن، پر توهان ياد رکو ته جهڙي نموني دارالعلوم وارن جا پير پهرئين حملن ۾ ڪونه ٿڙيا هئا تهڙي نموني هن ٻئي مرحلي وارا حملا ۽ جهٽڪا به کين ڏوڏي نٿا سگهن.

(عنقا شکار کس نه شود دام باز چین که آنجا همیشه باد بدست است دام را)



مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه ۽ سندس ڪجهه همعصر

جيڪي ماڻهو دارالعلوم جي تاريخ جي ڪجهه ٿوري ڄاڻ رکن ٿا تن کي چڱي ريت خبر آهي ته ڌار ڌار طبيعت جي ماڻهن ڪهڙي ڪهڙي نموني دارالعلوم کي قوم ۾ خوار ڪرڻ يا حڪومت کي ان کان بدظن ڪرڻ وارين هاڃيڪار سرگرمين جو ڄار پکيڙيو ۽ باوجود هن جي ته مولانا محمد احمد صاحب جهڙي قدآور شخصيت دارالعلوم جي پراڻي پاليسي کي هٿيڪو ڪري رکڻ لاءِ (جيڪو هڪ ذميوار ۽ بهادر مهتمم جو سڀ کان وڏو فرض آهي) پنهنجي بلند خياليءَ سبب ڏک ڏاکڙا سهي به ڪهڙي نه صبر ۽ سهپ جو ثبوت ڏنو آهي ۽ ڪيڏي نه ڏاهپ ۽ سمجهداريءَ سان مدرسي جي مڙني ماڻهن کي پاڻ ۾ سلهاڙي ٻڌي ان تعليمي فيض ۽ دين کي عام ڪرڻ لاءِ وڏ کان وڏ جاکوڙ ڪئي جيڪو مدرسي جي باني‌ڪارن جو ارادو ۽ منصوبو هو. جن جو بيان هن اخباري ڪالمن ۾ سمائجي نٿو سگهي، جيڪڏهن توهان کي انهن حقيقتن جي پرک ۽ پروڙ پئجي وڃي ته ڪر اوهان آڏو اها حقيقت به کلي وڃي ته اوهان دارالعلوم يا مولانا محمد احمد بابت جيڪي ڪجهه ٿلهي دٻ ڍڪي سان لکي رهيا آهيو ان ۾ اصل سچائي جو ڪيترو حصو آهي.

(خواهی که روشنت شود احوال سرِ عشق- از شمع پرس قصه زباد صبا مپرس-)

آءٌ مڃان ٿو ته مولانا محمد احمد صاحب مسٽر گانڌيءَ جهڙي فداڪاري، وطن پرستي ۽ قرباني جو ڪو ثبوت ڪونهي ڏنو پر منهنجي خيال ۾ اها مولانا جي گهٽتائي نه، بلڪ ساراهه آهي. جو هو به مدرسي جي پراڻن اڳواڻن جيان انهن لفظن جي نئين اصطلاحي معنيٰ کان بي خبر آهي. مدرسي جو مهتمم هوندي به پگهار نه ونڻ (جيڪو شايد اوهان وٽ قرباني جو وڏو درجو آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته اسلامي تاريخ ۾ پگهار ونڻ وارن خلفاءِ راشدين کي به اوهان ان درجي کان محروم ڪري ڇڏيو.) بيشڪ مدرسي جي پنجاهه ساله برڪت ڀري تاريخ ان سلسلي ۾ مولانا محمد احمد جي ڪابه رهنمائي نه ڪئي آهي. پر شايد اوهان کي اها خبر ناهي ته ڪجهه مهينن کان حضرت مولانا محمود الحسن صاحب پگهار ڇڏي ڪري مسلمانن لاءِ جنهن سهڻي روايت جو بڻ بڻياد وڌو آهي سا مولانا محمد احمد جي سٽن اٺن سالن جي صلاح مشوري سان ئي قائم ٿي آهي. جنهن جي پهرئين ڪڙي حضرت قبله محمود الحسن صاحب پاران 35 سالن جي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



لڳاتار ارادي ڪرڻ کان پوءِ آخرڪار پگهار چڙي ڏيڻ آهي ۽ ان جو ٻيو مثال اهو هوندو جنهن تي عمل ڪرڻ جي فڪر ۾ مولانا محمد احمد لڳو پيو آهي. (توڙي جو مون کي خبر نہ آهي تہ ايئن ڪرڻ جي صورت ۾ مولانا محمد احمد صاحب مدرسي جي مهمان خانہ جو خرچ جيڪو لڳ ڀڳ چاليهہ روپيا ماهوار ٿيندو ۽ جنهن لاءِ مولانا کي مريدن وٽان نذرانہ ڪونہ ٿا ملن، سو پنهنجي ذمي رهڻ ڏيندو يا نہ.)

ان موقعي تي اها ڳالهہ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ حيدرآباد واري عهدي جو مدرسي جي مهتمميءَ سان ڪوبہ تعلق نہ آهي ۽ حقيقت نگار جي غلط فهمي پيدا ڪندڙ هيئين لفظن جي جواب ۾ تہ "هن کي مدرسي جي صدقي حيدرآباد مان وظيفو ٿو ملي" رڳو هن حقيقت کي بيان ڪرڻ ئي ڪافي آهي تہ هندستان جي عظيم شخصيت جو وارث ۽ لائقي پٽ حافظ محمد احمد 1308هہ کان وٺي حيدرآباد جو عهديدار آهي. جڏهن تہ هن کي مهتمم 1313هہ ۾ بنايو ويو هو سو جيڪڏهن هاڻ ڪيس ڪا ترقي ملي آهي تہ اها بہ انهن ئي بنياد تي ملي هوندي جنهن بنياد تي اڳ ۾ ڪيس اهو عهدو مليو هو.

ها! باقي ايترو فرق ضرور پيو آهي جو مولانا صاحب جي سٺن ڪوشش سان مدرسي جو چندو جيڪو اڳي رڳو هڪ سؤ روپيا هو سو هاڻي پنج سو روپيا ٿي ويو آهي. "وَسَيَصِيْرُ مُضَاعَفاً اِنْشَاءَاللهُ الْعَزِيزُ"

حقيقت نگار جي ان اٽڪلٽائي تي جيئن اسان کي ڏک آهي، تيئن سندس ان هلڪڙائي تي بہ هزار ڀيرا عجب ٿو ٿئي تہ "جيڪڏهن مولانا محمد احمد پگهار وٺڻ ڇڏي ڏي ها تہ پوءِ گانڌي ۽ گوکلي جي جاءِ تي حضرت جنيد ۽ شبلي قطار ۾ اچي بيهاريو ها تہ بہ اسان کي ڪو اعتراض نہ هجي ها." آءٌ پڇان ٿو تہ ڇا سچ پچ بہ تو وٽ گانڌي ۽ گوکلي جو درجو ايڏو اتاهون آهي جو مولانا محمد احمد کي انهن جي قطار ۾ بيهارڻ سان تون تپي باهہ ٿيو وڃين. پر جنيد ۽ شبليءَ جي درجن ۽ سيني ڪمالن جي تو وٽ قدر ۽ قيمت رڳو ايتري ئي آهي جو پنجاهہ سٺ روپيا ماهوار پگهار ڇڏي ڏيڻ وارو سندن بزرگيءَ ۽ پرهيزگاري واري مسند تي ويهڻ جهڙو ٿيو وڃي، سچي ڳالهہ تہ اها آهي جو

مشڪل عشق نه در حوصله دانش ما است





حل اين نكته بدين فكر خطا نتوان كرد

اصل ڳالهہ اها آهي تہ فضيلتن ۽ درجن جي صف بندي توهان پوريءَ ريت سمجهي ئي ناهي. نہ تہ ڪو اوهين هر هڪ کي سندس ئي جنس ڪمال جي قطار ۾ بيهارڻ گهرو ها. ڏسو نہ صحابہ ڪرام ۾ الحمدلله هڪ ٻئي کان مٿي ۽ اتم انسان موجود هئا پر زهد ۽ فقر ۾ ابوذر کي، امانت ۾ ابو عبيده کي، اتباع سنت ۾ ابن عمر کي، ديني سمجهہ ۽ سڄاهہ ۾ ابن مسعود کي، تاويل ۽ تفسير ۾ ابن عباس کي، ٻاجهہ ۽ ٻاجهہ ۾ ابوبڪر کي، ديني حميت ۽ سختي ۾ فاروق اعظم کي، حيا ۽ حلم ۾ عثمان غني کي ۽ فيصلن نبيرڻ ۾ حضرت علي کي جماعت جو امام سمجهيو ويو آهي. هاڻي فرض ڪريو تہ مولانا محمد احمد صاحب ۾ اوهان جو مقرر ڪيل ايثار ۽ وطن پرستيءَ وارو جذبو موجود هجي ها تہ ڇا سندس انهن ٻين فضيلتن کان اکيوٽ ڪجي جن ۾ هو مٿيرو ۽ نشانبر آهي ۽ جن جا اهڃاڻ هندستان جي سموري اسلامي برادري جي اڪيلي مرڪز دارالعلوم ديوبند جي گذريل ويهہ سالہ تاريخ ۾ محفوظ ٿي چڪا آهن.

ٻئي مامري بابت اسان حقيقت نگار کان رڳو ايترو پڇڻ ٿا گهرون تہ خطاب ڏيڻ جي سلسلي ۾ حڪومت جو طريقہ ڪار اوهان ٻڌايو آهي تہ (عام طور انهن ماڻهن کي خطاب ڏنو ويندو آهي جن ڪن وڏن مقصدن لاءِ ڪلي يا لڪي ڪري خدمتون ڪيون هجن يا منجهائن اهڙين خدمتن جي اميد هجي.) توڙي جو اوهان وڏن مقصدن کي چٽو نہ ڪيو آهي شايد ان مهل اوهان جي حريت ۽ سرفروشيءَ واري جذبي تي مصلحت ڇانئجي ويئي هئي، پر ڪهڙي بہ نموني جيڪڏهن واقعي اها حقيقت آهي تہ پوءِ حضرت عبدالحي ﷫ ۽ مولانا عبدالحق صاحب خيرآبادي مرحوم (جن کي خطاب ملڻ جا اوهان بہ اقراري آهيو.) ان عام قانون ۾ داخل هئا يا نہ؟ ۽ جن بنيادن تي اوهان جي خيال ۾ ڪو ماڻهو خطاب جو حقدار ٿئي ٿو. ان حوالي سان مٿين ٻنهي بزرگن کي خطاب ڏيڻ اڇرج جهڙو عمل هو يا نہ؟ جيڪڏهن انهن کي خطاب ملڻ اميد جي ابتڙ هو تہ پوءِ ان ۾ ڪهڙو حرج ٿي پيو جو اوهان جي خيال ۾ جيڪا غلطي حڪومت بہ ڀيرا اڳ ۾ ڪري چڪي هئي سا مولانا محمد احمد جي سلسلي ۾ ٻيهر بہ ڪري وڌائين. اوهان وڏو زور لڳائي اهو ثابت ڪرڻ گهريو آهي تہ مولانا محمد احمد کي خطاب ملڻ وارو عمل

www.iqbalkalmati.blogspot.com



سرجيمس مسٽن جي ديوبند اچڻ سان لاڳاپيل آهي. ٿي سگهي ٿو ايئن به هجي پر مولانا محمد احمد کي 1905ع ۾ سرجيمس لاٽوس جي ديوبند اچڻ مان اهو تجربو ٿي ويو هو ته، ”ڪنهن ليفٽيننٽ گورنر جي ديوبند اچڻ جو هروڀرو اهو مطلب نه آهي ته مهتمم کي خطاب به ملي.“ ان حساب سان مولانا جو ان قسم جي نيت ۽ خيال کان خالي ذهن هجڻ پڌري پٽ پيل حقيقت آهي. 6 جنوري 1905ع تي اوهان جي لفظن ۾ ”دارالعلماء والمتوڪلين ۾ (سرجيمس لاٽوس) جو شاهي انداز ۾ اچڻ“، مولانا محمد احمد صاحب جي سرگرمي، وچ وارن همراهن جي پيچ ڊڪ ۽ سيني سنهن ٿلهن ڪمن جي جانچ پڙتال، مدرسي ۾ عقيدت سان آجياٽي جا انتظام ۽ قطارن ۾ لڳاتار جهنڊيون، تماشائين جا انبوهه، عاجزاڻا عرض ۽ مليل جوابن تي واهه واهه وغيره جيڪي ڪجهه ڏٺو ويو سو ان کان بلڪل گهٽ نه هو جيڪو توهان ۽ اوهان جي زهري ۽ سالم پهرئين مارچ 1915ع تي ڏٺو. هاڻي حيرت آهي ان ڳالهه تي ته ان وقت کان وٺي اڄ ڏينهن تائين نه ڪنهن ان تي تنقيد ڪئي نه وري ڪنهن ڪا اڳڪٿي ڪئي.

اوهين جيڪڏهن پنهنجي زهري ۽ سالم کان پڇندؤ ته اوهان کي اها به خبر پئجي ويندي ته 1905ع ۾ جيڪي ڪجهه ٿيو ان ۾ وقت جي قطب حضرت مولانا رشيد احمد گنگوهي جي ڪرامت هئي ۽ ان کان به وڌي ڪري حضرت ؒ ۽ اوهان وارا زهري سالم پاڻ سيني انتظامن ۾ حصيدار هئا. پوءِ اڳ ۾ اهڙي مثال قائم ٿي وڃڻ کان پوءِ مولانا محمد احمد صاحب کي ڪهڙو حق هو جو هو پاڻ کي پنهنجي استاد ۽ مرشد مولانا گنگوهي کان به وڌيڪ پاڪ پوتر ۽ ديندار ثابت ڪري ۽ جيڪڏهن ايئن ڪري به ها ته به ڪيس ڪير مڃي ها.

حقيقت نگار همدرد جي ايڊيٽر کي (جيڪو پاڻ جلسي ۾ شريڪ هو) ٿو چئي ته ”جن ماڻهن مارچ واري جلسي جو رنگ ڍنگ ڏٺو هو انهن تنهن ڏينهن صبح سوير ئي اهو سڀ ڪجهه ڏسي ڇڏيو هو جيڪو توهان پهرئين جون تي ڏٺو هو.“ پر آءٌ وڌيڪ خوش ٿيان ها جيڪڏهن هيئن چئو ها ته ”ڏسڻ وارن 1905ع جي شروع ۾ ئي اهو سڀ ڪجهه ڏسي ڇڏيو هو جيڪو بين پهرئين جون 1915ع تي ڏٺو. بلڪ ان کان به جيڪڏهن ٿورو ڏکهي نظر ڪري ڏسجي ته هيئن چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو ته مولانا محمد احمد جي



مولانا عبيدالله سنڌي ؒ ۽ سندس ڪجهه همعصر

ان ڪم جو بڻ بڻياد دارالعلوم جو پراڻو مهتمم حضرت مولانا رفيع الدين صاحب پنهنجي وقت ۾ وجهي چڪو هو جڏهن سنڌس وقت ۾ سهارنپور جي ڪليڪٽر آرڊرن صاحب کي مدرسي گهرايو ويو هو ۽ خاص طور تي صدر مدرس صاحب جي حديث پڙهائڻ واري جاءِ تي ان جي ميز ڪرسي لڳائي وئي. سپاسنامو پيش ٿيو ۽ مهتمم صاحب مدرسي جي ميمبرن سان گڏ باادب بيٺو رهيو. هي اهو زمانو آهي جڏهن مولانا محمد احمد صاحب اڃان رڳو شروعاتي درجي جو استاد هو ۽ ڪنهن به انتظام يا اهتمام ۾ سنڌس عمل دخل نه هو (توڙي جو نتيجي جي حوالي سان اهو سچو سبق ڪيس پڙهايو پئي ويو.) حضرت مولانا محمد قاسم واري سونهاري وقت ۾ ليفٽيننٽ گورنر جو سيڪريٽري صاحب مدرسي ۾ آيو ۽ ان جي وزٽ نوٽ جو ترجمو ”بشارت“ جي عنوان سان مدرسي پاران ڇپايو ويو ۽ حضرت مولانا طرفان ان تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو.•

هي سڀ مامرا مسلمانن جي اکين اڳيان گذريا هئا ۽ رسالن ۾ ڇپجي ڪري عوام ۾ مشهور ٿي چڪا هئا. وري دارالعلوم ۾ جن ڳالهين جي ريت حضرت مولانا محمد قاسم، حضرت مولانا رشيد احمد، حضرت مولانا رفيع الدين، حضرت مولانا محمد يعقوب قدس الله اسرار هم جن وجهي ويا هئا اڄ اهڙي قسم جي واقعي تي مولانا حافظ محمد احمد کي چو پيو ننديو وڃي ۽ انهن مقدس ماڻهن کي چو ٿي تڪليف ڏني وڃي ته هو پنهنجي قبرن مان اٿي اچي پنهنجي لائق پونيرن ۽ پنهنجي نيڪ نشانيءَ جي حال کي ڏسن. مولانا محمد احمد صاحب ته ڏونڪي جي چوٽ تي چئي سگهي ٿو ته:

وَاتَّبَعْتُ مِلَّةَ آبَائِي إِبْرَاهِيمَ وَإِسْحَاقَ وَيَعْقُوبَ

(صوفياں جمله حريفند و نظرباز ولے، زيں مياں حافظ دل سوخته بدنام افتاد)

دل گهري ٿي ته هتي نموني ڏيکارڻ لاءِ 1905ع جي آجياٽي ۽ تقرير جا ڪجهه ٽڪرا جن کي بقول حقيقت نگار جي ”نوڙت نياز جي عقيدت پيش ڪرڻ ۾ ڪجهه دخل هجي“ نقل ڪري ڇڏيان تانته پڙهندڙ انهن کي ڳوڙهي ويچار سان پڙهي ڪري پروڙين ته هن زماني جي نزاڪتن کي سامهون رکندي مولانا محمد احمد جي نياز نوڙت حضرت مولانا رشيد احمد ؒ

• جنهن ڳالهه جا پاڪ شاهد حال حيات آهن.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



جي نياز نوڙت کان واقعي به ڪجهه اڳيري ۽ وڌيڪ آهي؟

1905 جي آجياڻي جا هي جملا پڙهي ڏسو:

مسلمانن کي چالو علمن پڙهائڻ سان گڏوگڏ ڪين اتم ۽ اعليٰ اصولن، صبر، قناعت، سچائي، ثابت قدمي، توڪل، ديانتداري، ڀانهپ، وقت جي حاڪم جي فرمانبرداري جي تعليم ڏني وڃي ٿي پر اهڙي نموني سان جو اهي لڇڻ منجهن پڪا پختا ٿي ڪري اٽوٽ انگ ۽ سندن طبيعت بنجي وڃن ٿا. جيڪو شاگرد هن مدرسي ۾ پوري تعليم پڙهي نڪتو آهي اهو پنهنجي علمي ۽ اخلاقي حوالي سان اهڙو اڳواڻ هوندو آهي جو جتي به وڃي ٿو اتي مذهبي تعليم سان گڏوگڏ انهن اخلاقن کي به پکيڙي ٿو ڇڏي. هي ان تعليم جو اثر آهي جو هتان جو پڙهيل، مذهب جو پڪو پابند هوندي، بلڪ اڳواڻ هوندي به پنهنجي پنهنجي سرڪار سان وفاداريءَ ۾ اهڙو پڪو پختو هوندو آهي جو اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به اهڙي سياسي بکيڙي ۾ نه پيو آهي جنهن مان ذري به حڪومت مخالف بوءِ ايندي هجي، اهڙي ڳالهه ٻڌڻ ۾ ڪانه آئي آهي.

وري ٻئي هنڌ لکيل آهي ته:

هي جيڪو عرض ڪيو ويو آهي سو مدرسي جي حالتن جو نچوڙ آهي. پر هي جيڪي ڪجهه ٿيو يا اڳتي هلي ٿيندو. يا مدرسي جيڪا ڪجهه ترقي ڪئي آهي يا ڪندو سو سڀ اسان جي مهربان سرڪار جي انصاف وارن پاڪيزه اصولن جو نتيجو آهي. الي آخرة

ساڳئين مفهوم کي 1915ع جي آجياڻي ۾ وري هن ريت بيان ڪيو ويو آهي.

جناب عالي: دارالعلوم جي اصولن ۾ هي جزو به لازمي قرار ڏنو ويو آهي ته دارالعلوم جا ڪارڪن، استاد، شاگرد، هر قسم جي جهڳڙالو مامرن ۽ سياسي بکيڙن (جن جو مذهب سان لاڳاپو بنهه گهٽ هوندو آهي.) پاسيرا رهن ۽ پنهنجي هڪڙي ئي مقصد (مڪمل مذهبي تعليم) سان ڪنهن مقصد يا مفاد کي ڀاڱي ڀائيوار نه ڪن. وري ڪجهه سٽن کان پوءِ لکيل آهي ته:

غيرضروري سياسي ۽ نامناسب ملڪي معاملن ۾ حصو وٺڻ هڪ ته خود تعليمي عمل لاءِ هاڃيڪار آهي ٻيو ته خود قوم ۽ ملڪ لاءِ به فائدي جي



مولانا عبيدالله سنڌي ؒ ۽ سندس ڪجهه همعصر

پيٽ ۾ نقصانڪار وڌيڪ آهي ۽ ڪٽي جو ڪنهن به علمي اٿالي جو اهڙن جاين مونجهارن ۾ پوڻ بظاهر فائدي وارو ڏسڻ ۾ ايندو آهي ته به ان جي پڇاڙي نقصانڪار هوندي آهي. ڇو ته پاليسين ۾ گهڻو ڪري ڦيرگهير ٿيندي رهندي آهي ۽ خيال سدائين بدلبا رهندا آهن. تنهن ڪري هي غلط نه ٿيندو ته مذهبي لڏي لاءِ پنهنجي نه بدلجندڙ سياست ۽ عزت کي باقي رکڻ سندس سڀ کان اهم نصب العين آهي. هي ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي جو اڄ ڏينهن تائين ڪڏهن به اهو ڪونه ٻڌو ويو آهي ته هن دارالعلوم جي فيض پرايل ماڻهوءَ ڪنهن نامناسب جهڳڙي يا سياسي مامري ۾ حصو ورتو هجي. حالانڪ هنن پنهنجي استادن جي پيروي ڪندي ڪنهن به وقت نج مذهبي معاملن ۾ اڪبوٽ ڪرڻ يا سچ ڳالهائڻ ۽ سچ ٻڌڻ کان پر پري رهڻ جي ڪڏهن به ڪوشش نه ڪئي هوندي ۽ سدائين پنهنجي نصب العين کي بدلائڻ کان پاڻ فنا ڪري ڇڏڻ بهتر سمجهيو آهي.

وري لکيل آهي ته:

جناب عالي: دارالعلوم پنهنجي مٿين پڪن اصولن کي سدائين پنهنجو نصب العين بنائي هيئنر تائين پنهنجي وچٽري، ماٺار پريل ۽ نه ڏڏندڙ رفتار ۾ سرڪار سڳوري سان انتهائي سچائي ۽ صدق دل سان تمام وفاداري واري نموني هليو آهي. هن سرڪار جي تابعداري ۽ سندس حڪمن جي بجا آوري کي لازمي قرار ڏنو آهي. دارالعلوم ۽ سندس ڪارڪن ڪڏهن به سرڪار لاءِ مونجهارن وڌائڻ جو نه سبب بنيا آهن ۽ نه وري ڪو اهڙو قدم کنيو جنهن ۾ سچ ۽ حقيقت جي ابتڙ ڪا ڳالهه عوام يا سرڪار سامهون پيش ٿي هجي. هن هر موڙ تي پنهنجي وچٽرائي ۽ ماٺار کي سامهون رکي اها ڪوشش ڪئي آهي ته هو سرڪار کي پنهنجي وفاداريءَ جو اهڙي نموني يقين ڏياري جو سندس اندر جو ضمير به مٿس ڦٽڪار نه ڪري بلڪ جيڪا ڳالهه چوي سا پنهنجي خدا ۽ مذهب جو حڪم سمجهي چوي.

وري لکيو اٿن ته:

اها تمام ناشڪري ٿيندي جو اسين صدق دل سان اهو اقرار نه ڪريون ته دارالعلوم جو هي اوجون ۽ ٻهارون سرڪار سڳوري ۽ مقامي حاڪمن جي مهربانين جو نتيجو ۽ ثمر آهن.

انهن مٿين نقل ڪيل ٽڪرن پڙهڻ کان پوءِ توهان کي اندازو ٿي ويو

www.iqbalkalmati.blogspot.com



هوندو ته جيڪا ڳالهه جنهن صفائي سان ڏهه سال اڳ ۾ چئي ويئي هئي ان کان وڌيڪ ڪاٻه ڳالهه اڄ ڏهن سالن کان پوءِ به ڪانه چئي ويئي آهي. وري جيئن ان جي جواب ۾ جهڙي نموني جو واعدو هز آنر سر جيمس لاٽوس هنن لفظن ۾ ڪيو هو ته ”مون کي مدرسو ياد رهندو ۽ جيڪڏهن ڪنهن مدد جي گهرج ٿي ته اها مدد به ڏيندس.“ لڳ ڀڳ ان جهڙو واعدو سر جيمس مسٽن به پنهنجي تقرير جي هنن جملن ۾ فرمايو آهي:

”اي منهنجا دوستو! آءٌ پاڻ ته اهو نٿو چئي سگهان ته آءٌ ڪنهن دنيوي طريقي سان اوهان جي مدد ڪرڻ گهران ٿو ڇو جو ٿي سگهي ٿو ته (منهنجو اهو چوڻ) توهان کي ڏکيو لڳي، پر اوهين پاڻ چڱي نموني ڄاڻو ٿا ته جيڪڏهن اوهان پاران ڪڏهن به ڪنهن امداد جي خواهش ڪئي ويئي ته آءٌ مڪمل نموني ڪليل دل سان ان کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ ان کي پنهنجي خوشنصيبي سمجهندس.“

هيستائين ته اسان حقيقت نگار جي ڄاڻ تي جيڪي ڪجهه تبصرو ڪيو آهي سو اصولي ۽ ڪلي نموني جو آهي. اهڙي نموني جون غلط بيانيون يا واڌاءَ واريون ڳالهيون جيڪي حقيقت نگار ڪيون آهن (جيئن اسٽيشن کان مدرسي تائين ٻه طرفيون جهنڊيون کوڙڻ يا اهو چوڻ ته زوردار تاڙيون وڄائيون ويون جو انهن آڏو علي ڳڙهه اسٽريچي هال به ڦڪو پئي لڳو. يا عالمن ۽ فقيهن تي اهڙو ته وجد ۽ مستي ڇائنجي ويئي جو پنجاهه سالن کان منجهيل تشبه واري معاملي جو مونجهارو پاڻهي پاڻ ختم ٿي ويو.) تن لاءِ ان کان وڌيڪ ڇا ٿو چئي سگهجي ته جيڪڏهن سچ پچ به پنهنجي ذاتي ڏيٺ ويٺ جي بنياد تي اهي ڳالهيون لکيون ويون آهن ته جلسي ۾ شريڪ هزارين ماڻهن جو مشاهدو ان کي ڪوڙو ڪري ٿو- پر جيڪڏهن پاڻ سڏوسنئون جلسي جي ڪاروائي ناهي ڏٺي ته معاف ڪجو اوهان جا اهي زهري جي درجي وارا راوي جن جي وسيلي اوهان کي اهي ڳالهيون هٿ آيون آهن سي جابر جعفيءِ کان به وڌيڪ ڪوڙا آهن. (ولا تقف ماليس لك به علم ان السمع والبصر والفؤاد لكل اولائك كان عنه مسئولا)

حقيقت اها آهي ته 1905ع ۾ سرجيمس لاٽوس پاڻ ۽ ان جي ساٿي ڪاٻي بيٺل ماڻهن (سوائي مهتمم ۽ دارالعلوم جي ميمبرن جي) ڪجهه تاڙيون وڄايون هيون ۽ هن ڀيري سر جيمس مسٽن جي اچڻ وقت هز آنر پاڻ





۽ ان جي ساڄي پاسي وارن ماڻهن جن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي عالم سڀ ڳوڙها ۽ دارالعلوم جي انتظام وارا هئا تن ۾ شاگردن هڪ ڀيرو به تاڙي ڪانه وڄائي. ها! باقي ڪاٻي پاسي وارا ماڻهو جن ۾ گهڻائي شهر جي هندن جي هئي تن تقرير جي پڄاڻي تي تاڙيون وڄايون هيون. ان حساب سان جيڪڏهن حقيقت نگار کي 1905ع واري واقعي جي صحيح ڄاڻ هجي ها ته ڪيس ايئن چوڻ گهربو هو ته 1905ع ۾ تشبه واري ڳنڍ جيڪا ڪجهه ڍري ٿي ويئي هئي سا عالمن سڳورن 1915ع ۾ وري ڇڪي ڇڏي آهي. انهن پڌري پٽ پيل ڳالهين کي نه ڄاڻڻ کان پوءِ به جيڪڏهن ڪو پورڙو حقيقت نگار بنجڻ جي دعويٰ ڪري ته ڄاڻ وارن وٽ رڳو اها ڳالهه ئي چرچو ۽ ڀوڳ بنجي وڃي ٿي.

مولانا محمد احمد جيڪي ڪجهه ڪيو سو نيڪ نيتي ۽ همت سان ڪيو ۽ پنهنجي وڏڙن جي عملي اصولن موجب ڪيو. دارالعلوم جي تحفظ ۽ بقا لاءِ ڪيو ۽ اهو ڪم ڪيو جيڪو هن نازڪ وقت ۾ دارالعلوم جي هڪ هڏ ڏوکي کي ڪرڻ گهرجي. پر ان تي به جيڪڏهن ڪو ماڻهو سندس ٿورن مڃڻ بجاءِ روشن سج تي ڌوڙ اڇلائي ان کي ميرو ڪرڻ گهري ته تنهن کي ياد رکي ڇڏڻ گهرجي ته مولانا محمد احمد صاحب کي پنهنجي ساڃ، ساڃ جي ڪا پرواهه نه آهي. رڳو سندس اصلي محبوب ۽ حقيقي مطلوب جي رضا جوئي ۾ فرق نه اچي. سندس مسلڪ آهي ته:

زباد شاه و گدا فارغم بحمدالله گدائی خاك در دوست بادشاه من است

غرض زمسجد و ميخانه ام وصال شما است، جزاين خيال ندارم خدا گواه من است

ان سلسلي ۾ حقيقت نگار جي ان خوشفهمي جو ذڪر ڪرڻ به مزيدار ٿيندو ته عالي جناب نواب احمد سعيد صاحب، رئيس ڇتاري کي (جيڪو هڪ روايتي خطاب ماڻيندڙ خاندان مان آهي) جيڪو نواب جو خطاب مليو سو به ان اڄ وچ ۾ پيچ ٻڪ جي وسيلي مليو آهي جيڪا نواب صاحب سر جيمس مسٽن جي ديوبند اچڻ جي سلسلي ۾ ڪئي هئي. آءٌ ان بابت اوهان کي رڳو ايترو ٻڌائڻ ٿو گهران ته دارالعلوم جي جنهن تعلق جو هندستاني سرڪار جي زير حڪومت هجڻ جي حيثيت سان ساڃس صاف رکڻ ضروري آهي، ان جي جانچ پرتال ڪرڻ شروع ڪان ئي نواب صاحب جي خاندان جي خاصيت رهي آهي. 1905ع ۾ به سر جيمس لاٽوس کي دارالعلوم جي وزٽ ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ سيني سنهين ٿلهين ڳالهين ۽

www.iqbalkalmati.blogspot.com



معاملن کي سلجهائڻ وارو بہ انهيءَ خاندان جو هڪ اهم ماڻهو عالي جناب يوسف علي خان مرحوم هو.

پوءِ جيڪڏهن دارالعلوم جي هڪ اهم خدمت ڪرڻ جي سلسلي ۾ نواب احمد سعيد خان پنهنجي مرحوم چاچي جي ۽ نواب عبدالصمد خان پنهنجي وڏي پاءُ جي پيروي ڪئي تہ اسين ڪهڙي دليل سان سندن انهيءَ ڪم کي خطاب حاصل ڪرڻ واري نيت خواه مخواهہ محمول ڪريون ۽ جيڪڏهن انهيءَ خدمت جي بدلي ۾ کين الله پاڪ ثواب سان گڏوگڏ خطاب ڏياري ڇڏيو (جيڪو بظاهر دنيوي نقطہ نظر کان هڪڙي عزت واري رئيس لاءِ وڏي ڪاميابي سمجهيو وڃي ٿو) تہ هي پاڻ ثبوت آهي ان ڳالهہ جو تہ دارالعلوم جون برڪتون پنهنجي خادمن کي ثواب سان گڏوگڏ دنيا ۾ بہ مالامال ڪريو ڇڏي.

ٽيون مامرو يعني سهارنپور واري جلسي جي اصليت، جيڪا اوهان زهري عن سالم عذابيہ جي سند سان بيان ڪئي آهي ان لاءِ آءٌ هن چوڻ ۾ مجبور آهيان تہ روايتن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ۽ ماڻهن جي پرک ڪرڻ جو فن تمام ڏکيو فن آهي. تنهن ڪري ان جي رازن ۽ رمزن تائين حقيقت نگار جي پهچ نہ ٿي سگهي آهي. ڪيس ماڻهن جي پرک ڪندي اهو قائدو نہ وسارڻ گهرجي تہ همعصر ماڻهن جي محبت يا دشمني گهڻو ڪري جرم ۽ تعديل کي بي اثر بڻائي ڇڏيندي آهي. تنهن کان سواءِ حقيقت نگار جو فرض هو تہ پنهنجو نالو ظاهر ڪري ها، ڇو تہ جن ماڻهن کي هن زهري ۽ سالم جي برابر سمجهيو آهي، مجيوسين تہ اهي اهڙائي آهن. پر خود حقيقت نگار جو اسان وٽ مجهول هجڻ روايت کي مشڪوڪ بنائڻ لاءِ ڪافي آهي. حديث پاڪ ۾ آيو آهي تہ شيطان الله جي ڪلام ٻڌڻ لاءِ آسمانن تي چڙهي ويندا آهن ۽ جيڪا اڌوگابري ڪا ڳالهہ اتان جهٽيندا آهن تنهن سان سؤ ڪوڙ گڏي پنهنجي تابعدارن کي وچي ٻڌائيندا آهن. هاڻي اتي ڏسو تہ ان روايت جو ماخذ ۽ مرڪز ڪيڏو نہ صاف سٿرو آهي، پر خود سندن واسطي ان خبر کي ڪيڏو گند ۽ بي اعتبار بڻائي ڇڏيو آهي. پوءِ اسان وٽ ان يقين ڪرڻ لاءِ ڪهڙو بڻ بڻياد آهي تہ اوهان جي زهري کان روايت ڪرڻ وارا بہ مالڪ جهڙا اڇا اجرا انسان آهن. اصل حقيقت جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جنهن جي سند تي اوهان هروڀرو ايترو زور ڏنو آهي بلڪل آسان ڪم هو. اخبار مشرق





گورکپور ۾ ان واقعي جي مختصر نموني پيرائتي حقيقت خود مهتمم صاحب جي طرفان ظاهر ڪئي ويئي هئي.

بيشڪ ٿي سگهي ٿو تہ حضرت مهتمم صاحب سهارنپور واري جلسي ۾ هڪڙي وقت جي حاڪم آڏو جيڪا تقرير ڪئي (جنهن ۾ هن ترڪي سان پنهنجي همدردي ڄاڻائي اسلامي ڀائپي جو زوردار لهجي ۾ اظهار ڪيو. ان جي تڪليف کي پنهنجي تڪليف ۽ ان جي سک کي پنهنجو سک چيو) ان ڳالهہ ۾ هو پلي پوري هندستان ۾ اڪيلو نہ هجي، پر ان پرپي جلسي ۾ جتي عام طور هرڪو حڪومت جو حد کان وڌيڪ خيرخواهہ بنجي ترڪن کان پنهنجي لاتعلقي جا اعلان ڪري حاڪمن کي خوش ڪري رهيو هو اتي جناب مهتمم صاحب جن اهڙي آزادانہ نموني سچائي جي اظهار ڪرڻ ۾ ضرور منفرد هو.

چوٿون مامرو جنهن ۾ حقيقت نگار خطاب قبول ڪرڻ مان اهو دليل ورتو آهي تہ ”مولانا محمد احمد کي بيشڪ خطاب جي گهرج ۽ سڌ هئي“ حالانڪ هڪڙي عالم دين جي سڀ کان وڌيڪ عزت انقطاع يعني خلق کان ڪٽجي رهڻ ۾ آهي. بلڪ ديني عالم هجڻ لاءِ سڀ کان وڏو شرط ئي اهو آهي تہ ان جو ظاهري ڏنڌن سان ڪهڙو ڪم؟ خدا جي قدرت تہ ڏسو جو عالمن تي رهبانيت، تنگ خيالي ۽ ڪنڌائتي ٿي وڃڻ جو الزام لڳائڻ وارا اڄ کين انقطاع ۽ ظاهري طور طريقن کان ڌار رهڻ جي نصيحت ڪري رهيا آهن. توهان جي ان نصيحت کي مولانا محمد احمد گهڻو ڪري تمام ٿورائتي نموني ٻڌو هوندو (توڙي جو اوهان جو خطاب قبول ڪرڻ مان خطاب جي سڌائتي هجڻ وارو دليل وٺڻ غلط هوندو.)

هي بلڪل صحيح آهي تہ هڪڙي ديني عالم جي اصل عزت دنيا کان ڌار رهڻ ۾ ئي آهي ۽ عالمن جا جيڪي قصا توهان احياءُ العلوم وغيره ۾ پڙهيا آهن، اهي بہ سڀ صحيح آهن. پر مولانا محمد احمد صاحب نہ رڳو هڪ ديني عالم آهي، پر هو دارالعلوم جو مهتمم بہ تہ آهي. ان کان سواءِ اوهان کي اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ مولانا جامي قدس سره جڏهن پنهنجي مرشد شيخ عبدالله احرار جا شاهاڻا ڏسي چيو تہ: ”نه مرد آنست که دنيا دوست دارد“، تہ حضرت ان جي جواب ۾ هيئن چيو: ”اگردارد براۓ دوست دارد“ اڄ بہ ديوبند مان مذهبي تقشف جون اهي ئي تنوارون ٻرنديون رهن ٿيون ۽

www.iqbalkalmati.blogspot.com



انشاءَالله سدائين ٻرنديون رهنديون ۽ نئين طريقي تي ڪم ڪرڻ وارن لاءِ اهي ئي فتوائون نڪرنديون رهنديون، جيڪي اڳ ۾ بہ نڪرنديون رهيون آهن. پر ان جو اهو مطلب ناهي تہ اهڙن اعتراضن ڪان ڊڄي ڪري دارالعلوم جي مفادن ڪي مٽي ۾ ملائي ڇڏبو يا ان جي وڏنڊڙ لاڳاپن ڪي گهٽائي سوڙهو ڪري ڇڏبو. دارالعلوم ۾ اهڙا ماڻهو بہ آيا جن درياهہ ۾ مانگر مڇ سان وير رکڻ جون صلاحون ڏنيون، هنن سرڪار جي رعيت هوندي بہ دارالعلوم جي چوديواري ۾ ان سان بائيڪاٽ ڪرڻ جي تحريڪ هلائي ۽ ان جي ميمبرن ڪي ڪانگريس وغيره ۾ شامل ٿيڻ جي صلاح ڏني، پر اهڙي قسم جي سيني مڪاري وارين ڪوشش ڪي دارالعلوم جي مهتمم ۽ ان جي بي لوث مسلڪ رکڻ وارن ڪارڪنن بلڪل ختم ڪري ڇڏيو ۽ ٿي سگهي ٿو تہ هي مضمون جيڪو زميندار ۾ هاڻ ڇپيو آهي سو بہ اهڙن ڏنڏن ڪرڻ وارن همراهن جي آواز جو پڙاڏو هجي.

چڱيءَ ريت ياد رکو تہ اسين نہ باغي آهيون، نہ ئي وري اسان ڪي وفاداريءَ جا جلاب ٿيا آهن. ها! خدا جي پسند ڪيل ڪمن ۽ پنهنجي وڏڙن جي واٽ تي هلڻ لاءِ الحمدالله دل و جان سان تيار آهيون ۽ الله پاڪ جي مدد سان هر امتحان ۾ پنهنجي ثابت قدم رهڻ جا اميدوار آهيون جنهن ۾ اها ڳالهہ پري ناهي جو وڏن وڏن مٿير مڙسن جا پير ان مهل ترڪي وڃن.

(اذا اشتبکت دموع فی خدود، تبین من بکیٰ ممن تباکا)

ترجمو: جنهن مهل لڙڪن جو قطارون ڳلن تان گڙنديون ان مهل خبر پوندي تہ رنو ڪير آهي ۽ روئڻ جو ڍنگ ڪنهن ڪيو آهي.)

پڇاڙي ۾ آءٌ هڪڙو ٻيو عرض ڪري اوهان ڪان موڪل وٺندس تہ اوهان جناب حاجي محمد عابد صاحب مرحوم جي پرهيزگاري (پڳهار ڇڏڻ) ۽ آزادانہ نموني (بيگم ڀوپال آڏو سپاسنامو نہ پڙهڻ) ڪي ڏاڍو ساراهيو آهي. حالانڪ حضرت حاجي صاحب مرحوم جيڪڏهن پڳهار نہ وٺندو هو تہ پنهنجي ڏاڍن ڦيٽن جي ڏنڏي سبب هو مدرسي جي ڪمن ڪي بہ وقت ٻنهہ ٽورو ڏيندو هو. ان جي ڪري ئي اڳوڻن مهتممن جي ابتڙ ڪيس مناسب پڳهار تي هڪ نائب رکڻو پوندو هو. ان سپاسنامو جيڪڏهن بيگم صاحبہ جي سامهون پيش نہ ڪيو تہ اهوئي سپاسنامو حضرت قبلہ مولانا محمود الحسن صاحب دامت برڪاتهم ڪيس پڙهي ٻڌايو. حضرت مولانا رفيع الدين





صاحب، نواب بشيرالدولہ مرحوم سابق مدارالهمام حيدراباد دکن ڪي آجياڻو ڏنو. حضرت مولانا محمد يعقوب صاحب مالير ڪوٽلہ جي نواب وٽ چندي لاءِ پاڻ ويو ۽ خود حضرت مولانا محمد قاسم صاحب ديوان محمد ياسين مرحوم ڪي حضرت شاهہ عبدالغني دهلويءَ جو خط ڏيئي خان بهادر نواب ڪلب علي مرحوم ڏي موڪليو. پوءِ جيڪڏهن انهن مقدس بزرگن، خدا پناهہ ڏي، غيرالله آڏو ڪنڌ جهڪايو ٿي تہ اڪيلي حاجي عابد جو هڪڙو مثال، رئيسن سان لاڳاپن رکڻ ۽ مولانا محمد قاسم جي لکيل ان اصول ڪان "مهتمم ۽ مدرسي جي ڪارڪنن جو سڀ ڪان وڏو فرض آهي تہ هو چندي وڌائڻ لاءِ ڪوششون ڪن." ڪيئن ٿو بي نياز بنائي سگهي؟ حالانڪ اوهان بہ ڏنو تہ حضرت حاجي صاحب مرحوم جي طريقہ ڪار مان دارالعلوم ڪهڙيون ترقيون ڪيون ۽ هنن بزرگن جي واٽ تي هلڻ مان ڪهڙيون. الراقم شبير احمد عثماني 13 رمضان 1333هہ.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ضميمو چوٿون

# مولانا عبيدالله صاحب جي جمعيت الانصار جي نظامت کان عليحدگي

1331ھ ۾ آسمان کان زمين جي تختي تي جن واچوڙن جو گهيرو ٿيو انهن جو گهڻو حصو ترڪي سلطنت جي حصي ۾ آيو. ان کي بدنصيبي سمجهجي يا خوشقسمتي، بدبختي چئجي يا نيڪ بختي، غفلت ۽ مستيءَ جو نتيجو چئجي يا سمجهه ۽ ڏاهپ جو شروعاتي ڏاکو. دنيا جهان ۾ جيڪي صبح شام جون رنگينيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون اهي پاڻهي پاڻ نٿيون اسرن پر پالڻهار جي قدرت ۽ حڪمت جو درياءُ ڇوليون هڻي ٿو پوءِ ڪو ٻڏي وڃي ٿو ته ڪو تري نڪري ٿو اچي. انهن قدرتي ڇولين کان درسگاهون به اثر وٺن ٿيون. علي ڳڙهه ڪاليج مان نواب وقارالملڪ جي برطرفي، ندوة العلماء کان حضرت شبلي جي عليحدگي ۽ جمعيت الانصار جي نظامت کان مولوي عبيدالله صاحب جي برطرفي، هي سڀ سال 1331ھ جون نيون سوکڙيون آهن. مٿئين انقلاب جون هي سڀ تصويرون اخباري ڪالمن ۾ ڇپجي دنيا آڏو اچي چڪيون آهن. پر جمعيت الانصار جي ناظم وارو مامرو اجا تائين اخباري دنيا ۾ تفصيل سان پڌرو ناهي ٿيو. رڳو هڪڙو پيرو دهلي جي اخبار ”رفيق“ ۾ حضرت ناظم پنهنجي استعيفا شايع ڪرائي هئي. نظارة المعارف جي قائم ٿيڻ بابت به اخبارن جا ڪجهه مضمون نظر مان گذريا هئا، جنهن مان وڌ ۾ وڌ ايتري خبر پيئي ته حضرت ناظم جمعيت کان ڌار ٿي چڪو آهي.

سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جمعيت الانصار يا دارالعلوم ديوبند، حضرت ناظم جي عليحدگي جو تفصيل سان اعلان ڇو ڪو نه ڪيو آهي؟ ڇا ان





مامري جي لڪ ڇپ ڪنهن مصلحت جي ڪري آهي؟

بيشڪ اعلان جي ضرورت هئي پر جيئن ته حضرت ناظم پاڻ ”رفيق“ اخبار ۾ پنهنجي تفصيلي استعيفا ڇپائي ڇڏي هئي ان ڪري اسان تڪڙ ۾ اڳرائي مناسب نه سمجهي. حضرت ناظم جي مختصر ۽ مجمل استعيفا، توڙي جو اڻ واقف ماڻهن کي صحيح صورتحال سمجهائڻ کان قاصر آهي، ته به جمعيت الانصار کان سندس عليحدگي کي ته پڌرو ڪري رهي هئي ۽ سمجهدار ماڻهن ته حضرت ناظم جي انهن خصوصيتن ۾ درجن کي جيڪي کيس دارالعلوم ديوبند ۾ حاصل هئا ۽ دارالعلوم ديوبند لاءِ سندس ان عقيدت کي جيڪا پاڻ دنيا جي سيني درسگاهن جي پيٽ ۾ دارالعلوم لاءِ رکندا هئا ۽ ديوبند جي بزرگن جي سرپرستي ۽ نوازشن کي ڏسي ڪري مختصر ۽ مجمل استعيفا مان به گهڻو سمجهي ويا هئا. مرزا غالب جي چوڻي موجب ته:

(بے خودی بے سبب نہیں غالب۔ کچھ تو ہے جس کی پردہ داری ہے)

سو اجمالي نموني حقيقت تائين پهچڻ سولو ٿي پيو. وري تفصيل بيان ڪرڻ واري وقت ۾ ڳالهه کي اجمال ۾ رکڻ به سيني کي مطمئن ڪري ڇڏيو ۽ ديوبند جي بزرگن کان پڇڻ جي ڪين اجازت نه ڏني ۽ جيڪڏهن اجان به ڪنهن کي پڇڻ جي گهرج محسوس ٿي ته تبليغ واري واقعي کان پوءِ سڀيئي شڪ ۽ وهم پاڻهي پري ٿي ويا. باقي اسان ڇپيل اعلان شايع ڇو نه ڪيو سو ان لاءِ ته انتظامي مجلس جي ميمبرن جا ڪجهه مطالبا حضرت ناظم آڏو رکيل هئا. انهن جي صحيح جواب ۽ پورائي کان سواءِ ان مسئلي کي بحث هيٺ آڻڻ جي ضرورت ان صورت ۾ محسوس نه ڪئي ويئي جو جمعيت الانصار جي ميمبرن ۽ ٻين عام مسلمانن تي اهو مسئلو ايترو ته چٽو ٿي ويو هو جو وڌيڪ ڪنهن سوال جواب جي ضرورت ئي باقي نه رهي. هوئڻ به ڪن مامرن کي انڌ اونڌه مان ڪڍڻ سولو ڪم نه هوندو آهي. مطالبن جي جواب ۾ حضرت ناظم جو ماٺ ۾ رهڻ ۽ جمعيت جي ميمبرن پاران پڇا ڳاڇا، ان ڳالهه تي اپاري ٿي ته حضرت ناظم جي استعيفا کي ميمبرن جي رٽ موجب القاسم ۾ ڇپيو وڃي. ان کان پوءِ جيڪڏهن ڪنهن وڌيڪ تفصيل جي ضرورت باقي سمجهي ويئي ته پوءِ مطالبن جي جواب جي انتظار ڪرڻ بنان ڪنهن ٻئي پرچي ۾ ڪن ٻين واقعن جي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



حقيقي تصوير پيش ڪئي ويندي، تانته ڏسندڙ انهن حقيقتن کي ڏسڻ کان پوءِ حيرت سان انهن کي سمجهي سگهن.

**جمعيت الانصار جي سابق ناظم مولوي عبيدالله جي استعيفا جو نقل**

بسم الله الرحمان الرحيم الحمدلله وسلام علي عباده الذين اصطفيٰ

اما بعد... خدمت ۾ جناب مولانا امير جمعيت الانصار دامت برڪاتهم... مسنون سلامن پڄاڻان عرض هي آهي ته انتظامي مجلس جا سمورا ميمبر جيتري قدر آءٌ ڄاڻان ٿو ته مون بابت سٺا خيال نٿا رکن توڙي جو جامعة القاسمية جي حد تائين معاملن جو نبيرو ٿي به وڃي ۽ آءٌ پنهنجي برات ثابت ڪريان ته به ايڪي ۽ ٻڌي سان ڪم هلائڻ ڏکيو آهي. تنهن ڪري آءٌ جمعيت الانصار جي خدمت تان استعيفا ڏيان ٿو ۽ ان کان پوءِ منهنجو جمعيت الانصار جي ڪنهن به شعبي سان ڪوبه لاڳاپو نه رهندو ۽ پنهنجن مامرن جو ذاتي حيثيت سان پاڻ ذميوار رهندس.

جناب عالي: جيترو جلد ٿي سگهي استعيفا منظور ڪري اعلان ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ فرمائيندا تانته مون کي پنهنجي منهن مهاڙ ڪم ڪرڻ سولو ٿي پوي. والسلام.

حضرت ناظم جي استعيفا جمعيت جي سرپرست ۽ امير مولانا حبيب الرحمان صاحب جي خدمت ۾ 4 جمادي الثاني 1331 هجري مطابق 11 مئي 1913ع تي پيش ڪئي وئي ان کان پوءِ پاڻ پنجاب هليا ويا.

حضرت ناظم پاڻ چوي ٿو ته "انتظامي مجلس جا سڀئي ميمبر مون بابت سٺا خيال نٿا رکن." سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته انتظامي مجلس جا سڀئي ميمبر حضرت ناظم جي سفارش سان ئي رکيا ويا هئا. حضرت ناظم کي انهن تي ايترو ڀروسو هو جو پنهنجي واڳ انهن جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏي ۽ انهن جي سچائي ۽ ڏاهپ جو بار بار ذڪر ڪندو هو ۽ هي اهي ئي ميمبر آهن جن شروع کان وٺي حضرت ناظم جي نظامت جي ڪڏهن به مخالفت نه ڪئي هئي. ان سلسلي ۾ سندن ڪابه لکت پيش نٿي ڪري سگهجي، نڪوئي ڪنهن تقرير جو حوالو ڏيئي سگهجي ٿو. ٻيو ته نظامت





جي مدي پوري ٿي وڃڻ هوندي به هنن ڪڏهن ناظم جي نظامت واري هلندڙ گاڏي آڏو ڪابه روڪ ٽوڪ نه وڌي ۽ حضرت ناظم سان گڏجي قاعدي قانون موجب ڪم ڪندا رهيا. اڄ تن سڀني جو گڏجي سڏجي حضرت ناظم بابت سٺا خيال نه رکڻ هڪ اهڙي مجمل ڳالهه آهي، جنهن جي وضاحت جي ضرورت هئي. پنهنجي بيگناهي ثابت ڪرڻ ۽ ميمبرن جي ڏوهاري هجڻ جا ثبوت ڏيڻ (جيئن استعيفا ۾ دعويٰ ڪئي وئي آهي) ڇا ايڏي وڏي عهديدارن لاءِ ضروري نه هو؟ جامعة القاسميه ۾ معاملن جي نيبرجي وڃڻ کان پوءِ به حضرت ناظم طرفان اتفاق سان ڪم جو نه هلڻ به هڪ پرولي آهي. ڇو ته حضرت ناظم کي، الجامعة القاسميه بابت انتظامي مجلس جي ميمبرن پاران منهن موڙڻ وارو خيال دل ۾ نه آڻڻ گهرجي ها جو واقعن ۽ حقيقتن حضرت ناظم جي آڏو سڀ ثابتيون پيش ڪري ڇڏيون آهن ۽ (ببين تفاوت ره از کجا تابکجا است) واري بيت جي معنيٰ سمجهائڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي آهي. انتظامي مجلس جا ميمبر جمعيت الانصار واري کيت جا ڏٽي يا موروثي هاري نه هئا جو حضرت ناظم کي انهن جي هٽائڻ لاءِ ڪن مصيبتن کي منهن ڏيڻو پوي ها انهن جي وقتي رڪنيت ۽ ميمبر شپ حضرت ناظم جي دائمي نظامت جو مقابلو نٿي ڪري سگهي. مڃاڻ اها کهڙي مصيبت اچي ڪڙڪي جو ڪجهه مهينن لاءِ به صبر نه ٿي سگهيو ۽ جمعيت کي نازڪ وقت ۾ ڇڏي ويو جيڪو سندس بلند خيالي، حوصلمندي، روشن خيالي، تحمل، وقار ۽ اوچي اڏام جي شايان شان نه آهي. استعيفا جو آخري جملو (تانته منهنجو پنهنجي منهن مهاڙ ڪم ڪرڻ سولو ٿي سگهي) شايد استعيفا جي اصل راز ڏانهن اشارو ڪري ٿو. حضرت امير هي استعيفا انتظامي مجلس ڏانهن موڪلي ڏني انتظامي مجلس ان تي جيڪا تجويز ڏني سا هي آهي:

(7 رجب 1331هه مطابق 12 جون 1913ع تي انتظامي مجلس جي ٿيل اجلاس جي روئيداد جو نقل)

اجلاس ۾ هيٺيان ميمبر شريڪ ٿيا.

(1)مولانا سيد محمد انور شاهه

(2) مولانا سيد مرتضيٰ حسين صاحب

(3) مولانا شبير احمد عثماني صاحب

www.iqbalkalmati.blogspot.com



(4) مولانا ڪفايت الله صاحب
(5) مولوي عبدالسميع صاحب
(6) مولوي رياض الدين صاحب
(7) مولوي سراج احمد صاحب نائب ناظم جمعيت الانصار.

**روئداد 1**

اجلاس ۾ مولوي عبيدالله صاحب جي استعيفا پيش ٿي. مولانا عبيدالله صاحب پنهنجي استعيفا جو سبب هي بيان ڪيو آهي ته انتظامي مجلس جا ميمبر سندس بابت سنا خيال نٿا رکن ۽ هي به ته صفائي ثبوت واري صورت ۾ به ڪم هلائڻ مشڪل سمجهن ٿا. ان بابت سوچ ويچار کان پوءِ هي طئي ٿيو ته سچ پچ به انتظامي مجلس جا ميمبر هيٺين سببن جي ڪري ناظم صاحب سان اختلاف رکن ٿا.

(1) جمعيت جو پوين حسابن جي صحيح نموني وضاحت ناهي ٿي، ڪوڙساريون رقمون اهڙيون آهن جن جو ڪاغذن ۾ ڪو صحيح مد ڏيکاريل نه آهي. اهڙين رقمن جي هڪڙي فهرست نائب ناظم مولوي سراج احمد مرتب ڪري پيش ڪئي ٿي پر پيش ڪرڻ مهل اها فهرست مولانا عبيدالله وٽي ورتي ته پهرئين پاڻ ڏسي پوءِ پيش ڪندو. هاڻي جڏهن ان فهرست کي ڏٺو ويو آهي ته ناظم صاحب پينسل سان ان تي ڪجهه لکي ڇڏيو آهي. سو قاعدي قانون جي ابتڙ ۽ اڌورو آهي جنهن مان ڪنهن به ڳالهه جي خبر ڪانه ٿي پوي. انهيءَ ڪري انتظامي مجلس جي ميمبرن کي ناظم صاحب سان لازمي طور اختلاف ڪرڻ گهرجي ۽ آهي.

(2) جمعيت الانصار جي مجيل اصولن جي ابتڙ کانئس ڪي اهڙا ڪم ٿيا آهن جن سان مدرسي جي پراڻي ساک کي ڌڪڪو رسيو آهي. جڏهن ته جمعيت الانصار جو نصب العين ئي اهو هو ته ديوبند جي پراڻي اثر ۽ ساک جي واڌويجهه ۽ ان جي تعليم جي پکيڙ ڪئي ويندي.

(3) جمعيت الانصار جي مجيل اصولن جي برخلاف مولانا موصوف ڪيئي اهڙا ڪم ڪيا آهن جن جو هو ڪو به صحيح جواب نه ڏيئي سگهيو آهي. مثال طور خزاني مان ميمبرن جي تحريري موڪل کان سواءِ





ڏوڪڙ پيسو ڪڍڻ وغيره.

(4) جمعيت الانصار هن وقت به ڪيترن سون روپين جي قرضي آهي. ان قرض جو گهڻيون رقمون اهڙيون آهن، جيڪي غيرقانوني ڪمن لاءِ مولانا پنهنجي خيال سان پاڻ ڪنيون آهن. رڳو ناظم هجڻ جي ڪري جمعيت الانصار جي حساب ڪتاب ۾ لکيون ويون آهن نه ته اصل ۾ انهن رقمن جون ذميوار ناظم صاحب پاڻ آهي.

(5) ۽ پڻ هي ڳالهه به ڏسڻ جهڙي آهي ته جمعيت جهڙن ماڻهن مان مرڪب آهي ۽ جن سان مرڪب رهڻ بنان جمعيت جو وضعي مفهوم باقي نه رهي سگهندو، انهن جي نه رڳو عملن سان پر انهن جي عقيدن سان به مولانا عبيدالله صاحب پاران ڪيترا پيرا اختلاف پڌرو ٿيو آهي جن جي اڳ ۾ بلڪل چاڻ نه هئي ۽ اجان تائين به ڪيترن ميمبرن کي سڌي سنئين نموني خبر نه آهي. انهن جي تفصيلي خبر ضرورت پوڻ وقت انهن ميمبرن کان معلوم ٿي سگهي ٿي جن کي گهڻو تڻو مولوي صاحب سان ديني مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جا موقعا مليا آهن.

(6) جمعيت جي اهم معاملن بابت سندس اڪيوٽ ۽ سستي ۽ پنهنجي نجي راءِ تي سندس گذريل ضد کي ڏسي ڪري اسين به ڪيس سندس ئي لفظن ۾ هي چئي سگهون ٿا ته جامعة القاسميه جي حدتائين نبيرو ٿي به وڃي ۽ آءٌ پنهنجي صفائي به پيش ڪري وٺان ته به اتفاق سان ڪم هلائڻ مشڪل آهي. توڙي جو اسان وٽ ۽ هن وٽ ان مشڪل هجڻ جا سبب ڌار ڌار آهن.

لهذا مٿين ذڪر ڪيل سببن جي ڪري مولانا موصوف جي استعيفا اڄ بتاريخ 7 رجب 1331هه جمعي جي ڏينهن منظور ڪئي وڃي ٿي. پر انتظاميه جو هي اجلاس ضروري ٿو سمجهي ته:

(1) مولانا عبيدالله کان جمعيت الانصار جي ڪاغذن ۾ لکيل رقمن جي تفصيل پيش ڪرڻ وارو مطالبو جاري رکيو وڃي ۽ سندس به اخلاقي ۽ منصبي فرض آهي ته هو جلد کان جلد گهربل تفصيل جمعيت جي دفتر ۾ پيش ڪري ۽ جن رقمن جو تفصيل مولوي صاحب جي ذمي سمجهيو وڃي ٿو تن لاءِ مولوي صاحب کي گهرجي ته اڳوڻي نائب ناظم جي دفتر واري سيڪريٽري کان ان جا تفصيل وٺي پيش ڪري.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



(2) آئنده نظامت لاءِ هي طئي ٿيو آهي ته جيستائين ڪنهن نئين ماڻهو کي مقرر ڪجي تيستائين مولوي سراج احمد نائب ناظم يا قائم مقام ناظم جي حيثيت ۾ نظامت جو ڪاروهنوار سنڀاليندو.

(3) هي به سوال پيش ٿيو ته اڳتي لاءِ جمعيت الانصار کي قائم رکڻ جي ڪهڙي صورت هوندي؟ ان لاءِ بنيادي طور اها ڳالهه ته طئي ٿي ويئي ته جمعيت الانصار ساڳئي نموني قائم رهندي البته ميمبرن ۽ انتظامي قائدن ۽ قانونن تي نظرثاني ڪبي ۽ ان ۾ جيڪا گهٽ وڌائي ڪرڻي هوندي ان بابت هڪ رپورٽ ايندڙ اجلاس ۾ پيش ڪئي ويندي تانته ان حساب سان عملي ڪمن جي جوڙ ڪري سگهجي.

(4) مولوي عبيدالله صاحب جو 3 مئي وارو لکيل خط، جنهن ۾ هن قاسم المعارف سنڌ کي هلائڻ يا بند ڪري ڇڏڻ بابت پڇيو آهي، سو به پيش ٿيو. ان لاءِ اهو طئي ٿيو آهي ته مولوي صاحب کي لکيو وڃي ته هو قاسم المعارف سنڌ جي تفصيلي ڪاروائي جمعيت الانصار جي دفتر ۾ موڪلي ڏئي ۽ پڻ آمدني ۽ روانگي جو پيراڻتو حساب ڪتاب روانو ڪري، ان کي ڏسي ڪري پوءِ ان جي هلائڻ يا بند ڪرڻ جو فيصلو ڪري سگهبو.

روئداد پڙهي ڪري سندس هر هر جملي سان اتفاق ڪريان ٿو. ان تي ستن ميمبرن جو صحيحون ٿيل آهن. (البت هڪڙو ڪجهه اختلافي نوٽ به هن ريت آهي.)

مٿئين مضمون سان پورو اتفاق ڪريان ٿو ها نمبر 3 ۽ نمبر 5 سان پنهنجي ذاتي سمجهه موجب پوري ريت متفق نه آهيان پر ٻين ميمبرن جي راءِ کي پنهنجي اڌوري راءِ کان مٿاهون سمجهان ٿو.

محمد سهول غفرلہ مدرس دارالعلوم ديوبند. حضرت ناظم اڃا تائين پڇيل سوالن ۽ مطالبن جو ڪوبه جواب نه ڏنو آهي. لاچار ٿي سندس عليحدگي جو اعلان شايع ڪيو وڃي ٿو. حسابي ڪاروائي ۽ مخالفت جي سببن جو تفصيل انشاءَالله پوءِ شايع ڪيو ويندو.

خاڪسار سراج احمد

قائم مقام ناظم ۽ جمعيت الانصار دارالعلوم ديوبند جي انتظامي مجلس جا ٻيا ميمبر

(بحوالہ: القاسم، ترجمان دارالعلوم ديوبند صفر 1332هه مطابق ڊسمبر 1913ع ص 3 کان 8)





**ضميمو پنجون**

# سرجيمس مسٽن جي تقرير

(جيڪو جناب سرجيمس اسڪار جي مسٽن صاحب بهادر ڪي، سي، ايس، آئي، ليفٽيننٽ گورنر گڏيل صوبا (يو پي) بمقام مدرسه ديوبند بتاريخ پهرئين مارچ 1915ع ارشاد فرمايو)

مدرسه ديوبند جا متولي، مولوي، علماءِ حضرات!

ڪيترن سالن کان منهنجي اها سڌ ۽ تمنا هئي ته آءٌ هتي اچي ڪري پنهنجي اکين سان هن مدرسي کي ڏسان تانته ان جي علم وارن استادن سان ڏيٺ ويٺ ۽ ڪچهريءَ جو مون کي موقعو ملي منهنجي ان آرزو ۽ سڌ جا ڪيترائي سبب آهن.

پهريون ته اهڙا عالم سڳورا جيڪي ڪنهن دنيوي لوڀ لالچ کان سواءِ پڙهڻ پڙهائڻ ۾ رڌل رهندا آهن تن جي عزت ۽ احترام هر لکيي پڙهيي ماڻهو جي دل ۾ ويٺل هوندي آهي. ٻيو ته هنن صوبن جي رهاڪن جو اهو فخر ۽ لئه، جيڪو ڪين هن مدرسي جي ڪري حاصل آهي جنهن جي مشهوري پوري ايشيا ۽ اسلامي يورپ ۾ پکڙيل آهي ۽ هڪ ٻيو وڏو سبب جنهن لاءِ آءٌ دل جي گهراين سان ٿورائتو آهيان ۽ ان کي آئون قدر جي نگاهه سان ڏسان ٿو سو اهو ته اوهين انتهائي مضبوطيءَ ۽ ثابت قدمي سان رڳو ۽ رڳو درس تدريس ۾ رڌل رهندا آهيو ۽ سياسي ٻکيڙن يعني ملڪي انتظام بابت ڪنهن به اهڙي ڳالهه ٻولهه، بحث مباحثي يا اهڙن ڏنڊن کان بلڪل پاسو ڪندا آهيو جن سان ملڪ جي حاڪمن لاءِ مونجهارن پيدا ٿيڻ جو ڊپ هجي.

پوءِ جڏهن مون کي منهنجي مان واري دوست نواب بهادر عبدالصمد خان وسيلي توهان جي ان خواهش جي خبر ملي ته آءٌ مدرسي اچان ته مون

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ڪي ڏاڍي دلي خوشي ٿي ۽ اها خوشي ان آجياڻي واري تقرير ۾ آيل عقل واريون ڳالهيون ٻڌي ڪري ويتر وڌي ويئي جيڪا اوهان منهنجي خدمت ۾ پيش ڪئي آهي. آءٌ صدق دل سان اوهان جو ٿورائتو آهيان جو اوهان اهڙي محبت ۽ پنهنجائپ وارو ورتاءُ ڪيو ۽ پنهنجو مشهور معروف مدرسو مونکي ڏيکاريو ۽ اوهان پنهنجي ڪم ڪار ۽ ان جي اصلي مقصدن معلوم ڪرڻ جو بہ مونکي موقعو ڏنو.

اڄڪلهہ دنيا جي ماڻهن جو لاڙو گهڻو ڪري ٽن گهٽيا ڳالهين ڏانهن آهي. پهرئين هي تہ ماڻهو آخرت واري دائمي آرام ۽ راحت جي يادگيري ڪرڻ کان سواءِ رات ڏينهن ڏن دنيا ميڙڻ ۾ لڳا پيا آهن ۽ پنهنجي خالق اڪبر پاران بهتر ۽ وڏن مقصدن لاءِ مليل عقل ۽ سمجهہ رڳو ان هلڪڙي ڪم تي کپائي ٿا ڇڏين. ٻي ڳالهہ تہ ماڻهو رڳو ظاهري سونهن سينگار ۽ ٺٽ ٺانگر جا ڪوڏيا ٿي پيا آهن. روحاني ترقي ۽ برڪت جيڪا اصل موڙي آهي تنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪابہ ڪوشش ڪونہ ٿا ڪن. ٽئين ڳالهہ هي تہ ماڻهو مذهب جي آڙ ۾ تعصب وارو ورتاءُ ڪندا آهن ۽ پاڻ ۾ جهيڙا جهڳڙا وڌائيندا آهن. بجاءِ هن ڳالهہ جي تہ مذهبي تعليم ۽ نصيحت مان هي سبق پرائين تہ الله پاڪ جي نظر ۾ سنڌس سڀ ٻانها هڪجهڙا ۽ سڀني کي هڪ ٻئي سان ميٺ محبت سان رهڻ گهرجي ۽ هن چوٽي تي عمل ڪرڻ گهرجي.

(شنا سند بيگانہ را ہمچو خويش،
رہ آشتي رابگيرند پيش)

اوهان پنهنجي ايڊريس جي هن جملي ۾ (جيڪو سڀني کان وڌيڪ وزنائتو آهي) لکيو آهي تہ اوهين انهن ٽنهي گهٽيا درجي وارن ڪمن کان پرهيز ڪريو ٿا ۽ مون کي پوري پڪ آهي تہ اوهين پنهنجي شاگردن کي بہ اهڙي تعليم ۽ تربيت ڏيندا هوندا جيڪا دنيا ۽ آخرت ٻنهي جهانن ۾ راحت ۽ آرام جو سبب بنبي.

اي منهنجا دوستو! ۽ آءٌ اوهان کي دوست رڳو اخلاقي يا رسمي طور نٿو ڪوٺيان پر سچ پچ تہ آءٌ انڊيا جي مسلمانن جو گهڻگهرو ۽ سچو دوست آهيان. هيءَ ڳالهہ منهنجي لاءِ تمام خوشيءَ جو سبب بني آهي جو آءٌ اڄ هتي سڀني سان مليو آهيان ۽ اوهان کي ان پڪ ڏيارڻ جو مون کي موقعو





مليو آهي تہ سرڪار اوهان جي ۽ اوهان جي مدرسي جي تمام گهڻي عزت ڪري ٿي. توڙي جو اوهان جي قوم تي تڪليف ۽ مايوسي جو زمانو گذري رهيو آهي. پر اوهان انهيءَ کي سدائين عقل واري نصيحت جي روشني ڏيکاريندا رهندا آهيو ۽ سچي مذهبي تعليم وسيلي هنن ڏکين گهڙين ۾ کين آٿت ۽ تسلي ڏيندا رهندا آهيو. اهڙي نموني انهن جي پريشانين ۾ گهٽتائي اچي ٿي ۽ اوهان جي سرڪار جيڪا سچي دل سان انهن جي خيرخواهہ آهي اوهان جي ٿورائتي رهندي. اصل ۾ پنهنجي قوم جي مدد ڪرڻ سان اوهان اسان جي بہ مدد ڪريو ٿا ۽ اسان سان ساٿ نڀائڻ سبب اوهان اسان جي دل ۾ پنهنجي قوم جو اعتماد ۽ پرم قائم ڪريو ٿا.

اي منهنجا دوستو! آءٌ پاڻ تہ اهو نٿو چئي سگهان تہ آءٌ ڪنهن دنيوي طريقي سان اوهان جي مدد ڪرڻ گهران ٿو جو ٿي سگهي ٿو تہ (منهنجو اهو چوڻ) اوهان کي ڏکيو لڳي پر اوهين پاڻ چڱي نموني ڄاڻو ٿا تہ جيڪڏهن اوهان پاران ڪڏهن بہ ڪنهن امداد جي خواهش ڪئي ويئي تہ آءٌ مڪمل نموني ڪليل دل سان ان کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ ان کي پنهنجي خوشنصيبي سمجهندس. اڄ تہ آءٌ رڳو ايترو چئي سگهان ٿو تہ آءٌ اوهان جي مهمان نوازي لاءِ گهڻو شڪرگذار آهيان ۽ منهنجي دل ۾ اوهان جي ڪم لاءِ تمام گهڻي عظمت ۽ عزت آهي. الله جي حضور ۾ دعاگو آهيان تہ شل اوهان کي هر قسم جي ديني توڙي دنيوي معاملن ۾ ترقي نصيب ٿئي. آمين.

(بحوالہ ماهوار (القاسم) ديوبند بابت جمادي الاول 1333هہ ص 6 کان 8)

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ضميمو ڇهون

# افڪار مستٽن

ڏات ڏٺي سيد اڪبر حسين صاحب پينشنر حج جا اهي بيت جيڪي هن هز آنر لفٽيننٽ گورنر بهادر جي دارالعلوم اچڻ واري موقعي تي لکي ڪري دارالعلوم جي مهتمم صاحب ڏانهن موڪليا هئا.

هز آنر حضرت مسٹن نے بے حد مہربانی کی
ہماری ہی زباں میں آپ نے گوھر فشانی کی
ثنائے عالمان دیوبند اس طرح فرمائی
ہوئی روح اس سے شاداں مدرسے کے نیک بانی کی
یہ فرمایا کی خالص مذھبی تعلیم ہوتی ہے
نہیں ہے فکر کچھ پولٹیکل ریشہ روانی کی
طریق انسب یہی ہے اسے دارالعلوم عالی کو
ہوا تک لگ نہیں سکتی اس کو بدگمانی کی
حیات چند روزہ کی فکر اس وقت ہے سب کو
بہت کم فکر رکھتے ہیں حیات جاودانی کی
فقط لذات جسمانی کا شیدا یہ زمانہ ہے
خبران کو نہیں ہے روح کے راز نہانی کی
ضروری ہے کہ پیدا ہوں یہاں ذی علم ایسے ہے
کہ جو کچھ روشنی پھیلائیں عقبیٰ کے معانی کی
دلی راحت مسلمانوں نے اس ارشاد سے پائی
دوا ان کو میسر آئی ہے دینی ناتوانی کی
ہز آنر کی ادائے شکر میں سب دل سے ہیں شامل
زبانیں دے رہی ہیں داد ان کی حق بیانی کی
یہ گو مشکل ہے حاکم لوکہ وہ درویش بن جائے
بہت دشوار پیچیدہ ہے منزل حکمرانی کی
مگر ہے صاف ظاہر حامی مذھب میں ہز آنر
حقیقت منکشف ان پر بھی ہے دنیائی فانی کی

(ماھنامہ القاسم دیوبند جمادی الثانی 1331ھ ص16)





ضميمو ستون

# مولانا حبيب الرحمان عثماني

## وفات 6 ڊسمبر 1929ع

برطانوي سامراج جي خدمت ڪرڻ جي بدلي ۾ حضرت مولانا محمد احمد صاحب جي خدمت ۾ رياست حيدرآباد دڪن جي مفتي جو جيڪو عهدو پيش ڪيو ويو هو جنهن تي حافظ صاحب چار سال 1923ع کان 1926ع تائين خدمتون مڪمل ڪري جڏهن واپس آيو ته ان تي هاڻي مولانا حبيب الرحمان عثماني صاحب کي رکيو ويو. حافظ صاحب جو جيڪو سوني ٽڪسال جهڙو ڪارنامو هو ان جي چٽسالي ۾ منصوبه بندي ۾ حضرت عثماني صاحب جي ذهانت ئي سمايل هئي. تنهن ڪري ان جو به حق هو ته ڪيس به نوازيو وڃي. هاڻي ان کي نوازڻ جو وارو ۽ وقت اچي ويو هو. چنانچه ان عهدي کي سونهن بخشڻ لاءِ 22 جمادي الاول 1344ھ مطابق 7 ڊسمبر 1926ع تي حضرت عثماني وڏي ٺاٺ باٺ سان ديوبند کان دهلي ۽ 23 جمادي الاول مطابق 8 ڊسمبر جي رات دهلي کان حيدرآباد روانو ٿي ويو. القاسم ديوبند جي شماري جمادي الثاني 1344ھ جي ادارتي صفحن ۾ حضرت عثماني جي اعزاز ۽ روانگي جي روائيداد ڇپيل آهي. سا پڙهي ڏسو.

(دارالعلوم ديوبند جو مهتمم جيڪو حيدرآباد دڪن جو مفتي ٿيو آهي)

مخدوم العلماء حضرت مولانا حافظ محمد احمد (صدر مهتمم دارالعلوم ديوبند) صاحب جن رياست دڪن جي شهر يار اعليٰ حضرت جي خوشنودي لاءِ سندس حڪم جي بجا آوري ڪندي حيدرآباد جي وڏي عدالت ۾ فتويٰ واري اسلامي خدمت جا چار سال چڱي ريت پورا ڪيا. توڙي جو موڪلن ۾ ضروري ڪمن سانگي ڪڏهن ڪڏهن ديوبند به ايندا رهيا ٿي پر پڪي رهائش حيدرآباد ۾ ئي هين. توڙي جو بيماري ۽ ڪمزوري اڳي کان ئي هين پر چوٿين سال بيمارين سبب ڪمزوري وڏي ويئي تنهن ڪري

www.iqbalkalmati.blogspot.com



سرڪار وڏي ڪان موڪل گهريائون ۽ سائين جن بہ چڱي نموني قدرداني ڪندي شاهاڻي پلاوڻين سان مناسب ۽ معقول منصب (پروٽوڪول) ڏيئي ڪري تمام وڏي عزت سان موڪلايو. حضرت جن جي وڃڻ بعد ان وڏي ديني ۽ علمي عهدي لاءِ رياست حيدرآباد دڪن جي بادشاهہ سلامت (خلدالله ملڪہ) جي فيضن پري نظر حضرت مولانا حبيب الرحمان عثماني (ثاني مهتمم دارالعلوم ديوبند) تي وڃي پيئي ۽ بنا ڪنهن ڪوشش ۽ گُهرَ جي اوچتو ئي اوچتو کين ڊنگائتي نموني درخواست ڪري ان عهدي تي فائز ڪري ڇڏيو. هيترن سارن عالمن مان جنهن خوبي جي بنياد تي حضور پرنور جيڪا چونڊ ڪئي سا سائين جن جي وسيع نظر ۽ پوري ڏاهپ جو ڏس ڏئي ٿي. توڙي جو اها چونڊ دارالعلوم ديوبند ۽ ان سان لاڳاپيل ماڻهن لاءِ شڪراني جهڙي ڳالهہ ۽ اڻ ملهيو اعزاز آهي ۽ خوشي جو سبب آهي، پر جيئن تہ مولانا عثماني مدظلهم دارالعلوم جي اهتمام ۽ انتظام جو روح روان هو تنهن ڪري سندن جدائي (ڪٿي عارضي آهي) دارالعلوم جي وڏڙن کي ڏاڍي ڏکي لڳي. هيڪاري ان ڪري جو حضرت صدر مهتمم (مسلمہ الله) پنهنجي ڪمزوري ۽ بيمارين سبب اهتمام ڏي پورو ڌيان ۽ توجهہ نٿو ڏيئي سگهي. پر وري بادشاهہ سلامت جي انهن اڃائن ۽ قدردانيءَ ڪان منهن موڙڻ بہ هڪڙي قسم جي ناشڪري ٿيندي. تنهن ڪري سندن وڃڻ ئي وڌيڪ مناسب معلوم ٿيو ۽ دارالعلوم جو انتظام اڳي جيان وري حضرت صدر مهتمم صاحب جي سرپرستي حوالي ڪيو ويو. (شل الله ان کي مڪمل ۽ تڪڙي شفا عطا ڪري.)

حضرت مولانا حبيب الرحمان صاحب جن ديوبند مان روانو ٿيڻ کان اڳ دارالعلوم جي عالمن استادن ۽ لاڳاپيل ماڻهن جي ميڙ کي هڪ نصيحت پريو خطاب ڪيو جنهن ۾ دارالعلوم سان پنهنجي پراڻي بلڪ تمام پراڻي لاڳاپي جو اظهار ڪيو ۽ ان عارضي ۽ ظاهري جدائي تي ڏک جو اظهار ڪندي مٿن رقت طاري ٿي ويئي جنهن سبب سڀيئي ويٺل بہ هنجون هاري ويٺا. تمام ضبط کان ڪم وٺي ڪري پاڻ تقرير کي جاري رکيو ۽ فرمايو تہ دارالعلوم منهنجي لاءِ ساهہ جيان آهي. هي سائين جن جي عاجزي انڪساري آهي اصل ۾ اهي ادبي قائدي موجب (صنعت قلب) جو استعمال آهي نہ تہ حقيقت ۾ خود پاڻ مدرسي جو روح ۽ جان آهن ۽ اسين جيڪڏهن





حضرت ابن عباس رضہ جي هڪ روايت کي سامهون رکون تہ ٻنهي مهتمم صاحبن کي مدرسي جي جسم لاءِ بہ روح چئي سگهون ٿا هڪڙو سيلاني ۽ ٻيو مقامي.

فسلمهم الله تعاليٰ وبقاهم (فقير راقم)

دارالعلوم جا ننڍا وڏا ۽ شهر جا عزتدار ماڻهو سائين جن کي اسٽيشن تائين اماڻڻ لاءِ حاضر هئا ۽ هڪڙو وڏو جٿو دهلي تائين مشايعت (موڪلاڻي) لاءِ گڏ رهيو جن ۾ خود حضرت مولانا حافظ محمد احمد صاحب (صدر مهتمم) پنهنجي ڪمزوري ۽ بيماري هوندي بہ دلي لڳاءُ ۽ محبت سبب آخري موڪلاڻي تائين شريڪ رهيو. 22 جمادي الاول جي رات حضرت مولانا دهلي ڪان حيدرآباد روانو ٿيو ۽ سڀني موجود ماڻهن دکنڌڙ دل ۽ آلين اکين سان کين الوداع چيو.

(نستودع الله دينہ و امابتہ و خواتيم اعمالہ)

دارالعلوم لاءِ حضرت عثماني جي ڪيل وڏين خدمتن جي ميڃتا ۽ دارالعلوم جي عالمن ۽ شاگردن سان سندن ٻاجهہ ڀريي سلوڪ کي ٻڌائڻ لاءِ هڪ وڏي دفتر ۽ ڊگهي وقت جي ضرورت آهي. هن مهل اسين پنهنجي ڳالهہ کي هن دعا تي ختم ٿا ڪريون تہ شال الله پاڪ کين عزت ۽ احترام سان راهي ۽ مقرر ڪيل وقت تائين حضور سلطان پاران سونپيل ديني خدمتن کي سهڻي نموني ڪاميابي سان پوري ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ هن عارضي جدائي ڪان پوءِ پنهنجي پوئيرن ۽ دوستن کي پنهنجي ملاقات ۽ زيارت سان نوازڻ جو وقت ۽ دارالعلوم جي ترقي ۽ بقا لاءِ جاکوڙڻ جو موقعو عطا فرمائي ۽ اسين پنهنجي مضطربانہ گستاخي تي سائين جن کان معافي جي اميد ڪري هي بہ ٽي بيت پڙهون ٿا تہ:

بسفر رفتنت مبارکباد سلامت روی وباز آئی
مابگوئیم آ تو گوئی نے آئی آئی مگر بہ ناز آئی
فضل حق لطف شاہ یار تو باد از دکن شاد و سر فراز آئی

www.iqbalkalmati.blogspot.com



ضميمو ائون

# مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو دارالعلوم ديوبند مان اخراج پس منظر جون ڪجهه حقيقتون ۽ واقعا

(قاضي عبدالغفار اردو صحافت ۽ علم ادب جي تاريخ جي هڪ اهم شخصيت رهيو آهي. هُو پنهنجي حق پرستانه صحافت، بيباڪي ۽ جرائتمندانه قلمي جهاد سبب مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ مولانا حسين احمد مدني جي ويجهن ساٿين ۾ شامل رهيو. هُن ڪلڪتي مان روزانه "جمهور" اخبار جاري ڪئي جيڪا ڊسمبر 1917ع کان سيپٽمبر 1918ع تائين جاري رهي. هُن پنهنجي ادارين ۾ ٻين ڪوڙ سارن موضوعن سان گڏ مولانا عبيدالله سنڌي رحه جي دارالعلوم ديوبند مان اخراج جي پس منظر بابت پڻ قلم کنيو ۽ اهم واقعن ۽ حقيقتن جو پردو فاش ڪيو. سندس نياڻي محترمہ پروفيسر عابده سميع الدين صاحبہ اُهي سڀ اداريا سهيڙي هڪ ڪتاب (اخبار "جمهور" برطانوی آمریت سے ٹکرائو — تجزیہ و انتخاب) جي صورت ۾ شايع ڪيا. هيءُ ڪتاب 1995ع ۾ هندستان ۾ شايع ٿيو ۽ محترم ڊاڪٽر ابو سلمان شاهجهانپوري صاحب جي ٿورن سان مون کي استفادي لاءِ مليو. جنهن مان ڪجهه اهم حصا جيڪي هن ڪتاب جي موضوع سان واسطو رکن ٿا ترجمو ڪري هيٺ ڏجن ٿا. ـ سنڌيڪار)

1909ع ۾ دستاربندي جي جلسي ۾ مولانا عبيدالله سنڌي، سنڌ مان شمس العلماءِ حافظ احمد ۽ مولوي حبيب الرحمان جي دعوت تي ديوبند آيو. انهيءَ وقت جميعت الانصار (اولڊ بوائز مدرسو ديوبند) جو بنياد پيو ۽ انهن ٻنهي جي راءِ سان مولانا عبيدالله سنڌي انجمن جو ناظم (سيڪريٽري) مقرر ٿيو. جميعت الانصار جي ساليانی جلسن ۽ تحريڪن سان انهن ٻنهي صاحبن (حافظ احمد ۽ حبيب الرحمان) کي ايتري ته همدردي هئي جو هو ان جي ڪارروائين ۾ ڪافي حصو وٺندا هئا. انجمن جو صدر دفتر دارالعلوم





ديوبند هيو ۽ ڪو معمولي ڪم به شمس العلماءُ حافظ احمد يا مولوي حبيب الرحمان صاحب جي منظوري ڪانسواءِ نه ٿي سگهندو هو. مولانا عبيدالله سنڌي اڪثر ساليانی جلسن جي موقعي تي ديوبند ايندو هو يا سال جي وچ ۾ ٻن چئن هفتن لاءِ ديوبند ۾ قيام ڪندو هو ۽ باقي سال جو اڪثر حصو مدرسي ڳوٺ پير جهنڊي (ضلعو حيدرآباد سنڌ) جي درسي خدمتن ۾ گذاريندو هو. سندس غيرموجودگي ۾ جمعيت الانصار جا اصلي ڪارڪن مولوي حبيب الرحمان ۽ شمس العلماءُ محمد احمد صاحب هيا. ايستائين جو مولانا عبيدالله کان اصرار ڪيو ويو ته هُو سنڌ ڇڏي ديوبند ۾ ئي رهي پون، ڇاڪاڻ ته سندن عدم موجودگي ۾ جميعت ضرورت آهر ڪم نٿي ڪري سگهي ۽ اڪثر مذهبي تحريڪون عملي جامي کان خالي رهن ٿيون. جڏهن شمس العلماءُ حافظ احمد صاحب ۽ مولوي حبيب الرحمان جو اصرار وڌي ويو ته غالباً 1911ع کان مولانا عبيدالله سنڌي صاحب ديوبند ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي ۽ اها مستقل رهائش ئي هڪ تباهه ڪندڙ اختلاف جو سبب بڻي.

اهو اختلاف ظاهر ڪرڻ کان اڳ اسان اهو به ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته انهن اڻ وڻندڙ واقعن جي اظهار تي اسان کي مولانا عبيدالله سنڌي جي همدرديءَ مجبور ناهي ڪيو پر اسان کي اصلي همدردي انصاف ۽ حق سان آهي ۽ ان کان به وڌيڪ هن دارالعلوم (ديوبند) سان همدردي آهي، جنهن جي مدرس اعليٰ (حضرت شيخ الهند رحه) ۽ ڪجهه ٻين فردن تي بغاوت جو الزام لاڳو ڪيو ويو. ان صورت ۾ جيڪڏهن حقيقت کي پڌرو نه ڪيو ويو ته حڪومتي عملدار سدائين تجسس ڀرين نظرن سان ڏسندا ۽ ان جي مدرس اعليٰ يا خاص بااثر ڪارڪنن جون سموريون مذهبي تحريڪون شڪ شبهي جي نظرن سان ڏٺيون وينديون، پوءِ نجات جي شڪل اِها ٿيندي ته دارالعلوم جا ڪارڪن حڪومتي عملدارن جي هٿن جا رانديڪا بڻجي پوندا. جيڪڏهن جمعيته الانصار جون خالص مذهبي تحريڪون حڪومت جي نظر ۾ پان اسلامزم جو ڀوائتو خطرو ثابت ڪري سگهجن ٿيون ۽ ان جي ناظم مولانا عبيدالله سنڌي کي هڪ خوفناڪ بغاوت جو باني قرار ڏئي سگهجي ٿو ته ان جي کهڙي ذميواري آهي ته اڳتي ان قسم جون تحريڪون يا خود دارالعلوم ديوبند جو وجود حڪومتي عملدارن وٽ خوفناڪ بغاوت جو سرچشمو ثابت نه ٿيندو. تنهن ڪري جن اسلام جي

www.iqbalkalmati.blogspot.com



دشمنن تقدس جو چغو پائي گورنمينٽ کي دوکو ڏنو آهي، انهن خود دارالعلوم جي پيڙهه ۾ سرنگون وڇائي ڇڏيون آهن. جيڪڏهن ڪنهن مسلمان جي دل ۾ ايمان جي نور جو هڪ ذرو به آهي ته ان جو فرض آهي ته هُو دارالعلوم کي تباهي کان بچائي گورنمينٽ کي جيڪو فريب ذاتي بغض سبب ڏنو ويو آهي ان کان حڪومت کي بچائي. تنهن ڪري اسان جيڪو ڪجهه لکڻ گهرون ٿا اهو مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان همدردي نه پر خود دارالعلوم سان همدردي آهي يا حڪومت سان همدردي آهي ته اُها ان فريب کان محفوظ رهي، جنهن جو انجام خطرناڪ آهي.

حقيقت هيءَ آهي ته دارالعلوم جي تعليمي ۽ مالي انتظام ۾ سخت خرابيون آهن ۽ هڪ عرصي کان اُهي خرابيون اخبارن جي صفحن تي اچي چڪيون آهن. هاڻوڪي مهتمم جي زماني ۾ پنج سؤ رپين جي غبن جو واقعو پيش آيو ۽ چيو وڃي ٿو ته اهو واقعو حضرت مولانا گنگوهي رحه آڏو پيش ٿيو. باقاعده ثبوت ورتا ويا ۽ چيو وڃي ٿو ته مولانا گنگوهي صاحب مهتمم صاحب کي عهدي کان هٽائي ڇڏيو هو پر خود حضرت مولانا محمود حسن صاحب (شيخ الهند) کيس استادزادو سمجهي سندس لاءِ سفارش ڪئي ۽ کيس بحال رکيو ويو. اهو واقعو ان زماني ۾ خود مدرسي مجلس انتظاميا جي هڪ ميمبر پاران "پيسه" اخبار ۽ ٻين اسلامي رسالن ۾ شايع ڪرايو ويو هو، جنهن جو انجام اهو ٿيو جو اهو ميمبر هٽايو ويو. لاهورجي اخبار "الصباح" مطابق انهن سمورن واقعن جي فيصلي لاءِ مولوي انور شاهه صاحب کي مقرر ڪيو ويو هو پر بعد ۾ خبر پئي ته مهتمم ان ديوبند پاران مولوي صاحب موصوف جي شادي ڪرائي سندس 70، 80 رپيا پگهار مقرر ڪري کيس دارالعلوم جو مدرس اول بڻايو ويو. ان کان پوءِ مولوي انور شاهه صاحب سندن پارٽيءَ جو ميمبر آهي.

اهڙي قسم جي (مالي ۽ انتظامي نوعيت جي) شڪايتن جو هڪ ڊگهو دفتر آهي، جنهن ڏانهن اشارو ڪرڻ به اسلام ۽ امت جي عالمن جا عيب اگهاڙڻ آهي ۽ پردي پوشي ڪرڻ بزرگن جو هڪ خاص شان آهي، انهيءَ ڪري ئي حضرت شيخ الهند انهن شڪايتن جو سڌارو نهايت خاموشيءَ سان ڪرڻ گهريو. شيخ الهند جو خيال هو ته جيڪڏهن شمس العلماءِ حافظ احمد کي هٽايو ويو ته خواهه مخواهه اختلاف جي صورت پيدا ٿيندي ۽ مدرسي جو نقصان ٿيندو. ان خيال سان خود مولانا (شيخ الهند) مولوي





حبيب الرحمان صاحب کي نائب مهتمم بڻايو ته جيئن حافظ صاحب جو شاگردن سان ڪوبه واسطو نه رهي. ان لاءِ اها وضاحت ڪئي وئي ته وڏن معاملن جو انتظام حافظ احمد صاحب سنڀاليندو ۽ جزوي معاملن جو تعلق مولوي حبيب الرحمان صاحب سان رهندو پر پڇاڙيءَ اُها تدبير به ڪارائتي ثابت نه ٿي. ايستائين جو مولوي حبيب الرحمان پنهنجي خاص غرضن ۽ فائدن ڪري شمس العلماءِ صاحب سان گڏجي ويو ۽ شيخ الهند جو جيڪو مقصد هيو اهو ختم ٿي ويو.

پوءِ مولوي حبيب الرحمان صاحب "مدرسي ديوبند جي طرفان" ڄاڻائي هڪ ماهوار رسالو "القاسم" ڪڍيو ۽ هڪ ذاتي پريس "مطبع قاسمي" جي نالي سان قائم ڪئي. اهي ٻئي شيون مولوي صاحب موصوف جون ذاتي ملڪيت هيون پر ظاهر اِهو ڪيو ويو ته اهي ٻئي شيون مدرسي جي ملڪيت آهن. ايستائين جو شروعاتي زماني ۾ پريس جي عملي جو بل پڻ مدرسي جي خزاني مان ادا ٿيندو هو ۽ اهو چيو ويندو هو ته اِهو پئسو قرض طور ورتو ٿو وڃي. انهيءَ وچ ۾ مولوي حبيب الرحمان صاحب رسالي القاسم جو دفتر ٺهرايو ۽ ان ۾ به مدرسي جو پئسو خرچ ٿيو. مطلب ته انهيءَ قسم جا ڪيترائي معاملا هئا، جيڪي مدرسي ديوبند جو انتظام هلائيندڙن جي مقدس چؤديواري ۾ هلي رهيا هئا. جڏهن مولانا عبيدالله سنڌي سنڌ مان اچي ديوبند ۾ رهيو ته کيس انهن سڀني احوالن جي خبر پئي. اهو ڪيئن پئي ٿي سگهيو ته هڪ نو مسلم عالم (جيڪو فطرتاً خاص گڻ ۽ خداداد صلاحيتن جو مالڪ هيو) انهن سڀني خامين کي ڏسي خاموش رهي، تنهن ڪري هُن انفرادي ذميوارين کي نڀائڻ سان گڏوگڏ هوريان هوريان مدرسي جي سڌاري ڏانهن وک وڌائي. انهيءَ دوران مٿي ڄاڻايل شڪايتون حضرت مولانا محمود حسن صاحب تائين هڪ هڪ ڪري پهتيون ۽ انهن سڀني شڪايتن جو وسيلو ديوبند جي انتظاميا جي نظر ۾ مولانا عبيدالله سنڌي قرار ڏنو ويو. ڇاڪاڻ ته هو سمجهندا هئا ته اسان جي پيٺ ۾ شيخ الهند فقط مولانا عبيدالله سنڌيءَ تي ئي ڀروسو ڪري سگهي ٿو. انهن شڪايتن جي گهڻائيءَ سبب حضرت مولانا محمود حسن صاحب مدرسي جي تعليمي ۽ مالي معاملن ۾ دخل ڏيڻ شروع ڪيو جيڪا ڳالهه شمس العلماءِ ۽ سندس ساٿين جي ظلمن ۽ آپيشاهي لاءِ ڀريون خطرو هئي.

www.iqbalkalmati.blogspot.com



جيڪي ديوبند جي حالتن کان واقف آهن،اُهي ڄاڻن ٿا تہ ديوبند مدرسي جا مهتمم هڪ عرصي کان استادن، خرچن ۽ تعليم جي شعبي کي هلائڻ ۾ مڪمل طور خودمختيار آهن ۽ انتظامي ڪاميٽي رڳو نالي ماتر آهي، سمورا ميمبر ٻن ٽن سالن ڪانپوءِ وڃي ڪڏهن گڏ ٿيندا آهن، پوءِ بہ حساب ڪتاب جو پڇاڻو نہ ٿيندو آهي. سوين وڏيون وڏيون رقمون آهن، جن جي جزئيات جو تفصيل ڪڏهن بہ نہ ڏنو ويندو آهي، انهن سمورين خامين جو سڌارو مولانا عبيدالله سنڌي جي نظر ۾ هيو. هن هڪ "مجلس قاسميہ" (ادارو) قائم ڪئي، جنهن جا ڏهہ ميمبر هئا ۽ مدرسي ديوبند کي پڻ ان جي ماتحت ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت مدرسو آمر مهتممن جي مضبوط چنبي مان سؤلائي سان نڪري سگهي پيو ۽ مدرسي جي انتظام ۾ هڪ خاص جمهوريت قائم ٿي وڃي ها. مجلس قاسميہ جا مقصد ۽ اختيار ڇپرايا ويا ۽ ان جون ڪاپيون اڄا بہ جمعيتہ الانصار جي ميمبرن وٽ موجود آهن. ان نظام کي مولانا محمود حسن گهڻو پسند فرمايو ۽ انهن جي ڪري مولانا اشرف علي ٿانوي، شاهہ عبدالرحيم رائيپوري جن پڻ پسند ۽ منظور ڪيو. مدرسي جي انهن اڪابر ميمبرن جي منظوريءَ ڪانپوءِ اهو نظام ڪجهہ سالن ڪانپوءِ مدرسي ۾ لاڳو ٿي وڃي ها ۽ مدرسي جي مهتممن جي ڪم جي باقاعدي نگراني شروع ڪئي وڃي ها.

انهيءَ زماني ۾ حضرت مولانا محمود حسن صاحب جن ٽن ماڻهن کي مقرر ڪيو تہ هو مدرسي جا جديد قاعدا ۽ ضابطا مرتب ڪري مجلس انتظاميا آڏو پيش ڪن، پوءِ مدرسي جي هڪ تجربيڪار ميمبر هڪ مسودو جوڙي موڪليو بہ هيو ۽ ان ۾ مهتمم صاحب جي مٿان هڪ ٻيو عهدو مقرر ڪيو ويو تہ جيئن هر قسم جي خودمختياريءَ جي روڪٿام ٿي وڃي ۽ جيتريون بہ اندروني خاميون دارالعلوم ۾ تباهي آڻي رهيون آهن، اُهي دور ٿي وڃن. گهڻو ڪري اهو 1913ع جو زمانو هيو جڏهن مدرسي ۾ سڌارا غور هيٺ هيا ۽ مدرسي جا مهتمم پنهنجي خودمختياري ۽ خاص فائدن ۽ غرضن جي موت جو سنيهو ٻڌڻ واراهئا جو مدرسي جي مصلحن يعني مولانا عبيدالله سنڌي ۽ حضرت مولانا محمود حسن جي خلاف سازش شروع ٿي.

دارالعلوم ديوبند کي ظلم جي سگهارن هٿن مان ڇڏائڻ، تعليمي خرابين کي دور ڪرڻ، مالي انتظام درست رکڻ، ناجائز خرچن کان دارالعلوم جي آمدني کي محفوظ ڪرڻ، ايستائين جو دارالعلوم جي هر شعبي کي





آمريت ۽ بي لغاميءَ جي قبضي مان ڪڍي هڪ قسم جي جمهوريت جي ماتحت رکڻ اصلاح جو پهريون ٻج هيو. جنهن دارالعلوم ديوبند کي سازشن جو گهر بڻائي ڇڏيو ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي خلاف هڪ پارٽي ٺاهي وئي، جنهن جي چرپر جون ڏوريون مولوي حبيب الرحمان صاحب جي هٿن ۾ هيون. جيڪي ماڻهو شمس العلماءِ حافظ احمد صاحب جي فطرت ۽ مولوي حبيب الرحمان جي ڪياست ۽ مڪر کان واقف آهن انهن لاءِ اهي حالتون ٿورو بہ حيرت جوڳيون نہ آهن. ان کان اڳ دارالعلوم جي انتظاميہ جي جن ميمبرن مهتممن جي دربار خلاف نڪتہ چيني ڪئي، انهن کي انتظاميا مان ڪڍيو ويو. جن ۾ خليفو احمد حسن ۽ هڪ ٻيو ميمبر شامل آهن. انهن جو ڏوهہ فقط اهو هو تہ انهن مدرسي جي ڪجهہ شين کي مهتمم صاحب جي ذاتي استعمال ۾ آڻڻ تي سخت اعتراض ڪيو هو پر مولانا عبيدالله سنڌي جون تجويزون معقول هيون، ان ڪانسواءِ شيخ الهند حضرت مولانا محمود حسن صاحب جو پڻ ان راءِ تي اتفاق هيو ۽ مولانا جي ڪري دارالعلوم جي ٻين سرپرستن شاهہ عبدالرحيم رائيپوري ۽ مولانا اشرف علي ٿانوي صاحب پڻ سڌاري جي رٿ کي پسند ڪيو هو. تنهن ڪري مولانا عبيدالله سنڌيءَ کي ديوبند کان علحده ڪرڻ سؤلو ڪونہ هيو. تنهن ڪري ديوبند جي مهتممن هڪ حيرت انگيز سازش جو ڄار وڇايو.

سڀ کان پهريائين سردهنہ ضلع ميرٺ مان هڪ مولوي کي گهرائي ڪيس جمعيت الانصار جو نائب ناظم مقرر ڪيو. جنهن جو فرض هيءَ هو تہ هُو هر ڳالهہ ۾ جمعيت الانصار جي ناظم مولانا عبيدالله سنڌي جي مخالفت ڪري. وري مولوي مرتضيٰ حسن چانڊپوري ۽ جمعيت الانصار جي ڪجهہ ٻين ميمبرن جي حوالي هي خدمتون هيون تہ مولانا عبيدالله سنڌي جي ڪنهن بہ تحريڪ ۽ رٿ کي منظور ٿيڻ نہ ڏين. هوڏانهن مولانا عبيدالله سنڌي جي عقيدن بابت غلط افواهہ پڻ پکيڙيا ويا تہ هُو اسان جي مسلڪ جي خلاف آهي. تڪميل جي درجي جي شاگردن کي مولانا عبيدالله سنڌي قرآن شريف پڙهائيندو هو. هڪ موقعي تي جڏهن هُن هبوط آدم عليہ السلام جي واقعي بابت تقرير ڪئي تہ مدرسي ۾ مشهور ڪيو ويو تہ هيءَ تقرير تہ اها ئي آهي جيڪا سر سيد پنهنجي تفسير ۾ لکي آهي. وري ٻئي پاسي انهن اسلام جي دشمنن اهو بہ مشهور ڪيو تہ عبيدالله جو واسطو خفيہ پوليس سان آهي ۽ سندس مقصد ئي اهو آهي تہ هُو مدرسي کي تباهہ ڪري. مطلب

www.iqbalkalmati.blogspot.com



تہ ديوبند مدرسي جا مهتمم مدرسي تي قابض هئا ۽ جمعيت الانصار جا اڪثر انتظامي ميمبر مدرسي جا استاد هئا، جن جو اٿڻ ويهڻ مهتمم جي نئي اشاري تي ٿيندو هو. تنهن ڪري نتيجو اهو نڪتو جو ڪجهه حق پسند ماڻهن ڪانسواءِ ديوبند جي اڪثريت مولانا عبيدالله سنڌي جي خلاف ٿي وئي. آخرڪار تنگ ٿي مولانا عبيدالله سنڌي استعيفيٰ ڏئي ڇڏي ۽ جمعيت الانصار جي تڪميل جي درجي جي طرز تي دهليءَ ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيو جنهن جو نالو "نظارة المعارف" هيو.

جڏهن مولانا عبيدالله سنڌي دهلي ۾ هيو تہ ان ڳالهہ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو رهيو تہ ان مدرسي جو الحاق دارالعلوم ديوبند سان ٿي وڃي ۽ ديوبند جي مهتممن سان صلح ڪجي، ان مقصد سان ديوبند ويندو رهندو هو. ديوبند جي خدائن ڪي ايتري بغض ۽ ڪينو هو جو هُو ان تي ڪنهن بہ ريت راضي نہ ٿيا ۽ سدائين اهو چيائون تہ توهان جا مذهبي عقيدا اسان جي خلاف آهن، تنهن ڪري اسان گڏجي نٿا سگهون. غيرمسلمن جو خلود في النار ٿيندو يا نہ اهو مسئلو جهيڙي جو سبب بڻايو ويندو هو. ايستائين جو مولوي عبيدالله سنڌيءَ خلاف ڪفر جي فتويٰ تيار ڪئي وئي. ديوبند جا سڀ مُدرس صحيحون ڪرڻ لاءِ تيار هئا پر مولانا محمود حسن صاحب صحيح نہ ڪئي ۽ جيئن تہ ديوبند جماعت ۾ مذهبي لحاظ کان حضرت مولانا شيخ الهند جي صحيح ئي مستند ٿي پئي سگهي، تنهن ڪري پوءِ ڪنهن بہ ماڻهوءَ مولانا عبيدالله خلاف ڪفر جي فتويٰ تي صحيح نہ ڪئي، تنهن ڪري ان رٽ ۾ مولانا جي مخالفت سبب ديوبند جي مهتممن کي سخت مايوسي ٿي. آخر وڏي جدوجهد ڪانپوءِ فيصلي جي اها صورت بيني تہ مولانا عبيدالله سنڌي ديوبند ۾ اچي عام ميڙ ۾ ان مسئلي بابت پنهنجي عقيدي جو اظهار ڪري. جيڪڏهن اسان جي مطابق هوندو تہ اسان ناهہ ڪنداسين، اهو مصالحت وارو جلسو گهڻو ڪري مولانا حسين احمد مدني جي ڪوشش سان منعقد ٿيو هو جيڪو تازو مديني منوره کان ديوبند آيو هو ۽ هينئر مالٽا ۾ قيد آهي. پوءِ عصر جي نماز ڪانپوءِ مدرسي جي مسجد ۾ سمورا شاگرد، استاد ۽ ٻيا ملازم گڏ ٿيا. مولانا عبيدالله سنڌي دهليءَ مان اچي پنهنجي عقيدي جو اعلان ڪيو. ان موقعي تي لاڏلي مهتمم جنهن تڪبر واري طريقي سان مولانا عبيدالله سنڌي کي جهٽڪيو هو ان جي ڪيفيت اهي ئي ماڻهو ڄاڻين ٿا جيڪي ان ميڙ ۾ شريڪ هئا. آخرڪار





سليم الفطرت ۽ صلح پسند مولانا عبيدالله سنڌي صاحب انهن ئي لفظن ۾ پنهنجي عقيدي جو اعلان ڪيو. جيڪي لفظ ديوبند جا مهتمم ڪانئس چورائڻ گهرن پيا. پر ان کان پوءِ بہ ڪيني پسند طبيعتن صلح نہ ڪيو ۽ نيچري هجڻ جو الزام مولانا عبيدالله تي لڳايو. ان ڪانسواءِ دهلي ۾ هڪ معزز صاحب جي رهائشگاهہ تي اسلام جي اشاعت بابت هندستان جي ڪجهہ مخصوص معززين ۽ اهل علم ماڻهن جو هڪ جلسو ٿيو. ان ۾ شرڪت لاءِ دعوت موجب ديوبند مان مولوي حبيب الرحمان پڻ دهلي ۾ آيو. جلسي ۾ مولوي عبيدالله سنڌي صاحب پڻ شريڪ هيو. مولوي حبيب الرحمان بنا ڪنهن سبب جي ڳالهہ ٻولهہ دوران مولانا عبيدالله سنڌي تي حملو ڪيو تہ ڏسو هيءَ اسان جي مسلڪ جي خلاف هيو تنهن ڪري اسان ڪيس ڪڍي ڇڏيو. اتفاق سان مولانا عبيدالله سنڌي جي ڪيسي ۾ حضرت مولانا محمود حسن جو خط هيو جنهن ۾ مولانا عبيدالله سنڌي جي عقيدن ۽ سندس قائم ڪيل مدرسي جي ساراهہ هئي. اهو خط مولانا عبيدالله سنڌي سمورن ماڻهن آڏو پيش ڪيو تہ پوءِ مولوي حبيب الرحمان شرم جي پاڻيءَ ۾ ٻڏل هيو. ڇاڪاڻ تہ ظاهر آهي تہ ديوبند جماعت ۾ شيخ الهند جنهن جي مذهبي عقيدن جي تائيد ڪري ان کي ڪافر ڪير ٿو ٻڌائي سگهي. مطلب تہ اهي ئي سبب هئا، جنهن ڪري ديوبند جي مهتممن جي ڪاوڙ جي باهہ مولانا عبيدالله سنڌي سان گڏ حضرت مولانا محمود حسن تي پڻ وسڻ لڳي ۽ هينئر ديوبند جي مهتمم نيني تال ڏانهن پناهہ جا هٿ وڌايا آهن.

شيخ الهند خلاف ديوبند جي خود سر مهتممن جي ڪاوڙ جي باهہ ڪين رڳو ان ڪري مشتعل نہ ڪيو تہ شيخ الهند مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو ساٿ ڏنو پر متي ڄاڻايل اُهي سمورا سبب هئا، جن مولانا عبيدالله سان گڏ شيخ الهند کي پڻ انهن ماڻهن جو دشمن ٻڌائي ڇڏيو. فرق فقط ايترو هو تہ ديوبند جي پيروڪارن جي عام عقيدتگاهہ شيخ الهند جي ذات هئي، تنهن ڪري ديوبند جي مهتممن شيخ الهند جي مخالفت پردي پويان ڪئي پر مولانا عبيدالله سنڌي جي مخالفت منظرعام تي ظاهر ٿي پئي. آخر ۾ تہ نوبت اتي وڃي پهتي هئي جو لڳ ڀڳ هڪ سال تائين ديوبند جي مهتممن ۽ حضرت شيخ الهند مولانا محمود حسن صاحب جي وچ ۾ گفتگوءِ مشاورت پڻ بند هئي.

(قاضي عبدالغفار، روزانہ "جمهور" ڪلڪتو ڀهرين آگسٽ 1918ع، 2 آگسٽ 1918ع ۽ 4 آگسٽ 1918ع جي ادارين تان ورتل)

سنڌيڪار: ثناءُ الله سومرو